سير العشق



رسالو صوفي فيض فقير سائين

سر العشق

حضرت صوفي فيض محمد عرف فيضل فقير سائين

ڪتاب جو نالو:	سرالعشق
ليکڪ:	حضرت صوفي فيض محمد عرف فيضل فقير سائين
سال:	جون 1999ع
تعداد :	500
ڇپائيندڙ:	فقير عبدالغني فيض پوري 03023480533
ٻانهن ٻيلي:	فقير سڪندر علي کوسو
	الطاف حسين ديناري (شهدادڪوٽ)
ڪمپوزر:	احسان علي جوڻيجو
ڪمپوزنگ ۽ ڇپائي:	شاهه ڀٽائي آفسيٽ پريس شهدادڪوٽ

قيمت ....100 روپيه

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا فقير صوفي لطف الله فقير سجاده نشين (درگاهه صوفي فيضل فقير) وٽ محفوظ آهن.

فقير عبدالغني درگاهه صوفي فيضل مقيم

فهرست

پيش لفظ ____ 1

باب اول

دربيان محنت ۽ مشقت ____ 2
دربيان برخلافي ۽ جنگ نفس ____ 8
دربيان نزول بلا مصيبت ____ 16
دربيان تواضع ۽ تحمل ____ 23

باب دوم

دربيان شناخت دنيا ۽ عقبيٰ ____ 38
بيان حقيقت حال نفس ____ 43
دربيان معرفت حق تعاليٰ ____ 54

باب ٽيون

بيان فضيلت توكل ____ 62
دربيان توحيد باري تعاليٰ ____ 67
دربيان ترغيب ۽ توبھ ____ 71
دربيان ترتيب ذكر فكر ____ 81

باب چهارم

دربيان صبر ____ 127
دربيان شكر ____ 132
دربيان رضا ____ 138
دربيان محبت ____ 142
بيان اثر صحبت ____ 161
بيان نقط عجيب ۽ رقيق لطيف ____ 165
تعديد ۽ تميز انائي ____ 165
دعا نامو ____ 167
خاتم كتاب ____ 168
بيان مختصر سوانح عمري مولانا مرشد صاحب ____ 171



حضرت صوفي فيض محمد فقير
عرف فيضل فقير سائين



صوفي محمد محرم فقير رح

صوفي محمد يوسف فقير



صوفي لطف الله فقير
سجاده نشين درگاهہ صوفي فيضل فقير سائين

بسم الله الرحمٰن الرحيم الحمدالله رب العٰلمين

والعاقبه اللمتقين والصلٰوت والسلام علے رسوله محمد و آله واصحابه اجمعين.

حمد ۽ نعت کان بعد هي درد نامو در انگيز ۽ سر العشق شور آميز در حقيقت درد جي دانهن ۽ جوش جي ڀاڻ آهي، مگر بر صورت حال محض مولىٰ جي طالبن لاءِ بشبوت آيات ۽ حديث ۽ قول ولين جي شرخوار چئن بابن تي جلوه نما ۽ رونق افزا ٿيو. جيئن پهريون باب سندس "محنت ۽ مشقت" تواضع ۽ تحمل جي بيان ۾ آهي. ٻيون باب "شناخت دنيا ۽ عقبىٰ" معرفت نفس ۽ حق تعالىٰ جي بيان ۾. ٽيون باب "توکل ۽ توحيد" ترغيب ۽ ترتيب ذکر فکر جي بيان ۾. چوٿون باب "صبر ۽ شکر" رضا ۽ محبت جي بيان ۾. انهنين هر هک باب ۾ چار چار فصل آهن. جيئن پهرين باب جو پهريون فصل محنت ۽ مشقت جي بيان ۾ آهي. ٻيو فصل برخلافي ۽ جنگ نفس جي بيان ۾. ٽيون فصل نزول بلا ۽ مصيبت جي بيان ۾. چوٿون فصل تواضع ۽ تحمل جي بيان ۾. ٻي باب جو پهريون فصل شناخت دنيا جي بيان ۾ آهي. ٻيو فصل شناخت اقبىٰ جي بيان ۾. ٽيون فصل معرفت نفس جي بيان ۾. چوٿون فصل معرفت حق تعالىٰ جي بيان ۾. ٽئين باب جو پهريون فصل توکل جي بيان ۾ آهي.ٻيو فصل توحيد جي بيان ۾. ٽيون فصل ترغيب ۽ توبه جي بيان ۾. چوٿون فصل تلقين ۽ ترتيب ذکر فکر جي بيان ۾.چوٿين باب جو پهريون فصل صبر جي بيان ۾ آهي. ٻيون فصل شکر جي بيان ۾. ٽيون فصل رضا جي بيان ۾. چوٿون فصل محبت جي بيان ۾ ۽ آخري انهي جي اقوال متفرق ۽ خاتم کتاب.

باب اول

فصل پهريون

دربيان محنت ۽ مشقت

بيت سنڌي

درد وندن جي دل ۾ هَے هَے سندي هاءِ ـ ڪٺڪي ڪلين ٻاڦ ڪي ووءِ ووءِ
ڪيون واءِ

فيصل تنهين لاءِ سڄڻ سي آهون ٽيون ـ

جيجل منهنجي جيءَ ۾ سورن سندا پور ـ تاڙيون اڇن توڙ ڪان سر تي
ڪيون گهور

پايم سيو نور اوجو مڪا سڄڻين.

وصال جي نهال کي اصل کان بلائن جي باغ ۾ رکيائون ـ پوءِ جيڪو بلا کان ڊڄي ته انهيءَ کي تنهنجو نالو وٺڻ به نا مناسب آهي ـ ڇو جو عشق جي راند اصل کان جانبازي ۽ سر اندازي آهي ـ نہ هوش ۽ هوا سازي ـ جيئن بيت مگس ڪندو پروانہ آتش گزير ـ هوس دير و عاشقے ديگر است ۽ ڪافي جتي عشق پيل پايني پيمال ڪري لنگهايني ڏيني قرب پاڻ پنهنجو سر مال سڀ گوايني ـ ٢. مجنون کي مُيو ڪري تنهن سوز ۾ سڪائي گهر ٻار شن جرمونِ بيزار برگهمائي کي جڏهن پيچ ۾ ڦسايني ـ دستون اياز دلبر ـ سامان سڀ لٽايني ـ ٣. ڪهي قول قُمر بازني ڪل شمس جي ڪلايني ـ ڪري پوش مِنهن ملامتہ سر لوڪ کان لڪايني ـ ۴. حلاج کي هلان ڪري انگاس تي چڙهايني ـ هٽي پان دم اناالحق هل عشق جو هلايني ـ ۵. رخ راز مون حُسن کي ڏُک زهر جو پرايني ـ حملو حُسين تي ڪري ڪنڌ ناز سان ڪپايني ـ ٦. ميرو وزيرا ڪا ٻر جاتي راز مُنهن ورايني ـ اتي شاه چاگداگر هِڪ نوڪ سان

باب اول

فصل پهريون

دربيان محنت ۽ مشقت

بيت سنڌي

درد وندن جي دل ۾ هَـ هَـ سنڌي هاء. ڪٺڪي ڪين ڪاڻ ڪي ووء ووء ڪيون واء

فيضل تنهين لاء سڄڻ سي آهون تيون.

جيجل منهنجي جيء ۾ سورن سندا پور. تاڙيون اچن توڙ ڪان سر تي ڪيون گهور

پايم سيو نور اوجو مڪا سڄڻين.

وصال جي نهال کي اصل کان بلائن جي باغ ۾ رکيائون. پوء جيڪو بلا کان ڏجي نہ انهيء کي تنهنجو نالو وٺڻ بہ نا مناسب آهي. جو جو عشق جي راند اصل کان جانبازي ۽ سر اندازي آهي. نہ هوش ۽ هوا سازي. جيئن بيت مگس ڪندو پروانہ آتش گزير. هوس دير و عاشقے ديگر است ۽ ڪافي جتي عشق پيل پايئي پيمال ڪري لنگهايئي ڏيئي قرب پاڻ پنهنجو سر مال سي گوايئي. ٢. مجنون کي مُيو ڪري تنهن سوز ۾ سڪائي گهر ٻار شن چرمون بيزار برگهمائي کي جڏهن پيچ ۾ ڦسايئي. دستون اياز دلبر. سامان سي لٽايئي. ٣. ڪهي قول قُم بازني ڪل شمس جي ڪلايئي. ڪري پوش منهن ملامتہ سر لوڪ کان لڪايئي. ۴. حلاج کي هلان ڪري انگاس تي چڙهايئي. هٿي پان دم اناالحق هل عشق جو هلايئي. ۵. رخ راز مون حَسن کي ڏُک زهر جو پرايئي. حملو حُسين تي ڪري ڪنڌ ناز سان ڪپايئي. ٦. ميرو وزيرا ڪا بر جاتي راز مُنهن ورايئي. اتي شاه چاگداگر هڪ نوڪ سان

نيايني ـ ٧.شوقون شهيد جو سرِ نيري مٿون نوايني ـ نازون نهوڙي
فيضل سوني پاڻ پڙ ملهايني.

عجب عشق جو زور ۽ وه واذات جو ظهورو ـ جيڪڏهن عشق ايڏو زور نہ ڪري ها تہ ايهو ذاتي ظهورو ڪينن پيدا ٿي سگهي ها ـ تڏهن عاشق انهي سور ۽ سختي کي عين امداد ۽ يلاتي تا پائن ـ بلڪ جنهن جي شان ۾ لولاڪ لما خلقت الا فلاڪ نازل ٿيو آهي ـ انهي پاڻ ايهي سورَ ۽ سختيون سر تي سهائي انهي راهہ کي روشن ڪيو ـ در حقيقت اهي درد ۽ غم ـ محنت ۽ مشقت ڏک ۽ بکہ سک آهن ۽ هي نفي عيش ۽ عشرت ـ صحت ۽ فرحت سڀ ڏک ـ جيئن قوله تعاليٰ 'فَانَ مَعَ الْعُسرِيُسراَ اَنَ مَعَ الْعُسرِيُسراَ ـ مثنوي مولانا رومي ابرباران گرنبار دبوستان گُل کي کند ـ رنج و محنت تانہ بيند مرد ڪامل کي انهي راه ۾ عاشقلاء سنگت ۽ سڄڻ ـ يار ۽ مدد گار چڙو عشق ۽ بدنامي ـ درد غم آهي ـ جيئن بيت غوث الاعظم رحمت الله عليہ ـ عشق و بدنامي و درد ۽ غم بما شد يار غار ـ تامحمد وار باشدعاشقانرا چار يار ـ ۽ بيت سنڌي جيجل منهنجي جيءُ ۾ سورن مٿان سور ـ يانيم سڀ سرور اوجو مُڪا سڄڻين ـ جيجل منهنجي جيءُ ۾ غمن سندا بار ـ يانيم سڀ بهار او جو مڪا سڄڻين. فقير جو وجود سارو درد ۽ غمن جي ڪات سان ـ وڊيل، چيريل ۽ چچريل آهي ـ پر سوبہ برهہ جي باهہ ۾ پڪل پنل ۽ ڪباب ٿيل ـ جو ڪو ذرو بہ ڪچو ۽ خام نہ رهيل ـ جي ڪڏهن ڪالون ۽ ڪچي ٿي رهي تبہ شهانو خورش ٿي نہ ٿو سگهي ـ جاتي اغيار آهي تہ اتي يار اچڻو ني ناهي ۽ جاتي اغيار ناهي تہ اتي خود بخود يار آهي ـ ۽ فقير جو سينو چاڪ دل ڦاڪ تن خاڪ آهي. حال زار ـ بيقرار ـ هميشه معشوق لاءِانتظار ـ هَے هَے ۽ هاءِ هاءِ عشق جي ميدان ۾ جيڪو سور ۽ سختي اکن ۾ نہ لائيندو ـ ملامت ۽ بدنامي جو بار سر تي نہ سهائيندو ـ اميدن ۽ مرادن جو اجهو نہ ڊاهيندو ـ سر ۽ ساه جو سانگو نہ لاهيندو تہ پنهنجي معشوق سان ملي ڪين نہ سگهندو ـ بلڪ اجا بوالفضول ـ ۽ سڏڙيو سڏبو نہ عاشق صادق ـ چو جو برهہ جي

بازار ۾ سودو چڙو سر ۽ ساھ جو ٿو ڪيي . جيڪو تنهن ۾ سر ۽ ساھ جو نقد خرچ نڪندو تہ اوھو وصال جو وٺج وهائي ڪينہ سگهندو . جيئن قوله تعاليٰ . لَن تَنَالُوا لبِرحَتيٰ تُنفقُون مماتُحبُون . انهي بر ڪان حقيقي مراد آهي وصال باري تعاليٰ ۽ تُحبُون ڪانَ سر ۽ ساھ انسان جو . چو جو انسان کي سر ساھ ڪان وڌيڪ دوست بي ڪا شئي ڪانهي . مطلب تہ عاشق انهي راھ ۾ تان جو سر ۽ ساھ نہ ڏيندو تہ پنهنجي معشوق جي وصال کي پهچي ڪين سگهندو . مگر انهي سر ۽ ساھ جي ڏيڻ ڪان غرض آهي سڀ نفسي اميد ۽ مراد . عيش ۽ عشرت . خوشي ۽ خواهشن جو ڇڏڻ . پوءِ جيڪو انهي سڀن کي ڇڏيندو تہ پنهنجي پريئن کي پهچي سگهندو نہ تہ ملڻ محال ۽ پهچڻ مشڪل آهي . هي هي ۽ هاءِ هاءِ . فقير سارو عشق جي . باھ ۾ سڙيل پريل ڪيري تيل آهي . ۾ سا ڪيري بہ هواءِ تي اڏيل ڪو ذرو بہ باقي نہ رهيل . جاتي فقير آهي تہ اتي موليٰ ناهي ۽ جاتي موليٰ آهي تہ اتي فقير ناهي . جيئن مثنوي گفت قائل درجهان درويش نيست . ور بود درويش آن درويش نيست . هست ازروني بقا آن ذات او . نيست گشتہ و صف او دروصف هو .١٢ مرداوهو آهي جو پاڻ ڪان پاسي ٿي حق تعاليٰ سان هڪ ٿيو . بلڪ فقير کي هر رنگ ۾ هڪ ڏسڻ ٿو ڪيي . جو سواءِ انهي هڪ جي بي ڪا شئي موجود ڪانهي جيئن قولہ تعاليٰ لا الٰہ الاهُوَالحَي القيومُ ١٢ ۽ الله نورالسمٰوٰت والأرض ١٢ . ۽ حديث قدسے . لَاغيري فے الدارين أنَاالاول وانا الآخِروأنَاالظَاهر, وأنَاالباطِن ١٢ ۽ قول غوث الاعظم رحمتاالله عليه١٢ .لاشئي موجود غير الله . پيو تہ انهي وچ ۾ آهي ني ڪو نہ سوني جذي . سوني ڪُل سوني بحل سوني بلبل سوني گل . ۾ خاص موليٰ کي پردي ۾ ٿو ڏسي ۽ اخص بي پردو . مگر سواءِ نيست و نابود ٿيڻ هن هستي جي انهي مام جو سمجهڻ محال آهي . تڏهن عاقل کي انهي مدهوشي وقت جي قولن ڪان در گذر ٿو جڳائي . جيئن بيت زسروقت جنون وش نالہ دا گذر زبيد زهر بہ رائي عاقل . فقيري اصل نااميدي ۽ نامرادي . نيستي ۽ نابودي آهي پر اها

نااميدي ۽ نامرادي اصل اميدن ۽ مرادن جو آهي ۽ ايها نيستي ۽ نابودي حقيقي هستي ۽ ٻنهن جهانن جي بادشاهي. مگر اوها بادشاهي سواءِ ڪنهن سامان ۽ خزاني جي ايئن ڪنهن کي ٻه حاصل ٿي نہ ٿي سگهي. اوهو خزانو آهي ذڪر ۽ نالو حق تعاليٰ جو سامان ۽ مڙي آهي عجز ۽ نياز + سوز ۽ گداز + محنت ۽ مشقت + درد ۽ فراق + سڪ ۽ اشتياق + ملامت ۽ بدنامي + بي چارگي ۽ بي ڪامي + سينو ۽ سنهنداري + تواضع ۽ بردباري + فڪر ۽ بي داري + مونجهه ۽ غمخواري + بي قراري ۽ انتظاري + اک ڀنل ۽ دل ڇنل + جنهن کي ايها مڙ ناهي انهي کي ڪا شئي ڪانهي. پوءِ انهي کي انهي مڙي جي غمخواري تي جڳائي. جيئن مثوي گرنداري شاديئي از وصل يار خيز بر خود ماتمي هجران بدار. غرض تہ جيڪڏهن وصال ناهي تہ فراق تہ هجي بي فراق ٻہ ناهي تہ فراق جي غمخواري تہ هجي جو جنهن کي نہ وصال نہ آهي نہ فراق ۽ نہ فراق جي غمخواري تہ اوهو ڇڙو جانور ۽ حيوان آهي نہ آدمي ۽ انسان. جيئن بيت درين دنيا ڪسي بي غم نبا شد اگر با شد بني آدم نبا شد. طالب صادق اهو آهي جو ٻنهي جهانن جون اميدون ۽ مرادان سڀ ڇڏي رات ڏينهن گوشي ۾ ويهي موليٰ جي محبت ۽ ذڪر فڪر ۾ محو ۽ مشغول رهي ۽ عاشق صادق اوهو آهي جو معشوق ڪان سواءِ ٻي پاسي اک ٻہ نہ ڪٽي جي ڪنياءِ تہ اجا ڪچو آهي نہ پڪو. يَهدِ اللهُ لنوره مَن يَشاءُ

بيان ترتيب دعا خواهي

فقير کي اميد ۽ طمع واسطي ڪنهن ڪان دعا گهرڻ ٻہ ڪفر آهي ڇو جو پنهنجي رزاق ۽ معبود حقيقي کي ڇڏي ٻي ڪنهن لاشئي تي ڪنهن شئي جي اميد ۽ آسرو تو رکي جڏهن فقير کي سواءِ مولا جي ڇڙو ٻي ڪنهنجو ڏسڻ ٻہ شرڪ آهي پوءِ ٻي ڪنهن تي اميد ۽ آسرو رکڻ ڪيئن ڪفر نہ هوندو. ٻيو تہ جڏهن ڪوئي پاڻ بيوس ۽ لاچار تي فقير وٽ سائل تو ٿئي پوءِ فقير کي انهي تي اميد ۽ آسرو رکڻ ڪيئن مناسب ۽ روا هوندو ايها محض انهي جي بي وقوفي ۽ بي بصري ڇنبي

نہ شناس ۽ بينائي - هي هي ۽ هاءِ هاءِ ١٢ فقيرن کي پنهنجي ڪنهن بہ مطلب لاءِ دعا گهرڻ حرام آهي - ڇا ڪشف ۽ ڪرامت ڇا منوتي ۽ شهرت - ڇا ڦاني ۽ قدرت ڇا قبر ۽ قيامت - مطلب تہ ڇاهي جهان ڇا هو جهان - توڙي جو ڪپڙي جو ٽڪر ۽ ماني جو ڀُيو هجي - بلڪ پهجي وصال جي واسطي بہ دعا گهرڻ ناروا آهي ڇو جو انهي ۾ بہ مراد ۽ پنهنجو پاڻ معلوم ٿو ٿئي - جو جيڪا پاڻ اصل ڪا شئي نہ هوندي تہ انهي لاشئي کي ڪينئن ڪنهن شئي جي اميد ۽ خواهش هوندي - عاشق تان جو پاڻ هست هوندو تہ معشوق سان ملي ڪين سگهندو تڏهن فقير کي اصل پنهنجي نيستي ۽ نابودي ٿي کپي - ڪاملن جو ڪم تہ نہ فراق سان آهي نہ وصال سان جينئن بہ محبوب جي مرضي هو فقط رضا تي راضي آهن - مگر طالب کي پنهنجي واسطي هيئنءَ دعا گهرڻ روا ۽ بايد آهي تہ اي پروردگار پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان منهنجي هن هستي ۽ هوند کي نيست ۽ نابود ڪر تہ سواءِ تنهنجي نہ مان هجان نہ منهنجي اميد ۽ خواهش هجي نہ ماسوئ - دعا طلبي جو اصل رستو مستقيم ايهو آهي جنهن جي باري ۾ پاڻ پروردگار اهدناالصراط المُستقيم فرمايو - انهي کان سواءِ ٻيا رستا سڀ وهم گمانَ ۽ تقليدي قصا آهن - جيئن بيت:

جنگ هفتادو ملت همہ را عزر بنہ چون نديدند حقيقت ره افسانہ زدندن -

۽ حديث شريف تَتفرَقُ اُمتي ثَلَث سَبعون ملت کُلُ هُم فِے النَار الاملتَ وَاحدَت - ايهو واحد اوهو آهي جنهن پنهنجي حستي ۽ هوند کي وڃائي حق تعاليٰ کي هڪ ڄاتو - ڇو جو جيڪو پاڻ هست هوندو تہ انهي جا هزارين معبود ۽ مطلوب بہ هوندا نہ هڪڙو معبود حقيقي - يعني جيڪو پاڻ هست هوندو تہ انهي جي دل ۾ هزارين اميدون ۽ هزارين مرادان بہ هونديون - سو هر دم تن جي طلب ۽ خدمت ۾ مشغول هوندو - پوءِ جيڪو جنهن شئي جي طلب ۽ پونجا ٿو ڪري تہ انهي جو مطلوب ۽ معبود بہ اوها شئي آهي ۽ هي انهيءَ جو طالب ۽ بندو - جيئن قوله تعاليٰ: اَرئيتَ مَنِ تَخذَالههُ هوَاهُ يعني آيا ڏٺوءِ انهي کي جو

خدائي پنهنجو ورتاء پنهنجي نفسي خواهشن کي ـ مطلب تہ سواء حق تعاليٰ جي ٻيون خواهشان سڀ بت آهن ۽ خواهش ڪندڙ بت پرست ـ جيئن مثنوي رومي عليه رحمت ـ مثوبني مادڪانُ وحدت است ـ غير واحد هرچہ بيني آن بت است طالب جي دل ۾ جيڪڏهن ڪا هڪڙي خواهش باقي ٿي رهي تہ بہ انهي کي موتائي آئي ڀهرين پردي ۾ ٿي بيهاري ـ جيئن آسمان ۾ هڪڙو ڪَڪَر پيدا ٿو ٿئي تہ جهت ۾ ساري آسمان کي وٺي ٿو وجي ـ ايئن طالب جي دل ۾ بہ جڏهن هڪڙي خواهش پيدا ٿي ٿئي تہ انهي جي ساري دل کي وڪوڙي ٿي وجي ـ تڏهن موليٰ جي طالب کي لازم آهي تہ ٻي ڪنهن بہ خواهش کي پنهنجي دل ۾ اچڻ نہ ڏيئي ۽ رات ڏينهن ڇڙو موليٰ جي ذڪر فڪر ۾ محو ۽ مشغول رهي ـ جيئن ڪو دم ۽ ڪو لحظو بہ سواء يادگيري جي خالي ۽ واندو نہ ٿئي بلڪ مزوري ۽ اجرت ـ رد ۽ قبوليت جو بہ خيال نہ ڪري ـ جيئن بيت حافظ و ظيفہ تو دعا گفتن است و بَس ـ در بندآن مباش نشنيديا شنيد ـ الله بس باقي هوس ـ جاتي ڪوئي ڪس آهي تہ هڪ حرفئي بس آهي ١٢.

باب اول

فصل ٻيون

دربيان برخلافي ۽ جنگ نفس

طالب ۽ مطلوب جي وچ ۾ پردو ڇڙو نفس آهي. تان جو نفس حيات هوندو ته. طالب پنهنجي مطلوب سان ملي ڪين سگهندو. تڏهن طالب کي جنگ ۽ جهيڙو سارو پنهنجي نفس سان ئو ڪيي. ۾ نفس ٻي ڪنهن ٻه حيلي سان نه ٿو مري توڙي ڪوني سو سال حج ۽ غزا ڪري. توڙي ڪوني سو سال خيرات ۽ سخا ڪري. توڙي ڪوني سو سال نماز ۽ روزو. زهر ۽ عبادت ڪري. توڙي ڪوني سو سال دعا درود ۽ ورد وظيفا پڙهي. توڙي ڪوني سو سال جهنگ ۽ جبل، بَر ۽ بيابان گهمي. مطلب ته سواءِ بند ڪرڻ خواهش جي نفس ٻي ڪنهن ٻه حيلي سان نه ٿو مري ڇو ته نفس جو ساه آهي خواهش. تڏهن تان جو ڪوني نفس جي اميد ۽ خواهش کي نه گهٽائيندو ۽ تنهن کي بر خلافي جو نيرو نه هٽندو ته نه نفسي مرندو نه مولا سان ئي ملي سگهندو. مثال ته نفسي خواهش ۽ حق تعاليٰ سج ۽ پاڇائين وانگي هڪ ٻي جا بر خلاف آهن. جيڪڏهن ڪوني ماڻهو پاڇائين ڏانهن منهن ڪري بيهندو ته سج ڏانهن پٺي ڏيندس ۽ جي سج ڏانهن منهن ڪري بيهندو ته پاڇائين ڏانهن پُٺي ڏيندس. جيڪڏهن ڪوني پاڇائين ڏانهن منهن ڪري بيهي ۽ چوي مان سج کي ڏسان ته اوهو هرگز سج کي ڏسي نه سگهندو. توڙي پاڻ کي ڦاڙي چيري ٻرزا ڪري. توڙي پاڻ کي ڦاسي تي چاڙهي لڙڪائي. توڙي پاڻ کي بندوق يا ترار هٿي ماري وجهي. ته ٻه سج کي ڏسي نه سگهندو. تان جو پاڇائين کي پٺي نه ڏيندو. جيڪڏهن ڇڙو پاڇائين کي پٺي ڏيندو ته جهٽ ۾ سج کي سامهون ۽ روبرو. حاضر ناظر ۽ ظاهر ظهور ڏسندو پاڇائين کي پٺي ڏيڻ آهي نفسي اميد ۽ مراد. خوشي ۽ خواهش کي پٺي ڏيڻ. ۽ انهي سان برخلافي ڪرڻ. يعني جيڪا شئي نفس

گھري تہ اھا نہ ڏجيس ۽ جيڪا بہ خواهش ڪري تہ اها نہ ڪجيس . تہ نفس سان اُٺ بہ ايها آهي تہ برخلافي بہ ايها نفس جي جنگ بہ ايها آهي تہ لڙائي بہ ايها . نفس جي ڳاري بہ ايها تہ ماري بہ ايها پر جيئن نفس سواءِ بند ڪرڻ خواهش جي ٻي ڪنهن بہ حيلي سان نٿو مري . تيئن خواهشان بہ سواءِ درد ۽ فاقي جي ٻي ڪنهن شئي سان نہ ٿيون گهٽجن . ڇو تہ نفس تان جو سٻر ۽ سرڪش آهي تہ انهي جون خواهشان ڪين ۽ ڪوئي گهٽائي سگهندو . مثال تہ جيئن ڪوئي سوار ضعيف ۽ هيٺو هجي ۽ گهوڙو سٻر ۽ سرڪش تہ اجا ڏنهہ بہ گهوڙي جي مرضي هوندي تہ اوڏانہ پيو ويندو سوار توڙي متو ڏاري تہ بہ پنهنجي مرضي تي موٽائي نہ سگهندس . تان جو داڻو نہ گهٽائيس . جڏهن داڻو گهٽايائينس تہ پاڻهين مغلوب ۽ فرمان بردار ٿيندو . پوءِ گهوڙو توڙي پنهنجو متو ڏاري تہ بہ سوار جي خلاف رائي ڪري نہ سگهندو . سوار ڪان مراد آهي روح ۽ گهوڙي ڪان نفس . روح جو خورش آهي ذڪر مواليٰ جو ۽ نفس جو خورش ماني . تڏهن مواليٰ جي طالب کي لازم آهي تہ درجي بدرجي روح جو خورش وڌائيندو وجي ۽ نفس جو خورش گهٽائيندو تان جو نفس مغلوب ٿي وجي ۽ روح غالب جڏهن ٿيو تہ برهہ جي باهہ ٻري ۽ عشق جو چڪو متو . تنهنجو لنبو وجي عرش ڪان بہ پار لنگهيو . پوءِ توڙي ست زمين ۽ ست آسمان سڀ منجهہ پونس تہ چڻ ڪپهہ جو ٻڙو باهہ جي پيڙ ۾ پيو . جيئن حديث اَلعشق نَارُ يَحرِقُ مَاسِوَا الله . مطلب تہ جڏهن فقير جي دل ۾ عشق جو آڙهہ ٿو ٻري تہ سواءِ حق تعاليٰ جي ٻي سڀ شئي کي اوهو پاڻهين ٿو ساڙي . عشق جو بيان بي بياني آهي ۽ صفت بي صفتي . ڇو جو عشق هڪڙو اوصاف ذاتي آهي . ذاتي وصف جو حال شرح ۽بيان جي حد ڪان ٻاهر آهي . عشق جي بيان ۾ زبان واصفن جي گنگ ۽ فهم فهيمن جو تنگ آهي . جيئن ابيات . بيان عشق چون برزد نقاره قلم بشڪت و ڪاغذ گشت پاره . زشرح عشق ديگر ڪي تواند . بيان عشق راخود عشق داند فقير جو ڪم سارو ئي پاڻ سان آهي جو سواءِ پنهنجي دل جي ٻي

ڪاڏهين چڪ به نه هٽي - جيئن جو رات ڏينهن ڇڙو مولي جي ذڪر فڪر سان پنهنجي دل ۾ پيو جلي ۽ ڪامي پچي ۽ پچري - جڏهن انهيءَ سڪ ۽ سوز جي باهه ۾ پچي پڪو ٿيو ته پوءِ ايهو سارو ئي سما ٻاٿهي پنجي وينڊس - جو ايهو علم لدني ۽ صدري آهي - نه ظني ۽ درسي - جيئن مصرع آن علم ڪه در سينه بود درسي نه بود - مگر طالب کي قدر ضرورت جي رستي جون ڳالهيون ٻڌڻ بايد ۽ لازم آهن ڇو جو متان وڃي ڪنهن - وهڻ جي گهمري ۾ گهماتجي نه پوي - جو طالب کي طريقت جي پنڌ ۾ چار درياهه خون خوار ۽ پر آزار لنگهڻا ضروري دربيش آهن - جيئن انهن مان پهريون دريا آهي وسواس ۽ خطرا شيطاني جو - اوهو سان ٻيڙي فڪر حريت ۽ يقين وحداني جي لنگهي ٻيڙي خصومت ۽ عداوت شيطاني جي لنگهي - ٻيو دريا آهي شهوات ۽ لذات نفساني جو - اوهو سان ٻيڙي بڪ ۽ برخلافي نفساني جي لنگهي - ٽيون دريا آهي انبوهه ۽ غلبات خلقاني جو اوهو سان ٻيڙي گوشي ۽ تنهائي جي لنگهي چوٿون درياهه آهي عبوديت ۽ ڪثرت وهماني جو - اهو سان لنگهي - جڏهن طالب مولي جو انهي هر هڪ دريا ڪان سان هزارين محنت ۽ مشقت - درد ۽ فاقين جي لنگهي مرشد جي مهرباني سان وڃي پار ٿو پوي تڏهن وڃي درد جي درياهه ۽ عدم جي اوڙاهه ۾ داخل ٿو ٿئي - اتي سواءِ عشق جي ٻي ڪا شئي نه ٿي رهي - نه ڪا واهه نه وسيلو - نه ٻيڙي نه مهاڻو - تڏهن ڇڙو درد ۽ فراق - سوز ۽ گداز ٿو ڪٽي - بي اختيار ڪشش بحري نهنگ جذبي خود بخود ڇڪي نئين وحدت جي بحر ۾ ٿو هٽي - جيئن ڪلام سنڌي:

تنهن تار اوياري منجهون - حيرت وڃايم سپ وهون

جند جان تن من سر سڄو - لهرن ڪيم ڇولي ڇهون

١. ڪين پيم سڌ سور جو - آواز ازلي نور جو - ياندو پڄي چڪچور ٿيو - پلجي ويم هي ماڻ تون ١٢.

٢. مستان مجنون سڪ ڪيم - دل ڪان ٻئي وسري ويم - وڃي بحر اونهين ۾ پيم - چپ ٿي ويو جت هان نه هون.

٣. اوڙاھ جي تنهن آر ۾ - ٻانهن ڇڏيو ٻر تار ۾ - ڪنن سندي ڪڙڪار
۾ - گھمرن گھاتي ڪيم لون ١٢.
۴. ٻيڙي نہ ٻوڙو وجھن منجھنا - تُر ھو نہ تارو ڪو ڏسان - ھڪ سير
وحدت ۾ وھان - خوراڪ جت شب روز خون.
۵. تنهن دھشتي دريا جو - ڪنڌي ڪنارو ڪو نہ ڪو - بي اونت اونهون
بي سرو - بي چون بي رنگ بي چگون ١٢.
قطر وجي تنهن ڪاڻ ۾ - رلجي ويو رھاڻ ۾ - اصلون انهي مھراڻ ۾ -
فيصل نشاني ناھ مون ١٢.

ھي بيان خونخوار ۽ گفتار پر آزار انهي واسطي ترقيم ياب
ناھي جو ڪوئي پڙھي يا ٻڌي تہ سرد ٿي ۽ وسامجي ويھي رھي - جو
اتي پهچڻ جو ٻاتني ڪانھي - ۽ نہ انهي واسطي مندرج آھي جو ڪوئي
پڙھي يا ٻڌي تہ پنهنجي دل ۾ ايئن سمجھي جو فقيري حال سارو ايھو
آھي جو پڙھڻ ۽ ٻڌڻ سان مانڪي ھاٿي حاصل ٿيو - نہ انهي واسطي
مرقوم آھي جو ڪوئي پڙھي يا ٻڌي تہ فقط قول ياد ڪري وجي ماڻهن
کي ڪرڙات ھٿي پيو ٻڌائي - جو مَرَ سمجھن تہ ايھو ڪوئي اھڙو
باشناس ۽ ڪامل فقير آھي - نعوذ باالله منهُم جو ايھي خيال سڀ خطا
۽ زبان آھن - مگر ھي دفتر درد انگيز ۽ بيان شور آميز در حقيقت درد
جي دانھہ ۽ ٻڙڪي جي ٻاڦ آھي - جيئن جو بيمار ڪان بي اختيار درد
جي دانھہ نڪري يا ديگ ڪان ٻڙڪي جي ٻاڦ - ليڪن بر صورت حال
سليس ۽ سنڌي زبان ۾ خاص انهي واسطي تضيف ۽ ترقيم آھي جو
جيڪو پڙھي يا ٻڌي سڪ ۽ سوز ڪان پاڻ کي ڦاڙي چيري پرزا پرزا
ڪري - رات ڏينهن حق تعاليٰ جي ذڪر فڪر ۾ محو ۽ مشغول رھي -
تان جو وجي انهي درد جي درياھ ۽ عدم جي اوڙاھ ۾ داخل ٿي ايھو
حال حاصل ڪري - يَهدِ الله لِنُوره مَن ابشاءُ. عشق جي بيمار کي دوا
درد ۽ غم جي ٿي ڪپي - ۽ خوراڪ خون جگر جو - پرھيز ٻنهن جھانن
ڪان - جيڪو ايئن نہ ڪندو تہ گنجرجيي پوندو - جيئن بيت سنڌي:
ريجن سان وايئن پيا ڪري نہ ڪيائون پاڻ - اگھا ان اھڃاڻ - پسو سور

سجائيا ـ جنهن عشق جي بيمار ـ دارون درد ۽ غم جو پيتو ۽ خوراڪ خون جگر جو کاڌو ۽ پرهيز ٻنيهن جهانن کان ڪئي ته اوهو ضرور وڃي پنهنجي مطلوب سان مليو ـ پر ايها جنگ ۽ ۽ بر خلافي نفس جي توڙي جو سخت مشڪل ۽ نا پسند آهي ته در حقيقت انسان لاءِ چڱي چيز ۽ بهتر آهي بلڪ فرض عين ـ جيئن قوله تعاليٰ كُتِبَ عَلَيكُمُ القِتَال وَ هُوَ كَرَهٌ الَكُم وَعَسيٰ اَن تَكرَهُو شيأ؛ وَ هُوَ خَيرُ الَكُم ـ ١٢ ترجمه يعني فرض ٿيو اوهان تي جنگ ۽ اوها ناپسند آهي اوهان کي ۽ شايدڪ اوهان جيڪا شئي جو ناپسند ڇاڻو تا اوها چڱي آهي اوهان لاءِ ١٢ انهي قتال کان مراد خاص جنگ نفس جي آهي ـ بلڪ ايها لڙائي جنگ اڪبر آهي ـ جيئن پاڻ پيغمبر صلي الله عليه وسلم فرمايو رَجَعناَ اليٰ جهَاد الأکبرَ ـ يعني رجوع ٿيا سي طرف جنگ اڪبر جي ـ پر اَها جنگَ اڪبري ڪرڻ ۽ نفس جو ڪهڻ ڪم ڪن خاصن ۽ پشو پيغمبرن جو آهي نه هر ڪنهن بوالفضول ۽ سڌڙي عام جو جيئن مثنوي نفس بدڪشتن جهاد اڪبر ست ـ نفس ڪشتن پيشه ءِپيغمبر است ـ سواءِ رنج ۽ محنت ـ جنگ ۽ بر خلافي نفس جي ڪو به موليٰ سان ملي نه ٿو سگهي تڏهن فقير لاءِ رنج گنج آهي ۽ سچ وسم ـ نيش نوش آهي ۽ فرحت غم ـ بي عزتي عزت آهي ۽ عزت بي عزتي ـ گلا صفت آهي ۽ صفت گلا ـ نقصان نفعو آهي ۽ نفعو نقصان ـ دشمن دوست آهي ۽ دوست دشمن ـ بي زوري زور آهي زور بي زوري ـ بي هوشي هوش آهي ۽ هوش بي هوشي ـ بي عقلي عقل آهي ۽ عقل بي عقلي ـ بي قراري قرار آهي ۽ قرار بي قراري ـ بي آرامي آرام آهي ۽ آرام بي آرامي ـ بي نامي نام آهي نام بي نامي ـ بي اميدي اميد آهي ۽ اميد بي اميدي ـ بي مرادي مراد آهي ۽ مراد بي مرادي ـ جيئن نقل آهي ته هڪڙي فقير پاڻ فرمايو: جو مان پنهنجي ساري عمر ۾ چار ڀيرا خوش ٿيو آهيان ـ جو نفس کي پنهنجي مراد ۾ ڏنم ـ پڇيائونس ته ڪيئن ـ پاڻ فرمايائون جو هڪڙي ڀيري مان سير لاءِ ڪنهن نا شناس ولايت ۾ ويس ته ناگاه هڪڙو درياهه لنگهڻون ضروري درپيش آيو ـ جنهن کان ٻيا ماڻهو به

لنگهڻ لاءِ ٻيڙي تي ٻني چڙهيا ۽ مان ٻه پتڻ ڏيني انهي ٻيڙي تي چڙهي وينس - جڏهن ٻيڙي هلي ته اوهي ماڻهون مان سان ٺوڪ ۽ يوگ ڪرڻ لڳا - جيئن جو هڪڙا ٽڪان پيا هڻن ۽ ٻيا ٻُجا - هڪڙا وار پيا پٽن ۽ هڪڙا ڏاڙهي - انهي حال سان جڏهن درياهه جي وچ ۾ ويا سي ته اوچتي هڪڙو طوفان پيدا ٿيو جو ٻيڙي انهي جي چوهه کان چولن ۾ اچي ٻڏڻ لڳي - تڏهن انهن ماڻهن کي مهائي ڇيو جو هڪڙو ماڻهو ٻيڙي کان لاهي درياهه ۾ ڦٽي ڪيو - نه ته سڀني ٻڏي ويندو - جڏهن انهن مان کي لا وطن ماڻهو ڏٺو تڏهن وارن ۾ وٺي مان کي درياه ۾ سٽيائون - هڪڙو ٻيرو اهو ۽ ٽي ٻيرا ٻيا ٻه اهڙي طرح منهنجو نفس خوار ۽ خراب ٻني ٿيو - مان خوش ۽ خرم ٻني ٿيس - هي هي ۽ هاءِ هاءِ - دنيا جا تارڪ گهڻا آهن ۽ نفس جا تارڪ کي ڪي - دنيا جو تارڪ سو آهي جو دل ۾ دنيا جي خواهش نه هجيس - ۽ نفس جو تارڪ اوهو آهي - جو لذيذ شئي نفس کي نه ڏيني - جيئن نقل آهي ته هڪڙو فقير هميشه ٻر ۽ جهنگ ۾ رهندو هو - سو هڪڙي ڏينهن ڏاڍو اڃو ٿيو - تڏهن اوچتي ڪنهن شخص هڪڙو شربت جو پيالو ڀري آئي ڏنس - فقير اوهو پيالو وٺي ڇڙو ڇپن تي رکي سو اوئين پريل موٽائي انهي کي ڏنائين - تنهن ڇيس جو فقير صاحب پاڻي ڇو نه پيتني فقير ڇيو جو انهي پاڻي ۾ نفس جي مراد ڏٺم - تڏهن نه پيتم - ٻيو هڪڙو فقير ائين پهر ڪچو اٽو ڇڙي پاڻي ۾ لوڻي پيئندو هو - هڪڙي ڏينهن ڪنهن مريد پڇيس جو فقير صاحب اٽو پچائي ڇو نه ٿا کائو - پاڻ فرمايائون ته ٻن سببن کان - هڪ ته مولي جي يادگيري کي ڇڏي نفس جي خدمت ڪري نه ٿو سگهان - ٻيو ته نفس سان برخلافي ٿو ڪيان جو پڪي ماني ۾ ٻي نفس جي لذت ۽ خواهش آهي - ٻيو هڪڙو فقير گوشت اصل نه کائيندو هو مگر ڪنهن ڪنهن وقت گهرائي ۽ ڪباب ڪرائي پوءِ پاڻ ڇڙي ٻوءِ سنگهي سو سڀ ورهائي اهل مجلس کي ڏيندو هو - آخر هڪڙي ڏينهن ڪنهن مريد عرض ڪيس جو ڪبلا ائين ڇو ٿا ڪيو - پاڻ فرمايائون ته جڏهن نفس منهنجو گوشت جي خواهش

تو ڪري تہ مان ايئن ڪري تنهن کي ساڙ تو ڏيان تہ مر انهي ساڙ ۾ سڙي . مطلب تہ فقير کي اهڙي طرح تي نفس سان جنگ ۽ بر خلافي ڪرڻ بايد ۽ لازم آهي . مگر نفس سان واعدو نہ ڪري . جيئڏهن ڪيائين تہ تير پر ڪہ جو نشان ٿي انهي کي وفا ڪري . جي وفا نہ ڪندو تہ اوچتي ڪنهن بني بلا جي وات ۾ اچي ويندو . جيئن نقل آهي تہ هڪڙو فقير هميشه جهنگ ۾ رهندو هو . جڏهن بکيو ٿيندو هو تہ ڪنهن ميويدار وڻ کان ۾ ٽي ميوا پٽي کائيندو هو . تقديرا هڪڙي پيري ڪجهہ ميوا ضرورت کان زياده کائي ويٺو . تنهن ڪري پنهنجي نفس سان واعدو ڪيائين جو سواءِ ڪريل زمين جي پيهر توکي ميوا وڻ کان هٿ سان پٽي ڪين ڏيندس . قضا الهي انهي کان ۾ ٽي ڏينهن بعد نہ ڪا واءُ گهلي نہ ڪو ميوو ٽي زمين تي ڪريو . تڏهن انهي فقير ڪنهن وڻ جي پڳل ٽاري کان ڪجهہ ميوا هٿ سان پٽي ڪاڌا . اجا اوهي ٽڙي کان اندر نہ لنگهيس تو اوچتي هڪڙي ڇُلڪي سوارن جي اچي مٿون پيس . نہ جاڻ انهي ڏينهن انهي ملڪ ۾ ڪا چوري ٿي ۽ اوهي سوار انهي چورن جي پونيان چڙهيا ها . سي چور نڪري ويا . پوءِ سوارن انهي فقير کي چور سمجهي وٺي ٻڌو . آخر انهي جا هٿ وڍي پوءِ اوتهون ڪٺي نئين بازار ۾ گهمائي پڙهو ڏني ماڻهن کي پيا ٻڌائين تہ ڏسو جو جيڪو چوري ڪندو تہ انهي جو ايهو حال ٿيندو . ۽ اهو فقير ويچارو پڙهو ڏني پيو ٻڌائي تہ ڏسو جو جيڪو واعدي خلافي ڪندو تہ انهي جو ايهو حال ٿيندو . تڏهن گهڻا ماڻهو حيرت ۽ عبرت ۾ اچي ويا جو ايهو سبب الاءِ ڇا . آخر اها ڳالهہ وڃي بادشاه تائين پهتي . پوءِ پاڻ بادشاه انهن سڀن کي گهرايو . جڏهن اچي حاضر ٿيا تہ بادشاه ڏسڻ سان انهي فقير کي سڃاتو جي انهي وقت جا بادشاه پنهنجي ملڪ جي فقيرن جي سڌار ۽ پرورش ڪندا هئا . تڏهن انهي سوارن تي غضبناڪ ٿي چوڻ لڳو تہ انهي فقر جا هٿ ڇو بيگناه وڍيا اٿوَ . انهي فقير عرض ڪيو جو اي بادشاه انهن کي ڪوئي ڏوهہ ڪونهي مگر مان پنهنجو ڪيو لوڙهيو آهي . آخر اوهو حال سارو بادشاه کي بيان ڪري ٻڌاياءِ .

تڏهن تمامي مائهو اهل مجلس جا حيرت ۾ عبرت ۾ حيران ٿي ويا - هي هي ۽ هاءِ هاءِ - الله بس باقي هوس جاڻي ڪوڻي ڪس آهي تہ هڪ حرفني بس آهي ١٢.

باب اول

فصل ٽيون

دربيان نزول بلا ۽ مصيبت

بيت سنڌي:

جيجل منهنجي جيءَ ۾ سورن مٿون سور،
پانيم سڀ سرور او جو مُڪا سجڻين.

فقير کي سڀ تڪليف ۽ تهمت . بلا ۽ محنت ۾ صبر ۽ سرهوڻي بايد ۽ لازم آهي ڇو جو ايهي درد ۽ غم، رنج ۽ الم، عاشقن کي اصل ازل جي ڏينهن کان امداد ٿيا آهن . جڏهن پاڻ پرور دگار ألست بربكم فرمايو ته سڀني ارواحن ٻڌو . تڏهن ڪنهن خوشي سان بليٰ چيو ۽ ڪن اصل نه چيو . ڪي وري چوڻ ۾ پشيمان ٿيا ۽ ڪي نه چوڻ ۾ جن خوشيءَ سان بليٰ چيو ۽ تنهن ۾ پشيمان به نه ٿيا . اوهي ارواح انبيائن ۽ اوليائن جا . ۽ جن اصل نه چيو ۽ نه چوڻ ۾ پشيمان به نه ٿيا. اوهي رواح ڪافرن ۽ مشرڪن جا ۽ جيڪي بلا چوڻ ۾ پشيمان ٿيا اوهي اول مسلمان ۽ آخر مرن ڪافر ٿي ۽ جيڪي نه چوڻ ۾ پشيمان ٿيا اوهي اول ڪافر ۽ آخر مرن مسلمان ٿي . سو هر ڪنهن جي باقي رهيل هڪ جزي بهشت ۽ حورن کي ڏٺو ته اوهي به موٽي ڏهه جزا ٿي ويا . انهن ڪان به نوَ جزا پنجي بهشت ڏانهن ويا ۽ هڪ جزو وجي باقي رهيو . وري به انهي هڪ جزي باقي رهيل کي پاڻ پروردگار فرمايو جو اوهان کي جا شئي بڪار آهي ته گهرو . انهن چيو جو اسان کي توڪان سواءِ ٻي ڪا شئي درڪار ناهي . موٽي پاڻ پروردگار دوزخ کي باهه ۽ بلائن سميت تن تي جلوه گر ڪيو . جڏهن انهي هڪ جزي باقي رهيل دوزخ کي ڏٺو ته اوهي به وري ڏهه جزاتي ويا . انهن ڪان به نوَ جزا پنجي پاسي ٿيا ۽ هڪ جزو وجي پڙ ۾ باقي رهيو . وري انهي

هڪ جزي باقي رهيل کي پاڻ فرمايائون جو جيڪا شئي اوهان کي بڪار آهي تہ طلب ڪيو. انهن عرض ڪيو جو اي مالڪ اسان کي سواء تنهنجي ٻي ڪا شئي درڪار ناهي. اسان جو مطلوب ۽ محبوب هڪ تون آهين. پوء پاڻ پروردگار پنهنجي محبوبائي ناز جي راز سان تن جي ڪسوٽي لاء فرمايو تہ جي اوهان کي ماڪان سواء ٻي ڪا شئي درڪار ناهي تہ شائستہ ۽ تيار ٿيو واسطي بلاجي. تڏهن انهن سڀني خوشي ۽ رضا سان اهي سور ۽ سختيون سڀ سهائي. درد ۽ غمن جو بار پنهنجي سر تي منظور ڪيو. پوء پاڻ پروردگار ايهي سور ۽ سختيون. رنج ۽ بلائون ناز ۽ راز جي گوهرن سان پريل عاشقن کي ڏاج ڏئي جسمي ڪوٽ جي قيد ڏانهن روانو ڪيا. مطلب تہ جيڪو بہ درد ۽ غم ، رنج ۽ الم طالب تي نازل ٿئي تہ انهي کي محض مهرباني ۽ وسيلو وصال جو ڄاڻي. ڇو جو هڪ تہ ايهي سور ۽ سختيون انهي ڏينهن عاشقن کي خود معشوق جي هٿون مليون آهن پوء جيڪا شئي معشوق جي هٿان ملي تہ اوها ڪيئن نہ مٺي ۽ مفيد هوندي. ٻيو تہ عاشقن لاءپردو ۽ بندي خانو ايهو جسمي ڪوٽ آهي ۽ اهي سور ۽ سختيون انهي جسمي ڪوٽ جي ڀڃڻ لاء ايئن آهن جيئن پراڻي ڀت لاء پاڻي جي ڇل يعني اوهي سور ۽ سختيون درد ۽ غم انهي جسمي ڪوٽ کي جهٽ ۾ ڀڃي ڀٽ پورا ڪري عاشقن کي موٽائي نئين معشوق سان ٿا ملائين پوء جيڪو عاشق کي نئين معشوق سان ملائي تہ اوه سان بليٰ چيو ۽ ڪن اصل نہ چيو. ڪي وري چوڻ ۾ پشيمان ٿيا ۽ ڪي نہ چوڻ ۾ جن خوشيء سان بليٰ چيو ۽ تنهن ۾ پشيمان بہ نہ ٿيا. اوهو ارواح انبيائن ۽ اوليائن جا. ۽ جن اصل نہ چيو ۽ نہ چوڻ ۾ پشيمان ٿيا. اوهي اول مسلمان ٿي. سو هر ڪنهن جي عمل نامي ۾ لکجي ويو پوء پاڻ پروردگار روحن کي فرمايو جو چنو جيڪا شئي اوهان کي درڪار آهي تہ ملي وڃي تڏهن سڀني ارواحن چيو تہ اسان کي سواء تنهنجي ٻي ڪا شئي درڪار ناهي - پوء انهن جي آزمائش لاء پاڻ مالڪ دنيا کي زيب ۽ زينت سميت تن تي جلوه گر ڪيو. جڏهن

روحن دنيا کي ڏٺو ته سيئي ڏهه جزا ٿي ويا . انهن کان نوَ جزا درکي دنيا ڏانهن ويا ۽ هڪ جزو وچي باقي رهيو . موٽي انهي باقي هڪ جزي باقي رهيل کي پاڻ فرمايائون جو جيڪا شئي اوهان کي بکار آهي ته گهرو . تڏهن انهي هڪ جزي باقي ماندهه چيو ته اسان کي توکان سواءِ ٻي ڪا شئي درڪار ناهي . پوءِ پاڻ مالڪ بهشت کي حور ۽ قصور . زيب ۽ زينت سميت انهن تي جلوه گر ڪيو . جڏهن انهي باقي رهيل هڪ جزي بهشت ۽ حورن کي ڏٺو ته اوهي به موٽي ڏهه جزا ٿي ويا . انهن کان به نوَ جزا پيچ بهشت ڏانهن ويا ۽ هڪ جزو وچي باقي رهيو . وري به انهي هڪ جزي باقي رهيل کي پاڻ پروردگار فرمايو جو اوهان کي جا شئي درڪار آهي ته گهرو . انهن چيو جو اسان کي توکان سواءِ ٻي ڪا شئي درڪار ناهي .

موٽي پاڻ پروردگار دوزخ کي باهه ۽ بلائن سميت تن تي جلوه گر ڪيو . جڏهن انهي هڪ جزي باقي رهيل دوزخ کي ڏٺو ته اوهي به وري ڏهه جزا ٿي ويا . انهن کان به نوَ جزا پيچي پاسي ٿيا ۽ هڪ جزو وچي پڙ ۾ باقي رهيو . وري انهي هڪ جزي باقي رهيل کي پاڻ فرمايائون جو جيڪا شئي اوهان کي بکار آهي ته طلب ڪيو . انهن عرض ڪيو جي اي مالڪ اسان کي سواءِ تنهنجي ٻي ڪا شئي درڪار ناهي . اسان جو مطلوب ۽ محبوب هڪ تون آهين . پوءِ پاڻ پروردگار پنهنجي محبوبائي ناز جي راز سان تن جي ڪسوٽي لاءِ فرمايو ته جي اوهان کي ماکان سواءِ ٻي ڪا شئي درڪار ناهي ته شائسته ۽ تيار ٿيو واسطي بلاجي . تڏهن انهن سيئن خوشي ۽ رضا سان اهي سور ۽ سختيون سڀ سهائي . درد ۽ غمن جو بار پنهنجي سر تي منظور ڪيو . پوءِ پاڻ پروردگار ايهي سور ۽ سختيون . رنج ۽ بلائون ناز ۽ راز جي گوهرن سان پريل عاشقن کي ڏاج ڏئي جسمي ڪوٽ جي قيد ڏانهن روانو ڪيا . مطلب ته جيڪو به درد ۽ غم ، رنج ۽ الم طالب تي نازل ٿئي ته انهي کي محض مهرباني ۽ وسيلو وصال جو ڄاڻي . ڇو جو هڪ ته ايهي سور ۽ سختيون انهي ڏينهن عاشقن کي خود معشوق جي هٿون مليون آهن پوءِ

جيڪا شئي معشوق جي هٿان ملي ته اوها ڪيتري نه مٺي ۽ مفيد هوندي . پيو ته عاشقن لاءِ پردو ۽ بندي خانو ايهو جسمي ڪوٽ آهي ۽ اهي سور ۽ سختيون انهي جسمي ڪوٽ جي ڀڃڻ لاءِ اينئن آهن جيئن پراڻي پٽ لاءِ پاڻي جي ڇل يعني اوهي سور ۽ سختيون . درد ۽ غم انهي جسمي ڪوٽ کي جهٽ ۾ ڀڃي پورا ڪري عاشق کي موتائي نئين معشوق سان ٿا ملائين پوءِ جيڪر عاشق کي نئين معشوق سان ملائي ته اوهو ڪيئنءِ انهي کي پرين ۽ پيارو نه هوندو . تڏهن عاشق وري وري سورن کي ٿو سنياري ۽ تن جا ڳڻ ٿو ڳائي هي هي ۽ هاءِ هاءِ . فقير آيو ۾ سورن سان ته سمايو ۾ سورن سان . چايو ۾ سورن سان ته نپايو ۾ سورن سان مطلب ته فقير جي واهه ۽ وسيلو . واهر ۽ ورهه . سمر ۽ سڄڻ . سنگت ۽ ساٿي سڀ سور آهن . جنهن کي پاڻ پروردگار پنهنجي دوستي لاءِ ٿو گهري ته انهي تي ايهي سور ۽ سختيون . رنج ۽ بلائون نازل ٿو ڪري . جيئن ڪلام قدسي مابلا برڪسي قضا نه ڪنيم . تاڪه اوراز اوليا نه ڪنيم . سالڪ کي سلوڪ جي پنڌ ۾ جيڪا به محنت ۽ مشقت . بلا ۽ آفت درپيش اچي ته انهي ۾ خاص انهي جو خير آهي . جيئن بيت: راه روادار طريق اي جانِ من هرچه پيش آيديداني خيرا وست . ڏڪ ۽ ڏهي کي ڪنهن به نه ڪاڙهيو آهي مگر مکڻ کي ٽچڪائي گهه ٿا ڪن . سون کي به جڏهن پگهاري صفا ٿا ڪن تڏهن تنهن کي نئين ڪسوٽي تي ٿا هڻن . طالب کي به جڏهن درد ۽ فاقئي جي باهه ۾ پچائي پڪو ٿا ڪن . تڏهن تنهن جي ڪسوٽي لاءِ هڪڙي بلا تنهن تي نازل ٿا ڪن . جو اوهو هيڪر ته انهي جي ڏسڻ سانءِ حيران ۽ پريشان ٿي ٿو وڃي . پر طالب کي انهي وقت پير پنهنجو محڪم ۽ مظبوط رکڻ ٿو کپي . جو اهو هڪڙو محبوباڻي ناز جو راز آهي . پوءِ جنهن محبوب جي ناز جو راز نه سڃاتو ته اهو عاشقن جو ٽولي کان ٿي مٽيو . تڏهن مولىٰ جي طالب کي مناسب آهي ته جيڪو به سور ۽ سختي نازل ٿئي ته انهي ۾ صابر ۽ سرهو رهي . نه بي صبر ۽ ارهو . جو سختي سواءِ ڪنهن راز ۽ حڪمت جي خالي ناهي پيو ته انهي کي محض مولىٰ جي

طرفون ڇاڻي - جو سواءِ حڪم حق تعاليٰ جي ڪائي بلا ۽ مصيبت نازل ٿي نہ ٿي سگهي - جيئن قوله تعاليٰ مَا اَصَابَ مِن مُصِيبت الاَّ بِاذِنِ الله ١٢. مگر مصيبت ۽ بلا چار قسم آهي - هڪڙو قسم ڇڙو غَصو ۽ اَلٰهي غضب آهي جيئن ڪافرن ۽ مردودن تي نازل ٿو ٿئي - ٻيو قسم فقط ڏوهن گناهن جي سزا ۽ سيکت آهي - جيئن مسلمانن ۽ مومنن تي نازل ٿو ٿي. ٽيون قسم خاص ناز جو راز ۽ پرک جي ڪسوٽي آهي - جيئن موليٰ جي طالبن تي نازل ٿو ٿئي - چوٿون قسم عين عنايت ۽ محض محبت جو تحفو آهي جيئن اوليائن ۽ اصفيائن تي نازل ٿو ٿئي - جيڪڏهن ايهي سور ۽ سختيون درد ۽ غم چڱا نہ هجن ها تہ پاڻ پروردگار پنهنجي دوستن تي درد ۽ بلائون نازل نہ ڪري ها . جڏهن امام صاحب سڳورا جو خود خداءِ تعاليٰ ۽ انهي جي حبيب جا ڪهڙا پرين ۽ پيارا هوا تہ انهن تي ڪيڏو ڏرد ۽ بلا نازل ڪيائون جو هڪ تہ بر ۽ بيابان ٻيو تہ نہ ڪا واهہ نہ وسيلو - نہ اجهو نہ آسرو - نہ سمر نہ ساٿي - اهڙو سخت حال جو ڪنهن معصوم ٻار لاءِ پاڻي جي ڦڪ بہ نہ ملي ڇڙو درد ۽ غم - رنج ۽ الم - جهڪ ۽ جهولن ۾ محزون - سينو تير ۽ ترارن جي ڦٽن سان پروڻ ۽ سر مبارڪ نيزن تي شهر بشهرين گردان - ڌڙ ذر تي خاڪ ۽ خون ۾ غلطان - پوئتي اهلبيت شريف بري بيگانن جي هٿ باند تن جو سينو فرزندن ۽ قريبن جي درد ۽ فراق - سوز ۽ اندوهہ کان سوچاڪ - نہ اوهي نہ واهي نہ پاڻي نہ ماني - رڳوئي رڻ تي حيران ۽ پريشان - سواءِ موليٰ جي نہ ڪوئي ڪَس نہ قبيلو - نہ وارث نہ وسيلو - ساري اهل بيت کان باقي ماندهہ مرد ڇڙو هڪ شهزادو امام زينُ العابدين - رحمت الله عليه - سو بہ انهي ٰحادثي جي ڇوهہ ۽ اميرن جي اندوهہ کان بيقرار ۽ حال زار - سينو چاڪ ۽ دل ڦاڪ - پيرين پنڌ ڪافلي جي اڳتون روئينديں روان ۽ آب اکين کان رُختي روان - پاڻ بي بي جنت خاتون رضي الله عنها حورن جي ٽولي سان تن شهيدن لاءِ نگران ۽ خاطر پريشان - پنهنجي شهزادن جو حال جويان ۽ قضا الهي تي شڪر گويان - جيڪڏهن انهي وقت پاڻ پروردگار تن تي

ڪجهہ رحم جي نظر ڪري ها تہ اها بلا بروقت برخاست ٿي وڃي ها . پوءِ اهو شهادت وارو اعليٰ شان ۽ محبت وارو بلند مڪان ڪنهن ڪي حاصل ٿئي ها . تڏهن پاڻ پنهنجي خوشي سان موليٰ جي رضا تي راضي ٿي . قضا جي اڳتون ڪنڌ جهڪايائون . نہ تہ اوهي قاتل ڪير هيا جو اهڙن شيرن سان مقابلو ۽ مجادلو ڪري سگهندا ها . هي هي ۽ هاءِ هاءِ . ايهي سور ۽ سختيون . درد ۽ غم . ڏک ۽ بک . رنج ۽ اندوهہ محض مولا جي مهرباني ۽ ٿورو . ناز ۽ راز جو ظهورو هيو نہ بلا ۽ بدنامي . بلڪ اهو درد ۽ غم . سختي ۽ سڃائي . انبيائن ۽ اوليائن جو مرتبو ۽ ميراث آهي نہ هر ڪنهن عام جو . جيئن حديث اَلفَقرُ فَخرِي وَالفَقرُ مِني . پاڻ پيغمبر صلي الله عليه وسلم ۽ سندس يارن اصحابن . امامن ۽ اوليائن انهي درد ۽ غم . سختي ۽ سڃائي کي محض موليٰ جي مهرباني ۽ فضل پئي ڄاتو . روايت آهي تہ هڪڙي ڀيري پيغمبر صلي الله عليه وسلم کي چار پنج وقت فاقي ۾ گذري ويا تہ قوت لاءِ ڪا شئي پيدا نہ ٿين . آخر اها ڳالهہ ڪافرن ٻڌي تہ اها نت ڪرڻ لڳا . جو جيڪڏهن اهو رب جو رسول ۽ دوست هجي ها تہ اهڙن ڏکن ۽ بکن ۾ اهڙو پريشان حال نہ ٿئي ها . تڏهن پاڻ پروردگار وحي جبرائيل سان فرمايو تہ "اي حبيب منهنجا جي منظور ڪرين تہ جيڪي بہ جهان ۾ جبل ۽ پاهڻ آهن تہ سي سڀ سون ۽ چاندي . در ۽ گوهر ڪري توکي ڏيان ۽ جيڪي ريگ ۽ واري آهن تہ سي سڀ کنڊ ۽ مصري . ۽ جيڪي دريا آهن سي سڀ کير ۽ ماکي . ۽ جيڪي جهنگل ۽ ٻيلا آهن تہ سي سڀ باغ ۽ بوستان . تنهنجي حياتي هميشه قائم ڪيان تان جو مدامي عيش ۽ عشرت ۾ رهين . پوءِ پاڻ وحي فرمايائون تہ مان کي محض موليٰ جي دوستي ۽ اهي ڏک بک قبول آهن نہ دنيائي سک ۽ عيش عشرت هي هي ۽ هاءِ هاءِ . جيڪڏهن انهي سختي ۽ سڃائي ۾ راز ۽ حڪمت نہ هجي ها تہ جو انبيا ۽ اولياءِ دنيائي صحت ۽ فرحت ڇڏي ڏک ۽ بک قبول ڪرن ها ۽ چاڪان موليٰ جي طالبن کي ڏکن ۽ بکن جو امر فرمائن ها . روايت آهي تہ هڪڙي شخص وحي پيغمبر صلي الله

عليه وسلم کي عرض ڪيو جو اي رسول الله مان توسان دوستي رکندس. پاڻ فرمايائون ته قبول ڪر سچائي کي ۽ ٻي هڪڙي شخص عرض ڪيو جو اهي نبي الله مان مولىٰ سان دوستي رکندس. پاڻ فرمايائون ته تيار ٿي واسطي بلا جي. محبت سان محنت خاص ڪوڙي ۽ سچي جي سنڌي ڪرڻ لاءِ شامل ڪيائون جو جيڪي ڪوڙو ۽ ڪچو آهي ته انهي سور ۽ سختي کي ڏسي مر پوئتي موٽي وڃن. ۽ جيڪو پڪو ۽ سچو آهي ته انهي ۽ محنت جو بار سر تي سهائي ته مر لائق ۽ سزا وار ديدار جي ٿي وڃي پنهنجي محبوب سان ملي. يهدالله لنوره من يشاء. فقير جڏهن وڃي محبت جي ميدان ۾ داخل ٿو ٿئي ته پاڻ پروردگار انهي کي هڪڙو فرعون ٿو بڇائي. جو مر انهي جي سختي جو بار سر تي چکي ته صابر ۽ بردبار ٿي برھ جو بار ڪٽي سگهي. جيئن نقل آهي ته هڪڙي بزرگ جو هڪڙو ٻانهو تمام بدخو ۽ بدرو. بيڪار ۽ دل آزار هيو. سو هميشه انهي بزرگ کي پيو ڏکائيندو هيو. نيٺ هڪڙي ڏينهن ڪنهن مريد عرض ڪيس ته جو ڏٿي انهي ٻانهي کي تڙائي چو نه ٿا ڇڏيو جو هر روز اوهان کي تڪليف ۽ نقصان ٿو رسائي. پاڻ فرمايائون جو وهڪ ته ٻي ڪنهن جي تڪليف ۽ نقصان پسند نٿو ڪيان پيو ته پاڻ کي سينو ۽ سهنداري. تواضع ۽ بردباري ٿو سيکاريان. هي هي ۽ هاءِ هاءِ. ١٢ الله بس هوس باقي جاتي ڪوئي ڪس آهي ته هڪ حرف ئي بس آهي.

عليه وسلم کي عرض ڪيو جو اي رسول الله مان توسان دوستي رکندس ـ پاڻ فرمايائون تہ قبول ڪر سچائي ڪي ۽ ٻي هڪڙي شخص عرض ڪيو جو اهي نبي الله مان موليٰ سان دوستي رکندس ـ پاڻ فرمايائون تہ تيار ٿي واسطي بلا جي ـ محبت سان محنت خاص ڪوڙي ۽ سچي جي سنڌي ڪرڻ لاءِ شامل ڪيائون جو جيڪي ڪوڙو ۽ ڪچو آهي تہ انهي سور ۽ سختي کي ڏسي مر پوئتي موٽي وڃن ـ ۽ جيڪو پڪو ۽ سچو آهي تہ انهي ۽ محنت جو بار سر تي سهائي تہ مر لائق ۽ سزا وار ديدار جي ٿي وڃي پنهنجي محبوب سان ملي ـ يهدالله لنوره من يشاءِ ـ فقير جڏهن وڃي محبت جي ميدان ۾ داخل ٿو ٿئي تہ پاڻ پروردگار انهي کي هڪڙو فرعون تو بچائي ـ جو مر انهي جي سختي جو بار سر تي چڪي تہ صابر ۽ بردبار ٿي برهہ جو بار ڪٽي سگهي ـ جيئن نقل آهي تہ هڪڙي بزرگ جو هڪڙو ٻانهو تمام بدخو ۽ بدرو ـ بيڪار ۽ دل آزار هيو ـ سو هميشه انهي بزرگ کي پيو ڏڪائيندو هيو ـ نيٺ هڪڙي ڏينهن ڪنهن مريد عرض ڪيس تہ جو ڏٺي انهي ٻانهي کي تڙائي ڇو نہ ٿا ڇڏيو جو هر روز اوهان کي تڪليف ۽ نقصان ٿو رسائي ـ پاڻ فرمايائون جو وهڪ تہ ٻي ڪنهن جي تڪليف ۽ نقصان پسند نٿو ڪيان پيو تہ پاڻ کي سينو ۽ سهنداري ـ تواضع ۽ بردباري ٿو سيکاريان ـ هي هي ۽ هاءِ هاءِ ـ ١٢ الله بس هوس باقي جاتي ڪوئي ڪس آهي تہ هڪ حرف ئي بس آهي.

باب اول
فصل چوٿون
دربيان تواضع ۽ تحمل

بيت سنڌي:

خاصيت سک خاڪ جي ڪري ترڪ تمام،
لتڙ سڄي لوڪ جي سهج سهت مدام،
موتوقبل انت موتو پروڙج پيغام،
ڪسي ٿي قتلام ته فيصل پسين پرين ڪي.

برهه جو بار سڀ ڪان سنگين ۽ سخت ڳورو آهي تان جو ڪوئي زمين وانگي هيٺ ۽ هيٺو نه ٿيندو ته ايهو سنگين بار ڪٿي ڪين سگهندو. تڏهن مولي جي طالب کي ٽي خصلتان زمين جون چونڊڻ ضروري آهن. تن ڪان پهرين خصلت آهي. صبر ۽ سهنداري. تواضع ۽ بردباري جو نيڪ ۽ بد عليٰ ۽ ادنا. مسلمان ۽ ڪافر يعني ڇا انسان ڇا حيوان تمامي مخلوقات جي لتڙ ۽ پليتي مٿون ٿي پُريس ته باوجود ايڏي سختي جي به نه ڪنهن ڪان ٿي ڏکي ۽ نه ڪنهن کي ٿي ڏکائي بلڪ ايترو به ڪنهن کي نٿي چوي جو تون منهنجي مٿون بي گناه ڇو ايڏي خينس آٿي ٻڌي. ٻي خصلت زمين جي آهي بي اميدي ۽ بي طمعي جو تنهن کي اميد ۽ آسرو. طلب ۽ طمع ڪڪ جي به ڪنهن تي ڪانهي. اجا انهي ۾ هرڪوئي اميدوار ۽ تمعدار آهي. ڇا انسان ڇا حيوان. چو جو هو ساول ۽ وڻراهه فصلات ۽ گاهه وغيره سڀ انهي ڪان پيدا ٿو ٿئي. زمين ويچاري بي اميد ۽ بي طمع هر ڪنهن کي خير ۽ نفعو ٿي رسائي ٽين خصلت زمين جي آهي بدي سان نيڪي. جيئن جو جيڪوتنهن کي هرَن ۽ ڦارن سان ڏاري ڇيري نقصان ٿو ڪري ته هي ويچاري انهي کي فصل پوکي ٿي ڏيئي. بلڪ جاتي ياڻ ۽ گند وڏيڪ ٿا

وجھنس تہ اتي فصل ۽ پوکي وڏيک زور تي ڏيني - مطلب تہ فقير کي بہ ايئن سينو ۽ سھنداري - تواضع ۽ بردباري ٿي جڳائي - جو جيکو بہ سور ۽ سختي - تھمت ۽ تکيلف ظاھري توڙي باطني مٿون نازل ٿيس تہ اُنھي پر صابر ۽ سرھو رھي - نہ کنھن کان ڏکي نہ کنھن کي ڏکائي پيوتہ اميد ۽ طمع ککہ جي بہ کنھن تي نہ رکي سبلک بي اميد ۽ بي طمع سڀ کنھن کي پنھنجي قدر آھر خير ۽فيض پيو پھچائي - جيئن حديث خَيرُالنَاسِ مَن يَنفَعِ الناسِ - تيون تہ جيکو بہ نقصان رسائينس تہ انھي کي نفعو رسائي - جيئن بيت بدي رابدي سھل باشد جزا - اگر مردي احسن الیٰ مَن اسلي مگر انھي مکان پر وجي کي کي رند ٿا رسن نہ ھر کَوئي - جيئن نقل آھي تہ کنھن شخص وجي ھکڙي بزرگ کي عرض کيو جو ڏٽي مان طالب ٿيندس - بزرگ فرمايو تہ تون طالب نہ ٿي سگھندين - تان جو ٽي ڀيرا عرض کيائين ۽ آخر بزرگ فرمايو تہ جيئن مان چوانءِ جي اوئين کندين تہ پوءِ توکي تلقين کندس - نہ تہ نہ - انھي چيو تہ فرمايو - بزرگ چيو جو ھن شھر جي فلاني دروازي تي وجي ويھي رھہ جڏھن ڏينھن منجھند ٿيندو تہ ھکڙو شخص ڏبرڙو کاٺ جي ڀري سان ايندوءِ - پوءِ انھي جي وات تي ھکڙي مُک ھڻي اچ - ھن کي تہ ايھو کم بلکل آسان لڳو - سو بر وقت وجي انھي - واٽ تي ويھي رھيو - جڏھن ڏينھن منجھند ٿيو ڏسي تہ برابر ھکڙو شخص ڏبرڙو کاٺ جي ڀري مٿي تي واٽ سان پيدا ٿيو - پر اچ ۽ بک کان اھڙو ضعيف حال جو مس پيو اچي - ھن ڏسڻ سان ئي اتي وجي اھڙي مُک وات تي ھَيَنس جو بيھوش ٿي کري پيو - ويچاري جا کجھہ ڏند بہ پجي پيا ۽ واَت بہ رت کان ڀرجي پيس - تڏھن انھي جي دل پر خيال پيو تہ متان کوئي ماڻھو انھي جو ايھو حال ڏسي - وجي حاکم کي دانھن ڏئي يا انھي جي وارثن کي وجي ھڏائي يا ايھو پاڻ سڌير ٿي وجي کنھن کي دانھن ڏيئي تہ مان کي وٺي ماريندا يا ٺيئن قيد کندا - ھاڻي جڳائي تہ پجي وڃان - جي نہ ٿي فقيري تہ خير - انھي اجان ڏھہ ويھہ وکان نہ کنيون تہ ايھو شخص پاڻ ھوشناک ٿي پجي اچي

پيرين پيس ۽ انهي کان عذر تقصير جي معافي گهرڻ لڳو . جو تون مون کي مڪ زور سان هڻين متان هٿ ڏکجي پيئي . تنهن کان پوءِ ڪجهه مٺ مروڙ ڪري زوروڙا ڏيڻ لڳس . جڏهن انهين جو اهو حال ڏٺائين تہ دل ۾ ڏاڍو شرمندو ۽ پشيمان ٿيو . جو انهي ۾ الاڻي ڇا راز آهي . آخر وڃي انهي بزرگ کي اوهو حال سارو بيان ڪري ٻڌايائين . تڏهن انهي بزرگ چيس جو ايهو شخص منهنجي فقيرن مان هڪڙو فقير هيئي جي توکان بہ ايڏو صبر ۽ سهنداري . تواضع ۽ بردباري ٿي سگهي تہ اڄ نہ تہ وڃ هو واڻ اٿي . هي هي ۽ هاءِ هاءِ . جيئن نينهن کي توڙ نباهڻ ٿو ڪپي تيئن هوند ۾ اڻ هوند جو ڏيکارو . يعني نينهن کي توڙ نباهڻ لازم آهي ۽ حال کي مخفي ڇپائڻ . جيڪو ايئن نہ ڪندو تہ سواءِ واءِ جي ٻي ڪا شئي مُٺ نہ ايندس ڇو تہ جيڪو بہ دوست جو راز نہ ڇپائيندو تہ مونٽي انهي کي اوهو پنهنجو حال نہ ڏيندو . تڏهن عاشق هميشه خاموش ۽ اسرار تي سرپوش آهن . فقير کي پاڻ کان پاسي ٿيڻ ٿو جڳائي ۽ حق تعاليٰ سان هڪ . جيڪو پاڻ کان پاسي نہ ٿيندو تہ حق تعاليٰ سان بہ هڪ ٿي نہ سگهندو . ڇو جو عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ پردو آهي هستي ۽ پنهنجو پائڻ . جنهن پاڻ کي ڇڏيو . سو وڃي معشوق سان گڏيو . جيئن آدم عليه السلام لاءِ نهي ڪڻڪ جو داڻو هيو . تيئن عاشق لاءِ منع هن هستي جو ٽڪاڻو . انهي وڻ جي ويجهو ٿي نہ وڃجي . جيئن قوله تعاليٰ وَلَا تَقْرَبَا هَـٰذِهِ الشَّجَرَةَ فَتَكُونَا مِنَ الظَّالِمِينَ . جنهن پاڻ کي ڏٺو سو مُئو . جو وحدتّ جي بحر کان ٻاهر سٽيو ويندو جيئن حضرت آدم بهشت کان ٻاهر سٽيو ويو . خود پرست کان بت پرست بہ چڱو آهي ڇو جو بت پرست ڪافر ٿو ٿئي ۽ خود پرست شيطان . بلڪ شيطان کي بہ خود پرستي خراب ڪيو آهي نہ تہ ملائڪن کان بہ مٿي هيو . مطلب تہ ڪمالي زوالي آهي ۽ زوالي ڪمالي جيئن چنڊ ڪمال آهي تہ زوال ٿو ٿئي ۽ زوال آهي تہ ڪمال . تڏهن طالب کي انهي نيستي ۽ نابودي جي بحر ۾ ايئن ٽٻي ڏيڻ ٿو گهرجي جو مونٽي مٿو مٿي نہ ڪڍي . جي ڪڍيائين تہ وري وڇوڙي جي وبال ۾

پنجي ويندو - مالڪ پنهنجي مهر سان وڏين ڪي شل وڏ نہ وجهي - الله بس باقي هوس جاتي ڪوئي ڪس آهي تہ هڪ حرفني بس آهي - نتہ گل بہ خار ۽ خس آهي ١٢.

بسم الله الرحمٰن الرحيم

باب دوم

دربيان شناخت دنيا ۽ عقبيٰ

معرفت نفس ۽ حق تعاليٰ

فصل پهريون

دربيان شناخت دنيا

بيان حقيقت حال دنيا

بيت سنڌي:

ستا اٿي جاڳ ننڊ کي ڏٺي ٻن،
راتيان ڏينهان روح ۾ ڪر هني هني لني هوتن،
وڙَ وهي ويا ڪيترا سڪڻو پيش پرين،
لکين لاکالوءِ مون سوين سيم بدن،
فيضل پُرجهي پاڻ ۾ ڏس وطن ويراڳن،
ڏي اوجاڳو ۾ اکن ته رات نه پوينئي رج ۾.

لاشئي کي ڪا شئي سمجهڻ ۽ تنهن تي اميد ۽ آسرو رکڻ محض ڪم ڪمعقلن ۽ نادانن جو آهي ڇو جو جيڪا پاڻ اصل ڪاشئي ناهي ته پوءِ انهي لاشئي کان حاصل ڇا شئي ٿي سگهندي. مطلب ته هي جهان در اصل ناچيز ۽ هڪڙو عدم جو ميدان آهي. مگر ايهي سامان ۽ اسباب انهي ۾ گڏ ڪري نالو دنيا رکيائون. پر ايهي سامان ۽ اسباب به در حقيقت سڀ ناچيز ۽ مٽي آهن. جيڪڏهن ڪوئي فڪر سان نهاري ته ايها سمجهه پري ناهي. ڇو ته دنيا جو هر قسم ۽ هر جنس پيدا به مٽي کان ٿو ٿئي موٽي به مٽي جي مٽي ٿي ٿو

وجي - جيئن جو سال ۾ جيڪو بہ گاھ ۽ ساول - اناج ۽ فصل پيدا ٿو ٿئي تہ آئيندي سال تائين سو سڀ مٽي جي مٽي ٿي ٿو وڃي - جو گاھ حيوان ٿا کائن ۽ اناج انسان - آخر اوھو کاڌو سڀ ڇيٽو ٿي ٿو نڪري - نيٺ ڪن ڏينهن کان بعد اوھو ڇيٽو بہ موٽي بہ مٽي جي مٽي ٿي ٿو وڃي - ٻيا جيڪي وڻڪار ۽ باغات آهن تہ سي بہ سڀ پيدا بہ مٽي کان ٿا ٿين وري بہ ڪن ڏينهن کان پوءِ پراڻا ٿي پري ڳري ساڳئي مٽي جي مٽي ٿي ٿا وڃن ٻيا جيڪي بہ جسمات انساني حيواني اوھي بہ سڀ پيدا بہ مٽي کان ٿا ٿين نيٺ مرڻ کان بعد موٽي بہ مٽي جي مٽي ٿي ٿا وڃن - اهڙي طرح تي عليٰ هـٰذالقياس هنَ جهان جي هر چيز ۽ هر شئي سواءِ روح انساني جي جوا وهو هن جهَان جي شئي ناهي ٻي سڀ در حقيقت فاني ۽ مٽي آهي - ۽ مٽي بہ در اصل پاڻ ڪا شئي ناهي مگر جهڳ ۽ قوتي وانگي ذاتي بحر جي هستي سان هست ۽ موجود آهي سواءِ انهي جي نيست ۽ نابود - ٻيو جيڪو راز ۽ حڪمت جهان ۾ رکيل آهي انهي جي بيان ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي ڇو جو عام انهي کي سمجهي نہ سگهندو ۽ خاص انهي کي پاڻهين لوڇي لهندو - مگر اشاري لاءِ ايترو آهي تہ ساري صفات جو سلو عشق جي ذاتي کان ڇميل آهي - ۽ عشق جو ذاتو حقيقي معشوق جي حسن کان انهي جي حسن کي حد آهي نہ نهايت - نہ ابتدا آهي نہ انتها - ڇو جو اوھو پاڻ بي حد ۽ بي نهايت - بي ابتدا ۽ بي انتها - دائم قائم ۽ لايَزال - قادر قديم ۽ ذوالجلال آهي - انهي جو راز ۽ حڪمت هر شئي ۾ ايئن ڇُپيل آهي جيئن هر سَلي ۾ آن - يعني هر شئي راز ۽ حڪمت کان پريل ۽ لبريز آهي - اوھا شئي ناهي جنهن ۾ راز ۽ حڪمت ناهي - مطلب تہ سواءِ راز ۽ حڪمت جي ڪا شئي موجود ڪانهي ۽ ساري صفات جو اصول ذاتي بحر آهي جو هر چيز ۽ هر شئي انهي جي هستي سان هست ۽ موجود آهي - سواءِ انهي جي سڀ نيست ۽ نابود - بلڪ هر شئي ۾ خود پاڻ آهي - جيئن قوله تعاليٰ - اَللهُ نُورُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ مَثَلُ نُورِهٖ كَمِشْكٰوةٍ فِيهَا مِصْبَاحٌ - اَلْمِصْبَاحُ فِي زُجَاجَةٍ - اَلزُّجَاجَةُ كَاَنَّهَا كَوْكَبٌ

دُرِيٌ يُوقَدُمِن شَجَرَت مُبَارَكَت زَيتُونَت الأشرَقيَت ولاَ غَربيَت ١٢ ۽ حديث كُلَ شئيء مِن نوري وَاَنَا مِن نُورِ الله ـ يَهدِالله لنوره مَن يشاءَ ـ

بيان صورت حالِ دنيا

صورت حال دنيا جو انهي مثال تي آهي ته جيئن رهگزر ۽ منزل گاهه هجي يا بازار سينگاريل ساڻ سيني سامان ۽ اسباب جي ۽ انسان انهي ۾ ڇڙو وٺج وهائڻ لاءِ آيو آهي ـ جو سودو سود وٺي واٽ جو سمر ڪري تان جو وڃي پنهنجي اصلي وطن تائه پهچي ـ رونق ۽ هلت دنيا جي ايئن آهي جيئن ڪوئي بازيگر آڻي بازي وڃهي ته هڪدم ۾ گوناگون پتليون ۽ رنگا رنگ تماشاپجي وڃن ـ جهٽ ڪان پوءِ اوهو بازيگر جڏهن پنهنجي بازي ڪٺي ته نڪو رنگ نه تماشو نڪا بازي نه بازار ساڳي اوهو پوئي جو پوئو تي پوندو ـ يعني جيئن اڳي صفا ميدان هو تيئن صفن صفا تي بيهندو ـ جيئن قوله تعاليٰ ڪُل مَن عَلَيهَا فَانِ وَيَبقيٰ وَجهُ رَبکَ ذُالجَلاَلِ وَالاکرَام ـ ۽ بيت:

خدارا بقاءِ خداراَ بقا ـ دگر هر چه بيني فنا در فنا.

بيان مڪان ۽ ٽڪاڻو دنيا

مڪان ۽ ٽڪاڻو دنيا جو ايئن آهي جيئن ڪوئي اوطاق ۽ مسافر خانو هجي ـ انهي ۾ سيني سامان ۽ اسباب پيا هجن جا سيج پلنگ ۽ هنڌ پٿرٿيون جا تانءِ ٿيا ايهي طول وهاڻا ـ پوءِ انهي ۾ جيڪڏهن ڪوئي دانا ماڻهو اچي ٽڪندو ته ايئن ڄاڻندو جو اهي سامان ۽ اسباب سڀ گهر جي مالڪ جا آهن ۽ مان تنهن ۾ ڇڙو وقت گذارڻ وارو آهيان ـ آخر اوهو جڏهن پنهنجو وقت گذاري اتئون روانو ٿيندو ته انهي ڪي انهي سامان ۽ اسباب جو نڪو ڏک هوندو نه غم ـ نه درد هوندو نه داغ ـ جيڪڏهن انهي ساڳئي مسافر خاني ۾ ڪوئي نادان ماڻهو اچي ٽڪندو ته ايئن ڄاڻندو جو ايهي اسباب ۽ سامان سڀ منهنجا آهن ـ پوءِ اوهو جڏهن پنهنجو وقت لنگهائي اُتهون روانو ٿيندو ته گهر جو مالڪ اوهو سامان پنهنجو سڀ سنڀاري وٺندسِ ـ تڏهن انهي ڪي هر هڪ شئي

جو سَو سَو افسوس ۽ ارمان . لک لک درد ۽ داغ دل ۾ باقي رهندس .
هي هي ۽ هاءِ هاءِ .

بيان بقاءِ بيهڪ دور دنيا

بقا ۽ بيهڪ دور دنيا جو ايئن آهي جيئن ننڊ ۽ خواب يا باد ۽ قصو . جيڪڏهن ڪوئي پنهنجي گذريل عمر ڏانهن فڪر سان خيال ڪري يا آدم عليه السلام کان وٺي نهاري ته بہ سواءِ ننڊ ۽ خواب يا باد ۽ قصي جي ٻيو ڪجهہ بہ ڏسي نہ سگهندو . پوءِ جيڪو بہ ننڊ ۽ خواب يا باد ۽ قصي سان دل بستگي ڪندو تہ اوهو چريو ۽ ديوانو هوندو يا نادان ۽ حيوان نہ عاقل نہ دانا . والله نختص من يشاءُ

بيان ملڪ ۽ ميراث . مال ۽ مڏي دنيا

ملڪ ۽ ميراث . مال ۽ مڏي دنيا جي ايئن آهي جيئن جو ننڍڙا ٻار مٽي جون ڍيڳڙيون ٺاهي انهن کي پنهنجو مال ۽ مڏي . ملڪ ۽ ميراث ڪري ٿا سمجهن . پوءِ جيڪڏهن هڪڙو ٻار ٻي جي ڍيڳڙي کي هٿ هڻندو تہ پاڻ ۾ بدرد ڳالهائي نيٺ سر پُٽ تي هڪ ٻئي سان وڙهي پوندا . تان جو گهڙي ٿاءِ اهڙي طرح تي هڻ هٿا ٻئي پوندي . جهٽ کان بعد جڏهن راند ڦٽائي لڳي ۽ نوبت ڪوچ جي وڃي تہ هر ڪوئي پنهنجي گهر هليو ويندو . اوهي ڍيڳڙيون اتي جَئِ پيون هڻنديون . بيت:

انما اُموالكُم رايادگير . مال و مُلکِ اين جهان بربادگير .

مَطلب تہ هن دنيا جو مال ۽ مڏي . ملڪ ۽ ميراث سڀ خاڪ ۽ مٽي . فاني ۽ فنا پذير آهي . مگر هن جهان ۾ مال ۽ مڏي . دولت ۽ خزانو . يار ۽ مددگار . باقي ۽ بقادار هڪ حق تعاليٰ جو نالو ۽ ذڪر آهي . پوءِ دانا ۽ دولتمند ماڻهون اوهو آهي جو ٻيا دنيائي ڏنڌا سڀ ڇڏي . هڪ موليٰ جو ذڪر فڪر ۽ محبت کي محڪم ۽ مظبوط ڪري وٺي . جيئن جو ڪو دم ۽ ڪو لحظو يادگيري کان سواءِ خالي ۽ واندو نہ رهي . مگر گذاري لاءِ قدر ضرورت جي حاجت روائي روا آهي ۽ سواءِ ضرورت جي سڀ فضول ۽ خطا جيئن قوله تعاليٰ كُلُوا وَ تسرِ بُو وَ الاَ

تُسرَفوا ـ انسان کي هن جهان ۾ فقط چار شيون ضروري درڪار آهن ـ هڪ جاءِ جو ٽڪرو واسطي دفع ڪرڻ گرمي ۽ سرديءَ جي ـ ٻيو ڪپڙي جو پارچو واسطي ڍڪڻ اگهاڙجي ـ ٽيون پاڻي جو ڍُڪ ۽ چوٿون ماني جو گِيو واسطي طاقت پِنڌ ڪرڻ طرف وطن اصلي جي ـ جو وجود روح جو وهڻ آهي جيڪڏهن خوراڪ اصل نہ ملندس تہ مري ويندو يا بي طاقت ٿي ڪري پوندو پوءِ روح پنهنجي اصلي وطن ڪان رندجي پري رهندو ـ تڏهن تنهن کي قدر ضرورت جي داڻو ۽ پاڻي ڏيڻ ضروري آهي ـ تان جو روح وڃي پنهنجي اصلي وطن تاءِ پهچي پر پهچڻ ڪان پوءِ بہ جاڪون حياتي آهي تہ انهي کي داڻو پاڻي ڏيڻ قدر ضرورت جي ضروري آهي ـ انسان جو فصل ڏيندڙ بہ ايهو نفس آهي ۽ وصل ڏيندڙ بہ ايهو نفس فصل ڏيندڙ ائين آهي تہ جيڪر ماڻهون موليٰ جي مرضي کي ڇڏي نفس جي رضا تي هلندو تہ ان کي موليٰ کان ڌار ڪري ننڍين پري سٽندو ۽ وصل ڏيندڙ ايئن آهي تہ جيڪر نفس جي مرضي کي ڇڏي رب جي رضا تي هلندو تہ انهي کي نئين موليٰ سان ملائيندو ـ يهدالله لنوره مَن يَشاءُ ـ

بيان مذمومي ۽ مرداري دنيا

دنيا کي پاڻ پروردگار ساري مخلوقات کان خراب ۽ پليد چيز خلقيو آهي ـ تنهن کان پوءِ تنهن تي غضبناڪي ۽ ناراضگي جي نظر سان نهارياءِ ـ جڏهن خدا تعاليٰ ڪنهن بندي تي غضبناڪ ۽ ناراض ٿو ٿئي تہ انهي جو منهن پاڻ کان ڦيرائي دنيا ڏانهن ٿو ڪري ـ ۽ پيغمبر صلي الله عليه وسلم دنيا ۽ تمامي اهل دنيا کي ملعون فرمايو آهي مگر سواءِ ذڪر خدا تعاليٰ ۽ اوها چيز جو دوست آهي انهي کي حديث أنَ الدُنيَا مَلعونَتٌ ومَلعونٌ مَا فِيهَا الأذكرُ الله وَمَاوَالاهُ ـ مثال تہ دنيا هڪڙو ڍوندِ آهي طالب تنهن جا ڪُتا جيئن حديث اڪدنيا جيفَتٌ وَطالِبَهَا ڪلابُ ـ ٻيو تہ دنيا جي سڀين شين کان چار شيون چڱيون ۽ چوندَيل آهن جيئن خورش لاءِ مکڻ ۽ ماکي ۽ عيش لاءِ جماع ـ ۽ پوشاڪ لاءِ پٽ ـ پوءِ انهن جو اصل ڇا آهي يعني مکڻ جو چوپائي جي

رت آهي ۽ ماکي مک جو گونهن. جماع مٽ جي جاءِ آهي ۽ پٽ
کينئن جو گونهن پوءِ جيکو چڙو مٽ ۽ گونهن کي دوست رکندو ته
اوهو کينئن پروردگار پاڪ کي پرين ۽ پيارو لڳندو. هي هي ۽ هاءِ هاءِ.
جيڪڏهن ڪنهن فقير جي دل ۾ هڪ زرو دنيا جو دوستي جو باقي تو
رهي ته به موليٰ سان ملي نه ٿو سگهي. دنيا جي دوستي سان موليٰ
جو گهرڻ اينئن آهي جيئن پاڻي جي پيالي ۾ باهه پارڻ. پوءِ باهه ۽ پاڻي
هڪ ٺانوَ ۾ گڏ تي سگهندا. ايها محض مجنوني ۽ ناداني آهي نه
سياڻپ ۽ دانائي. جيئن مثنوي
هم خدا خواهي وهم دنياء دون. اين خيال است و محال ست و جنون.

دنيا ۽ موليٰ جو رستو مثل مشرق۽ مغرب جي هڪ ٻي جون
ضدان آهن. جيڪو مشرق ڏانهن پنڌ ڪندو ته مغرب کان پري ٿيندو ۽
جيَڪو مغرب ڏانهن پنڌ ڪندو ته مشرق کان پري ٿيندو. والله يحض من
يشاء.

بيان بي طمعي ۽ ترک دنيا

فقيرن کي دنيا کان ته دوري بابد آهي دنيادار جي پاسي لنگهڻ
کان به پرهيز لازم. چو جو دنيا هڪڙو دام آهي ۽ طمع تنهنجو داڻو.
جنهنجي نظر طمع واري داڻي تي پئي ته دنيا واري دام ۾ ڦاسجي
ويندو. مطلب ته فقير جو بچاءُ دنيا دار کان پچڻ آهي ۽ دنيا دار جو
بچاءُ فقير وٽ اچڻ. جيئن نقل آهي ته هڪڙي فقير خواب ۾ ڏٺو جو
هڪڙو بادشاهه بهشت ۾ آهي ۽ هڪڙو فقير دوزخ ۾ پڇياءِ جو هي
سبب ڇا. جواب مليس ته ايهو بادشاهه پنهنجي حياتي ۾ فقيرن وٽ
ارادي سان ايندو ويندو هو ۽ انهي فقير وٽ بادشاهه ۽ امير ايندا ويندا
هيا. آخر جڏهن ٻئي موئا ته بادشاه انهي ارادي ۾ بَٽو ويو ۽ فقير طمع
۾ وتو. هي هي ۽ هاءِ هاءِ. فقيري اصل دنيا کان ترک ۽ بي طمعي
آهي جيئن مثنوي بوعلي عليہ رحمت چيست درويشي هميدان اي فقير.
بي طمعي بودن ز سلطان و امير. حرص ۽ طمع جهڙو زيان ڪار ساري

بي ڪا شئي ڪانهي. انسان کي پاڻ پروردگار خاص پنهنجي عبادت ۽ عرفان لاءِ پيدا ڪيو آهي. نہ واسطي ٻي ڪنهن ڪم ڪار ۽ سير تماشي جي. جيئن قوله تعاليٰ وَمَاخَلَقتُ الجِنَّ وَالانس الاَّليعبدُون. مگر بندو جيڪو بہ زهد ۽ ذڪر فڪر يا طاعت ۽ عبادت ٿو ڪري تہ سو سڀ پاڻ ڪان ٿو ڪري ۽ خدا تعاليٰ بندي جيبندگي ۽ طاعت. ازهد ۽ ذڪر فڪر ڪان ابل ڪلابُ مستعفني ۽ پاڪ آهي. جيئن قوله تعاليٰ وَمَن جَاهَدَ فَانَمَا يُجَاهِدُ لنفسه. اِنَ اللهَ نَفِيني عنالعَالمين. ۽ بيت غني ملڪش از طَاعت جن وَانسَ. بري ذَاتش از تهمت ضدوَ جنس. مسلماني ۽ انساني آهي موليٰ جي ذڪر فڪر ۽ موت جي يادگيري سان جنهن کي موليٰ جو ذڪر فڪر ۽ موت جي يادگيري نہ آهي تہ انهي جي مسلماني مشڪل ۽ انساني محال آهي. روايت آهي تہ جڏهن پيغمبر صلي آل عليه وسلم جي وصال جو وقت ٿيو تہ سيئن يارن ۽ اصحابن زار زار روئي عرض ڪيو جو يا رسول الله اوهان ڪان پوءِ اسان جا الاءِ چا حال ٿيندا مهرباني ڪري ڪجهہ نصيحت فرمايو. تڏهن پاڻ پنهنجي زبان گوهر افشان سان فرمايائون جو گهڻو ياد ڪيو انهي ڪي جيڪو ٻارن کي ڇورو ۽ يتيم ٿو ڪري ۽ زالن کي بيواه ۽ رنڙ. پڇيائون جو يا رسول الله هو ڪير آهي. پاڻ فرمايائون تہ اوهو آهي موت موت موت. هي هي ۽ هاءِ هاءِ. هن جهان فاني ۾ جڏهن ڪنهن بندي جي حياتي پوري ٿي ٿئے تہ سيئي ملائڪ خدمت وارا اچي ان ڪان موڪلاتي ٿا وجن. جيئن ماني پچائڻ وارو ملائڪ اچي موڪلاتي چوندس تہ واءِ اي غريب وائي اي مسڪين مان مشرق ۽ مغرب تائين گهميس تہ تنهنجي روزي لاءِ هڪ داڻو بہ نہ لڌم هاڻي ڇاڃي ٿو تہ تنهنجي حياتي ايتري تي آهي پوءِ پاڻي پچائڻ وارو ملائڪ بہ اچي موڪلاتي چوندس تہ واءِ اي غريب واءِ اي مسڪين مان سارو جهان گهميس تہ تنهنجي واسطي هڪ قطرو بہ پاڻي جو پيدا نہ ٿيو. هاڻي شايد ڪہ تنهنجي حياتي پوري ٿي آهي پوءِ قدم رکائڻ وارو ملائڪ بہ اچي موڪلاءِ چوندس واءِ اي غريب واءِ اي مسڪين مان روءِ زمين گهميس تہ توڪان هر قدم رکڻ جي جاءِ

ٻہ نہ ڏنم هاڻي ڄاڻجي ٿو تہ تنهنجي حياتي تمام ٿي آهي . الغرض جڏهن سيئي ملائڪ خدمت وارا اچي اهڙي طرح تي چئي موڪلائي ويندس پوءِ پاڻ ملڪ الموت وڏي هيبت ۽ حشمت سان اچي ساهہ جي کڻڻ لاءِ مٿون ٻيهندس اوهو ويچارو انهي جي ڏسڻ سان اهڙو تہ حيران ۽ پريشان ٿي ويندو جو زبان ٻہ ڳالهائڻ کان بند ٿي پوندس . تڏهن ماٺهن ليکي سڪرات لڳس . پوءِ اوهو ويچارو ملڪ الموت کي چوندو جو مانکي اڳي معلوم ڪرينها تہ پاڻ کان ڪجهہ سمر ۽ توشو حاصل ڪيان ها . تڏهن اوهو ملائڪ موت جو چوندس تہ اي بي خبر ۽ نادان جڏهن تنهنجو پيءُ ۽ ماءُ . ڏاڏي ۽ ڏاڏا ۽ ڀيا ڪي ني پاتي تنهنجي گهر کان پٽي نيا اٿم تہ توکي سمائي ڪو نہ پيو . پيو تہ روزان روز نغارو ڪو چا ڪوچ جو تنهنجي ڪنين پٽي پيو تہ بہ توکي معلوم نہ ٿيو . نيٺ موٽي ٻہ ساڻ هزارين الحاح ۽ زاري جي چوندس جو هڪڙي ساعت مانکي مهلت ڏي تہ پنهنجو مال ۽ ملڪي سڀ لٽائي پاڻ کان ڪجهہ سمر ڪيان پوءِ اوهو ملائڪ موت وارو توڪ طور مرڪي چوندس تہ اي بي پُرجهہ ۽ بي خبر وقت فرصت جو گذري ويو سڄ عمر جو وڃي ڪوهہ ۾ پيو هاڻي رضا ڏي مٿون قضا الٰهي جي . ايئن چئي پوءِ اوهو ملائڪ موت جو چنبو هڻي . ايئن تہ ساهہ رهڙي ڪنديندس جيئن جيئري سهدار جي ڪل ابتي پٽي ڪڍجي . پوءِ انهي جا خويش ۽ قريب زار زار روئي وات ۽ اڪيون ونندس ۽ تنهن کان پوءِ ٿيل قال ڪري پاڻ ۾ چوندا تہ پنهنجي پوئن کان الاءِ ڇا ڪٽي ڇڏي ويو آهي ۽ ملائڪ پاڻ ۾ گفتگو ڪري چوندا تہ پنهنجي اڳتون کان الہ ڇا ڪٽي آيو آهي . عجب تہ جڏهن اهڙو حال ٻہ هر ڪنهن کي درپيش آهي پوءِ اهڙي مرڻ کان اڳي جيئريئي پاڻ ڇو نہ مرجي . جيئن حديث موتو قبل أنتَ هوتو ۽ بيت اي برادر چو عاقبت خاکي خاک شو پيش ازان ڪہ خاک شوي . مرد اوهو آهي جو جيئريئي جهان کي ڇڏي منهن مولیٰ ڏانهن ڪياءِ . پوءِ جڏهن انهي جي لڏائي جو وقت ايندو تہ انهي جو ساهہ پاڻ بندن کان ٻاهر نڪري ايئن تہ پرواز ڪندو جو موت وارو ملائڪ انهي کي پهچي ٻہ نہ

پاسي نهارڻ محض خطا ۽ زيان جين رباعيي:

چ احمق بودآن مجنوک عاشق گشت بر ليليٰ .
چو ليليٰ رفت در دستش درآمدو اي و ويلا .
منم آن شمس تبريزي ک عاشق گشت ام بر خود .
چو خود را خود نظر کردم نديدم جز خدا در خود .

عاقل کي اشارو بس آهي ۽ بي عقل کي تنبيهه . پر جيئن عاقل اشاري مان ئو سمجهي تہ بي عقل اوئين تنبيه کان بہ سمجهي نہ ٿو سگهي . دانا ماڻهو عامي سخن کان بہ نصيحت ٿو وٺي ۽ نادان خاصي نصيحت کي بہ سمجهي نہ ٿو سگهي . جيئن رباعي:

نگونيداز سربازيچہ حرفي .
کزوچندرنگيرد صاحب هوش اگر صدباب حکمت پيش نادان .
بخو انند آيدش بازيچہ در گوش .

هن جهان ۾ جيڪو نيڪ ڪم ٿو ڪري يا بدت سو سڀ پاڻ لاءِ ٿو ڪري . مثال تہ هي دنيا آخرت جي ٻني آهي پوءِ جيڪو جو ٻي ٻج اڄ اتي پوکيندو تہ سياڻي سوئي فصل اوهو اتي لڻندو . جيئن حديث: اَلدُنيا مزرَعَتُ الآ خرَتِ . تڏهن بندي کي بايد آهي تہ اڄ انهي ٻني ۾ نيڪي جو ٻج پوکيَ نہ تہ سياڻي اتي سخت پشيمان ۽ ارماني ٿيندو . هن جهان جو سڀ سامان ۽ اسباب ٿورڙي مڏي ۽ پليد چيز آهي . پاڻ پيغمبر صلي الله عليہ وسلم فرمايو کُل متاعُ الدُنيا قليلُ ۽ الدنيا جيفَتُ . پوءِ واءِ انهي کان ويل جنهن ٿورڙي مڏي ۽ پليد چيز کان پنهنجي عمر عزيز ۽ انبار دمن جو برباد ۽ رائگان زيان ڪيو . بلڪ عارفن جي نزديڪ تہ آخرت بہ قليل مڏي داخل آهي ڇو جو اوهو بہ باحد ۽ نفس جو ڀاڱو آهي . مگر ڪثير مڏي آهي ذات پاڪ ايزد ذوالجلال ۽ ديدار بي ڪنار انهي جو . جو اوهو لاحد ۽ روح جو ٻهرو آهي . يهدالله لنوره مَن يَشآءُالله بس باقي هوس٢ . جاڻي ڪو ڪس آهي تہ هڪ هرفئي بَس آهي ٣.

باب ٻيون

فصل ٻيون

دربيان شناخت عقبيٰ

بيت:

اوجو اڳتون تا ٻجهن سڀ نالو نمونو،
عشق اجا اڳتي وڃي ٿيو اونهين ۾ اونهو،
کير پروڙي کو ٻيو هي ٻاتيون ٻتونو،
سارو سر سينو جن فيضل پاڻ پروڙيو.

هو جهانبقادار ۽ هڪڙو جا وداني تڪاٺو آهي. بهشت ۽ دوزخ دلاسو ۽ دڙڪو. جيئن ننڍي ٻار کي پڙهڻ لاءِ مڃائي جو دلاسو ۽ لڪڻ جو دڙڪو ڏيکاريو ته پڙهندو نه ته نه جو جو ٻار کي علم جي حقيقت جو سما ڪونهي. اوهو ڇڙو دلاسي ۽دڙڪي جي خيال تي ٻيو پڙهندو. جڏهن وڃي حقيقت حاصل ٿيس ته پوءِ دلاسي ۽ دڙڪي جي ضرورت ڪانه رهندس. مطلب ته انسان کي تان جو خدا تعالىٰ جي محبت ۽ معرفت جي خبر ڪانهي ته ننڍي ٻار وانگي ڇڙو بهشتت ۽ دوزخ جي اميد ۽ خوف ڪان موليٰ کي ياد ٻيو ڪندو. جڏهن حق تعالىٰ جي محبت ۽ معرفت جي خبر پيس ته پوءِ انهي خوف ۽ رجا جي ضرورت ڪانه رهندس. جو انسان در حقيقت روح آهي ۽ روح ننڍي ٻار وانگي ناسوتي پردي جي پيٽ ۾ تن پردن جي اندر ڇپيل ٿو رهي. پوءِ ماٺهو جڏهن مرشد ڪامل ڪان تلقين ٿي طريقت جي پنڌ ۾ ٿو پوي. تڏهن ڄاڻ ته ماءُ جي پيٽ ڪان نڪرن ڄايو آهي. هڪ ڀيرو ته حيوان به ڄائي ٿو انسان اوهو آهي جو به ڀيرا ڄائي. ملائڪ به تڏهن مبارڪي تا ڏين جڏهن ڪوني ٻي ڀيري ٿو ڄائي يعني ناسوتي پردي کان ٻاهر ٿو نڪري. پر اجا به اني وانگي تن پردن جي اندر ڍڪيل ٿو رهي. جيئن

ملڪوتي ۽ جبروتي ۽ لاهوتي. جڏهن ڪوني انهي هر هڪ پردي ڪان ساڻ هزارين محنتن ۽ مشقتن جي نڪري ٻاهر ٿو ٿئي تڏهن صفا روح ٿي قطري وانگي وڃي پنهنجي اصلي بحر سان ٿو رلي. جڏهن جزو وڃي ڪُل سان رليو تڏهن ڄاڻ تہ انسان قابل ۽ بالغ ٿيو. پوءِ انهي کي انهي خوف ۽ رجا جي ڪا ضرورت نہ ٿي رهي. ڇو جو بهشت ۽ دوزخ بلڪ تمامي مخلوقات انهي ذاتي بحر جي صفات آهي ۽ صفات اينئن آهي جينئن جهڳ ۽ ڦوٽو. پوءِ جيڪو وڃي انهي ذاتي بحر سان رليو تہ انهي کي انهي جهڳ ۽ ڦوٽي ڪان ڪهڙو خوف هوندو ۽ ڪهڙي اميد. مگر عاشق کي خوف ڇڙو معشوق جي ناراضگي جو هوندو ۽ اميد رضامندي جي. بلڪ محويت ۽ استغراق وقت جي ڪا شئي نہ ٿي رهي. جينئن حديث: لِي مَعَ اللهِ وَقتٌ لاَ يَسعينے فيه مَلڪٌ مُقرَبٌ وَلاَ نبي مُرسَلٌ. هي هي ۽ هاءِ هاءِ. مرد اوهو آهي جو پاڇائين کي پُٺي ڏيئي منهن سارو سچ ڏانهن ڪياءِ ۽ يعني پنهي جهانن جون اميدون ۽ مرادان سڀ ڇڏي رات ڏينهن مولي جي محبت ۽ ذڪر فڪر ۾ محو ۽ مستغرق رهيو. بلڪ سواءِ محبت ۽ طلب مولي جي ٻي سڀ ناداني ۽ نامردي آهي جينئن حديث: طَالبُ الدُنيَا مُخَنثٌ وَ طَالبُ العُقبيٰ مُئَنثٌ وَ طَالبُ المَوليٰ مذَڪَرٌ. سچن عاشقن لاءِ هي جهان ۽ هو جهان محض محبوب جو ناز ۽ راز جو هڪڙو دلبو ۽ آزمائش آهي. پوءِ جيڪو انهي ناز ۽ راز جي دلبي تي ريبجي ويو. سو حقيقي محبوب جي وصال ڪان رنڊجي پيو. جينئن نقل آهي تہ ڪوئي شخص هڪڙي حسين معشوق تي عاشق هيو. نيٺ ڪن سالن ڪان بعد وڃي ڪنهن رهگزر تي انهي معشوق سان مليو. تڏهن انهي معشوق پڇيس تہ اي شخص تون ڪير آهين ۽ اتي ڇو بيٺو آهين. انهي ويچاري چيو تہ مانکي ڪيئي سال ٿيا آهن جو تنهنجي واسطي حيران ۽ پريشان آهيان تڏهن انهي معشوق چيس تہ منهنجي پيڻ پوئتون ٿي اچي جو اوها مان ڪان ڏهہ حصا حسين ۽ وڌيڪ زور آهي. پوءِ اوهو عاشق ويچارو انهي پرڪا جي دلبي تي ريبجي اتي ويهي رهيو. آخر جهٽ ٿائين اوڏانهن نهارياءِ پر پيدا ٿي ڪانہ ٿي جو

اهو ڇڙو ناز ۽ پرک جو دلبو هو. نيٺ لا اميد ۽ لاچار. دل افگار ۽ ٻر آزار تي اتي ويهي رهيو. جڏهن ڀهر سوا گذريو ته اوهو ساڳئي معشوق اوڏانهن گهمي ڦري موٽي آيو. وري انهي کان پڇياءِ جو ڇاکان اتي وينو آهين انهي چيو ته تنهنجي واسطي انتظار ۽ بيقرار وينو آهيان. انهي عاشق جي اپڻ چوڻ سان چنبو انهي جي منهن ۾ هٽي چيائينس ته وڃ اي کوڙا ۽ ڪچا جي پکو ۽ سچو هجين ها ته مان کان سواءِ ٻي ڪاڏانهن ڪنڌ به نه ڪنئي ها. هاڻي وڃ جاڏي به وڃڻو اٿي منهنجي دوستي ڪين ٿينديءَ. هي هي ۽ هاءِ هاءِ. جڏهن مجازي معشوق کي به پنهنجي عاشق تي ٻي پاسي جي نهارڻ ۾ ايڏو ساڙ ۽ ريس آهي پوءِ حقيقي معشوق جو اوهو أحسنُ الحسين ۽ سلطان المحبوبين آهي ته انهي کي ڪيئن پنهنجي عاشق تي ٻي پاسي جي نهارڻ ۾ رشک ۽ ريس نه هوندي.

جيئن بيت:

جنهن سان پسين پرين کي اکيون سي ئي ڏار،
ٻي ڏانهن ڪين نهار جو سڄڻ ريساٽو گهڻو.

ڪنڌ نه ڦيرج ڪاڏهين وڻيو وڃج وات،
لنئوٽي ڦير لپاٽ لڱندئي شاهه لطيف چئي.

بيت فارسے:

دل آرامي ڪه داري دل دروبند،
دگر چشم از همه عالم فرو بند.

الله بس باقي هوس:.

بيان حقيقت حال دوزخ

دوزخ هڪڙو دود خانو ۽ محروني مڪان آهي. جيڪي نانگ ۽ وڇون. بلا ۽ بدبون تنهن ۾ ٿيون پجهن سي سڀ هتون هر ڪوئي پاڻ سان ڪنيون ٿو هلي نہ تہ اتي ڪائي بلا ڪانهي. جيئن نانگ ۽ وڇون وغيره ازين قسم بلائون آهن. اوهي سڀ انسان جا بدفعل ۽ بد خواهشان آهن. جنهن انسان جي وجود ۾ هتي ڪوئي بدفعل ۽ خراب خواهش نہ آهي تہ انهي لاءِ اتي نڪو نانگ آهي نہ وڇون. نہ بلا آهي نہ بدبون ۽ انهون جي باهہ آهي هن جهان جو فراق جيئن ڪوئي دوست دوست ڪان جدا ٿو ٿئي تہ انهي کي فراق جي باهہ ٿي لڳي. مگر انهون جي باهہ ٽي قِسم آهي جيئن هڪڙي باهہ دنيا جي دوستي ۽ فراق جي آهي ۽ ٻي باهہ رسوائي ۽ بدنامي ٽين جي باهہ موليٰ جي ديدار ڪان محرومائي جي. پر ايها حرڪت ساري دنيا جي دوستي ۽ رغبت جي آهي. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهون جي دل ۾ دنيا جي دوستي نہ هوندي تہ اتي انهي لاءِ نہ ڪا باهہ هوندي، نہ گرمي نہ رسوائي هوندي نہ محرومي. تڏهن بندي کي بايد آهي تہ دنيا جي دوستي ۽ رغبت کي ڇڏي. محض موليٰ جي محبت ۽ ذڪر فڪر کي محڪم ۽ مظبوط ڪري وٺي. جيئن ڪا ساعت ۽ ڪا گهڙي بہ ذڪر فڪر ڪان سواءِ خالي ۽ واندو نہ رهي. والله يختص مي يشاءُ.

بيان حقيقت حال بهشت

بهشت هڪڙو باغوچو ۽ جميعت جي جاءِ آهي پر بهشت بہ ٽي قسم آهي هڪڙو عامي. ٻيو خاصي ٽيون اخصي. عامي بهشت آهي جيئن حور ۽ قصور. غلم ۽ ولد. محل ۽ ماڙيون نُنديون. گلزار ۽ وٿڪار. ميوات ۽ لذات. عيش ۽ عشرت. صحت ۽ فرحت. ازين قسم ايهو ڇڙو نفس جو ڀاڱو آهي. ٻيو خاصي بهشت آهي جيئن شوق ۽ ذوق. درسن ۽ ديدار الٰهي. ايهو فقط روح جو بهرو آهي. ٽيون اخصي بهشت آهي جيئن محويت. استغراق ۽ احديت. جيئن مڇي تان جو پاڻي جي منجهہ نہ ٿي پوي تہ انهي جو جيئن پسڻ ۽ پيئڻ سان ٿي نٿو سگهي. تيئن اخص بہ تان جو انهي ذاتي بحر جي منجهہ نٿا پون تہ

انهن جو گذارو بہ چڙو ڏسڻ ۽ پسڻ سان ٿي نٿو سگهي ـ يَهداللہ لنوره مَن يَساءُ اللہ بس باقي هوس جاتي ڪوئي ڪس آهي تہ هڪ حرفئي بس آهي ـ

باب ٻيون
فصل ٽيون
بيان حقيقت حال نفس

بيت:

سامن لڌو سرجهرو وڙي منجھ وجود،
ڪين ڪٺي پيا ڪين ڀر ٻت وڃائي بود،
سوئي چاڻن زيانڪي سوئي چاڻن سود،
وحدت منجھ ورود فيضل سدا سامڻين.

مولي ڪان سواءِ ٻيو تہ انهي ميدان ۾ آهيئي ڪونہ هيڏانهن بہ پاڻ آهي تہ هوڏانهن بہ پاڻ. بلڪ هر جاءِ تي پاڻ حاضر ناظر ۽ ظاهر ظهور آهي. جيڪو انهي ڪي ڏسي نہ ٿو سگهي تہ ايها محض انهي جي اکن جي حرڪت ۽ دل جي معزوري آهي. نہ مولي جي جدائي ۽ دوري. جو اوهو هر ڪنهن کي ويجهو بلڪ ويجهي چوڻ کان بہ ويجهڙو آهي. جيئن قوله تعالیٰ وَنَحن أقرب اِلَیہِ مِن حَبلِ الوَرِید. مگر عبد ۽ معبود جي وچ ۾ پردو ڇڙو نفس آهي. پوءِ تان جو ڪوئي نفس کي نہ سڃاڻندو تہ مولي کي بہ سڃاڻي ڪين سگهندو. تڏهن بندي کي پهريون پنهنجي نفس جو سڃاڻڻ ضروري آهي. جو جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو تہ ڄاڻ جو انهي پنهنجي مولي کي سڃاتو. جيئن قول حضرت علي رضي الله تعالیٰ عنه: مَن عَرَفَ نَفسَهُ فَقَد عَرَفَ رَبَّهُ. پر نفس جو سڃاڻڻ سخت مشڪل ۽ گهڻو محال آهي ۽ تفصيل بيان تنهنجو ڏکيو. مگر مختصر بيان اشاري لاءِ ايترو آهي تہ انسان پاڻ دراصل ڪا شئي ناهي مگر وجود ۽ روح کي موجود ۽ گڏ ڪري نالو انسان رکيائون ۽ وجود بہ پاڻ دراصل ڪا شئي ناهي مگر چار عناصر گڏ ڪري نالو وجود ۽ نفس رکيائون. پر ايهي عناصر بہ پاڻ دراصل ڪا شئي نہ آهن مگر جهگ ۽

قوتي وانگي مولىٰ جي ذاتي بحر جي هستي سان هست ۽ موجود آهن ۽ سواءِ انهي جي نيست ۽ نابود - جيئن بيت:

وجود ما معمائيت حافظ،

ڪ تحقيقش فسون است و فسانہ.

مطلب تہ هي وجود قوتي وانگي پاڻ در اصل نيست ۽ ناچيز آهي - مگر هي هستي ۽ حرڪت ساري انهي ۾ روح جي آهي ۽ روح جو حال شرح ۽ بيان جي حد کان ٻاهر آهي ڇو جو شرح ۽ بيان عالم خلق ڪي آهي نہ عالم امر ڪي - روح عالم امر آهي جيئن قوله تعاليٰ يَسۡعَلُونَكَ عَنِ الرُّوحِ قُلُ الرُّوحُ مِنۡ أَمۡرِ رَبِّي - غرض تہ روح عالم امر آهي ۽ عالم امر عالم اُلوهيت جو آهي پوءِ عالم الوهيت ڪي ڇڙو لوچڻ لهڻ ٿو ڪيي نہ شرح ۽ بيان - جيئن مثنوي:

اين قدر گفتيم باقي فکرڪن،

فکر گرجا مد شو درو ذکر ڪن.

الغرض انسان جي وجود ۾ روح ٻہ قسم آهي - هڪڙو روح ملڪاني جيڪو ناطق آهي انهي ڪي روح سلطاني بہ چون ٿا ۽ ٻيو روح جسماني - جڏهن ڪنهن ماڻهون جا دم پورا ٿا ٿين تہ اوهو روح ملڪاني ڇڙو وجود کان نکري ٻاهر ٿو وڃي ۽ روح جسماني مرڻ کان پوءِ بہ بدن ۾ باقي ٿو رهي - والله اعلم با الصواب.

بيان اقسام نفس

نفس چار قسم آهي هڪڙو اماره - ٻيو لوَامہ - ٽيون مُلهمہ - چوٿون مُطمئنَہ - ٻيو تہ انهي هر هڪ ۾ ٻي ٻي خاصيت آهي جيئن اماره آتش جي خاصيت کان آهي ۽ لوامہ بادجي خاصيت کان - ملهم آب جي خاصيت کان آهي ۽ مطمئنہ خاڪ جي خاصيت کان - پر ايهي سيئي هڪ ٻئي جون ضدان آهن - جيئن آتش گرم خشڪ آهي ۽ باد گرم تر - آب سرد تر آهي ۽ خاڪ سرد خشڪ - پوءِ انهي هر هڪ عناصر جي خاصيت کان عارفن ڏهہ ڏهہ خصلتان چوندي ڪڍيون آهن - جيئن اماره جون خصلتان ١- ظلم ۽ ٢- جهل - ٣-بُغض ۽ ٤- بخل - ٥-ڪاوڙ ۽ ٦-

ڪينو. ٧. فخر ۽ ٨. حسد. ٩. ڪفر ۽ ١٠. نفاق. لوامہ جون خصلتان. ١.نماز ۽ ٢. روزو، حج ۽ عمره زڪات ۽ بندگي ۽ تواضع زهد ۽ تقويٰ ملهم جون خصلتان عقل ۽ حڪمت ٣.دانش ۽ ٤. الهامہ. ٥. صبر ۽ ٦. شڪر. ٧. سخا ۽ ٨. احسان. ٩. فضل ۽ ١٠. ڪمال. مطمئنه جون خصلتان: ١. فقر ۽ ٢. تحمل. ٣. علم ۽ ٤. عدل. ٥. يقين ۽ ٦. معرفت. ٧. واعدو ۽٨. وفا. ٩. محبت ۽ ١٠. رضا. ١٢. پيو تہ نفس جا نالا بہ گهڻا آهن ۽ روح جا نالا بہ گهڻا. نفس جا نالا آهن جيئن قالب ۽ تن. بت ۽ بدن. جسمہ ۽ جسد. وجود ۽ ڪالبد نفس وغيره. روح جا نالا آهن: جيئن دمہ ۽ جان. روح ۽ روان. نفس ۽ دل وغيره. جو ايهو گوشت جو پيرو نہ آهي جيڪو هر ڪنهن ڪي ڪبي پاسي ۾ ٿو ٿئي. ۽ ايهو گوشت جو پيرو تہ هرحيوان ڪي بہ آهي. مگر دل انساني هڪڙو اسرار الهي ۽ بحر بي نهايت آهي. دراصل دل ۽ روح ۽ ٻئي هڪ آهن. جڏهن روح ڪي نشتر عشق جي لڳي تہ انهي ڪان هڪڙو قطرو ٿمي قلب ٿيو. يعني دل روح جو قطرو آهي ۽ روح سِر جو ۽ سر ذات جو مطلق آهي. پوءِ جڏهن ڪوئي طالب موليٰ جو زهد ۽ ذڪر فڪر ۾ ٿو پوي تہ دل ساڳئي وجي روح سان ٿي رلي. ۽ روح سر سان. تڏهن طالب فنا في الله ٿي سوئي سر ٿو سمائي. يهدالله لينوره مَن يَشاءُ.

بيان حڪومت دل

سواءِ سمجهہ حڪومت دل جي اپڻ نفس تي غلبو ڪرڻ محال آهي. تڏهن طالب ڪي اول سمجهہ حڪومت دل جي ضروري آهي مثال تہ هن وجود جي ملڪ ۾ دل بادشاه آهي ۽ عقل وزير ۽ ٻيا جيڪي عضوا ۽ حواس آهن چا ظاهري چا باطني ظاهري جيئن هٿ پير ڪَن ۽ اکيون نڪ ۽ وات وغيره جيرو ۽ بڪيون. ڦڦڙ ۽ پتو. خشمہ ۽ خواهش. فڪر ۽ خيال وغيره. ايهي سڀ دل بادشاه جا لشڪر ۽ خدمتگار آهن. جو انهن ڪان هڪڙا جاسوس ۽ چوڪيدار آهن ۽ هڪڙا ڪوٽوال ۽ خزانچي. هڪڙا نوڪر سپاهي آهن ۽ هڪڙا وهت ۽ خدمتگار وغيره. مطلب تہ ايهي سڀ دل بادشاه جي خدمت ۽ ڪمن ۾ مقرر ۽ معين آهن. تفصيل

بيان انهي هر هڪ جو ڏگهو آهي. مگر مشت نمونہ خروار مختصر بيان اشاري لاءِ اينترو آهي تہ جيئن خواهش خزانچي آهي ۽ ڪاوڙ ڪوتوال. خواهش خزانچي تي ايهو ڪم مقرر آهي جو نفس لاءِ قدر ضرورت جي ماني ۽ پاڻي طلب ڪري تہ دل بادشاه عضون جي ذريعي سان پيدا ڪرائي ڏئيس. جو وجود پيدا بہ مٽي ۽ پاڻي کان آهي تنهنجو جيئاپو بہ ماني ۽ پاڻي سان آهي. جيڪڏهن خواهش اصلِ پيدا نہ ٿئي ها تہ ڪجهہ طلب ڪري ها نہ کائي ها تہ سواءِ ڪاڏي جي پِري ڳَري مري وڃي ها. پوءِ دل بادشاه کي وجود جي ولايت کان ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿئي ها. خواهش خزانچي کي محض انهي واسطي پاڻ مالڪ پيدا ڪيو آهي. جو ڪجهہ طلب ڪري تہ کائي پيئي جيئرو ٿئي. تان جو دل بادشاه وجود جي ولايت کان شوق ذوق ۽ مولىٰ جي ذڪر فڪر جو خزانو حاصل ڪري ۽ ڪاوڙ ڪوتوال تي ايهو ڪم مقرر آهي جو متان خواهش خزانچي خزاني کان ڪجهہ چورائي تہ انهي کي روڪي جهلي. جو خزانچي جو خيال مڙئي اِيئن خراب ٿو رهي جو سارو خزانو سرڪار چورائي پنهنجي پيٽ ۾ هٿي. ڪاوڙ ڪوتوال کي خاص انهي واسطي خدا تعالىٰ پيدا ڪيو آهي جو جيڪڏهن خواهش خزانچي ڪجهہ ضرورت کان زياده خواهش ڪري تہ انهي کي روڪي جهلي. بلڪِ تنهن تي ڪجهہ سزا ۽ چٽي رکي. جيئن جو نفس ڪا فضول خواهش ڪري تہ بہ تي ڏينهن پاڻي ۽ ماني نہ ڏئيس يا ازين قسم بي ڪا سختي ۽ سزا رکيس تان جو بار دگر توبه ڪري. ڇو جو چور کي جيڪڏهن تنبيه ۽ سزا نہ ملي تہ اوهو چوري کان ڪيئن موٽي رهندو. عقل وزير تي ايهو ڪم مقرر آهي تہ دل بادشاه جي ساري بادشاهي جو سڌارو ۽ حفاظت ڪري. پوءِ عقل وزير جيڪڏهن وسيلو ۽ ڪم ڪوشش ٿو رهي تہ ڪاوڙ ڪوتوال بہ غافل ۽ ڪم ڪوشش ٿو ٿئي. تڏهن شيطان وقت کي غنيمت ڄاڻي خواهش خزانچي کي ٿورائي. پوءِ تنهن کان خزانو سارو نفس جو ڳڏ ٿو ڪرائي. نفس جو خزانو آهي سواءِ حق تعالىٰ جي بيون سيئي خوهشان. جيئن طلب ملڪ ۽ مال. جاهہ ۽ جلال. عزت ۽

آبرو نامر ۽ ناموس. مطلب تہ پنهن جهانن جي عيش ۽ عشرت جي اميدن ۽ مرادن جو خزانو خواهش خزانچي گڏ ڪري نثين نفس جي خزاني ۾ ٿو هٿي ۽ دل بادشاه جو خزانو آهي ذڪر مولىٰ جو پوءِ دل وارو خزانو جو ذڪر آهي سو ويران ۽ تباھ ٿي ٿو وڃي تنهن ڪري دل مغلوب ٿي ٿئي ۽ نفس ٿما تڏهن وجود جي ملڪ جي بادشاهي ساري نفس ٿو ڪري ۽ ايهي عضوا ۽ حواس سڀ نفس جا تابعا ۽ فرمان بردار ٿي ٿا وڃن. پوءِ عقل وزير جو سواءِ بڪ ۽ ڏڪ جو پيو ڪو بہ حيلو هلي نہ ٿو سگهي. جڏهن وزيرموئي پاٽڪي سنياري. ذڪر فڪر ۽ ڏڪ بڪ جي شمشير سان هٿي نفس کي هيٺو ۽ ڪمزور ٿو ٿو ڪري ۽ خواهش خزانچي کي پنهنجي قبضي ۾ ٿو آڻي ۽ نفس جو خزانو سارو برھ جي باھ ۾ ٿو ساڙي. تڏهن دل بادشاھ حملو ۽ غلبو ڪري ساري بادشاهي نفس کان ڦري ٿو وٺي ۽ نفس کي سخت قيد ۾ ٿو رکي. پوءِ ايهي عضوا ۽ حواس بہ سڀ دل جي تابع ۽ فرمان بردار ٿا ٿين. تڏهن شيطان تنهنجي ويجهو ئي نٿو لنگهي جو متان مان بہ ونجي وڃا. مطلب تہ جيڪڏهن نفس جو خزانو و يعني خواهش وڏيڪ آهن تہ حڪومت ۽ بادشاهي بہ ساري نفس جي آهي ۽ ايهي عضوا ۽ حواس بہ سڀ طابع فرمانبردار نفس جا آهن ۽ جي دل جو خزانو يعني ذڪر فڪر وڏيڪ آهي تہ حڪومت ۽ بادشاه ساري دل جي آهي ۽ ايهي عضوا ۽ حواس بہ سڀ تابع ۽ فرمانبردار دل جا آهن. جيئن حديث: اَلْمُلْکُ لِمَنَ غَلَبَ. جڏهن ڪوئي ماڻهون ڪنهن شئي جي طلب ۽ خواهش ٿو ڪري خيال سارو انهي جي حاصل ڪرڻ لاءِ اوڏانهن نڪري ٿو وڃي پوئتي دمر سواءِ يادگيري جي مولىٰ جي ايئن خالي ۽ برباد ٿا وڃن پوءِ جيترا دمر خالي ۽ برباد زيان ٿي ويا تہ ڇاڻ جو اوترا نقد دل جي خزاني کان گهٽ ٿي پيا ۽ جيتريون خواهشان بجاءِ دمن جي ڪياءِ تہ هي سڀ وڃي نفس جي خزاني ۾ داخل ٿيون. هي هي ۽ هاءِ هاءِ. مثال تہ هي نفس ۽ خواهش پاڻ ۾ ايئن آهن جيئن وجود ۽ ساھ. پوءِ تان جو ڪوئي خواهش کي نہ بند ڪندو تہ نفس ڪيئن مرندو. جنهن جو

نفس نہ مٺو تہ اوھو مولیٰ کي بہ لھي ڪين سگھندو تڏھن طالب کي جنگ ۽ جھيڙو سارو پنھنجي نفس جي خواهش سان ٿو جڳائي ـ پر سڀني خواهشن کي ھڪ ڏينھن ۾ ڇڏڻ محال آھي ـ تڏھن تہ کي درجي بدرجي گھٽائڻ ٿو کپي ـ جيئن اول ناروا خواهشان سڀ ڇڏي ـ پوءِ فضول خواهشان سڀ ڇڏي ـ تنھن کان پوءِ غير جون خواهشان يعني سوا مولا جي ٻيون سڀ خواهشان ڇڏي جو نفس جو ساھہ خواهش آھي جڏھن سيئي خواهشان ڇڏياءِ تہ پوءِ نفس پاڻھين مطيع ۽ مغلوب ٿي مري ويندو ـ پر تان جو نفس حيات آھي تہ انھي کي انھي ذڪر ۽ بکہ جي بندي خاني کان ٻاھر ڪڍڻ مناسب ناھي ڇو جو جيڪڏھن جيئري انھي قيد خاني کان ٻاھر نڪتو تہ ساڳي پنھنجي انھي بدچالي ۽ ڏنگائي کان ڪين ٽرندو ـ جيئن مثنوي نفس فرعون است ھان سيرش مکن ـ تانيارد ياد آن ڪفرِ ڪھن ـ مثال تہ جيئن ڪوئي ڪتي جي پڇ کي توڙي سوَ سال نڙ ۾ وجھي تہ بہ جڏھن ٻاھر نڪتو تہ ساڳئي اوھو ڏنگو ني ڏنگو ھوندو ـ نفس بہ اينءَ جڏھن فاقني جي قيد کان ٻاھر نڪتو تہ ساڳئي اوھو ڏنگو ني ڏنگو ھوندو نہ راست ۽ سڌو ـ ڇو جو ايھا ڏنگائي انھي جي اصلي پيشو آھي ـ جيئن روايت آھي تہ جڏھن پاڻ پروردگار نفس کي پيدا ڪيو تہ انھي وقت تنھن کان پڇياءِ جو تون ڪير آھين ۽ مان ڪير ـ نفس چيو جو تون تون آھين ۽ مان مان ـ تڏھن پاڻ مالڪ ملائڪن کي فرمايو تہ انھي کي نئين دوزخ جي باھہ ۾ ٽٻي ڏيئي آڻيو ـ پوءِ ملائڪن نئين اُنھون ٽُٻي ڏيئي آندو ـ وري پاڻ پڇيائون جو تون ڪير آھين ۽ مان ڪير ـ تڏھن بہ چيائين تہ تون تون آھين ۽ مان مان ـ موٽي بہ مالڪ فرمايو تہ انھي کي نئين اتھون ٽُٻي ڏيئي آڻيو ـ نيٺ ٽين ڀيري بہ ملائڪن نئين دوزخ جي باھہ ۾ ٽُٻي ڏيئي آندو ـ ساڳئي مالڪ پڇيو جو تون ڪير آھين ۽ مان ڪير ـ تہ بہ نفس چيو جو تون تون آھين ۽ مان مان ـ تڏھن پاڻ پروردگار ملائڪن کي فرمايو تہ ايھو سواءِ ساڙڻ باھہ بکہ جي اينءَ ڪين مڙندو ـ ھاڻي ھن کي نئين فاقني جي باھہ ۾ ٽُٻي ڏيئي آڻيو ـ پوءِ ملائڪن نئين بکہ جي باھہ ۾ ٽُٻي ڏئي آندو ـ پوءِ

ﭘاڻ پروردگار فرمايس جو تون ڪير آهين ۽ مان ڪير ـ تڏهن وجي تات مجي چياءِ تہ تون خالق ۽ خداوند آهين ـ مان نيست ۽ ناچيز بندو ـ مطلب تہ ايهو نفس نادان سواءِ جنگ برخلافي ۽ ساڙڻ باھ بڪ جي بي ڪنهن بہ حيلي سان مڙڻ ۽ مرڻ نٿو باسي ـ تڏهن طالب کي لازم آهي تہ ايهو بڪ ۽ برخلافي جو بار تنهن تون ڪڏهن بہ نہ لاهي ـ جي لاٿاءِ تہ وري پنهنجي بد راهي ۽ بدچالي جو پيشو ڪٺندو ـ جيئن نقل آهي تہ هڪڙي جوڳي فقير ڪنهن جبل ۾ وجي هڪڙو ازدها نانگ ڏٺو ـ پر سردي جي سبب کان سو نانگ ﭙڌو پيو هو ـ آخر انهي جوڳي فقير وٺي تنهن کي رسي سان ٻڌي ڳڌھ تہ ڪٺي بغداد جي شهر ۾ آندو ـ جڏهن ماڻهو ازدها جي خبر ٻڌي تہ چا مرد ۽ زال ، چا ٻار ۽ چا ٻچا سڀ ماڻهو شهر جا اچي اتي ڳڏ ٿيا ـ جڏهن سج بہ ڪجهہ تاب ڪيو ۽ اچي خلق جي بہ انبوھ ٿي ـ تڏهن انهي نانگ ساھ ساري وٺي سٽ جو ڏني تہ اوهي رسا سڀ ٽٽي پيا ـ ازدها کي پلا ٽوڙها چا جهليندا ـ آخر وٺي ڦوڪ جو ڏناءِ تہ فقير پاڻ بہ چٽ تہ اوهي ماڻهو بہ سڀ چٽ ـ غرض تہ جڏهن طالب موليٰ جو ذڪر بڪ ۽ ذڪر فڪر ۾ ٿو پوي تہ اول نفس اونهي جو ڪجهہ ٻڌجي ٿو وجي تڏهن ڪوئي بي خبر ايئن ٿو ڄاڻي تہ نفس هاڻي اصل مري ويو آهي ـ آخر جڏهن ماڻهن جي بہ اچي آمد رفت ۽ انبوھ ٿي ٿني ۽ نفس کي بہ ڪجهہ لذيذ کاڌو ۽ فضول خورش ٿو ملي ـ تڏهن نفس ساڳئي ساھ ساري پنهنجي انهي بدراهي ۽ بدچالي جو ڏنگ ٿو هڻي ـ جيئن طلب ۽ طماع حرص ۽ هوا ـ عزت ۽ آبرو ـ منوتي ۽ شهرت ـ فخر ۽ غرور وغيره ازين قسم سڀ خيال آڻي اندر ۾ ٿو اتاري ـ تڏهن فقير پاڻ بہ گمراھ ٿي ٿو وجي تہ سندس سڀ سنگت بہ گمراھ ـ هي هي ۽ هاءِ هاءِ ـ مالڪ پنهنجي مهر سان وڏين کي شل وڏ نہ وجهي ـ والله يختص من يشاءِ ـ

بيان تفصيل خصائل نفس

انسان هڪڙو اسرار الهي ۽ علوي چيز آهي جي پاڻ کي ٿو سڃاڻي تہ وجي داخل بہ علوي عالم ٿني ٿو ۽ جيڪڏهن پاڻ کي نٿو

سجاڻي ته هڪڙو حيوان ۽ سفلي شئي آهي ۽ وجي داخل آهي. أسفَلُ السَافلِين ۾ تو ٿئي. جيئن قوله تعاليٰ لَقَد خَلَنَا الانسَان فيي أحسَن تَقويِم ثُمر رَدَر نَاهُ أسفَلُ السَافلِين. مطلب ته انسان آهي انسانيت سان. پوءِ جنهن کي انسانيت آهي ته اوهو ملائڪن کان به مٿي آهي نه ته حيوانن کان به هيٺ. حديث : خَلقَ نَبِي آدَمَ وَ فهمِ العَقَلُ وَ شَهوَتَ فَمَن غَلبَ عَقَلَه عَليٰ اشَهوَته فَهُوَ عـلـي مِنَ المَلائِكتَ مَن غَلبَ شَهوَتَه عَليٰ عَقَلهفَهُوَ ادني مِنَ البَهاَ ئمِ. پر تان جو ڪوئي پنهنجي وجود جون خاصيتَان نه سڃاڻندو ته پنهنجي انساني ۽ حيواني جو خبر ڪا نه پوندس جڏهن انسان کي پنهنجي خاصيتن جو سڃاڻڻ ضروري آهي. انسان جي وجود ۾ چار خاصيتان آهن. انهن ڪان هڪڙي خاصيت بهائمي آهي جيئن ڍور ۽ گڏهه. اٺ ۽ ٻڪري وغيره ازين قسم ۽ ٻي خاصيت سباعي جيئن ڪُتو ۽ سُوَر. شينهن ۽ ناهر وغيره ازين قسم ۽ ٽين خاصيت شيطاني ۽ چوٿين خاصيت ملڪاني. انهي هر هڪ خاصيت جون خصلتان جدا جدا آهن جيئن بهائمي خاصيت جون خصلتان آهن کائڻ ۽ پيئڻ. سمهڻ ۽ گهمڻ. شهوت ۽ جماع وغيره ازين قسم. پوءِ جنهن جي وجود ۾ چڙا ايهي فعل آهن ته اوهو در حقيقت چوپايو ۽ حيوان آهي نه آدمي ۽ انسان. سو قيامت جي ڏينهن اٿندو به چوپائن جي شڪل سان. ٻيو ته پيغمبر صلي الله عليه وسلم جي شڪل انساني آهي تڏهن انساني شڪل سان ڪو به دوزخ ڏانهن نه ويندو ۽ سباعي خاصيت جون خصلتان آهن هٿڻ ۽ مارڻ. وڙهڻ ۽ قاڙڻ. ظلم ۽ ڪاوڙ وغيره ازين قسم. پوءِ جنهن جي وجود ۾ چڙا ايهي فعل آهن ته اوهو در حقيقت درندو آهي. سياڻي اُٿندو به درندن جي شڪل سان ۽ شيطاني خاصيت جون خصلتان آهن. فريب ۽ فتنو. مڪر ۽ حيلو. حسد ۽ ڪينو. فخر ۽ غرور وغيره ازين قسم. پوءِ جنهن جي وجود ۾ چڙا ايهي فعل آهن ته اوهو در حقيقت شيطان آهي سياڻي اُٿندو به شيطاني شڪل سان ۽ ملڪاني خاصيت جون خصلتان آهن ذڪر ۽ فڪر. طاعت ۽ عبادت. شوق ۽ ذوق. درد ۽ فراق. محبت ۽

معرفت حق تعاليٰ جي - وغيره ازين قسم - پوءِ جنهن جي وجود ۾ ايهي فعل آهن ته اوهو در حقيقت انسان ۽ بلند مڪان آهي - قيامت جي ڏينهن اٿندو به انساني شڪل سان ۽ وڃي داخل به بلند مقان ۾ ٿيندو - تڏهن موليٰ جي طالب کي لازم آهي ته جهت تاءِ ويهي پنهنجي وجود ۾ فڪر سان نهاري - جو انهن سين خاصيتن کان کهڙي خاصيت جي خصلتن ڏانهن خيال ميل ٿو ڪري - پوءِ جنهن خصلت ڏانهن ميل ڪيائين ته ڄاڻ جو اوها خاصيت وجود ۾ ٻين سين خاصيتن کان وڌيڪ زور آهي - جي انساني خاصيت جي ڪنهن خصلت ڏانهن ميل ڪياءِ ته ڄاڻ جو انسان ۽ عليٰ شان آهي - جيڪڏهن هن ٽنهن خاصيتن جي ڪنهن خصلت ڏانهن ميل ڪياءِ ته ڄاڻ جو اجا حيوان ۽ ادنيٰ آهي - پوءِ انهي کي بايد آهي ته درد ۽ فاقني جي ڪرڙي سان خيال کي اوڏانهن روڪي جهلي - جيڪو ايئن ڪندو ته انشاء الله تعاليٰ جلد وڃي انساني مڪان ۽ اعليٰ شان کي پهچي سگهندو - نه ته موليٰ سان ملڻ محال ۽ مسلماني مشڪل آهي - يهدالله لنوره من يشاءِ - فقير کي سرافي ساري پنهنجي وجود جي ۽ نگهباني دمن جي بايد ۽ لازم آهي - جيئن جو ڪو دم به موليٰ جي ناءِ کان سواءِ خالي نه وڃي - جو ايهو هر هڪ دم لعل شهانو ۽ دربي بها آهي بلڪ تنهنجي قيمت ٻنهن جهانن کان به زياده زور - جيئن بيت:

پس ازسے ۳۰ سال اين معنۓ محقق شدنجا قاني،

ڪه يڪدم با خدا بودن به از ملڪي سليماني.

مگر انهي لعل جي خبر سواءِ فقير جي ٻيو ڪو به ايئن لهي نه ٿو سگهي - جڏهن سچ لهي سانجهي ٿي ٿئي تڏهن هر ڪنهن کي پاڻهين خبر ٿي پوي - ڇو جو ايهو لعل شب چراغ اونداهي ۾ روشنائي ڪندڙ آهي - يعني جڏهن ڪوئي ماڻهو مري ٿو وڃي ته انهي جا خويش ۽ قريب تنهن کي نئين قبر ۾ دفن ڪري موٽي سڀ پوئتي ٿا وڃن پوءِ سواءِ ذڪر ۽ منور نام موليٰ جي ٻيو اتي انهي سان ڪو به نه ٿو رهي - تڏهن اوهو ويچارو ٿو ڄاڻي ته منهنجو مال ۽ مڏي - دوست ۽ قريب - يار

۽ مددگار سواءِ ذڪر ۽ نام موليٰ جي ٻيو ڪوني ڪونهي - پوءِ هزار هزار افسوس ۽ ارمان تو ڪري - جو انهي سيئن دمن سان نانءُ موليٰ جو ميڙيان ها - پر ڪرڻ جو هنڌ هي آهي - اتي سواءِ افسوس ۽ ارمان جي ٻيو ڪجهه بہ حاصل ٿيڻو ناهي - جيئن نقل آهي تہ هڪڙي شخص فصل ڪيو - آخر جڏهن پوڪي پڪي تہ پنهنجي زال کي چياءِ تہ جو وڃي ٻني جي ٻني جي فلاڻي ڪنڊ کان مٿي پَٽي ڳوڙها ناهہ تہ جهار کي هڪلون - انهي مائي وڃي اتي زمين کي ڪوتي تہ هڪڙو ديڱڙو پريل گوڙهن جو نڪتو - پوءِ ٻنهن زال مڙس اوهي گوڙها جهار کي هٽي سانجهي تاءِ سپ جُنائي چڏيا پر اوهي ڳوڙها مائي کي ڏاڍي وڻيا ها - تنهن ڪري هڪڙو ڳوڙهو تن کان ڪٽي ٻارن جي راند لاءِ پنهنجي ڦدي ۾ وجهي چڏيا هاءِ - نيٺ سانجهي کي انهي مائي مڙس کان موڪلاتي مائي تکي ڪرڻ لاءِ گهر ڏانهن رواني ٿي - جڏهن اڌ واٽ تي آئي تہ اوهو ڳوڙهو ياد آيس - سو ڦدي کان ڪڍي تري تي رکي هلڻ لڳي تہ اوچتي هڪڙو صراف واٽ سان مليس - انهي چاتو تہ مائي کي انهي شئي جي خبر ڪانهي - شايد ڪنهن وجهہ سان ايهو تنهن کان ڏٺاري وڻان - آخر انهي صراف مائي کي چيو تہ جي ايهو ڳوڙهو مانکي ڏيندا تہ هزار روپيہ توکي ڏيندس - تڏهن مائي سمجهي تہ ايهو ضرور ڪا قيمتي شئي آهي انهي کي چيائين تہ مان پنهنجي نہ ڏيندس صراف چيو جو تون ۽ تنهنجو مڙس جيترا بہ ڪٽي سگهو تہ اوترا پئسا اوهان کي ڏيندس - پوءِ مائي منظور ڪئي - پر چياءِ تہ مان وڃي پنهنجي مڙس سان خبر ڪيان جي انهي قبول ڪيو تہ ڏينداسني نہ تہ نہ - تڏهن مائي وڃي پنهنجي مڙس سان اوها خبر ڪئي پوءِ انهي جي مڙس اچي صراف کي چيو جو تون جيڪڏهن انهي ڳوڙهي کان بہ ٻدان روپين جون ڏينديں تہ اسان کي سودو منظور آهي پر انهي جو نانءُ اسان کي ڏسِ - صراف چيو تہ نانءُ انهي جو لعل آهي - تڏهن ٻئي هٿ سٽرن تي هٽي ٻئي زال مڙس انهي ٻني ڏانهن ڀڳا - جو متان اتي وڃي ڪجهہ ٻيا بہ ڳولهي لهون - پر چا لهندا جو هڪ تہ جهنگ ۾ پيا - ٻيو تہ سچ لهي اونداهہ ٿي - آخر اتي

وجي جهت تاء ڳولهيائون پر پيو ڪجهہ بہ هٿ نہ آين غرض تہ ايهو هر هڪ دم لعل حقيقي آهي پوءِ جنهن جا دم سواءِ ذڪر موليٰ جي ائين برباد ويا تہ اوهو بندو مرڻ جي وقت انهي ڪرمي وانگي لڪ لڪ افسوس ۽ ارمان ڪندو. پر اونهي وقت جي پشيماني ڪجهہ بہ ڪم نہ ايندي. هي هي هاءِ هاءِ. جنهن شخص جو هوائي ڏکيون دليلان ڪيون. تہ ڇاڻ جو تنهنجي دل ڪي خواهشان وڪوڙي ويون تڏهن ماضي ۽ مستقبل ڪي ڇڏڻ ٿو ڪپي. حال ۽ وقت ڪي وڻڻ. ڇو جو گذريل گذري ويو ۽ آئنده ايندو الائي نہ. مطلب تہ سواءِ حال ۽ پاس انفاس جي پيا سڀ خطرات ۽ وسواس آهن پاس انفاس آهي نگهباني دمن جي. جيئن جو ڪو دم بہ موليٰ جي ذڪر کان سواءِ خالي ۽ برباد نہ وڃي. تہ پاس انفاس بہ ايهو آهي تہ حال بہ ايهو. وقت بہ ايهو آهي تہ وصال بہ ايهو يهدالله لنوره من يشاء. الله بس باقي هوس. جاتي ڪرڻي ڪس آهي تہ هڪ حرفئي بس آهي.

باب پيون
فصل چوٿون
دربيان معرفت حق تعاليٰ

بيت:

اونهين بحر عميق جي كنڌي نہ كنارو،
كيئ انهي جي اونتَ جو كولهي سڌارو،
سر جنهن كي كو نہ كو پانڌ نہ پسارو،
مَاعرَ فناكَ حق معرفتك مانجهن مونجهارو،
عارف اشارو فيضل تنهين تار ۾.

حق تعاليٰ جي ذاتي بحر جو آونت كنهن بہ نہ لڌو آهي - جنهن جاتو جو مان لڌو تہ اوهو اجا اوري ۽ كچو آهي نہ پهتل ۽ پكو - جيئن بيت:

جان جان جوئي ڄاڻ ۾ تان تان سو اڻڄاڻ،
فيضل تن اهڃاڻ جن ڄاڻ وڃايو ڄاڻ سان.

مولیٰ جي معرفت ۾ عارف اوهو آهي جو پاڻ كي جاهل ڄاڻي ۽ جاهل اوهو آهي جو پاڻ كي عارف ڄاڻي - ڇو جو حق تعاليٰ جي حُسن ۽ پاكائي - توحيد ۽ وڏائي جي بحر كي نہ حد آهي نہ نهايت نہ ابتدا آهي نہ انتها - پوءِ جنهن بحر كي حد ۽ نهايت كانهي تہ انهي جي معرفت كي كيئ كنڌي كنارو پيدا ٿي سگهندو - جيئن بيت طيور وهمر زين بي پرو بالات كہ بالاترز حد هر خيال ست - مگر اسان كي يقين ۽ سچائي سان ايئن سمجهڻ ۽ چوڻ لازم ۽ واجب آهي تہ سُبحانَ الله والحمدالله ولاَ الـہَ الاّ الله وَ الله اكبر - سبحان الله جي معنيٰ آهي عجب پاك آهيَ خداءَ تعالَيٰ ۾ موليٰ جي پاكائي ايئن ناهي - جيئن پيون

شيون بہ پاڪ آهن ۔ بلڪ انهي جي پاڪائي فهم ۽ فڪر جي حد کان ٻاهر آهي ۔ الحمد الله جي معنيٰ آهي گهڻو شڪر آهي خاص واسطي خدا تعاليٰ جي پر انهي جي شڪر ادائي ايئن ناهي جو هر ڪوئي شڪر ٿو ڪري ۔ مگر موليٰ جي شڪر ادائي ڪما حقه ڪو بہ ڪري نہ ٿو سگهي ۔ جيئن بيت: ازدست زبان ڪہ برآيد ۔ ڪز عهده شڪر ش بدر آيد ۔ لاَ الٰـه الاَ لله جي منعيٰ آهي ناهي ڪوئي معبود سواء خدا تعاليٰ جي ۽ لاشئي موجود غير الله ۔ الله اڪبر جي معنيٰ ايئن ناهي جو موليٰ سڀ کان وڏو آهي ڇو جو سڀ کان وڏي چوڻ ۾ پيا ڪي ننڍيا بہ معلوم ٿا ٿين ۔ پيو تہ حق تعاليٰ ننڍي وڏي چوڻ ۽ مٽ ثاني کان پاڪ آهي ۔ جيئن قوله تعاليٰ وَلَمْ يَكُن له ڪفواً أحَد ۔ تڏهن سڀ کان وڏو چوڻ محض خطا آهي ۔ مگر الله اڪبر جي معنيٰ ايئن آهي تہ خدا تعاليٰ اسان جي فهم ۽ فڪر جي لهڻ ۽ پهچڻ جي حد کان پاڪ ۽ وڏو آهي ۔ حق تعاليٰ کي ڪي نہ حد آهي نہ نهايت ۔ نہ ابتدا آهي نہ انتها ۔ نہ مثل آهي نہ مانند ۔ نہ جنس آهي نہ ڪا ضد ۔ احد ۽ صمد ۔ لا وَلَد ۽ لا والد شريڪ ۽ لامڪان ۔ دائم ۽ قائم ۽ حَيُ قيوم ۔ سميع بصير ۽ عليم حڪيم ۔ قادر قريم ۽ غفور رحيم ۔ ڪريم ستار ۽ واحد القهار ۔ ايزد لايزالي ۽ خالق ذالجلال ۔ اول آخر ۽ ظاهر باطن هر جاء تي حاضر ناظر ۽ ظاهر ظهور ۔ خود بخود موجود ۽ منور آهيٰ ۔ مگر اڳي بي رنگ ۽ بي نمون ۔ بي چوڻ ۽ بي چگون ۔ بي مثل ۽ بي بيان ۔ بي نام ۽ بي نشان ۔ نہ ڪو ملڪ نہ مڪان نہ ڪو جڳهہ نہ جهان ۔ ڇڙو پاڻ ڳجهي خزاني وانگر منجهہ پردي راز جي مخفي هيو ۔ جيئن حديث: كُنتُ كنز مَخفِي فَاحبَبتُ اَنَا اعرِفَ مَخلَقَ الخَلقَ أعرِفَ ۔ جڏهن وحدت جي بحر کي جوش عشق جو لڳو تہ موج ڪري انهي پردي راز کان ٻاهر نڪري هر جاء تي جلوه ٿيو ۔ بلڪ هاڻي بہ اوندئين آهي جيئن اڳي هيو ۔ جيئن حديث: الانَ ڪَمَاڪَان ۔ مگر ذاتي بحر تي جهڳ ۽ ڦوٽي جيئن صفا تي پردو رکي بي رنگي مون گوناگون هزارين رنگ ۽ نمونا سمايو ۔ پر اول احمدي نور سمائي پوء درياهہ وانگي ميل ڪري ساري صفات ۾ جلوه

نما ۽ رونق افزا ٿيو ـ جيئن حديث: كل شئي من نوري و انامن نور الله ـ ۽ قوله تعاليٰ الله نورالسمٰوٰت والأ رض ـ مطلب ته طمامي مخلوقات موليٰ جي ذات جو ظهورو آهي ـ پوءِ نظر حقيقت بين انهي صفاتي جهڳ ۽ ڦوٽيكان لنگهي وڃي سوني بحر كي ٿي ڏسي ـ جيكر انهي هك كان سواءِ ٻيو به كجهه ٿو ڏسي ته اوها محض انهي جي اكن جي حركت ۽ نفس جي ڀل آهي تڏهن طالب كي ڀهريون ئي پنهنجي هستي جو وڃائڻ ۽ يگانگي جو سر مون اكن ۾ پائڻ ٿو كپي ـ جو هك حق تعاليٰ كان سواءِ ٻي كا شئي هست ۽ موجود كانهي ـ جي هيڏانهن نهار به اوهو آهي ته هوڏانهن به اوهو ـ هر جاءِ تي پاڻ حاضر ناظر ۽ ظاهر ظهور آهي جيئن قوله تعاليٰ فَاَينمَا تُوَالُوا فَثمَ وَجهُ الله ـ مرد اوهو آهي جو هر مظهر ۾ موليٰ كي سڃاڻي ـ جيئن مثنوي ـ مردآن باشد كہ شهہ شناس ـ شاه را بشنا سدانذر هر لباس ـ جيئن ساري كلام الله مجيد كان كنهن هك جزي جو نہ مڃڻ كفر آهي تيئن ساري مخلوقات كان كنهن هك ذري جو غير سمجهڻ نزديک مُحققن جي شرک ـ جو تمامي مخلوقات پيغمبر صلي الله عليه وسلم جي نور جو ظهورو آهي ۽ اوهو پاڻ پروردگار جي نور جو ظهورو ـ ٻيو ته اونهي وچ ۾ آهيئي كو نہ جيئن حديث: انا احمد بلا ميم ـ مگر احد ۽ احمد جي وچ ۾ فرق ڇڙو ميم جو آهي جيكڏهن احمد جي وچ كان ميم پري ٿئي ته سوئي احد آهي ـ عالم سارو انهي هك حرف ۾ حيران ۽ مستغرق آهي ـ جيئن بيت: زاحمد تا احد يک ميم فرق است ـ همہ عالم دران يک حرف غرق است ـ انسان ڇڙو خيال آهي ـ جي خيال حق سان آهي ته حق آهي ۽ غير سان آهي ته غير ـ جڏهن كوئي بندو انهي خيال سان پاڻ كي اصل كجهہ نہ ٿو ڄاڻي تڏهن پاڻ موليٰ اتي اثبات ٿو ٿئي پوءِ عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ فرق ته جو به نہ ٿو رهي ـ جيئن حديث قرسيي ـ يا احمد عندي شَرابُ لأولِيائِيَ اذَا اَسكرُو واذَا اَسكرُو اَطربُواواذَااَطربُوا اَتا بُوا وَذَا اَتَابُو اَخلوصُوا وَاصلُوا وَاذَا وَاصلُوَاتصضلوا وَاذِاتَصلُوا لافَرَقَ بَيني وَ بَيهُم ـ ترجمہ: يعني اي احمد نزديک منهنجي

هڪڙو شراب آهي منهنجي دوستن لاءِ. جڏهن پيئندا تہ مست ٿيندا ۽ جڏهن مست ٿيندا تہ عيش عشرت ڪندا ۽ جڏهن عيش عشرت ڪندا تہ توبه ڪندا ۽ جڏهن توبهہ ڪندا تہ صاف ٿيندا ۽ جڏهن صاف ٿيندا تہ واصل ٿيندا ۽ جڏهن واصل ٿيندا تہ ڳرندا ۽ جڏهن ڳرندا تہ پوءِ ناهي ڪو فرق منهنجي ۽ انهن جي وچ ۾ ۔ ۽ بيت: من تو شدم تو من شدي من تن شدم تو جان شدي ۔ تاکس نگويد بعد ازين ۔ من ديگرم تو ديگري ۔ انهي ڪان سواءِ پيو ڪو بہ انهي کي ڏسي نہ ٿو سگهي ۔ جيڪو انهي ڪفر جي پوڙي تي پير نہ رکندو تہ موليٰ سان ملي ڪين سگهندو ۔ ڇو جو ہئي کي محبوب جي محلات ۾ اندرلنگهڻ جي واٽ ني ڪانهي ۔ تان جو ڪوئي پنهنجي نفس کي نيستي سان سڃاڻندو تہ موليٰ کي سڃاڻي ڪين سگهندو ۽ جنهن پنهنجي نفس کي فنائي سان سڃاتو تہ ڄاڻ جو انهي پنهنجي موليٰ کي بقائي سان ڄاتو ۔ جيئن حديث: مَن عَرَفَ نَفسَه فِي الفناءِ فَقَد عَرفَ ربّه بِالبَقاءِ ۔ تڏهن موليٰ جي طالب کي لازم آهي تہ پاڻ کي هميشہ فنا جي فڪر سان نيست ۽ نابود ڄاڻي ۽ موليٰ کي هست اثبات ۔ تان جو پاڻ تحقيق نيست ۽ نابود ٿي وڃي ۽ حق تعاليٰ هست ۽ اثبات ۔ يهدالله لنوره مَن يشاءِ ۔ عشق جي ميدان ۾ ڇڙو پاڻ ڪان پاسي ٿيڻ ٿو کپي جو طالب پنهنجو پردو پاڻ آهي ۔ جڏهن پاڻ ڪان پاسي ٿيو تہ طالب ۽ مطلوب جي وچ ۾ پردو ني ڪونهي ۔ جيئن مثنوي: تومباش اصلا وصال اين است وبس ۔ رودرو گم شو ڪمال اين است و بس ۔ جيڪو وڃي محبت جي ميدان ۾ پيو تہ اوهو سواءِ عشق جي پيو ڪجهہ بہ نہ رهيو ۔ سو هميشہ بي خويش ۽ دل ريش پر جوش ۽ خاموش ٿو رهي ۔ مگر ڪنڌي وارو جوش ۽ خروش ۾ آهي ۽ ہڏل خاموش ۔ پر جنهن جي دل ديڳ وانگي جوش ۽ خروش ۾ ناهي تہ اوهو اجا عشق جي ميدان ڪان اوري آهي نہ پهتل ۔ ڇو جو درد ۽ ٻڙڪي جو غماز دانهہ ۽ ٻاڪ آهي يعني جاتي درد ۽ ٻڙڪو هوندو تہ اتي ضرور دانهہ ۽ ٻاڪ بہ هوندي ۽ جاتي نہ درد هوندو ن ٻڙڪو تہ اتي نہ دانهہ هوندي نہ ٻاڪ دل هڪڙو اسرار الٰهي ۽ گنج بادشاهي آهي .

مگر سواءِ رنج جي انهي گنج کي اپڻ ڪو بہ لهي نہ ٿو سگهي - جنهن رنج کي لڌو تہ چاڻ جو انهي گنج کي لڌو - جيئن بيت:

درد جنهين جي دل ۾ هوت تنهين جي هنجهہ،
سعيـــو انهي سور جو تن کي صبح سنجهہ،
ڪوتـــي منجهينئين ڪاڻ سي لوچي لهن گنج،
رانگو سندن رنج فيضل تنهين راه ۾.

غزل:

آفتابي دمر بدمر مي تابداز ايوان ما،
مشرق از خورشيد معنيٰ گشت بامِ جانِ ما.

١. چون غمامر غير رفتہ شمس معنيٰ شد پديد،
سايہ کي باقي نما يد پيش خور تابانِ ما.

٢. دل چو دريا نيست يا خود گويشمش بحري محيط،
مخزني اسرار يا خود مطلعي مانانِ ما.

٣. جامعہ تن رادريده گشت جانمر جلوهٔ گر،
رفت درکون و مکان اين زُمزمہ افغانِ ما.

۴. چون حجابِ کفر هباشدآب گشتہ آشکار،
دردو عالمر رخ نمودد اين بحربي پايانِ ما.

۵. نگهت گل هر زمان از گلبنمر سر ميزند،
کو مشامي تا شمد بوءِ خوش از بو بوستانِ ما،

٦. هان مَرَو يا اَيهُاالمشتاق حيران دربدر،
نَحُن اقرب درنگرزين نکتہ، بُرهان ما.

٧. از فروغِ لااِلـہ اسرار الا الله بہ بين،
کاين کليدر روشن است ازروضہ پنهان ما.
نامر ني فيضل بهانہ رمزر وحي گفتمت ،
اين معمَّارا بايقان بشنواز قرآنِ ما.

مولىٰ ماڻهو کان پري ناهي مگر ماڻهو انهي کي ڏسي نٿو سگهي - جيئن قوله وَفِي أَنفُسِكُمْ أَفَلَا تُبصِرُونَ - ۽ وَهُوَ مَعَكُمْ فَأَيْنَمَا تُكُنتُمْ - پر سواء عشق جي مولىٰ جو پسڻ ۽ ملڻ محال آهي ۽ عشق جو رستو سيئي راهن کان علا حدو ۽ عاشقن جو طبيب ۽ حڪيم - دوا ۽ دارون - استاد ۽ اديب سڀ عشق آهي -

جيئن مثنوي -

اهل دل رازوق و فهم ديگر است -
کان زفهم هر دو عالم برتراست -
هر کراجامه ز عشق چاک شد -
اوز حرص و عيب کلے پاک شد -
شاد باش اي عشق خوش سَو دار ما -
اي طبيب جمله علت هاره ما،
اي دواره نخوت و ناموس ما،
اي تو افلاطون و جا لينوس ما.

نقل آهي ته هڪڙي ڏينهن موسىٰ عليه السلام سير ڪندي وڃي ڪنهن جهنگ ۾ هڪڙو ڏنار ڏٺاء جو وينو ٿو چوي ته اي خدا تعالىٰ تنهنجي جاء ڪاٿي آهي ته مان هر روز اچي ٻهاري ڏيانس ۽ تنهنجا ڪپڙا ڌوئان ۽ تنهنجون جوئان ڳولهيان ۽ توکان صبح سانجهي مکڻ ۽ ماني، کير ۽ ڏهي آڻيان وغيره - ازين قسم قولن ۾ وهلور وينو هو - حضرت موسىٰ کي اهڙن گفتن جي ٻُڌي ڏاڍو منو لڳو - تڏهن دڙڪي سان فرمايائونس ته اي بي خبر اي نادان ايئن نه چئه جو پاڻ ته ڪافر ٿيو آهين پر ٻين کي به گمراهه ٿو ڪرين. پوءِ اوهو ويچارو انهي سخن جي ٻڌڻ سان حيران ۽ پريشان ٿي وسامجي ويو - آخر انهي کي شرعي طور هدايت ڪياء جو خدا تعالىٰ کائڻ ۽ پيئڻ وغيره اهڙن سين ڪمن کان بعد پاڪ ۽ مقدس آهي - اڳتي ايئن نه چئو - جڏهن موسىٰ عليه

السلام انهي کي سمجهائي اتهون روانو ٿيو اجا ڏهہ ويهہ وکان نہ کياء تہ حضرت حق تعاليٰ کان وحي جبرائيل سان عتاب آيس - جو "اي موسيٰ مان توکي ماڻهن جي وصل لاءِ مکو آهي نہ فصل کان - ايهو بندو مان سان گڏ ويٺو هو تون ڇاکان ڌار کيو آهي" جيئن مثنوي موليٰ ناورمي عليہ رحمت - وحي آمد سوءِ موسئے از خدا - سوختہ جان و روانان ديگر اند هرکے راسير تي بنهاده ايم - هر کے را اصطلاحي داده ايم - ملت عشق ازبهمہ دينها جدات - عاشقانہ ملت مذهب خداهت توز مستان قلا ٺوزي مجو - جامہ چاکان راچہ فرمائي رخو - عاشقانهراهر نفس سوزيدنيست - برده ويران خراج و عشر نيست مابرون راننگريم و قال را - مادرون ربنگريم و حال را - آتشے از عشق در جان برفروز - فکر و عبادت رابسوز چونکہ موسے اين عتاب از حق شيند - دربيان درپٺي چوبان دويد - عاقبت دريافت اوراوبديد - گفت مزده ده کہ دستور رسيد هيچ آدابي و ترتيبي مجو - هرچہ ميخواهد دل تنگت بگو - مطلب تہ موليٰ جي محبت ۽ معرفت کان سواءِ ٻيا علم سڀ بي علمي ۽ هنر سڀ بي هنري آهن - فهم سڀ بي فهمي ۽ سمجهہ سڀ بي سمجهي - جيئن بيت: سعدر هنر رگير کہ سر همہ هنريت - جز عشق خدا هر هنرر بي هنرست - علم ڇڙو هکڙو نقطو آهي سواءِ ڄاڻ انهي نقطي جي ٻيو سڀ جهل ۽ ناداني آهي نہ علم ۽ دانائي - جيئن حديث: اَلعلم نقطه وَ کَثرَ تُهَا الجاهلوانَ - انهي نقطي کان مراد خاص توحيد باريَ تعاليٰ جي آهي - پوءِ جنهن کي موليٰ جي توحيد جو ڄاڻ ناهي تہ اوهو در حقيقت جاهل ۽ نادان آهي - توڙي جو عالم ۽ فاضل هجي ۽ جنهن کي توحيد جو ڄاڻ آهي تہ اوهو عالم ۽ فاضل آهي توڙي جو جاهل ۽ نادان هجي - پر موليٰ جي توحيد جو علم بالکُل باريک ۽ غامز آهي جو سواءِ زهد ۽ ذکر فکر جي ڇڙي ٻڌجي سڌ سان انهي کي کو بہ کماحَقہٗ سمجهي نہ ٿو سگهي جو اوهو علم حالي ۽ لدني آهي نہ مقالي ۽ کسبي - غرض تہ علم ٻہ قسم آهي هکڙو علم حالي ۽ ٻيو مقَالي - علم حالي لدني ۽ نُور عَليٰ نور آهي -

اوهو بي تعليم ڇڙو زهد ۽ ذڪر فڪر سان پاڻهين ذاڪر جي دل ۾ پيدا ٿو ٿئي - جيئن بيت بدر ديقين پرده هائي خيال - غاند سراپرده الاجلال - ۽ علم مقالي ڪسبي ۽ سواءِ معرفت مولیٰ جي نامنظور آهي يعني ايهو علم مقالي سواءِ معرفت حق تعاليٰ جي ايئن آهي جيئن چوپائي تي ڪتابن جو بار - جيئن قوله تعاليٰ ڪَمثل حمار يحمل اسفارا - مطلب ته در حقيقت عالم اوهو آهي جو عارف آهي - جنهن ڪي مولیٰ جي معرفت جو ڄاڻ ناهي ته اوهو ڇڙو جاهل ۽ نادان آهي نه عالم ۽ دانا - والله يختص من يشاء - مرد اوهو آهي جو پنهن جهانن جون اميدون مرادان سڀ ڇڏي منهن سارو مولیٰ ڏانهن ڪياءِ - جيئن نقل آهي ته هڪڙي درويش ڪي مرڻ ڪان پوءِ ٻي هڪڙي فقير ڪنهن بلند درجي تي خواب ۾ ڏٺو تنهن ڪان پوءِ پڇياءِ جو ايهو درجو توڪي ڪاٿئون حاصل ٿيو - انهي چيو ته فلاڻي فقير ڪان جو هڪڙي ڏيهن مان واٽ سان لنگهيو پنهي ويس ته گفتگو پيو ڪندو هو - جو جيڪو مولیٰ ڏانهن ٿورو منهن ٿو ڪري ته مولیٰ ٻه انهي ڏانهن ٿورو منهن ٿو ڪري ۽ جيڪو مولیٰ ڏانهن گهڻو منهن ٿو ته مولیٰ ٻه انهي ڏانهه گهڻو منهن ٿو ڪري ۽ جيڪو انهي ڏانهن سارو منهن ٿو ڪري ته اوهو ٻه انهي ڏانهه سارو منهن ٿو ڪري - پوءِ مان ٻه پنهن جهانن جون اميدون ۽ مرادان سڀ ڇڏي منهن سارو مولیٰ ڏانهن ڪيوتڏهن ايهو درجو حاصل ٿيم - يهدالله لنوره من يشاء الله بس باقي هوس جاٽي ڪوني ڪس آهي ته هڪ حرفئي بس آهي نتـه گل ٻه خار خس آهي.

باب ٽيون

دربيان توڪل ۽ توحيد ـ ترغيب ۽ ترتيب ذڪر و فڪر

فصل پهريون

بيان فضيلت توڪل

بيت:

توڪل سندو سندرو ساهي ٻڌو جن،
وَمَن يَتَوَكل عَلے اَلله فَهُوَحَسبهُ قادر ڪافي تن،
اونهيں بحر اوڙ ۾ موران سے نہ منجهن،
ڪري لوڙ لنگهن فيضل تهيں تار مون.

توڪل هڪڙو ربوبي راز ۽ نور جو تجلو آهي ـ سو جنهن جي دل ۾ ٿو چمڪي تہ جهٽ ۾ تاب ڏيئي تنهن ڪي نئين توڙ تور سائي ـ توڪل جي معنيٰ آهي تہ هر شئي حق تعاليٰ جي حوالي ڪرڻ ۽ سبب ڇڏي مُسبب ڪي وٺڻ ـ توڪل وارن کي پاڻ پروردگار دوست ٿو رکي جيئن قوله تعاليٰ اِنَ اللهَ يُحبُ المُتوَكلِين ـ جيڪو ڪنهن نيڪ ڪم ڪي توڪل ڪري وٺندو تہ انشاءَ الله تعاليٰ هرگز انهي کي نئين حاصل ڪندو ـ ڇو جو متوڪلن جو مددگار خود خدا تعاليٰ آهي ـ جيئن قوله تعاليٰ وَمَن يَتَوَكَل عَلے اللهِ فَهُوَ حَسُبه ـ نصيب نصيب هرڪو ٿو چوي پر نصيب ڏٺو ڪنهن بہ ناهي ڇو جو نصيب زالن وانگي غيبي پردي ۾ هميشہ مستور ۽ غائب ٿو رهي ۽ توڪل مرد آهي جو سدائين مردن وانگي اظهار ۽ پيدا آهي ـ پوءِ مرد اوهو آهي جو توڪل جو ٽُر هو ٻنڌي سعيو ۽ ڪوشش ڪري وحدت جي بحر ۾ ڪاهي پوي ـ جنهن سعيو ۽ ڪوشش ڪي ٿو توڪل ڪري ودو تہ ڇاڻ جو انهي وجي پنهنجي مطلب ڪي لڌو ـ جيئن حديث: مَن طَلَبَ شَئي جَدَوَجَدَ ـ مطلب تہ نصيب خود

ڪوشش آهي ۽ ڪوشش توکل . پوءِ جنهن کي توکل آهي تہ ڪوشش بہ ڪندو ۽ نصيب بہ اٿس نہ تہ نہ . تڏهن پاڻ پروردگار مئومنن کي توکل جو امر ٿو فرمائي . قوله تعاليٰ عَلَے الله فَتَوَ کَلُوا انکُنتُم مُئومِنين . يعني خداء تعاليٰ تي پوءِ توکل ڪيو جيڪڏهن آهيو اوهان مئومن ڪان . والله يختص من يشاءُ.

بيان درجات توکل

توکل جا ٽي درجا آهن هڪ عام، ٻيو خاص، ٽيون اخص . اول عام درجو ايهو آهي تہ بندو پنهنجي سڀن ڪمن ۾ مولیٰ کي وڪيل ڪري ڄاڻي . پوءِ انهي جي اختيار جيئن بہ ڪري . ٻيو خاص درجو ايئن آهي تہ پاڻ کي ٻنڌڻ جي ٻار وانگي ٻڌل ڄاڻي جي پيءُ ۽ ماءُ ڪجهہ ڏين تہ چڱو نہ تہ بس ٽيون اخص درجو ايئن اهي تہ پاڻ کي ميت وانگي محض مردو ڪري ڄاڻي پوءِ غسال جي مرضي جاڏي بہ ڦيرائي . پنهنجي خواهش ڪابہ نہ هجي . پر ايها پوئين توکل تڏهن وڃي راست ٿي ٻيهي جڏهن ڪوئي وڃي موتو قبل جي ميدان ۾ داخل ٿو ٿئي . هي هي هاءِ هاءِ . بندي کي سواءِ وقت جي روزي گهرڻ بہ نامناسب آهي . ڇو تہ روزي جو ضامن پاڻ پرودگار . جڏهن ڪوئي زماني جو ماڻهو ڪنهن جو ضامن ٿو ٿئي تہ اوهو ب انهي جي حق ادائي ڪري ٿو سگهي . پوءِ رزاق حقيقي جو رب العالمين ۽ اَحکمُ الحاکمين آهي تہ اوهو ڪيئن بندي جي روزي ادائي نہ ڪري سگهندو . تڏهن مولیٰ جي طالب کي لازم آهي تہ ٻيا خيال ۽ خطرا سڀ ڇڏي ۽ پنهنجو هر ڪم حق تعاليٰ جي حوالي ڪري . رات ڏينهن مولیٰ جي محبت ۽ ذڪر فڪر ۾ محو ۽ مشغول رهي . جيئن قولله تعاليٰ وَ ذکُرسمَ رَبکَ وَ تَبَتَل اَليہ تَبتيلاَ . رَبُ المَشرِقِ وَالمَغرب لاالـہ١ الا هُوَ فَتَخذه وَکيلاَ جڏهن پاڻ پَرودگار ٿو فرمائي تہ پالينڊڙ سَاري مَخلوقات جو مانَ آهيان پوءِ وڻ مانکي وڪيل . پوءِ بندي کي روزي جي فڪر ۽ غمخواري جو ڪهڙو ضرور . بيت:

بدنبال روزي دوبدن چہ سود . توبنشين ڪہ روزرساند ودود .

۽ مثنوي:

هين توڪل ڪن ملرزان پائودست ـ رزق سوبتو عاشق تربت ـ
برسرِ بر لقمہ بنوشتہ عيان ـ ڪز فلان ابن الفلان ابن الفلان ـ

جڏهن هر هڪ لقمي تي تن پيڙهن تاءِ هر هڪ بندي جو نانءُ لکيل آهي پوءِ ڪيئن ملائڪ پلي اوهو لقمون نٿين ٻي ڪنهن کي ڏيندا ـ هي هي هاءِ هاءِ ـ روايت آهي تہ هڪڙي ڏينهن پيغمبر صلي الله عليہ وسلم توڪل جي باري ۾ ڪجهہ بيان پنهي فرمايو ـ جيئن جو بندي کي فڪر ۽ غم ڇڙو خدا تعاليٰ جو بايد ۽ لازم آهي نہ ٻئي ڪنهن ڪم ۽ روزي جو ـ جو روزي رسان پاڻ پروردگار آهي ـ جاتي بہ ڪوئي هوندو تہ انهي کي اتي روزي پيو رسائيندو ـ تڏهن هڪڙي اصحاب جي دل ۾ اچي خيال پيو تہ اج انهي حديث جي تصديق ڪيان ـ پوءِ اتهون روانو ٿي وڃي هڪڙي جبل جي غار ۾ گهري وينو ـ جڏهن اچي اج ۽ بک لڳس تڏهن دل ۾ خيال ڪياءِ تہ هاڻي ڏسان جو روزي رسان هتي ڪيئن آئي مانکي روزي ٿو رسائي ـ اجا انهي غار کان نڪري ٻاهر نهارياءِ تہ ٻلي هڪڙو سانڍ وات کان پلجي پست غار تي ڪنيون ٿو اچي ـ سو مرتي غار ۾ گهري سمهي پيو ـ آخر اوهي سانڍ وارا سڌو اچي غار جي اڳنون بيٺا ـ اندر نهاريائون تہ اوهو اصحاب نظر آئين پوءِ هڪڙو اندر وڃي انهي سان ڳالهائڻ لڳو ـ تہ بہ ڪين ڪڇياءِ ـ انهي دل ۾ خيال ڪيو تہ شايد ڪہ ويچارو اج ۽ بک کان بي طاقت ٿي پيو تڏهن ڳالهائي نٿو سگهي ـ پوءِ وڃي پاڻي جو پيالو پري آڻي وات تي رکيائينس تہ اجا بہ اونهي وٺي پنهنجا ڏند پکيڙيا ـ تڏهن انهي خيال ڪيو تہ شايد ويچاري کي اج ۽ بک کان ڏندڻ پنجي ويا ـ آخر سرائي آڻي وات ۾ ڏنائينس تڏهن چاتاءِ تہ هاڻي تحقيق روزي رسان آڻي روزي ڏنم ـ پوءِ اتي پاڻي پيتاءِ ۽ ماني آڻي ڏنائونس سا بہ کاڌاءِ ـ پوءِ اوهو حال سارو انهن کي بيان ڪري ٻڌاياءِ ـ تڏهن انهن جو ايرادو بہ چندان وڌيڪ ۽ زياده زور ٿيو ـ مطلب تہ جاتي بہ ڪوئي ايرادو ٻڌندو تہ انهي کي پاڻ موليٰ اتي روزي پيو رسائيندو ۽ جيڪو بہ نصيب آهي تہ انهي کان هڪ

ذرو بہ بيش کم نہ ٿيندو جيئن بيت رورواز مشرق تا مغرب رو ۔ هرچہ نصيبت ازان کم نہ شود جو ۔ مگر بندي کي سبب ۽ پيشو سنت ۽ لازم آهي ۔ پر نفعو ۽ نقصان محض مولىٰ کان ڄاڻي ۔ جي انهي کم ۽ سبب کان ڄاڻاءِ تہ کفر ۾ داخل ٿي ويندو ۔ جيئن بيت

ليکہ کاريدن است باعث تو سازگاري زکارساز بجو ۔ گہ شودخشک و خس کہ ميداني ۔ گہ برد صاعقہ بطغياني ۔ ذانکہ کار کني بجز ننذار ۔ کہ زخود بيني است غيرت يار ۔ چون عزازيل ديدکرده خود ۔ رفت دراسفلي بہ ياس ابد ۔

الغرض سبب جو حڪم ايئن آهي تہ بندو کم ۽ پيشو کري پر انهي جو سود ۽ زيان خاص خداءِ تعالىٰ کان ڄاڻي ۔ درد ۽ مرض کي دوا کرائي ۽ شفاءِ محض مولىٰ کان سمجهي مگر آخرت ۾ سڀ کان اعلىٰ اوهو آهي جنهن منهُ ۾ جهاڙُ ۔ فال ۽ داغ کي ڇڏيو ۔ پيو تہ جاءِ جي در کي کُلف هڻي پوءِ ٻاهر وڃي مال کي واڙي يا ڪنهن کي پارت ڏيئي ڇڏي ۔ پوءِ توکل محض مولىٰ تي کري نہ انهي سبب تي خيال ۽ آسرو ۔ والله يختص من يشاءُ ۔ ڪنهن مصيبت جي معذور کان سواءِ بي ڪنهن کي بہ تندرستي ۾ روزي ايئن بي کمون ويئي نہ ٿو ملي ۔ جيئن نقل آهي تہ هڪڙو شخص شکار لاءِ ڪنهن جهنگ ۾ ويو تہ اتي هڪڙي لونبڙي ٽنڊي ۽ منڊي ڏٺائين ۔ انهي جي دل ۾ خيال پيو تہ ڏسان جو ايها اڄ ڪاٿون روزي ٿي کائي ۔ اجا جهٽ اتي نہ وينو ڏسي تہ هڪڙو شينهن بري ڍو رکيون ٿو اچي جڏهن لونبڙي جي پرسان آيو تہ حملو کري کي انهي کي پڳاءِ ۔ تنهن کان ٿورو کجهہ کائي موٽي هليو ويو ۔ پوءِ اوها لونبڙي سيني پر سري اچي انهي کان کائي ڍرو کري وري اتي وڃي ويهي رهي ۔ تڏهن انهي شخص دل ۾ خيال کيو تہ اڳتي مان بہ ايئن ويهي رهندس ۽ روزي ٻاٿهي رب تعالىٰ رسائيندو پوءِ اتهون روانو ٿي وڃي پنهنجي جاءِ تي ويهي رهيو تان جو تنهن کي ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون لنگهي ويون تہ کجهہ بہ نہ مليس ۔ آخر چوٿين رات آواز تہ اي بي خبر ۽ نادان اوها لونبڙي ٽنڊي ۽ منڊي هئي تڏهن ايئن روزي مليس

توکي هٿ ۽ پير مليا آهن جو شينهن وانگي شڪار ڪري پاڻ تہ کاءِ پر اجا ٻيو کو معزور بہ تنهنجي پس خوردي کان کائي ڍرو ڪر وڃي - جيڪڏهن ڪوئي درويش دل ريش توڪل ڪري ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي رات ڏينهن موليٰ جي محبت ۽ ذڪر فڪر ۾ محو ۽ مشغول ٿو رهي تہ انهي کي پاڻ پروردگار بي ڪسب روزي ٿو رسائي - مگر فقير ٽي قسم آهن هڪڙو تارڪ - ٻيو قانع - ٽيون حارص - تارڪ پاڻ بہ ڪنهن کان ڪجهہ نہ گهرن جيڪڏهن ڪوئي پاڻ ڪجهہ ڏيئي تہ بہ نہ وٺن ۽ قانع پاڻ ڪنهن کان ڪجهہ نہ گهرن - جيڪڏهن ڪوئي پاڻ ڪجهہ ڏيئي تہ وٺن ۽ حارص قدر ضرورت جي گهري بہ وٺن - پر اول قسم اول آهي ۽ آخر آخر و الله يختص من يشاءُ - فقير کي فڪر ۽ خيال - تانگهہ ۽ طلب - خوف ۽ غم ڇڙو موليٰ جو ٿو جڳائي جو سواءِ حڪم حق تعاليٰ جي ڪوئي ککہ بہ چري نہ ٿو سگهي جيئن قوله تعاليٰ لاتحَرَک ذرت الاَّ باذنِ الله - بلڪ بندي کي پنهنجو يار ۽ مددگار - وسيلو ۽ وڪيل هر وقتَ ۽ هر حالَ ۾ محض موليٰ کي سمجهڻ بايد آهي ۽ هر شئي انهي جي حوالي ڪرڻ لازم آهي - جڏهن پاڻ پروردگار پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان ٿو فرمائي نعم المولیٰ وَ نِعم النَصيرِ ۽ نِعم الَمولیٰ وَ نَعم الوَکيلِ - پوءِ عجب بندي جي بيخبري ۽ ناداني - جي اجا بہ انهي مالک تي توکل نہ ڪري ۽ وڃي ٻي ڪنهن لاشئي تي اميد ۽ آسرو رکي - پر سواءِ سمجهہ توحيد جي توڪل جو راست بيهڻ محال آهي تڏهن بندي کي اول ڄاڻ توحيد جو واجب آهي بلڪ فرض جيئن حديث طالب العلم فريضت عليٰ کل مسلم - يعني طلب ڪرڻ علم جو پنهنجي قدر آهر سڀ مسلمان تي فرض آهي مگر انهي علم کان مراد خاص حق تعاليٰ جي توحيد جو علم آهي - ڇو تہ سواءِ ڄاڻ توحيد حق تعاليٰ جي مسلماني محال آهي يهدالله لنوره من يشاءُ - الله بس باقي هوس جاتي ڪوئي ڪس آهي تہ هڪ حرفئي بس آهي.

باب ٽيون

فصل ٻيون

در بيان توحيد باري تعاليٰ

بيت:

توڙون جي توحيد جو سمجهيو سر اسرار،
دوست بنا دارين ۾ پيو نه ڏسن هڪ وار،
قُل هُوَالله اَحَد پر جهيو وتن پار،
هر طرفين هڪ يار فيضل پسن هوبهو.

توحيد جو علم هڪڙو اسرار الهي ۽ بحر عميق آهي ۽ بيان انهي جو بي نهايت ۽ بي ڪنار. مگر مختصر بيان قدر ضرورت جي اشاري لاءِ ايترو آهي ته مسلماني ۽ موليٰ جي وصال جو اصول توڪل آهي ۽ توڪل جو اصول توحيد. پوءِ جنهن کي توحيد جو ڄاڻ ناهي ته انهي جي توڪل ۽ ايمان مشڪل آهي. وصال ۽ مسلماني محال. ڇو جو جيڪو سواءِ حق تعاليٰ جي ٻيو ڪجهه به ڄاڻندو ۽ ڏسندو ته ضرور انهي تي ڪا اميد ۽ آسرو به رکندو. پوءِ جنهن کي سواءِ جي ٻي ڪنهن تي اميد ۽ آسرو ٿيو ته انهي کي ڪاڏنهن توڪل ۽ ايمان يا وصال ۽ اسلام پيدا ٿي سگهندو. جيئن قوله تعاليٰ لِكُلٍ وِجهَتٌ هُوَ مُوَ لِيهَا يعني هر ڪنهن کي هڪڙو طرف آهي پوءِ اوهو انهي جو قبلو آهي جيئن نفس جو قبلو زيب ۽ زينت. مال ۽ اسباب دنيا جو آهي ۽ دل جو قبلو آخرت آهي ۽ روح جو قبلو قرب ۽ شوق ذوق الهي آهي ۽ سر جو قبلو توحيد معرفت رباني ۽ ڪشف حقائق اطلاع برهاني آهي. مثنوي موليٰ ناورمي عليه رحمت قبلهٔ شاهان بود تاج و ڪمر.

قبلهٔ ارباب دنيا سيم وزر. قبلهٔ اصحاب منصب مال و جاهه.
قبلهٔ اهل سلوڪ اسباب راه. قبلهٔ صورت پرستان آب و گل.

قبلۂ معنئ شناسان جان و دل ـ قبلۂ حارص بود آزو هوا ـ
قبلۂ قانع توکل بر خدا ـ قبلۂ عاشق وصال بي زوال ـ
قبلۂ عارف جمال ذالجال

مطلب تہ سواءِ ڄاڻ توحيد جي وصال محال ۽ مسلماني مشڪل آهي ـ توحيد جي معنيٰ آهي حق تعاليٰ کي هڪ ڄاڻڻ ۽ هڪ ڏسڻ ـ پر ايئن تہ هرڪو ٿو چوي جو حق تعاليٰ هڪ آهي مگر توحيد جو ڄاڻ ائين آهي تہ موليٰ کي يقين سان هر جاءِ تي حاضر ناظر ڄاڻي ۽ هر مظهر ۾ سواءِ انهي جي ٻيو ڪڪ بہ هست ۽ موجود نہ سمجهي جو هر شئي ۾ عين پاڻ اوهو آهي جيئن قوله تعاليٰ اَللهُ نُورُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرض ۽ فَاَيۡنَمَا تُوَلُّوا فَثَمَّ وَجۡهُ الله ۽ حديث قدسي لَاغَيۡرِي فِي الدَّارَيۡنِ اَنَاالۡاَوَّلُ وَاَنَاالۡاٰخِرُ وَاَنَا الظَّاهِرُوَاَنَا البَاطِنُ ۽ حديث كُلُّ شَيۡءٍ مِنۡ نُورِي وَاَنَامِنۡ نُورِ الله ۽ قول غوث الاعظم رحمت الله عليہ لاشئي موجود غيرالله لقه ۽ بيت يڪي دان ويڪي بين ويڪي گو ـ يڪي خوان ويڪي خواه ويڪي جو ۽ غزل لعل شهباز عليہ رحمت ـ

در نظر اهل دلان حاضروناظر خداست ـ غيرخدا هيچ مران حاضر و ناظر خداست،

١. روشنئ ديده اوست ـ ظاهر و پوشيده اوست ـ غافل و شوريده اوست ـ
حاضر و ناظر خداست،

٢. باهمہ پيچره اوست ـ ازهمہ ببريده اوست ـ مونس و غمديده اوست
حاضر و ناظر و خداست،

٣. دربدروکوبکو ـ پيش پس و وروبرو ـ ظاهر و باطن همہ او ـ
حاضر و ناظر خداست،

٤. کعبہ و بتخانہ اوست ـ مسجد و ميخانہ اوست ـ خانگي و خانہ اوست ـ

حاضر و ناظر خداست،

٥. طالب و مطلوب اوست ـ راغب و مرغوب اوست ـ عاشق و محبوب

اوست.

حاضر و ناظر خداست،

٦. عابد و معبود اوست. ساجدو مسجود اوست. ماجدو موجود اوست.

حاضر و ناظر خداست،

٧. گفتئر مردان گزين. پهلو مستان نشين. ظاهر و باطن بہ بين.

حاضر و ناظر خداست،

٨. رفت از عثمان نشان. گم شده از جسم جان. ظاهر و باطن عيان.

حاضر و ناظر خداست.

ء كلام:

سِر سمجهہ حقيقي حال وچون. هي صاف صنم سپ چال وچون،

١. ڪڏان رومي هي ڪڏان زنگي هي. ڪڏان هر رنگ دي وچ رنگي هي،

ڪڏان صلح بني ڪڏان جنگي هي. ڪڏان خاص يڳاني خيال وچون.

٢. ڪڏان عابد زاهد زهد ڪهون. ڪڏان رند قلندر جهد ڪهون،

ڪڏان بانگ الستي عهد ڪهون. ڪڏان غوث قطب ابدال وچون.

٣. ڪڏان مير وزير امير ڪهون. ڪڏان شاه گدا، فقير ڪهون،

ڪڏان بيد برهمن پير ڪهون. ڪڏان پياسي ڪيف ڪلال وچون.

۴. ڪڏان عُشوي غمزي ناز ڪهون. ڪڏان گيسو زلف دراز ڪهون،

ڪڏان شائق سوز گداز ڪهون. ڪڏان جلويدار جمال وچون.

۵. ڪڏان بلبل زار نزار ڪهون. ڪڏان گل ڦل باغ بهار ڪهون،

ڪٿان بَرَ بحر بازار ڪهون. ڪٿان رڻ پٽ روهه جبال وچون.

٦. سڀ وحدت دي ڪلمات ڪهون. لک بات وچون هڪ بات ڪهون،
پن پول صفاتي ذات ڪهون. ايهو نسخا مجرب فال وچون.

٧. ڪيا بحر محيط بيان ڪهون. ڪر خطري وهم زبان ڪهون،
حق پاڪ صمد سبحان ڪهون. نهين فرق فيضل هڪ وال وچون.

بلڪ انهي باب ۾ اڪثر عارفن فرمايو آهي. مارئيت شيئي الاالله. پر سواءِ ڏک بک ۽ ذڪر فڪر جي ايهو حال پرائڻ محال آهي. مگر عام بندي کي ايترو لازم آهي ته هر شئي کي حق تعاليٰ جي هستي سان هست ۽ موجود ڄاڻي ۽ سبب کي ڇڏي پرو سو محض مسبب تي رکي جو ته سبب دراصل پاڻ ڪا شئي ناهي مگر ايها هستي انهي ۾ محض موليٰ جي آهي. بلڪ تمامي مخلوقات حق تعاليٰ جي هستي سان اهست ۽ موجود آهي سواءِ انهي جي سڀ نيست ۽ نابود. تڏهن موليٰ جي طالب کي واجب آهي ته پاڻ کي اصل ڪا شئي نه پان ني ۽ يگانگي جو سرمون اکن ۾ پائي. جيئن قوله تعاليٰ فَعلَم انَه لاَالَـهَ الاللهُ. يَهدالله لنوره مَن يشآءُ. اَللهُ بس باقي هوس. جاتي ڪوئي ڪس آهي ته هڪ حرفئي بس آهي.

باب ٽيون

فصل ٽيون

دربيان ترغيب ۽ توبه

بيت:

محبـــــوب جي محلات کي لکين دروازا ـ
جيڪو جنهن سـائين وچي جهل پل ڪانهي ڪا،
جيـڪي آيا سي اگهيــا درد دلبر جي ما ـ
اهــڙو بحر عــطا فيضل سنـدم سو پرين.
پر فيضل سندم سو پرين سونهن سندو سلطان ـ
هڪ تجـلي تنهنجي ڪير عــالم پريشان
جن ملائـــڪ آدمـــي سينـــي سرگردان ـ
شمس قـمـر حـوران پريون حيرت ۾ حيران،
ڪري ڪيـر بيـــان فـيضل حسن حبيب جو.

جاٽي درد آهي ته مرد آهي نه فقط گرد جي گرد آهي پڪو تان؛ توڙي جو پڇي پورا تو ٽني ته به نڪريون انهي جون قيامت تان۔ قائم ٽيون رهن ۽ ڪچو تان؛ جڏهن پڪو ته جهت ۾ دز جي دز ٽي تو وچي جو پتو به ڪنهن کي معلوم نه تو ٽني ته ايهو اتي هيو الاء نه ـ مطلب ته سواء عشق مولا جي ماڻهو جو وجود مڙني ڪچو آهي تان جو نينهن جي نهائين ۾ پچي پڪو نه ٽني ـ تڏهن مولا جي طالب کي برهه جي باهه ۾ جلڻ ۽ ڪامڻ تو کپي پر جلڻ ايهو جوهر آهي ۽ سڙڻ ايهو سون مگر انهي مام کي پيو پروڙي تو ڪونه ـ فقير لاء سيج ۽ پلنگ طول ۽ وهاڻو سپ پٽ جا پوٺا ۽ چپر جون چيون آهن ۽ خوراڪ خون جگر جو ـ چو جو وصال جي لعل کي اصل ڪان نثين سورن جي پانهڻ ۾ سانيياٽون ـ پوء جيڪو ڏکن جي ڏونگر ۾ پير ٺي نه پائيندو ته اوهو

وصال جي لعل کي ڪيئن لهي سگهندو ـ تڏهن طالب لاءِ نيش نوش آهي ۽ مناٺي زهر ـ بک رحم آهي ۽ ڏوراني قهر ـ هڪڙي فقير جو نقل آهي تہ پاڻ فرمائيندو هو اوها رات مان بکيو نہ ٿيس جو هڪڙو نئون نور جو ظهورو مانتي جلوه گر نہ ٿيو ـ هي هي هاءِ هاءِ ـ جڏهن ڪوني عاشق مهجور معشوق جي درد ۽ فراق ۾ دانهون ۽ ڪوڪان ٿو ڪري تہ اوهي انهي جون داهان ناهن بلڪ اوهو خود معشوق جو تعال تعال آهي يعني اچ اچ ـ جيڪڏهن معشوق پاڻ نہ گهري تہ عاشق جي دل ۾ ڪا ڏنهن درد ۽ فراق پيدا ٿي سگهندو ـ يهدالله لنوره من يشآءُ .

بيان تمثيل عشق معجزه

درد هڪڙو معجزو آهي ۽ صحت سحر ـ ڪل هڪڙي زل آهي ۽ گريو مهر ـ انهي درد کان مراد عشق الٰهي آهي ـ جو جڏهن ڪنهن بندي جي دل ۾ اچي عشق جو درد ۽ فراق ـ سوز ۽ گداز ٿو پوي تہ جهٽ ۾ نفس فرعون جي سحر ۽ جادن واري لشڪر کي هٽي تباهہ ڪري ٿو ڇڏي ـ مثال تہ روح هر انسان جو موسےٰ آهي ۽ ذڪر عاصو ۽ عشق معجزو ۽ نفس هر ڪنهن جو فرعون آهي ۽ انهيءَ جون اميدون ۽ مرادان ـ خوشيون ۽ خواهشان سڀ سحر ۽ جارن جو لشڪر پوءِ جڏهن انسان سان ذڪر جو عاصو آهي تہ موسےٰ بہ آهي ۽ معجزو بہ اتس جي خواهش واري لشڪر سان وڙهي بہ سگهندو نتہ نہ ـ خالي موسے يلا فرعون جي فوج سان ڇا وڙهي سگهندو ـ تڏهن طالب کي لازم آهي تہ انهي اسم ذات جي عاصي کي ڪڏهن بہ دل جي هٿون ڇوڙي نہ ڇڏي ـ ڇو تہ عشق جو معجزو سارو انهي اسم ذات ۾ ڇپيل آهي ـ پوءِ جنهن دل ۾ ايهو اسم ذات نہ هوندو تہ انهي ۾ موليٰ جو درد ۽ فراق ـ سوز ۽ گداز ڪاڏنهہ پيدا ٿي سگهندو ـ هي هي ۽ هاءِ هاءِ ـ ڪِل تڏهن غضب ۽ زِل آهي جو جڏهن ڪوني ماڻهو ٿو ڪلي تہ انهي کي موليٰ جو ذڪر ۽ فڪر ـ خوف ۽ خيال سڀ وسري ٿو وڃي ۽ انهي ۾ حاصل ۽ وصول بہ سواءِ ڏوهہ ۽ گناهہ جي ٻيو ڪجهہ بہ ٿي نہ ٿو سگهي ـ ٻيو تہ ڪِلڻ

دراصل نفس جي خوشي ۽ خواهش آهي پوءِ جنهن شخص موليٰ کي وساري ڇڏيو نفس جي عيش ۽ عشرت. خوشي ۽ خواهش ۾ پنهنجي ساري عمر برباد ۽ رائگان زيان ڪئي ته انهي تي ڪيئن خداء تعاليٰ غضبناڪ ۽ ناراض نه رهندو ۽ اوهو ڪاڏنهن موليٰ جي فضل ۽ ڪرم وار بحر کان بهره ور ٿي سگهندو هي ۽ هاءِ هاءِ.

بيان گريہ وآهہ سرد

گريو تڏهن مهر ۽ رحم آهي جو جڏهن ڪوئي بندو موليٰ جي درگاهہ ۾ شرم سار ۽ پشيمان ٿو ٿئي تڏهن ٿو روئي ۽ زاريون ٿو ڪري - پوءِ جنهن وقت جو بندو پشيمان ٿي ٿو روئي ته انهي وقت پروردگار جي رحم ۽ غفاري جو درياهہ جوش ۽ موج ۾ ٿو اچي ۽ انهي کي پنهنجي فضل ڪرم جي بحر کان حساب بهره مند ٿو ڪري - جيئن قوله تعاليٰ وَسۡتَغۡفِرۡهُ انه كَانَ تَوَاباً - مطلب ته جنهن شخص هن جهان ۾ پشيمان ٿي رنو ته اُوهو ضرور وجي پنهنجي مطلب سان پنو - عجب گريئي جو زور جو جڏهن ڪوئي ٻار خوش ۽ چپ آهي ته سندس ماءُ کي خبر ئي ڪانهي - جڏهن اوهو ٿو روئي دانهون ٿو ڪري ته مهر مان ماڻس جا ٻُبا ڀاڻهين کير کان پرجي پيا ٿمن ۽ هارجن ٿا - جيئن مثنوي موليٰ رومي عليہ رحمت تانگريدابر کي خندد چمن - تانگريد طفل کي جوشدلبن - طفل يک روزه هميداند طريق - کہ بگريد تا رسدداية شفيق تونميداني کہ دايہ دائگان - کم دهد جز گر يہ شيرت رائگان - مطلب ته سواءِ سڪ ۽ روئڻ آهہ ۽ دانهن جي پروردگار جي مهر ۽ ڪرم جي درياهہ جو موج ۾ اچڻ محال آهي - واه وا گريئي جو زور ۽ عجب سرد آهہ جي تيزي - جو جڏهن ڪنهن درد مند جي دل مان هڪڙي سرد آهہ اچا چپن کان ٻاهر نہ ٿي نڪري ته اڳي وجي عرش عظيم ۾ ٺڪا ٿي ڪري - تڏهن ڇاڃي ٿو ته روئڻ جهڙو زور ۽ سرد آهہ جهڙي تيزي ساري جهان ۾ ٻي ڪنهن شئي کي ڪانهي - پوءِ اهڙي قوي همراهہ ۽ سهر سنگت کي سڪ جي سفر ۾ چلڻ کم ڪمعقلن ۽ نادانن جو آهي -

بيت:

عشق جهڙو اوبر ڪونهي دل جهڙو درياهه
دمن جهڙو موتي ڪونهي تڪي مثل آهه
محبت جهڙي مني ڪانهي سهڻو پاڻ الله
پسج منجهه پساهه فيضل انهي فهم سان.

جيڪڏهن ڪوئي درويش دلريش منجهه حالت لااميدي ۽ لاچارگي جي اسُر يا اڌ رات کي هڪڙي سرد آهه پنهنجي دل پر درد ڪان متي آڻي ته نزديڪ حق تعاليٰ جي اوها هڪ سرد آهه زياده زور آهي ڏانهه ڏهن ڏهاڪن ۽ چاليهن چلن جي جيئن بيت:

يڪ آهي بر اَز چل چلہ وده دهي،
ڪہ ازلا علا جي بر آيد گهي.

مولىٰ جي طالب لاءِ جهڙو ڪم جو بي اميدي ۽ بي چارگي ـ سڪ ۽ سرد آهه ٿي ڪري ته نه بڪ ٿي ڪري نه فاقيو ـ نه چلو ٿو ڪري نه ڏهاڪو ـ نه ورد ٿو ڪري نه وظيفو ـ نه ذڪر ٿو ڪري نه فڪر ڪو ـ ذڪر گهڻو ته ملائڪ ڪر وبي ۽ سبوحي بہ ڪن ٿا جو اوهي هميشان ذڪر ۾ آهن ته انهن کي ايهو درجو حاصل ٿي نه ٿو سگهي جيڪو عاشقن کي حاصل ٿو ٿئي نقل آهي ته جڏهن با يزيد بوستامي عليہ رحمت الـلهي بارگاه ۾ وارو لڌو ته پاڻ پرودگار فرمايس جو اي بايزيد رح جڏهن مان وٽ اچين ته اوها شئي پاڻ سان آڻ جيڪا منهنجي خدائي خزاني ۾ نه هجي ـ تڏهن ٿي عرض ڪياءِ جو اي خداءِ تعاليٰ اوها ڪهڙي شئي آهي جو تنهجي خزاني ۾ نه هوندي ـ مالڪ فرمايو ته اوها آهي عجز ۽ نياز ـ بي چارگي ۽ خستہ دلي جو ايها چيز منهنجي خزاني ۾ ناهي ـ تڏهن ايها شئي مان وٽ سڀ کان پسند آهي مطلب ته مولىٰ وٽ سواءِ سوز ۽ گداز ـ عجز ۽ نياز ـ نيستي ۽ ناچارگي جي بي ڪا شئي ڪارگرتي نٿي سگهي ـ تڏهن فقير کي لازم آهي ته ايهو تحفو ڪڏهن بہ پنهنجي هڙ کان ڇوڙي نه ڇڏي ـ جي اڳي ٽورو اٿيس ته اجا بہ

وڏيڪ ميڙي پنهنجي هڙ ۾ هٿي. عاشق کي لازم آهي جو جيڪا چيز معشوق کي وڻي ته پاڻ سان شئي به اوها ڪٽي. بيت:

چودرچشم شاهد نيا يدزرت،

زرو خاڪ يڪسان نمايد برت.

بيان فضيلت فاقئي ۽ شب خيزي

انسان کي عشق جي ميدان کان پري ٿو سٽي خواب ۽ گهڻو کائڻ. تان جو ڪوئي انهن کي نه گهٽائيندو ته محبوب سان ملي ڪين سگهندو. جيئن بيت:

خواب و خورت زمبرتبهٔ عشق دور ڪرد،

انگہ رسے بيار ڪہ بي خواب و خورشوي.

پاڻ پروردگار زبور ۾ فرمايو آهي: مَن نَامَ عَنِي نَامَ عَنهُ وِصَالِي. بک ۽ بيدردي هڪڙو الهي فضل ۽ ڪرم جو بهرو آهي. پوءِ جنهن کي پاڻ پروردگار ٿو گهري ته انهي تي ايهو تحفو امداد ٿو ڪري. مطلب ته رباني راهه ۾ طالب لاءِ بک ۽ بيداري جهڙو يار ۽ مددگار ٻيو ڪوئي ڪونهي. جو جو بک سان نفس مغلوبهٔ ۽ مطيع ٿو ٿئي ۽ بيداري سان دل روشن ۽ اڇي. انهي بک ۽ بيداري جي اهڙي ته خاصيت آهي جو جڏهن ڪتو رات کي بکيو ۽ بيدار ٿو ٿئي ته انهي جي دل به روشن ٿي ٿئي جو جيڪي بلائون ۽ آفتون آسماني رات کي نازل ٿيون ٿين ته انهن کي ڏسي ٿو تڏهن ايهي دانهون ۽ ڪوڪان ٿو ڪري. وهہ وابکہ جي خاصيت ۽ عجب اوجاڳي جو اثر. جڏهن ڪتي جي دل بک ۽ بيداري سان روشن ٿي ٿئي پوءِ جيڪڏهن ڪوئي انسان رات کي بکيو ۽ بيدار ٿيندو ته انهي جي دل ڪيئن روشن ۽ اڇي نه ٿيندي ۽ اوهو ڪيئن الهي اسرار ۽ راز ڏسي نه سگهندو هي ۽ هاءِ هاءِ. رات هڪڙو الهي اسرار ۽ رحمت جو دريا آهي ۽ اسر هڪرو سخا ۽ ڪرم جو چشمو. تنهن ۾ بيداري هڪڙو فيض ۽ فضل جو بهرو. پوءِ جيڪو اسُر جي وقت سمهين ننڊان ڪندو ته اوهو انهي فيض ۽ فضل جي بهري کان ڪيئن بهر وند ٿي سگهندو. جيئن ابيات:

هر ڪہ وقت صبح دم درياد حق بيدار نيست
او محبت راچہ اند لائق ديدار نيست
خفتہ بشدهچو حيوان عمر خود ضايع ڪند
رخت او دزدي بروچون پاسبان هوشيار نيست.

عاشق جي ننڊ تہ انئي پهر قتل آهي مگر طالب ڪي اڌ رات ڪان پوء ننڊ ناروا آهي بلڪ حرام - جيئن حديث: اَلنَوم عَلَےٰ الْمُحِبِ حَرَامٌ - ننڊ هڪڙي غفلت ۽ وسارو آهي پوء غفلت ۽ وسارو ڪيئن دوستن تي روا ۽ حلال هوندو - مطلب تہ جنهن بندي رات جي بيداري ۽ صبح جو سڌارو ڇڏيو تہ انهي محبت جي ميدان مان ڪجهہ بہ نہ وٺيو - جو اڌ رات ڪان بعد صبح تاءِ الٰهي رحمت جا دروازا تا ڪلن ۽ واردات نوراني نازل تا ٿين ۽ صبح ڪي رحم ۽ غفاري جو دريا موج ۾ تو اچي - سخا ۽ ڪرم جون نديون جاري ۽ روان ٿيون ٿين - جيئن جو پاڻ پروردگار انهي وقت سڀ ڪي سڏ تو ڪري تہ ڪاتي آهي اوهو گنهگار معذور جو معافي گهري تہ ڏوهہ گناهہ سڀ بخشي ڇڏيانس ۽ ڪاتي آهي اوهو بيمار رنجور جو شفاع گهري تہ صيحت ۽ تندرستي ڏيانس ۽ ڪاتي آهي اوهو قيدي مجبور جو خلاصي گهري تہ ڇوٽڪارو ۽ رهائي ڏيانس ۽ ڪاتي آهي اوهو عاشق مهجور جو وصال گهري تہ پنهنجو قرب ۽ ديدار حاصل ڪيانس - عجب مالڪ جي مهرباني ۽ غفاري جو هر رات اسُر ۽ صبح ڪي پاڻ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان هر بندي ڪي سڏ ڪري تو ٻڌائي پوء حيف ۽ هزار حيف آهي اسان ڪي جي انهي وقت سمهين ننڊان ڪيون.

غزل:

گرشوي محرم از مقام صبح - نڪني خواب مستدام صبح
تاسحر گاه از شبابِ شب - خيز تا ميرسي بڪام صبح
جز غم و رنج شب ڪي گردي - باگل خويش هم ڪلام صبح
بلبلان در بهار مينا لند - بسرسربهر انتظام صبح
تير آهي ڪہ مير سد بحدف - آن يقين دان زقوس قيام صبح

گر بخواهي ڪ ميرسم ب حبيب. بگذراز خويش جام صبح
فيضل اين و هب راز رحماني. عين ديدم ز فيض عام صبح

رات هڪڙو الــهي راز آهي ۽ تنهن ۾ بيداري عاشق لاءِ ني ڪارساز. جيئن بيت:

شب آمد راز داري عشق بازان. شب آمد سازڪاري عشق بازان

جيڪو حيوانن وانگي ساري رات ستو ت انهي هن جهان جي ۾ني ڪان ڪجهہ ب ن وٺيو تنهنجو سارو انبار دَمَنِ جو برباد ۽ رانگان زيان تي ويو هي هي ۽ هاءِ هاءِ. انسان جي عمر عزيز آهي چاليهن ورهن تاءِ انهي ڪان پوءِ برهہ جي بازار ۾ پکوڙي ٿانوَ وانگي ڪمقدر ۽ ڪم قيمت تي ٿو پوي. جيئن بيت:

در مطبخ رندان جز نکو را نکشند. لاغرِ وضيف وراثت خورا نکشند

مگر جاڻي ب جوني هجي ت انهي پنڌ ڪان پير ٻاهر ن ڪڍي. جوان هجي توڙي ٻڍو سست هجي توڙي سبر. مطلب ت انسان جنهن حال ۾ هجي ت هميش انهي رباني راهہ ۾ پيو رڙهي جو هي جهان جاءِ ويهڻ جي ناهي جنهن هتي حق تعاليٰ کي ن لڌو ت اتي ب لهي ڪين سگهندس. جيئن قوله تعاليٰ مَن هـٰذِهِ الاعميٰ فَهُوالآخرت خرَتِ اعميٰ. جيڪڏهن ڪوئي شخص پنهنجي عمر ساري رباني راهہ ۾ خرچ ڪري پر تقديراً موليٰ سان ملي ن سگهي تڏهن ب ڪوني فڪر ڪرنهي. ڇو جو اهڙي معشوق کي پنهنجي ايڏي حسن تي ناز ۽ وڏائي لازم ۽ لائق آهي. ٻيو ت آخرت ۾ اوهو عاشقن جي ٽولي سان سڏبو. پر افسوس آهي جو موليٰ کي ڏسي ڪو ن ٿو سگهي. جيڪڏهن ڪوئي انهي جي حسن جو هڪڙو تجلو ڏسي ت پاڻهين پرواني وانگي جهٽ ۾ پرواز ڪري وڃي انهي شمع ۾ پچي پوي انهي ڪري وڃي شمع ۾ پچي پوي جيئن مثنوي موليٰ ناورمي رحمت الله عليہ: گر ب بيني يڪ زمان حسن ودود.

اندرا آتش افگني جان وجود

اصل سديو سف جمال آن ذوالجلال. اي ڪم اززن شو فدائي آن جمال
گر ترا از عشق اوبا شد خبر. از تو مشتاق است او مشتاق تر

عجب تہ انهي ڳالهہ جو آهي جو جيڪڏهن هن جهان ۾ ڪوئي ماڻهو حسين ۽ خوب صورت ٿو ڀڄهي تہ هر ڪنهن جي دل ۾ خيال ٿو ٿئي تہ جيڪر انهي کي وڃي ڏسو بلڪ ويجهي وارا تہ ضرور وڃي ڏسندس پر پري وارن کي بہ ڏسڻ جو خيال باقي هوندو - پوءِ مولئ محبوب حقيقي جو سڀن سهڻن جو سلطان ۽ هم حسينن جو اصول آهي - هر ڪنهن کي ويجهو بلڪ ويجهي ڇوڻ ڪان بہ ويجهڙو آهي تہ ڪنهن کي ايترو خيال بہ نٿو ٿئي جو ڇڙو پنهنجي دل جي آئيني ۾ جهاتي پائي انهي کي ڏسون - پيو تہ جيڪڏهن ڪنهن حسين ماڻهو جي ڏسڻ لاءِ ڪو مشتاق ٿو وڃي تہ اوهو پنهنجي حسن جي ناز ۽ وڏائي ڪان ڪنهن مسڪين ۽ مفلس ماڻهون کي تہ پنهنجي منهن پوڻ بہ نہ ٿو ڇڏي ۽ حق تعالئ جو احسن الحسين ۽ احڪم الحاڪمين آهي تہ انهي جي ڏسڻ لاءِ توڙي ڪوئي غريب ۽ يتيم - ضعيف ۽ نهيف - مفلس ۽ مسڪين مطلب تہ ڇا اعلئ ڇا ادنئ جيڪو بہ انهي ڏانهن ٿو وڃي تہ اوهو پنهنجي ديدار ۽ درگاهہ ڪان ڪنهن کي بہ محروم ۽ مايوس نہ ٿو موٽائي - هي هي ۽ هاءِ هاءِ - جيڪو بندو دنيا جي دوستي ڇڏي ۽ پنهنجي وجود کي وساري مولئ کي ياد ٿو ڪري ۽ دوست ٿو رکي تہ پاڻ پروردگار بہ انهي کي ياد ٿو ڪري ۽ دوست ٿو رکي بلڪ غير ۽ ڪثرت جي ظلمات ڪان ڪيي انهي کي پنهنجي يڪانگي ۽ وحدت جي نور ۾ داخل ٿو ڪري ۽ جيڪڏهن ڪوئي پاڻ منڪر ٿي مولئ کي ٿو وساري - دنيا ۽ پنهنجي نفسي خواهش کي دوست ٿو رکي تڏهن پاڻ خدا تعالئ انهي کي اسلام ۽ وحدت جي نور ڪان ڪيي - ڪفر ۽ ڪثرت جي ظلمات ۾ داخل ٿو ڪري جيئن قوله تعالىٰ اَللّٰهُ وَلِيُّ الَّذِينَ آمَنُوا يُخرِجُهُمْ مِنَ الظُّلُمَاتِ اِلَى النُّورِ - وَالَّذِينَ كَفَرُوا اَولِيَاءُ هُمُ الطَّاغُوتُ يُخرِجُونَهُمْ مِنَ النُّورِ اِلَى الظُّلُمَاتِ - مطلب تہ وسارو ۽ بي وفائي ساري بندي جي طرفون آهي نہ مولئ جي طرفون محض مهر ۽ وفا آهي جيئن ڪلام قدسہ غوث اعظم رحمت الله عليہ - بي وفائي هم جانب تست اي محي ورنہ از ماکہ خدائيم هم مهر و وفاست -

بيان ندامت و توبه

جيڪڏهن ڪوئي بندو موليٰ ڏانهہ هڪ قدم ته کڻي ته پاڻ مالڪ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان انهي ڏانهہ ڏهہ قدم ته کڻي ۽ جيڪڏهن ڪوئي بندو رات ۾ ننڊ کان پاسو ڇوري يا الله ته چوي ته پاڻ پروردگار ٿو فرمائي جي اي بندا منهنجا مان حاضر ناظر آهيان. جيڪڏهن ڪوئي بندو گنهگار پنهنجي بدن کان پشيمان ٿي موليٰ جي درگاهہ ۾ توبہ ٿو ڪري ته پاڻ حق تعاليٰ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان انهي جون بنديون ته سڀ بخشي ٿو ڏئي بلڪ بجاء گناهن جي اجا انهي جي عمل نامي ۾ اوترو ثواب لکائي ٿو ڇڏي. جيئن مثنوي:

ستياتت رامبدل ڪرده حق. تاهمہ طاعت شوند آن ما سبق

جيڪڏهن انسان ڏوهہ ۽ گناهہ اصل نہ ڪريها ته پاڻ خدا تعاليٰ انهي قوم کي گم ڪري ٻي هڪڙي قوم پيدا ڪري ها جو اوهي ڏوهہ ۽ گناهہ ڪري معافي گهرنها ته موليٰ انهن کي بخشے ڇڏي ها. تان جو حق تعاليٰ جي غفاري جو دريا برباد ۽ رائگان نہ وڃي ها. آدم زادي کي ڏوهہ ۽ توبہ ۾ عجب ڪونهي ڇو جو ايهو ڏاڏو ٿي پيشو آهي مگر عجب اونهي ۾ آهي جو ڏوهہ ڪري ۽ توبہ نہ جو ايهو شيطاني پيشو آهي. بندو اوهو چڱو جو خدا تعاليٰ جي درگاهہ ۾ هميشان عذر تقصير جو گهر دڙ هجي. جيئن بيت:

بنده همان بہ ڪہ زتقصير خوش. عذر بدر گاه خدا آورد

مطلب ته موليٰ جي درگاهہ ۾ جيڪو بہ پشيمان ۽ هيٺو ٿو ٿئي ته اوهو عزت ۽ هنڌ ٿو لهي ۽ جيڪو سرڪش ۽ خود پسند ٿو ٿئي ته اوهو محروم ۽ تزليل ٿي ٿو وڃي. هي هي ۽ هاء هاء. هڪڙي ڏينهن شيخ شبلي عليہ رحمت کان پڇيائون جو ساري ڪلام الله مجيد مان ڪهڙي آيت زياده زور اميد ڏيڪاريندڙ آهي. پاڻ فرمايائون ته قُلُ كُلٌ يَعمَلُ عَلٰے شا ڪلته پوء عرض ڪيائون ته انهي آيت ۾ اميد جو ڪهڙو نتيجو آهي پاڻ فرمَايائون جو موليٰ ٿو فرمائي ته هر ڪوئي پنهنجي قدر آهر عمل ڪندو. پوء موليٰ سڀ کان سهڻو ۽ غفور الرحيم آهي اوهو

پنهنجي قدر آهر ڪرم ڪندو تہ هر ڪوئي اتي بخشجي ويندو ۔ وہ وا پروردگار جي ستاري ۽ غفاري ۽ عجب انهي جي نام جي وڏائي ۽ ٻگورائي پر هتي انهي جي ناءَ جي خبر ڪنهن کي ڪانهي مگر قيامت جي ڏينهن هر ڪنهن کي انهي اسم جي پاڻهين خبر پوندي جيئن روايت آهي تہ هڪڙي شخص کي حشر گاهہ ۾ آڻيندا جو انهي جي ساري عملنامي ۾ ڇڙاڏوهہ ۽ گناهہ لکيل هوندا ۔ ثواب ۽ نيڪي انهي ۾ سواء سبحان الله والحمدالله والاالـہَ ألاالله والله اڪبر جي ٻي ڪا شئي نہ هوندي ۔ آخر پاڻ پروردگار ملائڪن کي امر ڪندو تہ انهي جا عمل توريو ۔ پوءِ ملائڪ اچي تورڻ لاءِ ويهندا تہ اوهو ويچارو منهن زرد ۽ دل پر درد ٿي ملائڪن کي چوندو تہ منهنجي نيڪي جو هڪ پرزو آهي ۽ بديئن جا آسمانن جيڏا انبار ۔ مان ائين گرفتار آهيان اوهان کي جاڏي بہ نيڻو آهي تہ مانکي اوڏهين نيو ۔ تڏهن ملائڪ انهي جو ايهو حال ڏسي تورڻ کان بس ڪري ويهندا ۔ موٽي مولا ملائڪن کي فرمائنيدو تہ چو بس ڪيَو انهي جا عمل توريو ۔ پوءِ ملائڪ تارازو جي هڪ پاسي تي اوهو هڪ پرزو نيڪي وارو رکندا ۽ ٻي پاسي تي ساري عمر جي بديئن جا انبار ۔ جڏهن ملائڪ ترازو کي وني مٿي ڪندا تہ اوهو بديئن وارو پاسو پُر هن کان بہ مٿي چڙهي ويندو تہ نيڪن وارو پاسو اجا زمين کان بہ مٿي نہ اٿندو ۔ تڏهن ملائڪ سڀ حيران ٿي ويندا پوءِ پاڻ پروردگار فرمائيندو تہ اي ملائڪو اوهان ان ڳالهہ ۾ حيران نہ ٿيو جو انهي پاسي تي جو منهنجو ناءُ آهي ۽ هن پاسي تي ڇڙيون بديون ۔ پوءِ بديون منهنجي نام سان ڇا برابري ڪري سگهنديون مطلب تہ پاڻ پروردگار اهڙو غفور ۽ رحيم آهي ۽ ناءُ انهي جو اهڙو مڪرم ۽ معظم ۔ پوءِ سياڻو ۽ سياڳو ماڻهو اوهو آهي جو دنيائي ڏنڌا سڀ ڇڏي ڪنهن ڪند ۾ ويهي رات ڏينهن مولي جي محبت ۽ ذڪر فڪر ۾ محو ۽ مشغول رهي ۔ يهدالله النوره من يشآء ۔ الله بس باقي هوس جاتي ڪوئي ڪس آهي تہ هڪ حرفئي بس آهي.

باب ٽيون

فصل چوٿون

دربيان ترتيب ذڪر فڪر

بيان فضيلت تلقين پير

مثنوي:

علم باطن ٻهچو مسڪ علم ظاهر ٻهچو شير
ڪي شودبي شير مسڪ ڪي شودبي پير پير .

وطن جي حب ڪان وصل جي ٻوه تي اچي ۽ وساري ڪان فصل جي ٻانس. جيئن حديث حُبُ الوَطنِ مِنَ الايمان. انسان هڪڙو مُرغ لامڪاني ۽ پکي پرديسي آهي مگر هَن ديس ۾ هڪڙي راز ۽ قسمت داڻ پاڻي جي آندس پر ايها خبر ني ڪنهن ڪي ناهي جو مان ڪير آهيان ۽ ڪاٿئون آيس ۽ هتي ڪهڙي ڪم آيو آهيان ۽ موٽي ڪاٿي ويندس. جنهن کي ايتري خبر ٻه ناهي ته پوءِ اوهو ڪيئن وڃي اصلي وطن تاءِ پهچي سگهندو. وري ٻه انهي کي ڪوئي مرغ لامڪاني نئين اوهو ڏيهه ڏيکاري ڇو جو بي جنس، بي جنس جي ٻولي سمجهي نه ٿو سگهي مگر هم جنس، هم جنس جي ٻولي ٿو سمجهي. جيئن طوطي کي اول آئيني ۾ ماڻهو جي ٻولي ٿا سيکارن پر طوطي کي ايها خبر ناهي ته آئيني جي پوئتون ڪوئي ماڻهو ٿو ڳالهائي اوهو فقط پنهنجي شڪل کي آئيني ۾ ڏسي ايئن ٿو ڄاڻي ته ايهو آواز انهي ئي طوطي جو آهي. تڏهن طوطو آدمي جي ٻولي ٿو سکي. پاڻ پروردگار ٻه ايئن جڏهن ڪنهن بندي کي پنهنجي دوستي لاءِ ٿو گهري ته انساني لباس ۾ اولي ٿي اچي انهي کي پنهنجو رستو ٿو لائي ۽ پيت ٿو ٻڌائي. جيڪڏهن پاڻ انبيائي ۽ اوليائي لباس ۾ جلوه گر ٿي نه اچي ها ته خلق کي ڪير هدايت ڪريها ۽ ڪيئن ڪوئي رباني رستو لهي ها. جيئن

مثنوي:
رومي عليه رحمت - گرنبودي درلباس انبيآ - کي نمودي خلق را راهِ هدا
ور نبودي در لباس اوليآ کي نمودي رهنمائي خلق را -
آفتاب آمد دليل آفتاب - گرد ليلت بايدازوي رخ مهتاب.

بيت اردو:
مرشد ميرا شاه رکيل هے - جس کا جگ سلامي،
جن ملائک حوران پريان هردو جهان غلامي،
مين مرشد کُون سمجھ سجاتا کيا جاڻي خلقت آمي،
صورت صاف صنم ديکھا تھا نام جس کا نامي،

ويکر حسن محبوب فيضل هوگيا مست صدامي،

جنهن کي پاڻ پروردگار گمراهہ ٿو ڪري تہ پوءِ انهي کي ولي الله ۽ مرشد ڪامل نہ ٿو ملائي جيئن قوله تعاليٰ ومن يُضللل فلن تجدَلَه وَلِي مُرشداً - انسان هڪڙو شهزادو بلڪ خود شاه آهي پر انهي سحربل زالَ دنيا پنهنجي سحر ۽ جادون سان اکيون ٻنڌي ۽ شهاني تخت کان لاهي انهي کي پنهنجي ويران خاني ۾ قيد ڪري جهليو آهي - تڏهن خدا تعاليٰ دنيا جي انهي شر کان امان گهرڻ جو امر ٿو فرمائي - وَمن شرِ نَفثت فِي العُقَدِ انهي نفثت کان نزديڪ محققن جي مراد خاص زال دنيا جي سحر ۽ جادن جو دم آهي جو پنهنجي سحر ۽ جادن جي ڳنڍن تي دم ڪري بندي جي دل پاڻ تي پريشان ڪري ڇڏياءِ - جيئن ابيات : ازشرافسون و سحرش درقرآن - آمده شرِنفثت اي جوان - اين نزول از شان دنيا صادرت - ديدهء باريڪ زينجا در خورست - مگر سواءِ وسيلي ڪنهن فقير جي انهي دنيا جي بند کان خلاصي مشڪل آهي - جيئن نقل آهي تہ ڪنهن بادشاه کي هڪڙو پٽ هيو - جڏهن اوهو وڏو ٿيس تہ هڪڙي امير زادي خوب صورت ۽ خوب خصلت انهي کي پرڻاياءِ - تقديرا نڪاح جي رات ٻي هڪڙي ڪراڙي ۽ ڪوجهي رن زال

سحر ۽ جادو هٽي انهي بادشاه زادي جون اکيون ٻڌي پاڻ تي حيران ۽ پريشان ڪري ڇڏياءِ. آخر اوهو بادشاه زادو انهي تي اينئن حيران ۽ پريشان ٿي ويو جو پنهنجو اوهو شان شهانو ۽ اوها زال امير زادي ڇڏي وڃي انهي ڪراڙي ۽ ڪوجهي رن جي گهر ۾ ٽڪاڻو ڪياءِ. پوءِ انهي بادشاه هر چند علاج ۽ حيلا + ملا ۽ موراڻا ڪيا پر حاصل ڪجهه به نه ٿيس. آخر انهي پريشاني ۽ شرم ساري کان لاچار ۽ دل افگار ٿي هڪڙي ڏينهن ٻاهر نڪري وڃي هڪڙي وڻ جي ڇانوَ ۾ سمهي پيو. اڃا دل مس ننڊ ۾ ويس ته هڪڙي فقير اچي انهي کي چيو جو اي بادشاه مونجهو نه ٿي جو هڪڙو فقير منهنجي شڪل سان اچي تنهنجو ڪم پورو ڪندو. تڏهن بادشاه ڇرڪ ڏيئي خواب کان اٿيو ڏسي ته برابر هڪڙو فقير اونهي شڪل سان ٿو اچي. آخر اچي چيائينس ته اي شخص ڇو ايئن مونجهو ويٺو آهين. بادشاه چيو ته بس فقير اوئين. انهي چيو جو پنهنجو حال ته ڏس. بادشاه چيو ته ڪيئي فقير تو وانگي پيچي ويا پر منهنجو ڪم ته ڪنهن به نه ڪيو آهي تون به هليو وڃ. فقير چيو جو مان اصل تنهنجي ڪم ڪرڻ لاءِ آيو آهيان. پنهنجو حال مون کي ڏي تڏهن بادشاه پنهنجو احوال سارو بيان ڪري ٻڌايس. پوءِ فقير چيو جو فلاڻي قبرستان جي فلاڻي پاسي تي هڪڙي قبر آهي انهي جي اندر هڪڙي ماٽي سحر ۽ جادون جي ڳنڍين سان پريل پوري پئي اٿي انهي کي ڪيائي اوهي ڳنڍيون ڪولائينديءِ ته تنهنجو پٽ پاڻهي خلاص ٿيندو. بادشاه ته انهي ڪم لاءِ حيران ۽ پريشان هيو. جڏهن ايها خبر ٻڌاءِ ته جهٽ ۾ وڃي ماڻهون وٺي نئين اوها قبر کوٽائي ڏٺاءِ ته برابر هڪڙي ماٽي پوري پئي آهي. پوءِ اوها ماٽي ڪيائي پڳائين ۽ اوهي سحر ۽ جادن جون ڳنڍيون کولائي موٽي جاءِ تي آيو اچا ڪچهري ڪري مس ويٺو ڏسي ته برابر بادشاه زادو اچي ٿو پر ڪجهه اڳيرو آيو ته مدهوش ٿي ڪري پيو جڏهن ماڻهن وڃي ڪجهه مشڪ ۽ عطر مهٽيس تڏهن وري هوش ۾ آيو. آخر اچي ڪچهري ۾ ڪنڌ هيٺ ڪري ويٺو پوءِ بادشاه پڇيس جو اي پٽ خبر ڏي جو ڪيئن انهي رن زال وٽ وئين ۽

ڪيئن اتهون نڪتين ۽ چو وات تي ڪري پنين ۽ چو هاٿي ڪنڌ هيٺ ڪري وينو آهين ـ چياءِ تہ اي بادشاه انهي ڳالهہ جي پڇائي نہ ڪر ـ جو مان اڳي پٺي ڇاتو تہ اهڙي حسين زال ساري جهان ۾ ٻي ڪانه ڪانهي اچ اوچتي اچي دل ۾ خيال پيم تہ مان بادشاه زادو پنهنجو شان شهانو ڇڏي جو هن ڪراڙي ۽ ڪوجهي رن جي ويران خاني ۾ وينو آهيان ۽ مخلوقات مانڪي ڇا چوندي ۽ بادشاه جي منهن ڪيئن پوندس تڏهن اتهون اٿي روانو ٿيس جڏهن اچي بارگاه تي نظر پيم تہ دل ۾ خيال پيو جو بادشاه ڪي ڇا چوندس ۽ ڪچهري ۾ ڪيئن ويهندس انهي فڪر ۽ شرم ساري ڪان بي هوش تي ڪري پيس هاٿي انهي شرم حيا ڪان متو متي ڪٿي نٿو سگهان ـ تڏهن بادشاه چيس تہ اي پٽ انهي ڪميني رن سحر ۽ جادو سان تنهنجي دل ۽ اکيون بند ڪيون هيون پوءِ منهنجو ڪو ٻہ حيلو هلي نہ سگهيو آخر هڪڙي فقير جي وسيلي سان انهي بند ڪان تنهنجي جند آزاد ٿي آهي هاٿي ڪجهہ فڪر نہ ڪر ـ پوءِ بادشاه پنهنجي ملڪ جا سڀ ماڻهو سڏائي خوشيون ۽ خيرات شڪر ۽ شادمانان ڪيا ـ انهي بادشاه ڪان مراد بادشاه حقيقي يعني حق تعالیٰ آهي ۽ پٽ ڪان مراد اولاد آدم عليه السلام جي جو هر انسان پيغمبر زاده ۽ سر الٰهي آهي جيئن حديث قدسے: الانسان سرِي وانا سرہ ـ ۽ انهي ڪراڙي زال ڪان مراد زال دنيا آهي جو پنهنجي سحر ۽ جادن سان انسان جون اکيون حق بين ٻڌي پاڻ تي حيران ۽ پريشان ڪري ڇڏياءِ ۽ انهي فقير ڪان مراد مرشد ڪامل آهي جو انهي جي وسيلي سان انهي زال دنيا جي سحر ۽ جادن جون ڳنڍيون ٽيون ڪلن ۽ بند ڪان خلاصي تي ٿئي جيئن ابيات ـ ڪاين زن ساحري دورمڪر ـ خاطرت بغيريفت همچون آن پسر زين فسون وجادوش بهر رها ـ آنڪہ بادستي ضرورت شدترا ـ آنچنان ڪان شاه چون لاچارشد عاقبت دستي فقيرش يا رشد ـ دست آن دست است ڪز اعجازآن ـ گشت فرعوني بطلسم هازيان ناتواني روبگيرآن دست را ـ تاڪہ بردست نهدد ست خدا ـ هست آن دنش زدستے ذاوجلال فوقَ آيديهم نگر زين حسب حال ـ جڏهن طالب موليٰ جو مرشد جي

مهرباني سان انهي دنيا جي دام کان آزاد ٿو ٿئي تڏهن ٿو ڄاڻي ته هي دنيا ڪاٿي ۽ هن جو ايهو سفلي ويران خانو ڪاٿي. مان ڪاٿي ۽ منهنجو اوهو علوي شان شهانو ڪاٿي - جو پاڻ پروردگار ٿو فرمائي. وَلَقَد كَرَمنَا بَنِيے آدَمَ - ۽ وَلَقَد خَلَقنَا لانسان فِے اَحسَنِ اتَقوِيم ۽ وَنَفَحت فيه من الُرجي ۽ حديث قدسے انَ خَلقَ اٰدَمَ عَلٰے صورَته ۽ خَلقَ الاِنسَانَ عَلٰے صورتِ الرَحمَان. جڏهن فقير کي ايهو حال حاصل ٿو ٿئي ته پوءِ دنيا ڏانهه ڇڙو نهارڻ ۾ به شرم ٿو اچيس. جيئن انهي بادشاه زادي کي ڪن ڏيهن کان بعد بادشاه ڇيو جو پٽ اچ وڃي پنهنجي انهي آشنا کي ته ڏسي اچ. پٽ چيو ته اي بادشاه ايئن نه ڇٺو جو مانکي هاڻي ڇڙو انهي ڏانهه خيال ڪرڻ ۾ به شرم ٿو اچي الغرض سواءِ وسيلي مرشد ڪامل جي انهي زال دنيا جي سحر ۽ جادن وار بند کان بندي جي خلاصي محال آهي. تڏهن پاڻ پروردگار پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان انهي وسيلي وٺڻ جو سڏ ڪري مومنن کي امر ٿو فرمائي. قوله تعالیٰ يااَيُهَا الَذِينَ اٰمنو تَقُو اللهَ وَبتغُوا اليه الوَسلت. انهي وسيلي کان مراد خاص مرشد آهي جو سواءِ وسيلي مرشدَ جي انهي هستي ۽ دنيا جي دام کان ڪو به خلاص ٿي نٿو سگهي يَهدِالله لنوره مَن يَشاءُ. جيئن رستي کان سواءِ شهر لهڻو ناهي تيئن سونهين کان سواءِ رستو. پوءِ جنهن سونهين کي نه لڌو ته اوهو واٽ ۽ شهر کي ڪيئن لهي سگهندو تڏهن پنڌ جو اول شرط سونهين کان رستو پڇڻ آهي جيئن حديث اَوَلُ ترفيق ثُمَ طريق - ۽ بيت.

يابنہ بر خود کہ مطلب کم کني. يا مَن پا اندرين ره بي دليل.

مرشد کان سواءِ طريقت جي پنڌ ۾ پوڻ ايئن آهي جيئن ٻيڙي کان سواءِ بحر ۾ پوڻ بلڪ محض گمراهي ۽ شيطان جي پيروي ڪرڻ جيئن حديث: مَن يتَشِيے في الطريق بلا شيخ کَمَن يَمشِيے فِي البَحرِ بلاَسَفَنَت ۽ مَن لاَشيخَ لَہ فَشيخَہ الَشيطَان. تڏهن موليٰ جي طالب کي مرشدَ جي ڳولها ضروري آهي - پر سواءِ مرشد ڪامل جي هر ڪنهنجو هٿ وٺڻ به جهالت آهي مرشد ڪامل اوهو آهي جو وحدت جي بحر ۾

داخل هجي ـ جيڪو وحدت جي بحر ۾ داخل ناهي تہ انهي کي سواءِ امر مرشد جي طالب رکڻ روا بہ ناهي ـ پيو تہ موليٰ جي طالب کي اول چار پردا ظاهري جا وڃڻ ضروري آهن ـ جيئن مال ۽ جاهہ ـ تقليد ۽ گناهہ ـ مال انهي واسطي پردو آهي جو دل انهي جي خدمت ۽ خيال سان مشغول رهندي ۽ جاهہ انهي واسطي پردو آهي جو دل عزت ۽ آبرو جي خيال سان گرفتار رهندي ۽ تقليد انهي واسطي پردو آهي جو دل ٻين مذهبن جي قصن ۽ پيرون واري خيال سان مشڪوڪ ۽ مشغول رهندي پوءِ اسم ذات انهي دل ۾ ڪيئن هنڌ ڪندو ـ جنهن دل ۾ اسم ذات هنڌ نہ ڪيو تہ انهي ۾ موليٰ جي محبت ۽ وصال ڪاڏنهہ حاصل ۽ وصول ٿيندو ۽ گناهہ انهي واسطي پردو آهي جو موليٰ جي نافرماني آهي پوءِ جيڪو نافرماني ڪندو تہ انهي ڪان ڪيئن موليٰ خوش ۽ راضي ٿيندو ـ جنهن ڪان موليٰ خوش ۽ راضي نہ ٿيو تہ انهي کي ڪاڏنهہ قرب ۽ وصال خدا تعاليٰ جو پيدا ٿي سگهندو ـ تڏهن طالب کي ايهي چار ئي پردا وڃڻ ضروري آهن ـ جڏهن ايهي پردا وڃي مرشد ڪامل ڪان تلقين ٿيو تہ پوءِ پنهنجي اختيار جي واڳ ساري انهي جي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏي جيئن جو پنهنجي سين ڪمن ۾ مرشد کي ڪلي مختيار ڄاڻي ـ پيو تہ انهي جي حق ۾ ڀئي ڪنهن بہ وسواس ۽ خطري کي پنهنجي دل ۾ واٽ نہ ڏيئي ـ جيئن مثنوي:

رومي عليہ رحمت ـ پير راڪ پيوائو رهبر است،

گر مربدي امتحان ڪرد او خراست.

جيڪڏهن مريد کي ڪو رايو مرشد جو پنهنجي فهم ۽ فڪر ڪان برخلاف نظر اچي تہ انهي ۾ محض پنهنجي فهم ۽ ڄاڻ جي ڪوتاهي سمجهي ۽ قصو حضرت موسيٰ عـ ۽ خواجہ خضر عـ جو ياد ڪري جيڪو سورت ڪهف ۾ ثابت آهي ـ پيو تہ جيئن نقل آهي جو جالينوس جي وقت ۾ هڪڙي شخص کي آگر ۾ سخت سور پيو تڏهن پنهنجي گرد نواهي جا سڀ طبيب ۽ حڪيم آڻائي علاج ڪراياءِ پر سور کي فرق ئي ڪو نہ پيو آخر جالينوس کي گهرايائون جو اوهو انهي وقت جو

رئيس الحُکما هيو انهي چا کيو جو سور سڄي هٿ جي آڱوٺي ۾ هو
تہ هن اچڻ سيتي پڻي جي کٻي پاسي تي ڏنپ کڻي ڏنو تڏهن انهي
اڳين سين طبيبن دل ۾ خيال کيو تہ سور کاٿي ۽ ڏنپ کاٿي - پر
اجان جهت نہ لنگهي تہ سور بس ٿي ويو - تڏهن اوهي اڳيان طبيب سڀ
حيرت ۽ عبرت ۾ اچي ويا - نيٺ جالينوس کان پڇيائون جو ايهو سبب
چا - جالينوس چيو تہ ايهو سور رڳن جي پاڙ کان اپريل هيو - سڄي
پاسي جي رڳن جون پاڙان پڻي جي کٻي پاسي کان اپريل آهن ۽ کٻي
پاسي جي رڳن جون پاڙان پڻي جي سڄي پاسي کان پوءِ مان سجاڻي
انهي رڳن جي پاڙ ۾ ڏنپ ڏنو تڏهن خير ٿيس - مطلب تہ جاڻي جو
مرشد جي نظر ٿي پهچي تہ اتي مريد جي نظر نہ ٿي پهچي سگهي تڏهن
مريد کي لازم آهي تہ پنهنجي مرضي مرشد جي رضا ۾ گم کري
ڇڏي جو مرشد جو رايو سواءِ کنهن راز ۽ حکمت جي خالي ناهي -
جيئن حديث: فعلُ الحکيم لَم يَخلُواعَنِ الحِکمت - ۽ بيت:

بہ مي سُجاده رنگين کُن گرَت پير مغَان گويد،
کہ سالک بي خبر نہ بودز راه و رسم منزلها.

پيو تہ مرشد کي سڀ کان دوست ۽ مقدم ڄاڻي بلک انهي ۾
محو ۽ مستغفرق ٿي وڃي جو جيکو فنافے الشيخ نہ ٿيندو تہ اوهو
فنافے الر سول بہ ٿي نہ سگهندو جيکو فنافے الرسول نہ ٿيو تہ پوءِ
اوهو فنافے اللهِ ۽ بقابالله کينءَ ٿي سگهندو - تڏهن طالب کي لازم آهي
تہ ايهي آداب ۽ ارکان سڀ بجا آڻي ۽ پاڻ کي کا شئي نہ ڄاڻي پوءِ
کمر مردانو ٻڌي پنڌ ۾ پوي جيئن جو کو دم ۽ لحظو بہ ذکر فکر
کان سواءِ خالي ۽ واندو نہ ٿئي ڇا رات ڇا ڏينهن يکو مولىٰ جي
محبت ۽ يادگيري ۾ محو ۽ مستغرق رهي تہ انشاء الله تعالىٰ جلد وڃي
پنهنجي محبوب سان ملندو - جيکڏهن کوئي بندو رستو پڇي پوءِ وري
ويهي رهي ۽ دل ۾ خيال کري تہ مانکي سونهون پاڻهين نشين توڙ
رسائيندو تہ خيال ايهو محض خطا ۽ غلط آهي ڇو تہ سونهين تي ڇڙو
رستي لائڻ جو حکم آهي جيئن: قوله تعالىٰ وَمَا عَلَے الرَّسُولِ

الاَالبلاغُ المُبنِ - يعني ناهي مٿي قاصد جي مگر پڄائڻ پيغام روشن - پر جيڪو وسم کي ڇڏي رڻ تي ئو چڙهي تہ انهي سان هادي هميشان همراھ ۽ مددگار آهي - جيڪڏهن ڪوئي رستو پڇي پوء سمهي پوي ۽ دل ۾ خيال ڪري تہ موليٰ غفور رحيم آهي مانڪي پاڻهي توڙ پڄائيندو ۽ معافي ڏيندو - يا ڪوئي چوي تہ واڳ ڌڻين جي وس آن ڪا پاڻ وهيٺي - نعوذبالله من هُم جو ايهے خيال سڀ خطاء زبان آهن چو تہ پنهنجي نفساني ڪمن ۾ رات ڏينهن مٿو ٿو هڻي ۽ ننڊ ٿو ڦٽائي تہ اتي ايئين نہ ٿو چائي جو مالڪ غفور الرحيم آهي مانڪي پاڻهين روزي ڏيندو ۽ اتي ايئين نہ ٿو چوي تہ واڳ ڌڻي جي وس آن ڪا پاڻ وهيٺي زماني جي ڪمن ۾ موليٰ کي غفور الرحيم نٿو ڄاڻي ۽ پاڻ وهيٺي تي ٿو سڳهي ڇڙو موليٰ جي پنڌ ۾ انهي کي غفور الرحيم ٿو ڄاڻي ۽ پاڻ وهيٺي تي نٿو سگهي هي ۽ هاء هاء - طالب کي رات ڏينهن سعيو ۽ ڪوشش - فڪر ۽ خيال ڇڙو انهي پنڌ جو ٿو ڄڳائي جيئن جو سواء موليٰ جي ٻي ڪنهن بہ خيال ۽ خطري کي دل ۾ اچڻ نہ ڏئي جي ايئن نڪندو تہ ناگاھ ڪنهن دغلباز جي دلبي ۾ ريبجي ويندو - موليٰ پنهنجي مهر سان وڏين کي شل وڏ نہ وجهي الله بس باقي هوس -

بيان فضيلت ذڪر

بسم الله الرحمن الرحيم - ذڪر هڪڙ ربوبي راز ۽ نوراني خزانو آهي - پوء جنهن کي پاڻ پروردگار پنهنجي دوستي لاء ٿو گهري تہ انهي کي اوهو نوراني خزانو عطا ٿو ڪري - بلڪ بندي لاء سڀن ڪمن کان بهترين ڪم موليٰ جو ذڪر آهي تڏهن خداتعاليٰ ٿو فرمائي فَاذڪُرُونِي اَذڪُرڪُمْ يعني پوء ياد ڪيو مانڪي تہ مان ياد ڪيان اوهان کي ۽ پيغمبر صلي الله عليہ وسلم فرمايو آهي ذڪر الله فرضُ مِن قبلِ ڪُلِ فَرض ۽ طلب الخير طَلَبُ الله ۽ ذڪرِ الخَير ذڪر الله يعني ذڪر موليٰ جو فرض آهي اڳي سڀن فرضن کان ۽ طلب نيڪ طَلبَ موليٰ جي آهي ۽ ذڪر نيڪ ذڪر موليٰ جو آهي. هڪڙي ڏينهن پيغمبر صلي الله عليہ وسلم اصحابن سڳورن کي فرمايو تہ مان اوهان کي سڀن ڪمن کان

چڱي ڪم جي خبر ڏيان جو اوهو خداتعاليٰ وٽ تمام پسند زور آهي جنهن ڪري موليٰ وٽ توهان جا مرتبا بلند ٿين ۽ اوهو هر نيڪ ڪم کان وڌيڪ زور آهي توڙي ڪوئي سون ۽ چاندي خيرات ڪري توڙي ڪوئي ڪافرن کي قتل ڪري پاڻ شهيد ٿئي. اصحابن چيو ته خبر ڏي اوهو ڇا آهي - پاڻ فرمايائون ته اوهو ذڪر خدا تعاليٰ جو. حديث: اَلاَ اُنَبِئُکُمۡ بِخَيرِ اَعمَالکُمۡ وَاَزِيۡ هَا عنۡمَلکُمۡ وَاَرفَعهَا فِي الدَرجَاتکُمۡ وَ خَيرٍ لَکُمۡ من انفَاقَ الذَهَبِ وَالوَرَقِ وَ خَيرِ لَکُمۡ مَن اَنۡ تَلقُو اعدُوَ کَم فَتَفرُ بُو اَعنَاَ قَهُمۡ وَيَضرِبُواَ اَعنَاقُکُمۡ قَالُوَابَليٰ قَالَ ذِکرِ الله تعاليٰ. مطلب ته هن جهان ۾ جيڪي به نيڪ ۽ چڱا عمل آهن ته انهي سڀني کان ذڪر الهي چڱو ۽ زياده زور آهي ۽ سڀني ذڪرن کان بهترين ذڪر اسم ذات ۽ لآ اِلـٰهَ الاَالله آهي ۽ سڀني ذاڪرن کان بهترين قلبي ذڪري ڪندڙ جيئن جو هميشان سڪ ۽ سوز. عجز ۽ نياز سان دل ۾ اسم ذات پيو چوي بلڪ خود خداء تعاليٰ انهي قلبي ذڪر جوا مر فرمايو آهي: قوله تعاليٰ وَ ذڪُرۡ رَبِکَ فِي نَفسِکَ بِضَرَعاَ وَ خيفَتَ وَدُونَ الجَهرِ. ترجمه يعني ذڪر ڪر پنهنجي رب جو منجهه وجود پنهنجي زاري ۽ خوف سان مخفي سواء آواز جي ۽ ٻي جاء تي پاڻ فرمايائون يا اَيُهَاالذِينَ آمَنُو اذڪُرُ الله ڪَثيراَ وَسَبَحُوه بُڪرَتَ وَ اَصيلاَ. يعني اي اوهي ماڻهون جوَ ايمان آندو اَٿوَ ته ذڪر ڪيو خدا تعاليٰ جو گهڻو ۽ تسبيح چئو انهي کي صبح ۽ سانجهي ۽ ٻي جاء تي فرمايائون وَلاَتَطع مَن اَغفَلنَا قَلبَه عَن ذِڪرنَا. يعني تابعداري نه ڪيو انهي جي جنهنجي دل منهنجي ذڪر کان غافل آهي ۽ ۽ حديث: اَفضَلُ اعَبَادَت ذِڪرالله فِي قَلب خَلاَوَمَلاَ فِي لـيلِ وَالنَهَارِ فِي السَفَرِ وَ الحَفَرِ قيَامـاَ وَ قُعُواَ سَاَ وَ عَلَےٰ جنُوابِهِمۡ سَراَ وَ عَلَےٰ انَيتَ عَلَےٰ کُلِ حَال. يعني بهترين عبادت آهي ذڪر خَدا تعاليٰ جو دل ۾ ڪرڻ هيڪلو ۽ جماعت ۾ رات ۽ ڏينهن ۾ سفر ۽ حضر ۾ بيٺل ۽ ويٺل ۽ ستل مخفے ۽ ظاهر سڀ حال تي سواء قلبي ذڪر جي ماڻهون سخت دل ۽ گمراه ٿي ٿو وڃي جيئن قوله تعاليٰ فَوَيلُ الِل قاسِيَتِ قُلُو ابِهِمۡ مِن ذِڪر اللهِ اُولـٰئکَ فِي ضَلاَلٍ مُبِين.

يعني پوءِ ويل آهي انهن لاءِ جنجون دليون خدا تعاليٰ جي ذڪر نہ ڪرڻ ڪري سخت ٿي ويون آهن اوهي ظاهر گمراهہ ۾ پيل آهن. جڏهن ماڻهون خداءِ تعاليٰ جي ذڪر کان غافل ٿي ٿئي تہ پاڻ موليٰ انهي کي هڪڙو شيطان ٿو بجائي ۽ اوهو انهي سان گڏ ٿو رهي جيئن قوله تعاليٰ مَن يَعش عَن ذِكرِ الرَّحمٰنِ نُقيض له شَيطَاناً وَهُوَ لَه قَرين. يعني جيڪو غافل ٿو ٿئي منهنجي ذڪرکان تہ مُنجا ٿو انهي لاءِ هڪڙو شيطان ۽ اوهو انهي کي ويجهو آهي. خدا تعاليٰ وٽ سڀني کان بهترين بندا اوهي آهن جو هر وقت ۽ هر حال ۾ هميشہ حق تعاليٰ کي ياد ثا ڪن. جيئن: قوله تعاليٰ أُولِي الأَلبَابِ الذينَ يَذكُرُنَ اللهَ قِيَاماً وَقُعُوا دا وَعَلىٰ جُنُوابِهِم. يعني صاحب عقل جا اوهي آهن جو بيٺل ۽ ويٺل ۽ ستل ذڪر ثا ڪن خدا تعاليٰ جو. حديث أفضَلُ العِبَادِ عِندَ اللهِ الذّاكِرُنَ اللهَ كَثِيراً. يعني بهترين بندا خداءِ تعاليٰ وٽ اوهي آهن جو موليٰ کي ياد ثا ڪن گهڻو. ۽ حديث ۾ ڪثرُ وَ ذِكرِ اللهِ حَتىٰ يَقُوالُونَ انَه مَجنُوانُ. يعني ايئن ذڪر خدا تعاليٰ جو گهڻو ڪيو تان جو ماڻهو چون جو تحقيق ايهو چريو آهي. بلڪ رباني راهہ ۾ تان جو ڪوئي پنهنجو هوش ۽ عقل خرچ نہ ڪندو تہ موليٰ جي محبت ۽ ذڪر جو لائق ۽ حقدار ٿي نہ سگهندو. جيئن بيت:

ازخرد بيگانہ شوچون جانش اندر دربکش،
دختر رز راکہ نقد عقل کابين کرده اند.

۾ سواءِ هوش ۽ عقل جي بہ موليٰ سان ملي ڪو نہ ٿو سگهي. جيڪڏهن چڙي انهي چريائي ۽ مجنوني سان موليٰ جو ملڻ ممڪن هجيها تہ سڀ چريا ۽ ديوانا اوليا ۽ بزرگ هجن ها مگر انهي هوش ۽ عقل جي ڇڏڻ کان غرض آهي سڀ عقلے ڳڻ ۽ نفسي خواهش جو ڇڏڻ جو انهن سان موليٰ جو ملڻ محال آهي تڏهن ايهو هوش ۽ عقل نزديڪ سچن عاشقن جي ننگ ۽ ميار آهي جيئن بيت غوث الاعظم رحمت الله عليہ.

شراب عشق چندان خورکہ سراز پائي نشنا سي،
کہ سرمستان حضرت را زهشياري بسي عار است.

اتي شراب کان مراد محض موليٰ جي محبت ۽ ذکر خالص آهي ذکر خالص اوهو آهي جنهن ۾ ذاکر جو کو بہ مطلب نہ هجي بلک موليٰ جو بندو بہ اوهو آهي جيکو پنهنجي نفسي مطلب کان سواءِ مالک کي ياد ٿو کري ڇو تہ جيکڏهن کوئي پنهنجي کنهن مطلب لاءِ موليٰ کي ياد کندو تہ اوهو پنهنجي ان مطلب جو طالب ۽ ٻانهون هوندو نہ موليٰ جو عاشق ۽ بندو. جيئن قوله تعاليٰ أَفَرَيْتَ مَنِ تَخَذَ الٰهَهٗ هَوَاهُ. يعني آيا پوءِ ڏٺوئي ۽ انهي کي جو خدا پنهنجو ورتاءِ پنهنجي نفسي خواهش کي انسان جڏهن هن هستي جي بند کان آزاد ٿو ٿئي تڏهن موليٰ جو بندو ٿي ٿو سگهي ڇو جو جاڪون ٻانڌ هوندو تہ ضرور پنهجي ڪا اميد ۽ مراد بہ هوندس جي موليٰ کي ياد کندو تہ بہ پنهنجي انهي اميد ۽ مرادن لاءِ ياد کندو نہ مالک لاءِ پوءِ اوهو موليٰ جو بندو کيئن ٿي سگهندو بلک جاٽي جو مَنوتي ۽ شهرت يا کاني ۽ قدرت لاءِذکر ٿا کن تہ اتي ڇڙا بت آهن نہ موليٰ جيئن بيت:

آنجا کہ کار صومورا جلوه ميد هند،
ناقوس و دير وراهبُ نام صليب هست.

تڏهن موليٰ جي طالب کي لازم ۽ واجب آهي تہ ٻنهن جهانن جون اميدون ۽ مرادان سڀ ڇڏي محض محبت ۽ دوستي جي خيال سان موليٰ کي ياد کري جو سواءِ دوستي جي ذکر ۽ عبادت ايئن آهي جيئن سواءِ ساهہ جي وجود پوءِ بي ساهو وجود کهڙي کم ايندو. مثال تہ جيئن کوئي ٻانهون هجي ۽ انهي جا عضوا سڀ برحال هجن ڇڙو ساهہ نہ هجيس پوءِ انهي جو مالک انهي کي ڇا کندو. مطلب تہ سواءِ سِک ۽ دوستي جي موليٰ وٽ عبادت جو قبول پوڻ محال آهي جيئن:

هر کس کہ ندارد بجهان مهر تو دل،
حقا کہ بور طاعت او ضايع و باطل.

عشق جي راهہ ۾ تان جو ڪوئي عاشق طور تي نٿو هلي تہ پنهنجي معشوق سان ملي نٿو سگهي. جيئن بيت:

ساقيا جامي دما دم ده ڪہ درسر طريق،
هر ڪہ عاشق وش نباشد درنفاق افتاده بود.

دنيا جي دوستي ۽ مولا جو عشق ٻئي هڪ دل ۾ هنڌ تي نٿا سگهن. جيڪڏهن ڪنهن طالب جي دل ۾ اسم ذات اثر نٿو ڪري تہ ڄاڻ جو انهي جي دل اڃا دنيا جي دوستي کان آزاد نٿي آهي پوءِ انهي جي علاج ايئن آهي تہ فڪر جي پاڻي سان دل جو تان، ڌوئي صفا ڪري يعني جيڪي بہ دنيائي خواهشان دل ۾ هجن تہ اوهي سڀ ڪڍي ٻاهر ڦٽي ڪري پوءِ ذڪر جو ڪڙو خيال سان دل ۾ گهمائي تہ انشاء الله تعاليٰ جلد اثر ٿي سگهندو. يَهدالله لنوره مَن ايشاءُ. هن جهان جي سين نيڪ ڪمن کان چڱو ۽ چونديل ڪَم موليٰ جو ذڪر آهي ۽ سين ماڻهن کان ڀلو ۽ بهترين ماڻهو ذاڪر پر سواء محبت ۽ معرفت موليٰ جي ڇڙو ذاڪر ايئين آهي جيئين گهاٽي جو ڏاند. مگر فاضل ۽ ڪامل اوهو آهي جو عاشق ۽ عارف آهي جنهن کي موليٰ جي محبت ۽ معرفت ناهي تہ اوهو ڇڙو عابد ۽ زاهد آهي نہ فاضل ۽ ڪامل والله يختص مَن ايشاءُ.

بيان اقسام ذڪر

ذڪر ٽي قسم آهي هڪڙو ذڪر زوال، ٻيو ذڪر ڪمال، ٽيون ذڪر حال. ذڪر زوال اوهو آهي جو ڪوئي بندو ڇڙو نفس ۽ دنيائي خيال سان موليٰ کي ياد ڪري جيئن منوتي ۽ شهرت ڪشف ۽ ڪرامت . ڪاني ۽ قدرت. تعظيم ۽ عزت وغيره ازين قسم. ايهو ذڪر محض زوال آهي جڏهن اهو هن جهان کان لڏيو. تہ سجو ۽ سڪڻو خالي هٿين وجي زمين سان گڏيو. جو ايهي ڪم سڀ ريا جا آهن ۽ ريا ڪفر کان بہ ابتر آهي. چو جو مرائي مولا کي ڇڏي ۽ پنهنجي نفسي خواهش کي معبود ٺو وٺي. تڏهن پيغمبر صلي الله عليہ وسلم فرمايو آهي اَلرِيَا اَهشَدُ مِنَ الڪفرِ. يعني ريا سخت زور آهي ڪفر کان. جنهن بندي جو

ماڻهن جي ڏيکاري لاءِ عبادت ۽ ذڪر ڪيو ته ڄاڻ جو انهي جي عمر جي موتن جو انبار برباد ۽ مفت زيان ٿي ويو. پوءِ واءِ انهي ڪان وبل جو جنهن ڪوڙي ڪچن جي ڪنڌي ڪان پنهنجا لعل شهانا برباد ۽ رائگان زيان ڪيا آهن. هي هي ۽ هاءِ هاءِ. ذڪر ڪمال اهو آهي جو ڪوئي ڇڙو عمل ۽ آخرت يا سير ۽ زيارت جي خيال سان ذڪر ڪري جيئن جو جن ۽ ملائڪ تابع ٿين. يا زمين ۽ آسمان. عرش ۽ ڪرسي جو سير ٿئي. يا انبيا ۽ اوليا وغيره ارواحن جي زيارت ٿئي. يا موت ۽ سڪرات. قبر ۽ قيامت آسان ٿئي. يا دوزخ جي باھ ۽ بلائن ڪان امان ملي يا بهشت جي عيش ۽ عشرت. حور ۽ قصور ملن. ايهي بہ سڀ نزديڪ عاشقن جي ناچيز ۽ ڪجهہ نہ آهن. ڇو جو جنهن مولىٰ کي نہ لڌو تہ انهي ڪجهہ بہ نہ لڌو ۽ جنهن مولىٰ کي لڌو تہ انهي سڀ ڪجهہ لڌو. جيئن حديث شريف. مَن لَهُ المولىٰ فَلَهُ الكُلُّ. ذڪر حال اهو آهي جو ڪوئي پنهي جهانن جون اميدون ۽ مرادان سڀ ڇڏي محض محبت ۽ دوستي جي خيال سان مولىٰ جي ذڪر فڪر ۾ محو ۽ مشغول رهي. جيڪو اهڙي طرح تي ذڪر فڪر سان هميشگي ڪندو تہ انشاء الله تعالىٰ درجي بدرجي حال حاصل ڪري جلد وڃي وحدت جي بحر ۾ واصل ٿيندو. جيئن قوله تعالىٰ وَنَهيَ النَفسَ عَنِ الهَوىٰ فَاِنَ الجَنَةَ هِيَ المواي. انهي جنت ڪان حقيقي مراد محض ديدار ۽ وصال ايزد ذوالجلالَ جو آهي. يَهدِاللهُ لِنُورِه مَن يَشاَءُ.

بيَان بار امانت

عشق جي راه توڙي جو سخت ۽ پر آزار آهي. تڏهن بہ انسان کي سواءِ انهي جي ناگزير ۽ لاچار آهي. ڇو جو ايهو بار امانت جو اصل ازل ڪان پنهنجي سر تي سهاياءِ جيئن بيت:

ڪردهء بار امانت را قبول. از ڪشيدن پس چرا باشي ملول

جڏهن پاڻ پروردگار ڪُن فرمايو تہ ساري مخلوقات موجود ٿي تڏهن پنهنجي ذاتي نور جو ظهورو تمامي عالم تي جلوه گر ڪيائون تہ انهي جي تاب ڪان جبل جنبيا ۽ زمين ڏڪي. آسمان ڪنبيا ۽ عرش لرزيو.

ملائڪ حيران ٿيا ۽ سڀ خلق پريشان - مطلب تہ ڪنهن بہ اوهو بار امانت جو ڪڻي نہ سگهيو - مگر انسان جو جهل ڪان ظلم ڪري پنهنجي سر تي سهاياء جيئن قوله تعاليٰ: يَحمِلُهَا الانسَانُ انه كَانَ ظلُومَا جَهُولاً - مگر انهي انسان ڪان در حقيقت مرادَ خاص انبياءَ ۽ اولياءَ آهن جو انهن سببون مستي محبت موليٰ جي جهل ڪان پاڻ تي ظلم ڪري انهي امانت جي بار ڪي دل ۾ جاء ڏيئي سختي سر تي ڪيائون - جيئن ڪوئي پڪي هاتي ڪي دعوت ڪري پنهنجي آڪيري ۾ آڻي - يا لونبڙي شينهن ڪي - پر اهو ظلم در حقيقت اصل عدلن جو آهي ۽ جهل استاذ علمن جو - ڇو تہ توڙي جو سور ۽ سختيون سر تي سهائي پنهنجو وجود ويران ڪيائون تڏهن بہ پنهنجي محبوب ۽ مالڪ ڪي دل ۾ جاء ڏنائون - جيئن بيت:

آسمان بار امانت نہ تو انست ڪشيد - قُرعہ فال بنام مَن ديوانہ زدند.

انهي ديواني ڪان مراد محض ولي الله آهن جو اوهي هميشان مولا جي محبت ۾ مست ۽ مدهوش - محو ۽ مستغفرق ٿا رهن - وَاللهُ يَختَص مَن يَشاء - عشق جي راهہ ۾ جيڪو بہ پير پائي تہ اول سر ۽ ساهہ جو سانگو لاهي - ڇو جو عشق جي واٽ ۾ اول شرط مرڻ آهي - جيڪو انهي راهہ ۾ سر ۽ ساهہ نہ ڏيندو تہ اهو پنهنجي محبوب سان ملي ڪين سگهندو. جيئن بيت:

حافظ صبورباش ڪہ در راه عاشقي - هر ڪس ڪہ جان نداد بجانان نمير سد.

مطلب تہ سواء خرچ ڪرڻ سر ۽ ساهہ جي موليٰ سان ملڻ محال آهي - پر انهي سڪڻي سر ۾ ليي ڇا ٿو - ۽ آهي ڇا چيز جو ڪنهن ڪي محبوب جي ڏيڻ ۾ مهانگو ٿو لڳي - جيڪڏهن انهي سر جي ڏني اهو سر ملي تہ هزار بار شڪر گذار ٿيڻ لازم ۽ لائق آهي - ڇو جو هي سر چڙو هڏ ۽ چشم آهي ۽ اهو لعل شهانو ۽ دُر بي بهَا - پوء جيڪڏهن ڪنهن ڪي چڙو هڏ ۽ چم جي ڏني - لعل شهانو ۽ در بي بها ملي تہ اهو ڪنن لڪ ٿورا نہ پائيندو ۽ هزار بار شڪر گذاري نہ ٿيندو - هي هي

۽ هاءِ هاءِ .

بيان سامان سفر عشق

عشق جي سفر ۾ عاشق لاءِ هي شيون ضروري آهن ـ جيئن نيت جي صفائي ـ ڪوشش ۽ ڪمائي ـ زهد ۽ ذڪر ـ خوف ۽ فڪر ـ ترڪ ۽ توڪل ـ تواضع ۽ تحمل ـ عجز ۽ نياز ـ سوز ۽ گداز ـ اڄ ۽ بڪ ـ چپ ۽ ڏک ـ بي خوابي ۽ بيداري ـ بيقراري ۽ انتظاري ـ عشق ۽ بدنامي ـ نا اميدي ۽ ناڪامي ـ آهه ۽ زاري ـ روڄ ۽ موجهاري ـ نيستي ۽ نابودي ـ تنهائي ۽ بي خودي ـ بيرپائي ۽ بيطمعي ـ بي چارگي ۽ شڪسته دلي ـ درد ۽ غم ـ ترس ۽ رحم ـ خوش خلقي ۽ سچائي ـ جان بازي ۽ سراندازي ـ خدمت ۽ شفقت ـ توبه ۽ ندامت ـ صبر ۽ قناعت ـ شڪر ۽ رياضت ـ يقين ۽ حيرت ـ گوشو ۽ وحدت ـ واعدو ۽ وفا ـ عدل ۽ سخا ـ محبت ۽ رضا ـ مستي ۽ مدهوشي ـ پر جوشي ۽ سرپوشي ـ غير ڪان پرهيز گاري ۽ سختي ۾ سهنداري بلڪ انهي سفر ۾ گردو بهرام ۽ جيرو شينهن جو ٿو کپي ـ جيئن بيت:

جگر شير نداري سفرِ عشق مکن ـ ڪابن سبز ۽ شمشير از سر ميگر زد.

مطلب ته جيڪو انهي عشق جي سفر ۾ پير پائي ته اول سر ۽ ساهه جو سانگو لاهي ـ سڀ سور ۽ سختيون سر تي سهائي ـ بلڪ پاڻ کي ڪا شئي نه ڄاڻي ـ ۽ پنهنجو ڪيو حساب ۾ نه آڻي ـ سچي دل سان لوڪ کان لڏي ـ لاڳاپن ۽ ڳانڍاپن جون واڳان وڍي هڪ دل تي پوءِ چڙو اسم ذات جو هٿيار هٿ ۾ ڪري ۽ حق تعاليٰ کي حاضر ناظر ڄاڻي پنڌ ۾ پوي. ته انشاء الله تعاليٰ جلد وڃي پنهنجي محبوب سان ملي سگهندو ـ جيئن بيت:

درين ره حاصلي اجزيڪدلي نيست ـ دو دل بودن بنجر بي حاصل نيست.

بيت پيو:

تعلق حجاب است بيحاصلي ـ چو پيو ندها بگسلي واصلي.

مگر هڪڙا سالڪ مجذوب آهن ۽ هڪڙا مجذوب سالڪ.
سالڪ مجزوب اهي آهن جو پنڌ سان درجي بدرجي. ايهي لاڳاپا ۽ ڳانڍاپا وڌيندا ٿا وڃن ۽ مجذوب سالڪ اُهي آهن جو اول لوڪ جا لاڳاپا سڀ لاهي پوءِ پنڌ ۾ ٿا پون. يَهدِي الله لِنُورِهٖ مَن يَشآءُ.

بيان اخلاص نيت

رباني راه ۾ سرموڙي آهي اخلاص. تان جو ڪوئي ارادي ۾ اخلاص نه آڻيندو ته پنهنجي مطلب سان پهچي ڪين سگهندو تڏهن مولىٰ جي طالب کي اول ارادي ۾ اخلاص ضروري آهي. يعني نيت ۾ صفائي. جيئن سواءِ حق تعالىٰ جي ٻيون سڀ خواهشان ڇڏي نيت محض مولا جي ملڻ جي ڪري پنڌ ۾ پوي. مثال ته نيت ٻج آهي ۽ عمل پوک. پوءِ جيڪو جوئي ٻج وجهندو ته سوئي فصل لڻندو. جيئن حديث شريف انمَا الأعمالَ بِالنيَاتِ. ۽ بيت:

زگندم جو زجو گندم نيَايد. زمردوم خرزخره روم نه زايد.

ٻيو ته طالب کي دعا گهرڻ ۽ حضور ٿيڻ جي وقت پنهنجي ڏوهه ۽ ثواب کي وسارڻ ڦو کپي. مولىٰ جي فضل ۽ ڪرم کي ياد ڪرڻ. ڇو جو متان ڪوئي انهي وقت پنهنجا عيب ڪولي ويهي ته موٽي مالڪ ناراض ۽ ارهو ٿي نه وڃي. يا ته جيڪڏهن پنهنجي نيڪي ڏانهه نهاريندو ته انهي ۾ هستي ۽ حجت معلوم ٿيندي. تڏهن به مولا ناراض ۽ ارهو ٿيندو. ڇو جو خدا تعالىٰ جي نزديڪ سواءِ عجز ۽ نياز نيستي ۽ نابودي جي ٻي ڪا شئي نه ٿي گهرجي تڏهن مولىٰ جي طالب کي هستي ۽ حجت يا اميد ۽ آسرو عمل تي محض حرام آهي. جنهن پنهنجي عمل تي حجت ۽ آسرو ڪيو ته اهو راه کان ٿي پلجي ويو. جيئن حديث: حجَتيِي لأمتِي. مگر پنهنجو مطلب ۽ مقصود. يار ۽ مددگار وسيلو ۽ وارث هر وقت ۽ هر حال ۾ مولىٰ کي سمجهڻ لازم ۽ واجب آهي. جيئن قوله تعالىٰ رَبِ لاَتذقرني فَردَ اوَآنتَ خَيرُ الوَارثِين.
رباني راه ۾ عشق جو شرط آهي. طلب ۽ مرڻ. يعني جا ڪون طَالبَ جيرو آهي ته انهي طلب ۽ پنڌ کان ڪڏهن به بس نه ڪري تان جو مري

وجي ـ جيئن بيت:

ورنيايد بدوست ره بردن ـ شرط عشق است در طلب مردن.

جيڪڏهن تقديراً ڪوني طالب موليٰ جو واٽ ۾ مري ويو ته به ڪوني فڪر ڪونهي ڇو جو آخرت ۾ اُهو عاشقن جي سلفي ۾ سڏجي ويندو ـ هي هي ۽ هاء هاء ـ اتي اتي اي دل غمگين ـ جو ڏونگر جا ڏاڪا ۽ لڪن جا لانگها اجا اڳتي تا ٻجهن ـ وقت بيگاه ٿيو ـ سج عمر جو وڃي ڪوه ۾ پيو ۽ دور زماني جو گذري ويو تون اجا به اڄ نه سڀاڻي تي تو چوين؟ ايئن اڄ نه سڀاڻي ڪندي ڪيئي ورهه گذري ويا ته تنهنجو اجا اُهو اڄ نه سڀاڻي ڪٿيئي نئو. جيئن مثنوي مولانا رومي عليہ الرحمت

هين هي ناي راهه رو بيگاه شد ـ آفتاب عمر سوئي چاه شد ـ

هين مکن فردا کہ فردا ها گذشت ـ تابکُلي نگذرد اَيام کِشت ـ

بيان ترتيب زهد ۽ ذڪر

موليٰ سان ملڻ جو رستو سڀ کان سولو ۽ سڌو اسم ذات ۽ ڪلمو تحليل آهي ـ يعني الله هُو دمن سان يا لَاالٰهَ الَّاالله نفي اثبات جي خيال سان ـ انهي ۾ مون هڪڙي حرف جي تڪرار ڪان سواء موليٰ جو وصال محال آهي ـ بلڪ پاڻ پروردگار معراج جي رات نبي نا پيغمبر صلي الله عليہ وسلم کي خاص ايهو ذڪر عطا فرمايو آهي ـ جيئن غزل شمس تيبريزي عليہ الرحمت مَالکُ المُلک لَاشَرِيکَ لہ ـ وحده لَاالٰہَ الاّ هُو ـ مصطفيٰ يافت درشب معراج خلعتي لاَ الہ اَلا هُو ـ

١. صوفيان ڪان وصال مي طلبند ـ ذڪر شان لَاالہ الاَّهو ـ

٢. مُومنَا رانعيم شد روزي وصفشان لاالہ الاهو ـ

٣. شمس تبريز گر خدا خواهي خوش بخوان لاالہ الاَّ هُو ـ

مطلب ته جنهن کي موليٰ سان ملڻ جو شوق آهي ته مرشد ڪامل کان بعيت ٿي ـ لوڪ جا لاڳاپا لاهي ۽ سختيون سر تي سهائي سواء حق تعاليٰ جي ٻيون اميدون ۽ مرادان سڀ ڇڏي نيت محض موليٰ سان ملڻ جي ڪري ـ ڪنهن ڪند ۾ اڪيلو ويهي ـ هڪ اسم ذات جو

حرف ساه پساه سان هنئين ۾ هاري ڇڏي - جيئن جو ڪو دم ۽ ڪو لحظو بہ ذڪر فڪر کان سواءِ غافل ۽ واندو نہ ٿئي - ڇا رات ۽ ڇا ڏينهن يڪو موليٰ جي محبت ۽ يادگيري ۾ محو ۽ مشغول رهي - جيئن قوله تعاليٰ - وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ وَتَبَتَّلْ إِلَيْهِ تَبْتِيلاً - يعني ياد ڪر نالو پنهنجي رب جو ۽ ڇڄ ماسوا کان مولا ڏانهہ ڏاڍو - پر ذڪر ۾ شرط ادب جو نگاہ رکڻ ضروري آهي - جو بي ادب ذڪر بہ بدعت ۾ داخل ٿو ٿئي - جيئن بيت:

وليکن ادب درذڪر لازم است - ڪہ زهدو ذڪر بي ادب بدعت است.

جيئن استاد ۽ مرشد جي اڳتون ادب سان ويهبو آهي ايئن حق تعاليٰ کي حاضر ناظر ڄاڻي ادب سان ذڪر ۾ ويهجي - الغرض ذاڪر کي قدر ضرورت جي حاجت روائي روا آهي - ڇا سمهڻ ۽ گهمڻ - ڇا کائڻ ۽ ڳالهائڻ وغيره ازين قسم - سمهڻ جي ترتيب ايئن آهي تہ رات ۾ سنجهي کي پهر سوا سمجهي ۽ ڏينهن ۾ منهنجند کي جهت ننڊ ڪري ۽ گهمڻ بہ قدر حاجت ضرور جي ڪري - نہ ڪنهن بيهودي سير ۽ تماشي لاءِ ۽ ڪپڙو بہ قدر ضرورت جي ڍڪي - نہ پنهنجي زيب ۽ زينت لاءِ ۽ سخن بہ قدر ضرورت جي روا آهي ۽ بيضرورت محض خطا ۽ زبان - ڇو جو گهڻي ڳالهائڻ سان دل سخت ۽ سياهہ ٿي ٿئي - جيئن حديث شريف: كَثْرَتَ الْكَلاَمُ بِغَيْرِ ذِكْرِ اللهِ قَسْوَتُ الْقُلُوْبِ - ۽ بيت:

دل زپُرگفتن بميرد دربدن - گرچ گفتارش بود دُرِعدن

۽ طعام بہ قدر ضرورت جي کائي - نہ نفس جي ڪنهن عيش ۽ عشرت لاءِ - بلڪ مولا جي طالب کي لذيذ خورش کان بہ پرهيز لازم آهي ۽ فاقيو واجب - فاقئي جي آسان ترتيب ايئن آهي تہ انن پهرن ۾ هڪ وقت جي ماني کائي ۽ بي وقت جي درجي بدرجي گهٽائي ڇڏي - جيڪڏهن ڪوئي ڏهاڪا ۽ چاليها ڪري تہ بہ بيشڪ ڪري ڇڱو آهي پر اوهو بہ درجي بدرجي ڪري جيئن اول ڪجهہ ڏينهن روزا ۽ فاقيا ڪري پوءِ ڏهاڪا ڪدي ۽ تنهن کان پوءِ چلا - ترتيب ڏهاڪي ۽ چلي جي ايئن آهي تہ ڪنهن خلاسي جاءِ ۾ هيڪلو ويهي ۽ ڇڙو موليٰ جي

ذکر ۽ فکر ۾ رات ڏينهن محو ۽ مشغول رهي . نہ ٻي ڪنهن سان ڳالهائي نہ ٻي ڪنهن جي منهن لڳي . مگر سانجهي کي ساري ماني جو رکو ٽکر کائي . ڏهاڪي ۾ اٽي جو هڪ آنو تور وقت تي ۽ چلي ۾ آنا. ۽ پاڻي روزي چوڙڻ جي وقت هڪ ٻہ ڀيرا ڍڪڻو تي پيئي . ڏهاڪي ۾ ڏهہ ڏينهن خلاصو ويهي ۽ چلي ۾ چاليہ . پر طالب کي ذکر ڪرڻ ملڪي صفت سان ٿو جڳائي . جيئن جو نہ گهڻو ڍڪڻو هجي نہ بک . ڇو جو جيڪڏهن ڪوئي ماني گهڻي کائيندو تہ پاڻي بہ گهڻو پيئندو . پوءِ پيٽ ڀورو ٿي پوندس ويهي ڪين سگهندو . جي لاچار اٿي ويهندو تہ ويني بہ ننڊ ڪٺي ويندس ساڳئي ڪري پوندو . مولیٰ جي يادگيري ٿي نہ سگهندي يا ڪوئي ماني اصل نہ کائيندو تہ ٻي طاقت ٿي ڪري پوندو . نيٺ ضعيف ۽ زبون ٿي مرندو . يا مدهوش ۽ ديوانو ٿي ويندو . تہ بہ پنهنجي محبوب سان ملي ڪين سگهندو . تڏهن وجود جي ديگ کي درجي بدرجي جوش ڏيڻ ٿو جڳائي . جيئن مثنوي مولانا رومي عليہ رحمت:

ديگ راتدريج مردانہ بجوش . تانيا رد قلعۂ ديوانہ جوش.

مگر طالب کي پهرين شروعات ۾ ذکر ڪرڻ ڏکہ ۽ بکہ سان لازم آهي . جو روح ذکر سان سبز ۽ غالب ٿو ٿئي ۽ نفس بکہ سان مطيع ۽ مغلوب ڇو جو روح جو خورش ذکر آهي ۽ نفس جو خورش ماني . تڏهن طالب کي واجب آهي تہ روح جو خورش وڌائيندو وڃي ۽ نفس جو گهٽائيندو . تان جو نفس مغلوب ٿي وڃي ۽ روح غالب . جڏهن روح غالب ٿيو تہ پوءِ پاڻهين پنهنجي اصلي وطن ڏانهہ ڪاهہ ڪندو . پرتان جو نفس حيات هوندو تہ طالب پنهنجي مطلوب سان ملي ڪين سگهندو۽ نفس سواءِ بند ڪرڻ خواهش جي ٻي ڪنهن بہ حيلي سان نٿو مري . تڏهن طالب کي جنگ ۽ جهيڙو سارو پنهنجي نفسي خواهشن سان ٿو جڳائي . جيئن نفس سواءِ مولیٰ جي جيڪا بہ خواهش ڪري تہ اوڏانهہ انهي کي روڪي جهلي . جي نہ ٻيهي تہ بکہ جو ڪرڙو ٻڇائيس پوءِ پاڻهين مطيع ۽ مغلوب ٿي مري ويندو . مطلب تہ ٿئين طالب کي ڇپ

۽ گوشي ۾ ويهي ۽ تنهائي سان ذڪر ڪرڻ لازم آهي جيئن بيت:

بہ بندو دست پاد گوش دهن - چو واصل نہ گشتي مر طعنہ زن.

مثال طور هڪڙو کوهہ هجي ۽ انهي ۾ چار واهيون ٻاهرون جار هجن - پوءِ ڪوئي جو چوي جو مان انهي کي کوٽي جر جو پاڻي ڪيان تہ اهو هرگز جر جو پاڻي ڪڏهن نہ سگهندو - ڇو تہ اهو جيڪا بہ ڪمائي ڪندو تہ اهو ٻاهريون پاڻي ڪڏهن نہ سگهندو - پوءِ جر جو پاڻي ڪيئن ظاهر ٿيندو - مگر جيڪڏهن ڪوئي اول انهي ٻاهرين واهن جا وات بند ڪري - پوءِ انهي کوهہ کي کوٽيندو تہ جلد جر جو پاڻي پيدا ٿي پوندو - مطلب تہ دل مثل کوہ جي آهي ۽ ايهي چار حواس يعني ڪن ۽ اکيون - وات ۽ نڪ - مثل ٻاهرين ڇنن واهين جي - پوءِ جيڪو انهي حواسن کي بند نہ ڪري ائين ذڪر ڪندو تہ اهو فقط انهي حواسن جي ميرنهہ کي بہ ٻاهر نہ ڪري سگهندو - پوءِ اهو دل وارو نور ڪاڏنهن پيدا ٿيندو - تڏهن طالب کي بايد آهي تہ اول انهي حواسن جي سوراخن کي بند ڪر پوءِ ذڪر فڪر ۾ مشغول رهي - تہ انشاء الله تعاليٰ دل جو نور جلد ظاهر ٿي ظهورو ڪندو - مگر ذڪر سان فڪر بہ شامل ڪرڻ ضروري آهي - ڇو جو سوابولوڙي فڪر جي ڇڙو ذڪر بہ ڪارگر ٿي نہ ٿو سگهي - مثال تہ انسان جي وجود ۾ روح ايئن ڇپيل آهي جيئن ڪير ۾ مکڻ - جڏهن مرشد واري سباڻ منجهہ ٿي پويس ۽ ڪنهن خلاصي ڪندہ ۾ ٿو ڏکجي تڏهن ڏهي وانگر جمي گڏ ٿو ٿئي - پوءِ جڏهن فڪر جو ولوڙو منجهہ ٿو پويس تڏهن مکڻ وانگي نکري ظاهر ٿو ٿئي - پر اڃا بہ ڪجهہ غير جي بوءِ باقي ٿي رهيس - جڏهن وجي عشق جي ڪڙاهي ۾ ٿو ٽِڪي - تڏهن گهہ وانگي صفا روح ٿي وجي پنهنجي اصلي بحر سان ٿو رلي - يَهدِ اللهُ لِنُورِہ مَن يَشآء -

بيان فضيلتِ ترتيب فڪر

فڪر هڪڙو الٰهي راز ۽ شاهي شهباز آهي - جو جڏهن ڪنهن انسان کي ڪنهن شئي جي طلب ٿي ٿئي تہ جهٽ ۾ جهٽي ڏيئي انهي کي شڪار ڪري آڻي حاضر ٿو ڪري - پاڻ پيغمبر صلي الله عليہ وسلم

فرمايو ته هڪ ساعت جو فڪر سو سال جي عبادت کان به بهتر آهي - حديث شريف: اَتفڪرِ ساعَتَ خَيرُ مِن عبادت سَنَه ۽ ٻي جاءِ تي فرمايائون - اَتفڪرِ ساعَتَ خَيرُ مِن عبَادَتِ الثقلَين - ترتيب فڪر جي ائين آهي ته طالبُ ڪي مولا جو جهتَ صبحَ ۽ جهتَ سانجهي ڪي اول ويهي فڪر ڪري - پوءِ ساڳي ذڪر سان مشغول رهي - مگر پنهنجي نيستي ۽ خدا تعاليٰ جي اثباتي وارو فڪر هميشه شامل هجي - ڇو جو انسان ڇڙو خيال آهي ۽ فنا به فقط خيال سان ٿو ٿئي - فڪر جو بيان شرح وار ڊگهو آهي مگر مختصر بيان قدر ضرورت جي اشاري لاءِ ايترو آهي ته عاشق جو فڪر معشوق کان ٻاهر نه نڪري - جيڪڏهن ٻاهر نڪتو ته اهو اجا ڪچو آهي نه پڪو - مگر طالب کي چئن ميدانن ۾ فڪر جو گهوڙو ڊڪائڻ ٿو کپي - جيئن ته کان پهريون ميدان آهي دنيا جي فنا پذيري ۽ آخرت جي بقاداري جو - ۽ ٻيو ميدان پنهنجي عيب جوئي ۽ عمر جي خبر يابي جو - ٽيون ميدان حق تعاليٰ جي صنعت ۽ حڪمت بيني جو - ۽ چوٿون ميدان پنهنجي نيستي ۽ حق تعاليٰ جي اثباتي جو-

ميدان اول

پهرين ميدان ۾ طالب مولا جو اول ويهي هن دنيا جي فنا پذيري ۽ آخرت جي بقاداري ۾ فڪر سان نهاري - جيئن جو هي جهان پنهنجي سڀ سامان ۽ اسباب سميت فاني ۽ فنا پذير آهي ۽ آخرت بقادار ۽ باقي - ۽ موت جو نغارو روز سر تي ٿو ڪڙڪي نيٺ مانڪي به هڪڙي ڏينهن هن جهان کان لڏڻو آهي - ۽ هن جهان ۾ هميشه رهڻو ۽ بندي جو ڪم ڇا هتي ڇا هتي محض مولا سان آهي - جڏهن اهڙي طرح تي چند روز فڪر سان نهاريندو تڏهن معلوم ٿيندس جو تحقيق هي جهان سارو سان اهل پنهنجي فاني ۽ فناپزير - بيوفا ۽ بيگانو آهي - ڇا خويش قريب - ڇا مال ۽ ميراث - تڏهن انهي سڀن کي دل سان ڇڏي منهن سارو مولا ڏانهه ڪندو - ڇو جو سواءِ حق تعاليٰ جي ٻيو ڪو به پنهنجو مقصود ۽ مطلوب يار ۽ مددگار نه ڄاڻندو والله يختص من يشاء

برحمته.

ميدان پيو

پي ميدان ۾ اول ويهي پنهنجي عمل ۽ عيبن ۾ فڪر سان نهاري
- ڇا قولي ڇا فعلي - پوءِ جيڪو بہ بد عمل نظر ۾ اچي تہ اهو پنهنجي
وجود کان ڪڍي ٻاهر ڦٽي ڪري - تنهن ڪانپوءِ پاڻ کي ساري مخلوقات
کان هيٺ ۽ هيٺو - گندو ۽ گنهگار - بيواهہ ۽ بيوسيلو - دل سان ڄاڻي -
ڇو جو پروردگار جي بيچوني راز جو ڪنهن کي بہ سما ڪونهي -
جيڪڏهن بندي جو هڪ عيب اگهاڙجي تہ ساري عمر جي ڪمائي انهي
۾ پوري نہ پوندس - پيو تہ بعضي پيغمبرن کان ڪافر ٿو پيدا ڪري ۽
ڪافرن کان پيغمبر - بعضي تندرستن کي بيمار ٿو ڪري ۽ بيمارن کي
تندرست - بعضي آسودن کي سڃو ٿو ڪري ۽ سڃن کي آسودو -
بادشاهن کي گداگر ٿو ڪري ۽ گداگرن کي بادشاهہ - بعضي نيڪ
ڪردارن کي ٿو وني ۽ بد ڪردارن کي ٿو ڇڏي - ايها خبر تہ ڪنهن کي
ناهي جو تقدير ۾ الائي ڇا گذريو آهي فقير توڙي فقط دل ۾ بدخيال ٿو
ڪري تہ بہ بعضي ونجي ٿو وڃي - تڏهن طالب کي لازم آهي تہ هميشان
پاڻ کي سڀ کان عاجز ۽ عيبدار - بيوس ۽ لاچار ڄاڻي ۽ پنهنجو ڪيو
حساب ۾ نہ آڻي - محض مولیٰ جي فضل ۽ ڪرم کي نظر ۾ رکي -
بلڪ عين امداد ۽ ٿورو خاص خدا تعالیٰ جو پاڻ تي سمجهي جو پاڻ
پنهنجي لطف ۽ ڪرم سان ايها هدايت ڪياءِ نہ تہ ڪير واٽ لهي
سگهي ها - جيئن قوله تعالیٰ: بَلِ اللهُ يَمُنُّ عَلَيكُمْ الايمَانِ ان كُنتُمْ
صٰدقِين - جڏهن طالب اهڙي طرح تي فڪر سان نهاريندو تڏهن پاڻ کي
تحقيق ضعيف ۽ زبون سمجهي پنهنجو ڪيو ڪجهہ بہ حساب ۾ نہ آڻيندو
- بلڪہ لک لک احسان ۽ ٿورا محض مولا جا پاڻ تي ڄاڻندو - انهي کان
پوءِ پنهنجي گذريل عمر ڏانهہ فڪر سان نهاري - جو ڪيتري عمر ڪيئن
گذري وئي - جڏهن ايئن گذريل عمر ڏانهہ فڪر سان نهاري جو ڪيتري
عمر ڪيئن گذري وئي - جڏهن ايئن گذريل عمر ڏانهہ فڪر سان نهاري
خيال ڪندو تہ سواءِ خواب ۽ قصي جي ٻيو ڪجهہ بہ نظر نہ ايندس - پوءِ

هزار هزار افسوس ۽ ارمان ڪندو جو عزيز وقت عمر جو اُٿيئي برباد ۽ رائگان زيان ٿي ويو. تڏهن چاڻدو ته گذريل گذري ويو ۽ آئينده ايندو الاٿي نه پوءِ ماضي ۽ مستقبل ڇڏي ۽ فرصت کي غنيمت ڄاڻي حال کي محڪم ڪري وٺندو اللهُ بَس باقِي هَوَس.

ميدان ٽيون

ٽئين ميدان ۾ اول ويهي پنهنجي وجود ۾ خدا تعاليٰ جي صنعت ۽ حڪمت ڏانهن فڪر سان نهاري. جو ڪيترا ذرا ۽ جزا. حواس ۽ عضوا. ڪهڙي ترتيب ۽ آميز سان گڏيل بيٺا آهن. جو هڪ ذرو به وڌ گهٽ ناهي. ڇا ظاهري ڇا باطني. ظاهري جيئن ڪن اکيون. وات ۽ نڪ. هٿ ۽ پير. پيٽ ۽ پٺي. سنڌ ۽ بند. چم ۽ وار وغيره. ۽ باطني جيئن دل ۽ جيرو. ڦڦڙ ۽ بڪيون. تري ۽ پتو. مثانو ۽ معدو. پنڊيون ۽ رڳان. گوشت ۽ هڏا وغيره. بلڪ اهو هر هڪ عضوو ۽ جزو. ڪيترا ڪيترا ذرا آهن. جيئن جو ٣٦٠ ٽي سئو سٺ ذرا وجود ۾ ڇڙا هڏن جا آهن. ۽ ٣٦٠ ذرا رڳن جا. ۽ پيو به هر هڪ عضوو ۽ جزو اهڙي طرح تي ڪيترا ڪيترا ذرا آهن. پيو ته جيڪڏهن انهي سڀني عضون ۽ جزن کان ڇڙو هڪڙو گهٽ وڌ هجي ها. يا هڪڙي جي جاءِ تي ٻيو هجيها. جيئن جو ڪن جي جاءِ تي نڪ هجي ها يا وات جي جاءِ تي اک. يا نڪ اصل نه هجي ها يا چپ. يا ٽي ڪن هجن ها يا ٻه نڪ. مطلب ته ڪو به عضوو ۽ حواس پنهنجي جاءِ کان مبدل هجي ها يا وڌ گهٽ ته ڪم زيب نه ڪري ها. بلڪ اجا سارو ڪارخانو بيزيب ٿي بيهي ها. ۽ عجب حيرت اها آهي جو انهي هر هڪ حواس ۽ عضوي کي هڪ ٻي جي ڪم ۾ نه واسطو آهي نه خبر. جيئن جو اک جي ڪم کان ڪن بيخبر آهي ۽ ڪن جي ڪم کان اک. نڪ جي ڪم کان وات بيخبر آهي ۽ وات جي ڪم کان نڪ. اهڙي طرح تي ايهي سڀ عضوا ۽ حواس هڪ ٻي جي ڪم کان بخبر ۷ بيدخل آهن. پيو ته انهن سڀن عضون ۽ حواسن کان هر هڪ جو پيو پيو رنگ ۽ نمونو ۽ هر هڪ تي پيو پيو ڪم ۽ خدمت. ۽ هر هڪ ۾ پيو پيو راز ۽ حڪمت. جيئن جو

اک جو ٻيو رنگ ۽ نمونو آهي ته ڪن جو ٻيو رنگ ۽ نمونو. ۽ اک تي ٻيو ڪم ۽ خدمت آهي ته ڪن تي ٻيو ڪم ۽ خدمت. اک ۾ ٻيو راز ۽ حڪمت آهي ته ڪن ۾ ٻيو راز ۽ حڪمت اهڙي طرح تي ايهي سيئي عضوا ۽ حواس. ذرا ۽ جزا ڇا ظاهري ڇا باطني راز ۽ حڪمت ڪان پريل انسان جي ڪم ۽ خدمت ۾ مقرر آهن. شرح وار بيان انهي هر هڪ جو ڏگهو آهي مگر مشت نمونه خروار اشاري لاءِ ايترو آهي ته اک تي ڪم چوڪيداري جو آهي ۽ راز بينائي جو. جيئن جو ڪابلا ۽ ماري وغيره ڏسي ته دل کي ٻڌائي ته دل انهي کي دفع ڪرائي. ٻيو ته جيڪو به عجائب ۽ غرائب ڏسي ته به دل کي ٻڌائي جو دل انهي ڪان پنهنجو مطلب حقيقي حاصل ڪري. ۽ ڪن تي ڪم جاسوسي جو آهي ۽ راز شنوائي جو. جيئن جو ڪوئي بد يا نيک قول ۽ فعل ٻڌي ته دل کي ٻڌائي ته دل انهي بد ڪان پاڻ کي بچائي ۽ نيک کي پنهنجي عمل ۾ آڻي. تان جو انهي ڪان مولا جي محبت ۽ معرفت حاصل ڪري. جو دل کي پاڻ پروردگار محض پنهنجي محبت ۽ معرفت لاءِ پيدا ڪيو آهي. مولیٰ جي معرفت جو حال شرح ۽ بيان جي حد ڪان ٻاهر آهي. ڇو جو اها معرفت علم لدني آهي. لدني علم کي زبان بيان ڪري نٿي سگهي. انهي کي ڇڙو لوچڻ ۽ لهڻ ٿو کپي نه شر ۽ بيان. الغرض جيئن انسان جي وجود ۾ پنج حواس ظاهري آهن. تيئن پنج حواس باطني به آهن ظاهري جيئن ڪن ۽ اکيون. وات ۽ نک ۽لمس ۽ باطني جيئن ذڪر ۽ فڪروهم ۽ خيال ۽ حفظ مطلب ته ايهي سڀ حواس ۽ عضوا. ذرا ۽ جزا ڇا ظاهري ڇا باطني اهڙي طرح تي راز ۽ حڪمت ڪان پريل انسان جي ڪم ۽ خدمت ۾ مقرر ۽ معين آهن. جيڪڏهن انهن سيڻ ڪان ڪنهن هڪڙي جزي کي شڪستي پهچي ته انسان جي سڀ ديني ۽ دنيوي ڪمن ۾ شڪستي پنجي وڃي. هي هي ۽ هاءِ هاءِ. تنهن ڪان پوءِ پنهنجي اصل پيدائش ڏانهه فڪر سان نهاري. جيئن جو مَني جي هڪڙي پليد قطري ڪان پيدا ٿيو آهي. اول اهو قطرو چاليهه ڏينهن پاڻي رحم ۾ رهيو آهي. انهي ڪان پوءِ چاليهه ڏينهن ڇڙي رت ڄميل. پوءِ

چاليہ ڏينهن ڇڙو گوشت جو پيرو پوءِ انهي گوشت جي پيري کان ايهي عضوا ۽ حواس - رڳان ۽ بنڌيون . هڏا ۽ چمر - سنڌ ۽ وار - کيئن انداري پيٽ ۾ مالک پيدا کيا آهن - پوءِ کيئن انهي کي اتي ساهہ وڌاءِ - پوءِ کيئن انهي کي اتي ڏن جي دري کان خورش ٻي پڄآياءِ - پوءِ کيئن انهي انداري پيٽ کان ٻاهر کڍياءِ - پوءِ کيئن ڏن جي دري بند کرائي وات جي وٽ کان کير جو خورش شروع کراياءِ - پوءِ کيئن ماءُ جي دل ۾ مهر وجهي رات ڏينهن انهي کان خدمت کراياءِ - پوءِ کيئن ٻن کان بند کرائي ماني جو خورش شروع کراياءِ - پوءِ کيئن ماءُ پيءُ وانگي پالي وڏو کياءِ - تنهن کان پوءِ کيئن پنهنجي فضل ۽ کرم سان پاڻ هدايت کري پنهنجو رستو لاتاءِ - جيڪڏهن پاڻ هادي نہ ٿئي ها تہ پيو کير هدايت کري سگهي ها - جڏهن ايئن پنهنجي دل ۾ فکر سان نهاريندو - تڏهن لک لک لطف ۽ احسان محض مولا جو پاڻ تي ڄاڻدو - ۽ هزار هزار بار الهي درگاه ۾ شکر گذار ٿيندو - انهي کان بعد حق تعاليٰ جي حکمت ۽ صنعت جو لقا ساري صفات ۾ ٻہ کڏهن کڏهن فکر سان نهاري - جيئن جو جن ۽ بشر - ملک ۽ فلک - پکي ۽ وحشي - مکڙ ۽ مڇي - ڪُت ۽ کيولي - نانگ ۽ وڇون - بر ۽ بحر - جهنگ ۽ جبل - باغ ۽ لوٺا - گل ۽ غنچا - رات ۽ ڏينهن - جهڙ ۽ مينهن - برف ۽ ڳڙو - گاج ۽ کوڻ - سج ۽ چنڊ - مطلب تہ ڇا جماد ۽ نبات - ڇا انسان ۽ حيوان - تمامي مخلوقات ۾ حيرت ۽ عبرت جي خيال سان نهاري - جو هکڙا پردار ۽ هکڙا بي پرا - هکڙا چوپايا ۽ هکڙا ٻہ پايا - هکڙا پيرن تي هلن ۽ هکڙا پيٽ تي - هکڙا پٽ ۾ رهن ۽ هکڙا پاڻي ۾ - پيو تہ ساري مخلوقات هشده (18) هزار قسم آهي - هر هک قسم جو پيو پيو رنگ ۽ پيو پيو نمونو ۽ هر هک شئي ۾ پيو پيو راز ۽ ٻي ٻي حکمت - جيکڏهن کوئي شخص تمامي مخلوقات ۾ گهمي تہ ٻہ ٻہ همرنگ ۽ هم نمونو لهي نہ سگهندو - بلک هک قسم ۾ ٻہ ٻہ همرنگ ۽ هر نمونا لهي نہ سگهبا - جيئن ساري جبل ۾ توڙي کوئي گهمي تہ ٻہ ٻہ پاهڻ هم رنگ ۽ هم نمونا لهي نہ سگهندو - راز ۽ حکمت ٻہ اهڙي

طرح تي هر هڪ قسم ۾ بي بي آهي. جيئن مڪ کان ماکي پيدا ٿي ٿئي ۽ ڪينئن کان پٽ. هرڻ کان مشڪ پيدا ٿو ٿئي ۽ ڪوئي کان ڪٿوري. پاهڻ کان لعل پيدا ٿو ٿئي. ۽ پاڻي کان موتي. اهڙي طرح هر ذرو ۽ هر جزو راز ۽ حڪمت کان ڀريل ۽ لبريز آهي. جيئن قوله تعاليٰ اِنَ فِي السَمٰواتِ وَالأرضِ لآيَاتُ لِلمُومنين. طالب جڏهن اهڙي طرح تي هر مظهر ۽ فڪر سان نهاريندو ته مولا جا عجائب ۽ غرائب ڏسي ڏسي حيرت ۽ عبرت ۾ حيران ٿي ويندو. تڏهن ڄاڻندو جو تحقيق حق تعاليٰ جي حڪمت ۽ صُنعت. وڏائي ۽ وحدت جو بحربي سر ۽ بي ڪناربي نهايت ۽ بي پايان آهي. وَاللهُ يَختَص مَن يَشاءِ.

ميدان چوٿون

چوٿين ميدان ۾ طالب اول ويهي پنهنجي نيستي ۽ نابودي. حق تعاليٰ جي حستي ۽ اثباتي ۾ فڪر سان نهاري. جيئن جو هي وجود سارو اندر ۽ ٻاهر محض مٽي آهي. جو پيدا به مٽي کان ٿو ٿئي. موٽي به مٽي جي مٽي ٿي ٿو وڃي ۽ مٽي پاڻ دراصل ڪوٺي وانگي ڪا شئي ناهي. مگر ذاتي بحر جي هستي سان هست ۽ موجود آهي. سواءِ انهي جي نيست ۽ نابود. مطلب ته طالب پاڻ کي خيال سان اصل نيست ۽ نابود ڄاڻي. حق تعاليٰ کي هست ۽ اثبات. بلڪ پنهنجو ڏسندڙ ۽ ٻڌندڙ. چوريندڙ ۽ ٻوليندڙ يقين سان محض موليٰ کي سمجهي. جو انهي کان سواءِ ڪا شئي هست ۽ موجود ڪانهي. جيئن قوله تعاليٰ. فَاعلَم اَنَهُ لاَالٰـهَ الااللهَ. ۽ حديث: لاغيري في الدارين انالاخر انالظاهر وَآنالْبَاطِنِ. ۽ بيت:

اي شُنا وِر توعين دريائي. چون بدين عين در نمي آئي.

پاڻ پاڻکي ٿو پروڙي ۽ پاڻ پاڻکي ٿو ڏسي مگر عبد ۽ معبود جي وچ ۾ پردو ڇڙو پنهنجي هستي آهي. جيڪر انهي هستي جي پردي کي پاسي ڪندو ته خود سوئي معبود آهي. تان جو عاشق خود معشوق نٿو سمائي ته پنهنجي محبوب سان ملي نٿو سگهي. چو ته سواءِ انهي جي ٻيو ڪو به انهي کي ڏسي نٿو سگهي. جيئن بيت

سنڌي:

حق ٻنا حق ناملي لوڇي لهج حق،
پاڻ پروڙي پاڻ کي شائق پاڻ ۾ شڪ،
پاڻ وڃائي پاڻ کي پاڻ سمائج پڪ.
فيصل ڪونهي ڪڪ حاضر ٻانجهون هوت جي.

پوءِ هر مظهر ۾ ٻه ڪڏهن ڪڏهن همہ اوستي جي فڪر سان نهاري - جو تمامي مخلوقات ۾ عين پاڻ اهو جلوه گر ۽ منور آهي - جيئن قوله تعاليٰ الدنُورُ السَمٰوٰت وَالأرض ۽ فَاَينَمَا تُولُّوافَثمَّ وَجهُ الله - ۽ حديث شريف - كُلُ شئے مِن اَلنُوري وَاَنَامِن النُورالله - ۽ غوث اعظم رحمت الله عليہ - لاَشئي مَوجُود غَيرُ الله - ۽ ابياتَ فارسي - نيست درونيا وُعُقبےٰ غير حق - ظاهر و باطن بچشم مرد حق - آنکہ ديده غير حق اواحمق الست - مرد حق ديدن حق مطلق است - خلق راهمہ حق بدان اي مرد حق - زانکہ نہ بود در وجودت غير حق - آنکہ در چشمان عالم کثرت است - نيک ميبنگرکہ آن همہ وحدت است - مطلب تہ ساري مخلوقات ۾ سواءِ حق تعاليٰ جي ڪا شئي هست ۽ موجود ڪانهي - جيڪو سواءِ انهي هڪ جي ٻيو ٻہ ڪجهہ ٿو ڏسي تہ اهو اڃا مشرڪ آهي نہ مسلمان حقيقي - تڏهن طالب کي لازم آهي تہ پاڻ کي هميشہ نيست ۽ نابود ڄاڻي ۽ حق تعاليٰ کي هست ۽ اثبات - مگر موليٰ جي ذاتي اوصاف ڏانهن فڪر کي وات ڏيڻ خطا آهي - ڇو جو خدا تعاليٰ جي حسن ۽ پاڪائي - توحيد ۽ وڏائي جو بحر فهم ۽ فڪر جو لهڻ ۽ پهچڻ جي حد کان بلند ۽ پري آهي - پوءِ سببون ڪوتاهي ۽ نارسي ڄاڻ جي متان طالب جو فڪر خاسر ۽ زيان ڪار ٿي پوي جيئن مثنوي:

هرچہ انديشہ پزيد است آن خطا است - آنچہ درانديشہ نايد آن خدا است

.

مگر طالب ڇڙو فڪر ۾ پئجي نہ وڃي - ڇو جو سواءِ ذڪر جي ڇڙو فڪر ٻہ ڪارگر ٿي نٿو سگهي - بلڪ ذڪر جي طاقت سان فڪر ٻہ وڃي موليٰ کي لوڇي ٿو لهي - نہ تہ سواءِ ذڪر جي ڇڙو خالي فڪر

ڪاٿي خدا تعاليٰ کي لهي سگهندو؟ جيئن بيت:

چونکہ درجائر نمے تا بد فکر. رومدد جوئي نمازان از ذکر

طالب جڏهن اهڙي طرح تي پنهنجي نيستي ۽ حق تعاليٰ جي اثباتي ۾ فڪر سان پيو نهاريندو ۽ دل ۾ رات ڏينهن ذڪر سان مشغول رهندو ته درجي بدرجي وحدت جو ويساه پوندو ويندس. نيٺ دل ۾ يقين سان ڄاڻندو جو تحقيق سواءِ مولىٰ جي مان ۾ ڪجهه نه آهيان ۽ ٻي ڪا شئي ڪانهي. بلڪ انهي هر ذري ۽ هر جزي ۾ محض پاڻ مولا آهي جيئن بيت: بدرد يقين پرد هاءِ خيال نماند سرا پرده الا جلال. يهدالله لنوره مَن يشآء.

بيان مشق

طالب کي پهرين شروعات ۾ مشق ۽ تجلي جو شغل ٻه لازم آهي. مشق جي ترتيب ايئن آهي ته طالب مولىٰ جو اول اسم ذات جو نقش ڪاغذ جي پرڏي تي لکائي انهي کي ڏسي. جڏهن اهو ذهن نشين ٿئي ته پوءِ انهي نقش جي تصوير کي اول مٿي جي تارون تي خيال سان تصور ڪري. پوءِ پيشاني تي. پوءِ ٻنهين اکن تي پوءِ زبان تي. پوءِ ٻنهين ڪلهن تي. پوءِ سڄي پاسي جي سيين پاسرن تي. پوءِ کٻي پاسي جي سيين پاسرن تي. پوءِ سيني تي تنهن کان پوءِ دل تي انهي نقش جو تصور ڪري. موٽي تارون کان وٺي شروع ڪري ساڳي ترتيب سان دل تاءِ اچي. پر دل ۾ ذڪر ڪري ۽ خيال سان انهي نقشي جي تصوير پيو پچائي. انهي ترتيب سان مشق جي شغل ۾ مشغول رهي تان جو انهي تصوير جو تصور پچي پڪو ٿئي. انهي جي پڪائي جو اول درجو ايهو آهي ته پنهنجي ساري وجود ۾ اسم ذات جو نقشو خيال ڪرڻ سان نظر ۾ اچي ۽ آخر درجو ايئن آهي ته طالب جاڏي ٻه خيال سان نهاري ته هر رنگ ۽ هر شئي ۾ اهو نقشو نظر اچي. پيو ته اسم ذات جي هر حرف جي چوٽي کان نور جو تجلو ظهورو ڪري. مگر مشق جي پچائڻ جي ضرورت پهرين درجي تائين آهي اڳتي ڪوئي پچائي ته چڱو نه ت ضرورت ڪانهي. اَللهُ بَس بَاقِي هَوَس.

بيان تجليات

تجلن جي ترتيب ايئن آهي تہ طالب مولئ جو اول ٽي راتيون فاقيو ۽ اوجاڳو پنهنجي اصلي قدرن کان ڪجهہ وڌيڪ ڪري - پوءِ ٽي ڏينهن سج کي پٺي ڏيئي تجلن تي ويهي - جيئن جو صبح کي سج اڀرڻ جي وقت ڪنهن صفا ميدان ۾ وڃي اولہ ڏانهن منهن ڪري ويهي - ۽ سانجهي کي سج لهڻ جي وقت اوڀر ڏانهہ منهن ڪري ويهي - ۽ صبح سانجهي قدر سوا گهڙي سج جي آسمان جي منهن ميدان ۾ اکيون هڪ هنڌ تي اڙائي ويهي - مگر اکن کي نہ ہوڻي نہ چوري - پوءِ رنگا رنگ انوار نظر ايندا - جيترو ٻ اتي ديد جهلي سگهي تہ ويهي - پوءِ بس - اهڙي طرح تي هر مهيني ۾ ٽي ڏينهن تجلن جو نظارو لازم آهي - جيڪڏهن ڪوئي بيش ڪم ڪري تہ ڪجهہ فڪر ناهي - انهي شغل کي حد ڪانهي جيترو ٻ ڏسي طالب خود اختيار آهي - ٻيا ٻ انهي راهہ ۾ ڪجهہ شغل آهن جيئن حبس ۽ تصور تصوير پير وغيره - پر انهن جي بيان ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي - مگر انهي واٽ ۾ سر موڙي آهي ذڪر فڪر ۽ صفائي - مولا جي محبت ۽ فنائي - جيئن مثنوي :

تومباش اصلاً وصال اين است بس ،

رود روگم شو ڪمال اين است بس.

والله يختص من يشآء

بيان مراقبہ

طالب کي ذڪر فڪر لاءِ مراقبو ضروري آهي - مراقبي جي معنيٰ آهي محبوب لاءِ انتظاري ۽ دل جي نگهباني - جيئن جو سواءِ مولئ جي ٻي ڪنهن خواهش ۽ خطري کي دل ۾ اچڻ نہ ڏيئي - مراقبي جا چار درجا آهن - اول درجو ايهو آهي تہ طالب مولا جو خلاصو ويهي منهن مونن تي رکي ۽ اکيون بند ڪري دل ۾ چڙو مولئ جي ذڪر فڪر سان مشغول رهي ۽ سواءِ حق تعاليٰ جي ٻي ڪنهن خواهش ۽ خطري کي دل ۾ نہ چڙي ۽ محبوب لاءِ انتظار رهي - ٻيو درجو ايهو آهي تہ ساڳي انهي ترتيب سان خلاصو ويهي دل ۾ دم دم سان ذڪر ڪري ۽

فکر سان پاڻ کي اصل نفي ڄاڻي ۽ حق تعاليٰ کي اثبات. ٽيون درجو ايهو آهي ته ساڳي انهي اڳين طرح تي ويهي دل ۾ موليٰ جي محبت ۽ ذکر سان محو ۽ مشغول رهي ۽ خيال سان هر دم ۾ حق تعاليٰ کي حاضر ناظر ۽ روبرو ڏسي ۽ يقين سان هر مظهر عين انهي کي ڄاڻي. چوٿون درجو ايهو آهي ته جڏهن دل ڏانهن نهاري ته قطري وانگي وحدت جي بحر ۾ محو ۽ مستغرق ٿي وڃي. اصل مراقبو ايهو پويون آهي جو ايهو هميشان برحال ۽ قائم ٿو رهي. توڙي اڪيون ٻوٽي. توڙي پٽي. توڙي ويهي. توڙي بيهي. توڙي سمهي توڙي گهمي. ڪا شئي انهي جي ذکر ۽ حال کي روڪي نٿي سگهي. جيئن قوله تعاليٰ: رِجَالٌ لاَّ تُلْهِيهِمْ تِجَارَتٌ وَلاَ بَيْعٌ عَن ذِكْرِ اللهِ وَأَقَامَ الصَّلٰوتِ وَاِيتَاءِ الزكوات يعني مرد آهن جو انهن کي نه روڪيندي آهي خدا تعاليٰ جي ذکر کان سوداگري ۽ ڏيڻ وٺڻ نه ۽ روڪيندي آهي نماز پڙهڻ ۽ زکوات ڏيڻ. هي هي ۽ هاء هاء. انسان ۽ حق تعاليٰ جي وچ ۾ ستر هزار پردا آهن. پوء جيڪو طالب مولا جو انهي مٿين ترتيب سان ذکر فکر تي هميشگي ڪندو. يعني رات ڏينهن موليٰ جي محبت ۽ ذکر فکر ۾ محو ۽ مشغول رهندو ته انشاء الله تعاليٰ اهي پردا سڀ وڃي ٻارهين يا ڪجهه وڌ گهٽ ورهن تاء وڃي وحدت جي بحر ۾ داخل ٿي فقيري جي منتها مقام کي پهچندو. جيئن ظاهري علم درجي بدرجي اول الف بي تا پڙهن پوء تختي ۽ سيپارو. تنهن کان پوء ڪلام الله مجيد سارو. نيٺ چوڏنهن يا ڪجهه وڌ گهٽ سالن تائين سارو علم پڙهي تحصيل ٿا ڪن. اهڙي طرح تي باطني علم به درجي بدرجي اول ڇڙو دل ۾ ذکر ٿا ڪن. نيٺ ڪن ڏينهن کان بعد دل ۾ ذکر جاري ٿو ٿئي. جيئن جو دل تحرڪ ڪري پاڻهين اسم ذات ٿي چوي. انهي کان پوء رڳن ۾ ذکر جاري ٿو ٿئي. پوء هڏن ۾ پوء گوشت ۾ پوء کل ۾ پوء وارن ۾. جڏهن وار وار ۾ ذکر جاري ٿو ٿئي تڏهن ذاکر ۽ مذکور ٻئي هڪ ٿي ٿا وڃن. انهي کي سلطان ذکر ٿا چون. پوء انهي ذکر کان فکر پيدا ٿو ٿئي. پر اهو فکر هن فکر وانگي ناهي. مگر اهو فکر هڪڙي حيرت

۽ علم لدني آهي ـ جو اهو پاڻهين ذڪر ڪان دل ۾ پيدا ٿو ٿئي اڳ ۾ پيدا ٿو ٿئي ـ انهي جو حال شرح ۽ بيان ڪان ٻاهر آهي مگر اشاري لاء ايترو آهي ته انهي فڪر ۾ سواءِ حق تعاليٰ جي ٻي ڪا شئي نه ٿي رهي ـ پوءِ انهي فڪر ڪان محويت ۽ مدهوشي پيدا ٿي ٿئي ـ انهي محويت ۽ مدهوشي ڪان حال ۽ وصال ـ يهدالله لنوره مَن يشآء .

بيان رقيب بر سبيل تمثيل

مثال ته گل ڪوئي بي خار ناهي ـ ۽ گنج ڪوئي بي مار ـ دل هڪڙو مخزن اسرار ۽ محلو خاص حقيقي دلدار جو آهي ـ جيئن ڪلام قدسي ـ فِي الْجَسَدَ آدَم مُضغَتْ وَفِي الْمُضغَتُ قَلبُ وَفِي الْقَلبُ فُوَادُ وَفِي الْفُوَادِ سِرّ وَفِي السِّر خَفيٰ وَ فِي الْخَفيٰ أنَا ـ ۽ بيت:

اي مَخزن اسرار الٰهي دل ما ـ واي خانه خاص بادشاهي دل ما.

الغرض انهي خاص محلي جي گرداگرد چار قلعا هڪ ٻي جي اندر آهن ـ انهي هر هڪ قلعي ۾ غيبي دربان ۽ نگهبان ٿا رهن ـ پر اهي ايئن ٿا سمجهن جو اسان ڪان سواءِ انهي محلي ۾ پيو ڪوئي ڪونهي بلڪ انهي محلي جا مالڪ به خود اسان آهيون ـ آخر جڏهن ڪوئي عاشق جان باز ڪنهن سونهين ڪان رستو واقف ٿي ـ سان هزارين محنت ۽ مشقت ـ درد ۽ فاقين جي پنڌ ڪري وڃي اتي ٿو پهچي ته انهي پهرين قلعي جا دربان ـ انهي کي چور سمجهي ڏسڻ سان ئي وٺي اهڙو ڪٽڪو ٿا ڪين جو هٿي ويچاري کي ڦيهي ٿا وجهن ـ اهو عاشق هيڪر ته انهن جي ڏنئي حيران ۽ پريشان ٿي ٿو وڃي ـ جو ناديده بلا سخت مشڪل ٿي لڳي ـ تڏهن ڪا خبر نه ٿي پويس ته ايها الائي ڇا بلا آهي ـ پوءِ اهو ويچارو پنهنجي واهري لاءِ معشوق کي آهه ۽ زاري ـ سڏ ۽ واڪن سان وس ٿو ڪري ـ پر انهي وقت معشوق به پنهنجي ناز ۽ راز جي بي پرواهي ۾ ٿو اچي ـ جو انهي ويچاري جي ڪا به دانهه ۽ ڪوڪ نٿو ٻڌي ـ ۽ ٻي به تنهنکي ڪا واه نه چارو ۽ معشوق ڪان سواءِ ساعت به نه سري ـ تڏهن لاچار ڪمر محڪم ٻڌي پيهر وڃي انهي دربانن جي منجهه ڪاهي ٿو پوي جڏهن اهي دربان انهي کي ٻه ٽي باري ٿا ڏسن تڏهن

انهن کي اصل پڪ ٿي ڄمي جو ايهو ڪو پڪو رهزن آهي - پوءِ سڀ ساڳي حملو ڪري وٺي لٺ ۽ ڪنڊياري لڪڻ سان هٽي ويچاري کي چڪنا چور ڪري ٿا ڇڏن. تڏهن اوهو عاشق پنهنجي دل ۾ ٿو چوي ته معشوق اهڙو راحم ۽ مهربان ۽ دربان اهڙا بيترس ۽ بيرحما - الاهه ڇا راز آهي نيٺ جهٽ تائين ساهه ساري پوءِ پنهنجي سر ۽ ساهه ڪون هٽ ڏوني ساڳي تيهر وڃي انهن جي وچ ۾ ڪاهي ٿو پوي - اهي دربان ته اڳي ئي انهي تي غضبناڪ ويٺا ٿا رهن پوءِ ته بتر ڏسڻ سان ئي سڀ هيڪارو حملو ڪري وٺي ويچاري کي بند ڪمند سان ٻڌي سوگهو ڪري پوءِ جيئن ٿو وٺين ته ايئن هٽي انهي کي اصل ٻڏائي ڦٽي ٿا ڪن اوهو عاشق ويچارو اڳيني ڏکن ۽ بکن جو ماريل تڏهن ته انهي ڏکن سان صفا ٻڏي نري ٿو وڃي - تنهن ڪان پوءِ انهن کي تنهن تي ڪجهه رحم ۽ ترس ٿو اچي جيئن جو انهي کي ڪابون ۽ بانس آٿي ٿا مهتن تڏهن وري ڪنهن ستار ۾ ٿو اچي - پوءِ انهي عاشق کي اوهي دربان پنهنجي خدمت ۾ ٿا جهلن تڏهن اهو عاشق انهن جي انهي خدمت کي به محض مهرباني ۽ لطف ٿو ڄاڻي - مگر ٻاهر انهن جي خدمت ۽ دل ۾ معشوق جو داغ ٿو پچائي - نيٺ ڪن ڏينهن ڪان پوءِ انهي قلعي ڪان لنگهي وڃي ٻي ۾ داخل ٿو ٿئي - تڏهن انهي ٻي قلعي جا دربان به ويچاري کي انهي طرح تي هزارين عذاب ۽ ايذاءَ ٿا رسائن ڇا زور ۽ زجر ڇا جور ۽ جفا - ڇا سور ۽ سختي - ڇا دهشت ۽ هيبت - ڇا فريب ۽ طلسم - ڇا بند ۽ ڪمند - غرض ته طالب کي انهي ميدان ۾ پير پنهنجو محڪم ۽ مضبوط رکڻ ٿو کپي - جيڪڏهن پيرين پر بيهي نه سگهي ته گوڏا زمين تي پڪيڙي - جي اتي به بيهي نه سگهي ته سيني ير به پيو سري - يعني انهي پنڌ کي اصل نه ڇڏي جي ڇڏياءَ ته هيڏانهه به ويندو ۽ هوڏانهه به ويندو - جو ڪيني ڪشتيون انهي بحر جي اويڙ ۾ گم ٿي ويون - ۽ ڪي ئي وري اچي خشڪي تي پيون مالڪ پنهنجي مهر سان وڏين کي شل وڌ نه وجهي .عاشق کي انهي ميدان ۾ سواءِ سوز ۽گداز خيال ۽ تصور معشوق جي ٻي ڪا شئي ڪارگر ٿي نه ٿي سگهي

. تڏهن عاشق کي اتي ڇڙو شوق ۽ سوز . خيال ۽ فڪر معشوق جو تو ڪيي . مگر ذاتي شڪل ۽ تصوير کي گهڻو نظر ۾ نہ رکي . ڇڙو يقين سان معشوق کي حاضر ناظر ۽ اثبات ڄاڻي . ڇو جو مٿان انهي تاءِ نہ پهچي سگهي وچ ۾ پيون طلسماتي تصويران ڏسي پلجي نہ پوي . بلڪ پنهنجي سر کي گوءِ وانگي دم دم سان وري وري پڙ ۾ پيو سٽي . جي سوَ ڏک لڳن تہ هڪ قدم بہ پوئتي نہ هٽي . جيئن بيت:

متاب از عشق روئر اي يار جاني . اگر صد بار شنوي لن تراني.

مگر ڄاڻي رقيب مرچا آئي پڏن تہ اول شروعات ۾ طالب کي هرويرو انهن جي وچ کان لنگهڻ نٿو گهرجي . ڇو تہ مٿان انهن جو پهريون تڪر تاب ڏسي دهلجي نہ وڃي . جو انهي رقيبن جي هر هڪ بازي جو ڇڙو پهريون تاب تڪو آهي . تنهن ڪري هيڏانهن يا هوڏانهن مڙئي هڪڙي پاسي کان پرينءَ جي پنڌ سان پيو رڙهي . تان جو انهن جو اهو پهريون تاب تلف ٿي وڃي . پوءِ ڄاڻون بہ لنگهي تہ انهي جو اختيار. مگر انهي وقت پنڌ ۾ هلڻ وڃڙو ٿو ڄڄائي . جيئن نہ گهڻو تڪو نہ منو . عشق جي ميدان ۾ قوي ڄاڻ ايهو آهي جو عاشق جيڪو راز ۽ حڪمت لهي تہ انهي کي ڪجهہ نہ ڄاڻي . ۽ جيڪا بلا ۽ آفت ڏسي تہ انهي کان خوف نہ آڻي . بلڪ پنهنجو ڪيو ۽ پاڻ کي بہ ڪجهہ نہ ڄاڻي ۽ هر مظهر ۾ خاص خدا تعالىٰ کي سڃاڻي . عاشق جڏهن رقيبن ۾ بہ محض مولا کي ٿو ڏسي تڏهن انهن جي اها طلسم بازي ساري پڃي ٿي پوي . ڇو جو در حقيقت اهي پاڻ ڪا شئي نہ آهن . مگر عاشق جي آزمائش لاءِ محض معشوق جو هڪڙو ناز ۽ راز جو طلسماتي ڏيکارو آهي . جو جيڪڏهن عاشق ڪوڙو ۽ ڪچو آهي تہ مر جان انهن جو تاب ڏسي موٽي پوءِ ٿي وڃي . جي پڪو ۽ سچو آهي تہ مر انهن جي درد ۽ غم جو بار چڪي . تہ سزاوار ۽ لائق ديدار جو ٿي وڃي معشوق سان ملي . مطلب تہ ايهي سور ۽ سختيون رنج ۽ بلائون محض مهرباني ۽ وسيلو وصال جو آهن . ڇو جو سواءِ سور ۽ سختي جي ڪو بہ پنهنجي مطلوب سان ملي نہ ٿو سگهي . مثال تہ جيئن جو ڪنهن مائي کي

جڏهن سنيارن جا سور اچي زور ٿا پرن ته اها ويچاري پڻي ڪجي ۽ ڪپي جو هي هي هاڻي مران ٿي. داڻي پڻي ڪلي ۽ خوش ٿئي جو اجهو هاڻي چٽي ٿي. جيئن سنيارن جي سورن ري۽ ٻار چمٽو ناهي. تيئن پلڪ پلڪ جي پورن ري۽ وصال ٿيڻو ناهي. جڏهن رنج ۽ بلائون عاشق تي اچي زور ٿا پرن تڏهن ڄاڻ ته وقت وصال جو اچي نيڙي لڳو. تنهنڪري عاشق کي انهي ميدان ۾ چڙو تحمل ۽ بردباري ٿي ڪپي. نه پنهنجي خلاصي لا۽ تڪ تاڻ ۽ ڪهرائي. جيئن بيت فارسي:

ايدل اندر زلف جانان از پريشاني منال،

مرغ زير ڪه چون بدام افتد تحمل بايدش.

پيو ته انهي راه ۾ عاشق پنهنجو سر ۽ ساه دل ۽ دين کي معشوق جي اڳتون هڪ وار جيترو به نه واري ۽ انهن جو قدر ۽ قيمت عيوض ۽ اجرت هڪ تر جيترو به نه ساري. جو انهي ۾ به پنهنجو پاڻ ۽ معشوق تي سهاپ ۽ ٿوري جي معشوق کي ڏيڻ ٿو ڄڻائي. جيئن بيت: حافظ صاحب عليه رحمت ،

دل وديئم دل وديئم ببرد است،

برودوشش برودوشش برودوشش.

الغرض عاشق جڏهن انهي هر چارئي قلعن واري دربانن جا جهيڙا جهلي ۽ ڪشالا ڪاٽي مطلوب جي مهرباني سان لنگهي وڃي پار ٿو پوي . تڏهن وڃي معشوق جي انهي خاص محلي کي ٿو پهچي. پر انهي جو ڪوٽ چو طرفون قائم ۽ درجو قلف اندرون ڪابو. ۽ ڪنجي خود معشوق سان محڪم. پيڪي اندر لنگهڻ جي نڪا واٽ نه چارو. نڪو علاج نه حيلو. جيئن مثنوي مولوي رومي عليه رحمت:

اين چنين قفل گران را اي ودود. ڪي تو اندجز ز فضل تو ڪشود،

تڏهن اهو عاشق ويچارو سڏ ۽ ڪوڪ. آه ۽ دانهن سان وس ٿو ڪري. پر انهي وقت پاڻ معشوق پنهنجي ناز ۽ راز جي بيپرواهي ۾ اچي انهي ويچاري جو ڪجهه به نٿو ٻڌي. نيٺ جڏهن اهو عاشق دانهه ۽ ڪوڪ. واٽ ۽ وسيلي کان لاچار ۽ لاعلاج ٿي پاڻ کي اصل بيواه ۽

بيوسيلو - بي اميد ۽ بي مراد ٿو ڏسي - تڏهن هڪڙي ڏانهن هٿي ڪري
پٽي - صفا مري ٿو وڃي - پوءِ پاڻ معشوق پنهنجي مهر ۽ ڪرم سان
دروازو کولي ٻاهر نڪري اچي انهي عاشق شهيد لاءِ افسوس ۽ ماتمداري
ٿو ڪري - انهي وقت اهو عاشق شهيد هزار بار شڪر گذار ٿو ٿئي -
جيئن مثنوي مولانا رومي عليه الرحمت -

شڪر ميڪر دآن شهيد زروخد - ڪان نزوبر جسم و بر معنيٰ نہ زد.
آن عقاب اردفت هم برجسم رفت - دوست بي آزار سوئي دوست رفت.

عاشق جڏهن اصل بيواهه ۽ بيچارو - بي اميد ۽ بي مراد ٿو ٿئي -
تڏهن وڃي پنهنجي مراد ۽ معشوق کي ٿو پهچي - جيئن بيت:

اوچاره ڪار بنده داند،
چون هيچ و سلتس نماند.

پوءِ پاڻ معشوق باغ ۽ بهشت حور ۽ قصور انهي عاشق شهيد
تي جلوه گر ٿو ڪري - تڏهن اهو عاشق انهن ڏانهن چڪ بہ نٿو هڻي -
جي اهو انهي وقت اوڏانهن نهاري تہ بہ ڪجهہ تي پوي - جو اهو بہ هڪڙو
ناز ۽ راز جو آخرين آزمودو آهي - آخر انهي عاشقشهيد کي پاڻ
معشوق پهچي هستي سان هست ۽ حيات ٿو ڪري - تڏهن عاشق ۽
معشوق جي وچ ۾ فرق تہ جو بہ نہ ٿو رهي - فقط اسم بہ ۽ مسميٰ هڪ
- پوءِ پاڻ ڪڏهن عاشق ٿو ٿئي ۽ ڪڏهن معشوق - پر جڏهن عاشق ٿو
ٿئي تہ معشوق نہ ٿو ليي - ۽ جڏهن معشوق ٿو ٿئي تہ عاشق نٿو ليي -
انهي وقت عاشق اهڙو تہ پنهنجي معشوق ۾ محو ٿي ٿو وڃي جو پاڻ
معشوق بہ انهي کي لهي نہ ٿو سگهي - جيئن بيت:

دران دم درو محو گردو چنان - ڪہ معشوق هم زونيا بد نشان

آخر اتي انهي بحر ۾ قطري وانگي رلمل ٿي سارو سمند ٿو
سمائي - تڏهن سواءِ معشوق جي ٻي ڪا شئي نہ ٿي رهي - نہ ڪو نام
نہ نشان - نڪو ملڪ نہ مڪان - جيئن قوله تعاليٰ: كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ
وَيَبْقَىٰ وَجْهُ رَبِّكَ ذُوالْجَلَالِ وَالْاِكْرَامِ - نيٺ اتهون نزول ڪري وري وڃي
ڪين ۾ ٿو پوي اتي سواءِ عشق جي ٻي ڪا شئي نہ ٿي رهي - يهدالله

لنوره من يشآء. سوال ته عشق فراق کي ٿو ٿئي - عاشق جڏهن وجي وصال ٿو ڪري ته پوءِ عشق باقي جو ٿو بچي - جواب ته حقيقي معشوق جي حسن کي حد ۽ نهايت ڪانهي جيئن اڳتي تئين تازو ۽ زياده زور - هر روز عاشق شهيد ٿي نئون نئون نور جو تجلو جلوه گر ٿو ٿئي - پوءِ جيڪو حسن عاشق ٿو ڏسي ته انهي جو واصل آهي ۽ جيڪو باقي آهي ته انهي جو عاشق. پيو ته عشق جو ساه حسن آهي - حق تعالىٰ جو روز بروز جيئن اڳتي تئين تازو ۽ وڌيڪ زور. هميشان باقي ۽ بقادار. بيحد ۽ بي پايان آهي - جيئن بيت:

درد مارا نيست در مان الغياث. هجر مارا نيست پايان الخياث.

جيئن عاشق بيقرار تيئن معشوق درڪنار. جيئن معشوق درڪنار. تيئن عاشق پائدار سوال ته عاشق کي فراق ۾ غم وصال جو ٿو ٿئي ۽ وصال ۽ غم فراق جو. پوءِ عاشق جي آرام جو وقت ڪهڙو آهي؟ جواب ته عاشق جي آرام جو وقت آهي محويت ۽ استغراق. مگر اهو حال پرائڻ سخت مشڪل ۽ گهڻو محال آهي نه چڙو گفتگو ۽ زباني قيل قال. طالب موليٰ جو اول چڙو علم اليقين ٿو ٿئي. پوءِ هزارين محنت ۽ مشقت. درد ۽ فاقين سان وجي عين اليقين ٿو ٿئي. تنهن کان پوءِ پاڻ اصل نيست ۽ نابود ٿي. حقيقي حاصل ڪري. حق اليقين ٿو ٿئي. علم اليقين آهي. ٻڌ جي سڌ ۽ عين اليقين اک جي ڏٺ. ۽ حق اليقين منجهه پوڻ. مثال ته جيئن ڪوئي اڻ ڏٺي بحر جي خبر ٻڌي پوءِ پنڌ ڪري وجي انهي کي اکين سان ڏسي. تنهن کان پوءِ انهي جي منجهه پوي. جڏهن غوطو هڻي سارو ئي انهي ۾ غرق ٿي ويو. تڏهن ڄاڻ ته حق اليقين ٿيو. شريعت ۾ پنڌ کي ذڪر تا چون ۽ طريقت ۾ وروهه ۽ حقيقت ۾ محبت ۽ معرفت ۾ مشاهدو شريعت ۾ هڪ چوڻ آهي. ۽ طريقت ۾ هڪ سمجهڻ ۽ حقيقت ۾ هڪ ڏسڻ آهي ۽ معرفت ۾ هڪ ٿيڻ ۽ توحيد ۾ آهي هڪ رهڻ. توحيد اهو آهي جو ڪوئي شخص ڪنهن کي مُٺ مهرن جي ڏيئي ۽ پيو ڪوئي انهي کي مُک منهن ۾ هڻي ته ٻنهي کي هڪ ڄاڻي. اهل اسلام ٽي قسم آهي. هڪ

قسم ڇڙو وجود ۽ ڪپڙي کي پاڪ ڪرڻ ظاهري پليتي کان. جيئن گونهہ ۽ مُٽ پونء ۽ رت وغيره ۽ ٻيو قسم دل کي پاڪ ڪرڻ بدعات کان. جيئن فخر ۽ غرور حرص ۽ حسد. ڪوڙ ۽ ڪاوڙ. ڪوٽ ۽ بغض وغيره. ٽيون قسم سر کي پاڪ ڪرڻ غير کان يعني ماسوالله کان. جيڪڏهن ڪوئي خيال ڪري ته بندي کي پيروي پيغمبر صلي الله عليہ وسلم جي ڇڙي شريعت بس آهي ته ايهو خيال خطا آهي. ڇو جو پيروي چار قسم آهي. هڪڙو شريعت، ٻيو طريقت، ٽيون حقيقت ۽ چوٿون معرفت. شريعت آهي قول محمدي ۽ طريقت فعل. حقيقت حال محمد ۽ معرفت اسرار پوء جيڪو ڇڙي شريعت ۾ بيٺو ته اهو طريقت کان ڏکيل آهي ۽ جيڪو طريقت ۾ بيٺو ته اهو حقيقت کان ڏکيل آهي جيڪو حقيقت ۾ بيٺو ته اهو معرفت کان ڏکيل آهي. الطريقت افعالي اَلشَّرِيعَت اَقوَالِي اَلحَقِيقَت اَحوَالِي اَلمعرفَت اسَرارِي. مَن سَکَنَ فِي الشـريعت فَهُومَحجُوبٌ عَن اَلطرِيقَتَ مَن سَکَن فِي اَلطَرِيقَت فَهُومَحجُوب عَنِ الحَقِيقَت مَنسَکَن فِي اَلحَقِيقَت فَهُو مَحجُوبُ عَنِ المعرِفَتَ. تڏهن بندي کي ايهي چارئي پردا وڃڻا ضروري آهن. طالب پهرين پردي ۾ فنافي النفس ٿو رهي. ۽ ٻي پردي ۾ فنافي الشيخ ۽ ٽئين پردي ۾ فنافي الرسول ٿو ٿئي ۽ چوٿين ۾ فنافي الله. جڏهن پروردگار کي پنهنجي ظهوري جو خيال ٿيو ته اتهون نزول ڪري لاهوت ۾ اچي نالو نور سڏاياء ۽ جبروت ۾ روح. ملڪوت ۾ قلب ۽ ناسوت ۾ قالب يعني جسم ۽ صفات ساري. طالب ناسوت ۾ واقف ٿو ٿئي ۽ ملڪوت ۾ واصل. جبروت ۾ عارف ٿو ٿئي ۽ لاهوت ۾ عاشق. باهوت ۾ معشوق ٿو ٿئي ۽ هاهوت ۾ عاشق. جيئن اڳتي اهو بيان ڪجهہ منازل سلوڪ ۾ مفصل مرقوم والله يختص مَن يشآء.

بيان منازل سلوڪ

سلوڪ جي منزلن جو حال شرح ۽ بيان جي حد کان ٻاهر آهي مگر ناديده ملڪ سخت مشڪل ٿو لڳي. تڏهن مختصر بيان قدر ضرورت جي اشاري لاء مندرج آهي. طالب کي طريقت جي پنڌ ۾ چار

پردہ غير جا وڏا ضروري درپيش آهن - جيئن ناسوت ۽ ملڪوت ۽ جبروت ۽ لاهوت اجا اڳتي ٻه پردا ٻيا بہ آهن جيئن باهوت ۽ هاهوت پر اهي چڙو عشق سان ٿا وڃن - پرتي ٻيا نوراني پردا تہ هزارين آهن جو انهن ڪي نهايت ئي ڪانهي - مگر پنڌ جي حد ايسيتائين طالب تان جو اهي ڇهني پردا وڃي پار نہ پوندو تہ انهي ڪي وچ ۾ ويهڻ حرام آهي - الغرض جڏهن طالب مولىٰ جو مرشد ڪان رستو واقف ٿي طريقت جي پنڌ ۾ ٿو پوي تہ انهي ڪي پهريں ناسوتي پردي ۾ سواءِ زهد ذڪر ۽ ظاهري صورت مرشد جي ٻي ڪا خبر نٿي پوي - جڏهن اتهون ساڻ رنج ۽ معنت ذڪر ۽ بڪ ذڪر ۽ فڪر جي لنگهي وڃي ٻي ملڪوتي پردي ۾ داخل ٿو ٿئي. تہ اتي اول وحدت جو ويساه ٿو پوي - جيئن جو يقين سان هر شئي ۾ حق تعالىٰ کي ٿو ڄاڻي - ڇا جماد ۽ نبات - ڇا انسان ۽ حيوان - تڏهن ايهو خيال ٿو پوي تہ هر شئي ۾ بہ پاڻ مولىٰ آهي ۽ مان ۾ بہ پاڻ اهو - هاڻي ذڪر فڪر ڪير ڪري - پر انهي خيال ڪي محض خطا سمجهڻ ٿو کپي - جو پنڌ اجا اڳتي گهڻو آهي ۽ منزل پري - اتي انهي اسم کي بہ خود جند ٿو سمجهي - پر ايهو اجا انهي جو نام آهي نہ جند - ٻيو تہ اتي رنگارنگ انوار ڏسڻ ۾ ٿا اچن - جيئن باهہ ۽ ڪوڻ شمع ۽ چراغ - چنڊ ۽ تارا وغيره - آخر تنهن ڪان پوءِ اهو ڄاڻ ٿو پوي تہ جسم عالم سفات آهي ۽ روح عالم ذات - تڏهن اها هستي ۽ حرڪت ساري انهي جي آهي - اتي شيخي حقيقت جو بہ ڄاڻ ٿو پوي - نيٺ مرشد جي مهرباني سان جڏهن اتهون لنگهي وڃي ٽئين جبروتي پردي ۾ ٿو پهچي تہ اتي پنهنجا پير زمين ۽ سر آسمان ٿو سمجهي ۽ صورت حقي ٿو وٺي جيئن جو پاڻ کي خود رب ۽ رسول ٿو ڄاڻي ۽ دم منصوري ٿو هڻي - ۽ هر شئي ڪان بہ ايهو آواز ٿو ٻڌي - جو هر چيز پاڻ کي اثبات ٿي ڪري - پر ايهو حال اين ٿو ٿئي تہ انهي وقت دل وڃي روح سان ٿي رلي ۽ سِر حقيقت محمدي جو اهو ذات مطلق آهي - انهي جو پرتوو روح تي ٿو پوي - تڏهن طالب پاڻ کي تہ اين ڄاڻي - ٻيو تہ اتي هر طرف ۽ هر پاسي ڪان رنگارنگ مشاهد انوراني ڏسڻ ۾ ٿا اچن

. جيئن درياه درياه ۾ موج موج . تن جو تاب سچ ڪان ٻه تڪو زور . اتي سر ڪان ٻه آواز ٻڌڻ ۾ ٿو اچي . جيئن بيت:

ڪس ندانست ڪہ منزلگہ معشوق ڪجا است . اين قدر هست ڪہ بانگ جرسِ مي آيد.

الغرض انهي ٽن چئن پردن ۾ ست شهود آهن . جيئن ٻه ملڪوت ۾ ۽ ٻہ جبروت ۾ ۽ هڪڙو جبروت ۽ لاهوت جي وچ ۾ ۽ ٻه لاهوت ۾ . طالب جڏهن ٽنهي پردي جبروتي ڪان لنگهي وڃي . انهي جبروت ۽ لاهوت جي وچين شهود ۾ داخل ٿو ٿئي تہ اتي قوت ٻه حقي ٿو وٺي . جيئن جو هر شئي کي پاڻ سان هست ۽ موجود ٿو ڄاڻي ۽ سواءِ پنهنجي سڀ نيست ۽ نابود . جڏهن دم ٻاهر ٿو ڪڍي تہ سڀ ساه دار جو ساه ٿو سمائي . جي انهي وقت چرندڙ ساهدار کي چوي بيہ تہ برابر بيهي رهي . جڏهن دم اندر ٿو ڇڪي تہ سڀ حيوان جو ساه پاڻ ۾ موجود ٿو ڏسي . يعني اتي سڀ سهدار جي ساه جو عروج نزول پاڻ ڪان ٿو سمجهي ۽ سڀ حيوان جو ڏسندڙ ۽ ٻڌندڙ . چوريندڙ ۽ ٻوليندڙ ٻہ پاڻ کي ٿو ڄاڻي . ۽ هر شئي جي موجودي ۽ معرومي ٻه پاڻ ڪان ٿو سمجهي . ڪڏهن عرش ۽ ڪرسي ٿو سمائي ڪڏهن زمين ۽ آسمان . ڪڏهن شجر ۽ هجر ٿو ٿئي . ڪڏهن انسان ۽ حيوان . مطلب تہ اتي ساري مخلوقات پاڻ ٿو سمائي ۽ احوال ماضي مستقبل حال جو ٻہ پنهنجي خيال ڪان ٿو سمجهي تڏهن پاڻ کي خود خالق ۽ قادر ٿو ڄاڻي . پوءِ انهي وقت ايهو خيال ٿو پوي تہ فقيري جو منتها اصل اهو آهي جو هاڻي حاصل ٿيم . سڀ اولياءِ ٻہ ايستاءِ آيا آهن . پرتي شايد ڪہ پنڌ ئي ڪونهي حالانڪہ اهو اڃا حقيقي سچ جو ٽڙڪو آهي نہ سچ . زنهار زنهار . متان ڪوئي ڇڙو انهي ٽڙڪي جي تاب تي رندجي پنڌ ڪان بيهي رهي . يا دل ۾ خيال ڪري تہ مان هاڻي مولا کي چڱي طرح تي ڏٺو ۽ لڌو يا ڄاتو ۽ سڃاتو . جو اهي خيال سڀ خطا ۽ زيان آهن . الغرض نيڪ مرشد جي مهرباني ۽ اسم ذات جي برڪت سان اهو حجاب ٻہ ٻاسي ٿو ٿئي . تڏهن پاڻ کي اصل نيست ۽ نابود ٿو ڄاڻي ۽ معلوم ٿو

ٿئي تہ اهي سڀ محبوب جي صفات هئي نہ ذات . مگر اهو حال ايئن ٿو ٿئي تہ اتي طالب جي نظر وڃي عدم تي ٿي پوي . عدم کان مٿي ٻي ڪا شئي ڪانهي صفات ساري انهي کان هيٺ آهي . هر شئي موجود بہ انهي عدم کان ٿي ٿئي ۽ موٽي معدوم بہ انهي ۾ ٿي وڃي . عدم دل ۾ آهي ۽ سر عدم ۾ . سڀ سهدار جو ساه انهي سر کان عروج نزول ٿو ڪري . طالب کي اجا ڪجهہ پردو باقي ٿو رهي تڏهن ايئن ٿو ڄاڻي تہ هر شئي موجود بہ مان کان ٿي ٿئي . ۽ موٽي معدوم بہ مان ۾ ٿي ٿي وڃي . ۽ سڀ سهدار جو ساه بہ مان کان عروج نزول ٿو ڪري . ايئن نہ ٿو ڄاڻي تہ مان پاڻ خود عدم آهيان ۽ هر شئي موجود بہ عدم کان ٿي ٿئي ۽ موٽي معدوم بہ انهي ۾ ٿي ٿي وڃي ۽ سڀ سهدار جو ساه سر کان عروج نزول ٿو ڪري پر اتي طالب تي ڪوئي حرف ڪونهي . ڇو جو انهي وقت مولىٰ جي ذاتي پرتوي ۾ طالب جو سفاتي حوصلو گم ٿو ٿي وڃي . تڏهن پاڻ کي رب ۽ رسول ٿو سمجهي ۽ اناالحق ٿو چوي بلڪ طريقت جي پنڌ ۾ هر طالب کي انهي ڪفر جي پوڙي تي پير رکڻ ضروري آهي ڇو جو جيڪو انهي ڪفر جي پوڙي تي پير نہ رکندو تہ حقيقي مسلمان ٿي نہ سگهندو جيئن رباعي

کفراليماناند باهم مشترک . هر کہ کفرش نيست ايمانش کجا.

پائے اول برکفرنہ تارسي برمقامي مسلماني مصطفىٰ .

مگر طالب جنهن پردي ۾ ٿو اچي تہ ايئن ٿو ڄاڻي جو سارو اسرار الـهي ايهو آهي جو هاڻي مان کي حاصل ٿيو . جيئن مثنوي:

هر کسے در پرده مطلوب جواست،
فهم او اين است کو خود عين اواست،
هست اين پندار زير ابر آه،
صد هزاران پرده آمد تا الـه.

مطلب تہ طالب مولا جو جاڻي بہ پهچيَ ۽ اتي جيڪو بہ ڏسي تہ سو سڀ کين جي ڪٿا هي ۽ عدم جي اوڙاهہ ۾ ٻوڙي ڇڏي . ڇو جو خدا تعالىٰ جي يگانگي ۽ جلالي جو بحر بي پايان ۽ بي نهايت آهي ۽

انهي جي ناز ۽ راز جو بارگاه بلند ۽ بيپرواه. تڏهن سڀ انبيائن ۽ اوليائن فرياد مَاعَرَفنَاکَ حَقَ مَعرفَتکَ جي پڪاري آهي ۽ سڀ ملائڪن ۽ مقربن دانهہ. مَاعَبَدناکَ حَقَ عبَادتکَ جي تنواري. جڏهن اهڙن مردن بہ انهي بارگاه ۾ پنهنجي ڪوتاهيءَ ۽ نارسي عذر پيش پي ڪيو. پوءِ ٻيو ڪير آهي جو انهي ذوالجلال ۽ بي نياز بارگاه ۾ پير پنهنجو سڌو رکندو ۽ دم راستي جو هڻي سگهندو. جيئن قول قدسي:

راستي حد تو حافظ نبود صحبت ما،

بس اگر برسراين کوئے کني سگباني.

۽ ڪلام قدسي غوثي:

محي بارين زندگاني گر گمان داري کہ تو،

راه حق رفتي يقين ميدانکہ فکر باطل است.

الغرض طالب اتي وڃي ڪين جي ڪناري تي پهچي پاڻ کي اصل فنا ۽ فاني ٿو ڄاڻي. تڏهن نڪو ايهو سير ۽ تماشو ٿو رهي ۽ نہ اها همہ اوستي ۽ خود اوستي. اتهون جڏهن فنا جي فڪر سان لنگهي وڃي چوٿين لاهوتي پردي ۾ داخل ٿو ٿئي تہ اتي پاڻ کان اصل آزاد تي عين عاشق ٿو سمائي. تڏهن وڃي درد جي درياهہ ۽ عدم جي اوڙاه ۾ ٿو پوي. اتي انهي عدم ۾ هر شئي عدم ٿي ٿي وڃي. ڇا جماد ۽ نبات. ڇا انسان ۽ حيوان اتي هر طرف کان آواز بہ عدم جو ٿو ٻڌي. انهي ميدان ۾ جڏهن اکيو پوٽي مخلوفات کي عدم ۾ ٿو هڻي تہ تمامي عالم عدم ٿي ٿو وڃي. اکيون ٿو پٽي تہ هر شئي پنهنجي جاءِ تي برحال بيني آهي. پر اهو عدم هن عدمن وانگي ناهي. جيئن جو زمين ۽ آسمان جو وچ بہ عدم آهي. جي اکيون پوٽ بہ عدم آهي وغيره ازين قسم جو ايهي عدم سڀ مثل پزير ۽ فاني آهن ۽ اهو عدم بيرنگ ۽ بي مثل نہ فاني آهي نہ باقي. ڇو جو انهي جي هستي کي هستي ڪانهي. اهو عدم محض عدم آهي مگر انهي جي عدميت هميشان باقي آهي. عالم سارو پيدا بہ انهي عدم کان ٿو ٿئي ۽ موٽي معدوم بہ انهي ۾ ٿي ٿو وڃي. انهي عدم کي سنڌي زبان ۾ ڪين ٿا چون.

اهو عدم سو آهي جو ڪُن فَيَڪُونَ کان به اڳي هيو. جي اهو عدم دل جي ميدان کي چنجي ته به آهي. اتي نڪا رات آهي نه ڏينهن. نه واچ آهي نه مينهن. پيو ته اتي هر طرف کان مشاهدو روحي عالم جو مڪشوف ٿو ٿئي. جيئن جو ڪي دنيا کي وڏا. ڪي عابد ڪي زاهد. ڪي عالم ڪي جاهل وغيره ڏسڻ ۾ ٿا اچن. انهن کي نه کائڻ نه پيئڻ. نه ننڊ نه سمهڻ. اتي گونا گون وڻ ۽ گل سواءِ بيخ ۽ شاخ جي بيٺل. تن جي صورت سج کان به زياده ۽ روشن زور. هر هڪ گل ۾ هر شئي موجود. انهن جو گذارو ڇڙو انهي گلن جي بوءِ تي. جيڪڏهن ڪوئي سياڻو ماڻهو انهن کي ڏسي ته پريشان ۽ ديوانو ٿي وڃي. اچا اياڻو اتهون آساني سان ٿو لنگهي. اهو عاشق اتي بي ڪنهن شئي ڏانهن چڪ به نٿو هڻي. جي اتي بيهي رهي ته پنهن پاسن کان رنڊجي پوي مالڪ پنهنجي مهر سان وڏين کي شل وڃ. نه وڃهي آخر اتي پاڻ مولا انهي جي آزمائش لاءِ نفسَ ملهم کي محبوبي صفت سان تنهن تي جلوه گر ٿو ڪري. جيئن جو انهي کان هر وصف محبوبي موجود ٿي ٿئي. جو عاشق انهي کي ڪڏهن معشوقي صفت سان روبرو ٿو ڏسي ۽ ڪڏهن اهو خود پاڻ ٿو سمائيجڏهن عاشق اهو پاڻ ٿو سمائي ته انهي وقت هر شئي ان کي خود خالق ۽ رازق ڪري ٿي ميجي جي انهي وقت ڪنهن موئي سهدار کي چوي جيرو ٿي ته به برابر جيئرو ٿي پوي. پر انهي کي بقا نه نيث اسم ذات جي برڪت سان معلوم ٿو ٿئي ته ايهو نفس ملهم آهي تڏهن اهو حال به عدم ٿي ٿو وڃي مطلب ته عاشق انهي عدم ۾ اول هر شئي کي عدم ٿو ڏسي ۽ آخر اهو عدم به عدم ٿي ٿو وڃي. ڇو جو اهو عدم جي ڏسڻ وارو پاڻ عدم ٿي ٿو وڃي. يعني عاشق اتي اصل فنا ٿي مري ٿو وڃي. جيئن حديث: مُوتُو اقَبلَ اَن تَمُوتوا. تڏهن سواءِ درد ۽ فراق. سوز ۽ گداز جي بي ڪا شئي نه ٿي رهي. نڪا واه نه وسيلو نه اميد نه آسرو. نه ڪشتي نه مهاڻو جيئن

بيت:

رسيد من بدريائے ڪہ موجش آدمي خوار است.

نہ ڪشتي اندران درياہ نہ ملاح عجب ڪا راست.

تڏهن پاڻ معشوق انهي جي آزمائش لاءِ بهشت ڪي زيب ۽ زينت - حور ۽ قصورن سميت تنهن تي جلوہ گر ٿو ڪري - اهو عاشق اوڏانهہ اک بہ نٿو کڻي - پوءِ عرش عظيم جڙيل يعقوت ۽ الماس سان مڪشوف ٿو ٿئي - تنهنجي طواف ۾ ملائڪ مقرب ۽ ارواح انبيائن ۽ اوليائن جا پسڻ ۾ ٿا اچن - آخر اتهون درد ۽ فراق - سوز ۽ گداز ٿو کڻي - بي اختيار ڪشش بحري ۽ نهنگ جزبي خود بخود ڇڪي نئين وحدت جي بحر ۾ ٿو هڻي - تڏهن عاشق وڃي آدم جي حد منتها ڪي ٿو پهچي ۽ لاحد ۾ داخل ٿي حقيقي مسلمان ٿو ٿئي - انهي وقت سواءِ مذڪورہ جي بي ڪا شئي نہ ٿي رهي - نہ نفي نہ اثبات - نہ ذڪر نہ ذاڪر - جو جو اسم آدم تاءِ آهي ۽ آدم اسم تاءِ - پرتي نہ آدم آهي نہ اسم - مثال تہ رند جند تاءِ آهي ۽ رستو شهر تاءِ جند ۽ شهر ڪان پرتي نہ رند آهي نہ رستو - پهچڻ ڪان پوءِ رند ڏانهہ نهارڻ بہ شرڪ آهي - جيئن قولہ تعاليٰ وَاعبُدرَبکَ حَتيٰ يَاتيکَ اليَقِينُ ۽ ڪلام قدسي - مَن اِرادَالعبَادَت بَعد الوصُول فَقَد کَفرَ وَاَشرکَ بِاللہ العَظِيمِ - تڏهن اڪيون عين حقبين ٿيون ڪُلن ۽ عين وصال حاصل ٿو ٿئي - انهي وقت عاشق انهي اڳئين اثباتي حال ڪي جنهن ۾ پاڻ ڪي خود خدا ۽ خالق - رب ۽ رسول پي سمجهيو اهو انهن ٿو ڄاڻي جيئن پاڻ ڪان سواءِ يتمر - بلڪ محض ڪفر ۽ گمراهي - مگر هن مسلماني ڪان اهو ڪفر ۽ گمراهي هزار بار بهتر آهي - الغرض اهو عاشق انهي وقتلڪ بار شڪر گذار ٿو ٿئي - جو مالڪ پنهنجي مهر سان مان ڪي انهي ڪفر ۽ گمراهي ڪان ڪڍي هن حقيقي مسلماني ۽ عين وصال ۾ داخل ڪيو آهي - پر اهو وصال عين فراق آهي ۽ اهو فراق عين وصال جيئن بيت:

بدل گفتم کہ مي بينمر وصالش،

چو ديدمر اوفتادمر در فراقش.

جيئن محنت ۽ مشقت زور - تيئن محبت ۽ معرفت زور - جيئن محبت ۽ معرفت - تيئن مستي ۽ محويت زور - جيئن مستي ۽ محويت

زور تيئن عشق ۽ احديت زور - حق تعاليٰ جي حسن ۽ پاڪائي وحدت ۽ وڏائي جي بحر ڪي نہ حد آهي نہ نهايت - نہ مثل آهي نہ مانند صفت انهي جي ليس ڪَمثله ۽ ثنا لا احصي آهي - سندس ذاتي حسن جو بيان نہ ڪنهن اڳي ظَاهر ڪيو آهي نہ ڪوئي پوءِ ڪري سگهندو - چو تہ جيئرو انهي کي ڏسي نہ ٿو سگهي ۽ موئا موٽي ڳالهائي نہ ٿا سگهن - جيئن بيت:

عاشقان ڪُشتگان معشوقند،

برنياد زڪشتگاَن آواز ،

اين مرعيان در طبلش بيخبر انند،

وان راڪہ خبر شد خبرش باز نيايد.

مگر جيڪو انهي کي ٿو ڏسي تہ هن بيت جو مضمون حالي سام زبان ٿو چوي - بيت:

بسي حڪايتحسنيت شنيده ام جانان،

ڪنون ڪہ ديد مت الحق هزار چنداني.

پر اهي اکيون بيون آهن - جيڪي مولا کي ٿيون ڏسن - جو اهي سراسر نور آهن - هي اکيون انهي جي ڏسڻ کان انڌيون ۽ معزور آهن - جيڪي پاڻ کي بہ ڏسي نٿيون سگهن پوءِ اهي پروردگار کي ڪيئن ڏسي سگهنديون - جيڪڏهن انهي اکن سان مولا جو ڏسڻ حاصل ٿي سگهي ها تہ سڀ حيوان بہ انهي کي ڏسي اولياءَ ٿين ها - جيئن مثنوي رومي عليہ رحمت:

گربديدي حس حيوان شاه را،

پس بديدي گاءَ خر الله را.

مطلب تہ مولٰي جو ڏسڻ سواءِ انهي اکن جي آهي - جيئن قوله تعاليٰ لاَتدرکہُ الأبصار - وهويَدرک الأبصاره - پاڻ پروردگار سڀ ڪنهن کي ڏسندڙ ۽ ويجهو بلڪ ويجهي چوڻ کان بہ ويجهڙو آهي - مگر عناصرن جي انهي چئن پردن مولا کي معجوب ۽ پري ڪيو آهي پر انهي چئي پردن جو وڃڻ سخت مشڪل ۽ گهڻو محال آهي نہ ڇڙو سرسري

گفتگو ۽ زباني قيل قال - جو ايهو هر هڪ پردو تن تن ۽ چئن چئن سالن ۾ درد ۽ فاقين جي پنڌ سان ٿو وڃجي - جڏهن ڪوئي طالب مولا جو اهي چارئي پردا وڃي پار ٿو پوي - تڏهن صفا روح ٿي وڃي پنهنجي اصلي بحر سان ٿو رلي - مگر اول دل وڃي روح سان ٿي رلي تنهن ڪان پوءِ روح وڃي سر سان ٿو ملي - پر چشمون وڃي بحر ۾ نه ٿو پوي بلڪ خود بحر ميل ڪري اچي چشمي ۾ داخل ٿو ٿئي - هيڏانهه به پاڻ آهي ته هوڏانهن به پاڻ - پاڻ پاڻکي ٿو ڏسي ۽ پاڻ پاڻ سان ٿو رلي - جيڪڏهن ڪوئي خيال ٿو ڪري ته عاشق جڏهن وڃي وحدت جي بحر ۾ محو ٿو ٿئي ته پوءِ مشاهدي جو مزو به ڪو نه ٿو رهي - ته اهو خيال انهي جو خطا آهي - ڇو ته عاشق توڙيجو انهي بحر ۾ محو ۽ مستغرق ٿي ٿو وڃي ته به انهي جو روحي ذائقو بر حال ٿو رهي - مگر عاشق کي اتي پهچڻ ڪان پوءِ به پاڻ ڪان پرهيز ۽ خوف ضروري آهي - جي موئي پاڻ کي ڪڏهن ڪجهه ڏناءِ ته وري وڇوڙي جي وبال ۾ پئجي ويندو - جيئن بيت:

بوقت گل ومل مناز اي دلا،
مباداخزاني كند مبتلا.

الغرض عاشق جڏهن وڃي انهي بحر ۾ داخل ٿو ٿئي - يعني فنافي الله ٿو ٿئي ته اول پاڻ کي نه اهو ٿو سمجهي ۽ نه انهي ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه - انهي وقت عاشق انهي بحر ۾ ايئن ته محو ۽ معدوم ٿي ٿو وڃي جو پاڻ معشوق به انهي کي لهي نه ٿو سگهي - جيئن مثنوي مولانا رومي عليه رحمت:

علم حق در علم صوفي گم شود،
اين سخن کي باوري مردم شود.

تڏهن عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ فرق ذرو جو به نه ٿو رهي - آخر انهي بحر ۾ قطري وانگي رلمل ٿي پنهنجي باهوتي پردي ۾ عين معشوق ٿو سمائي نيٺ اتهون وري ڪين ۾ نزول ڪري ڇهين هاهوتي پردي ۾ عين عشق ٿو ٿئي - اتي سواءِ عشق جي ٻي ڪا شئي نه ٿي رهي - نڪو

عاشق نہ معشوق نکو رند قدم - دم بہ اتي نا محرم آهي ۽ فقيري ختم - جيئن حديث شريف - اذا اَتمُ الفقَر فَهوالله تعاليٰ - عاشق تڏهن وڃي عين الاهي اخلاق ۾ داخلَ ٿو ٿئي - جيئن جو بي طمعا ۽ بي توري سڀ خلق سان شفقت ۽ احسان - نيڪي ۽ فيض رساني پيو ڪندو - فقير ڪي آخر اُتي بہ حال ٿا رهن هڪڙو محجوبي ۽ ٻيو مڪشوفي - جيئن بيت:

گهي برطار مي اعليٰ نشينم،
گهي برپشت پائے خود نہ بينم.

محبوبي جي وقت سوز ۽ گداز ٿو رهي ۽ مڪشوفي جي وقت احديت ۽ استغراق - جيئنِ حديث شريف : لِي مَعَ اللهُ وَقتُ لَم سيعَني فيہ مَلَڪُ مُقَرَبُ وَلاَ نَبِي مُرسَلُ - جيڪڏهن ڪوئي خيالِ ٿو ڪري تہ عاشق جڏهن اسرار تي سرپوش بہ آهن پوءِ اهڙي سرِ ڪُشائي چو ٿا ڪن تہ انهي جو اهو خيال محض خطا ۽ غلط آهي ڇو جو اهو بيان چڙو عروج نزول جو آهي نہ مولا جي ذاتي صفت ۽ بيچوني راز جو - ٻيو تہ جيڪڏهن اهو بيان انبياء ۽ اولياء نہ ڪرن ها تہ ڪيئن ڪوئي مولا ڏانهن رغبت ۽ منهن ڪري ها ۽ ڪيئن ڪوئي انهي ڪي انهي لڪن ڪان لوڇي لهي ها - تڏهن سڀ انبياء ۽ اولياء پنهنجي طريقي ۾ اهو بيان ڪندا آيا آهن - يهدالله لنوره من يشآء - الله بس باقي هوس جاتي ڪوئي ڪس آهي تہ هڪ حرفئي بس آهي - نہ تہ گل خار ۽ خس آهي .

لبسم الله الرحمٰن الرحيم

باب چهارم

دربيان صبر ۽ شڪر . رضا ۽ محبت . واقوال متفرقه

فصل پهريون

دربيان صبر

بيت سنڌي:

سامي صبر شڪر ۾ ڪن وينا پريںءَ پچار،
رضا ۽ محبت جي تن توڙو سمجهه ستار،
اونهين بحر عميق ۾ او بيخودي بي اختيار،
قطري جيئن گم گار سي فيضل سير سمنڊ ۾.

انسان هڪڙو اسرار الهي ۽ اعلاشان آهي . پاڻ پروردگار آدم زادي کي تمامي مخلوقات کان مشرف ۽ مڪرم ڪيو آهي . جيئن قوله تعاليٰ: وَلَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِي آدم ۽ لقد خلقنا الانسان في احسن تقويم ۽ حديث قدسي . اَلانسَانُ سِرِّي وَاَنَا سره . اَنَ اللهَ خَلَقَ آدم عَلَيٰ صُورَتِه . مگر انسان آهي انسانيت سان . جنهن کي انسانيت ناهي ته اهو چڙو جانور ۽ حيوان آهي نہ آدمي ۽ انسان . انسانيت آهي صبر ۽ شڪر . رضا ۽ محبت سان . مثال تہ جيئن انسان جو وجود ڇئن عناصرن سان موجود ۽ ڪمال آهي تيئن انسانيت جو وجود صبر ۽ شڪر . رضا ۽ محبت سان معمور ۽ برحال آهي . جيڪڏهن انهن سڀن کان ڪو هڪڙو زوال هوندو تہ انسان جي انسانيت جو وجود سارو زوال هوندو نہ ثابت ۽ برحال . چو تہ جيئن بلا تي صبر ٿو ڪجي تيئن نعمت تي شڪر . جيئن نعمت تي شڪر ٿو ڪجي . تيئن قضا تي رضا . جيئن قضا تي رضا تي ڪجي تيئن محبت ۾ محويت . جيئن حديث قدسي . اَلصَبرِ عَلَيٰ بَلَائِي اَشْكُرُ عَلَيٰ انعمَائِي اَلرضَا عَلَيٰ اَقضَائِي مَن لَم يَصبِر عَلَيٰ بَلَائِي وَلَم يَشكُرُ عَلَيٰ نِعمَائِي وَلَم يَرضَيٰ عَلَيٰ قَضَائِي فَيَطلُب رَبُ مَاسَوَائِي

يَخرُجُ مِن تحت السَمَائِي - مطلب ته جيڪو بلا تي صبر نه ڪندو ۽ نعمت تي شاڪر نه ٿيندو ۽ قضا تي رضا نه ڏيندو ته مسلماني جي سلڪي کان ئي نڪري ٻاهر پوندو - تڏهن انسان کي انهي سين ڪمن جو سمجهڻ ضروري آهي شرح وار بيان انهي هر هڪ جو ڏکهو آهي - مگر مختصر بيان قدر ضرورت جي اشاري لاءِ اڳتي مرقوم آهي الله بس باقي هَوَس -

بيان فضيلت صبر

صبر هڪڙو الهي رحمت جو درياه آهي پوءِ جنهن کي خود خدا تعاليٰ پنهنجي نزديڪي لاءِ تو گهري ته انهي کي انهي رحمت جي درياه ڪان بهره وند تو ڪري - بلڪ پاڻ پروردگار صابرن کي نزديڪي سان ياد ڪيو آهي - قوله تعاليٰ وَاللهُ مَعَ الصَابرِين - صبر جي معنيٰ آهي چپ ۽ بس - يعني بلا تي چپ ڪري ۽ فضول ڪان بس - فضول آهي ضرورت ڪان زياده جيئن جو سواءِ ضرورت جي سڀ ڪان بس ڪري - چا سمهڻ ۽ گهمڻ - چا کائڻ ۽ ڳالهائڻ وغيره صبر جا ٽي درجا آهن - هڪ عام ، ٻيو خاص ۽ ٽيون اخص.

بيان درجات صبر

صبر جو اول عام درجو اهو آهي جو جڏهن ڪا بلا نازل ٿئي ته دانهه ۽ گلا ڪان چپ ڪري ۽ جي نفس ناروا خواهش ڪري ته انهي ڪان بس - بلڪ سين عضون ۽ حواس جو به صبر آهي جيئن اک ناروا نه ڏسي ۽ ڪن ناروا نه ٻڌي - ۽ نڪ ناروا نه سنگهي ۽ زبان ناروا نه ڳالهائي ۽ هٿ ناروا ڏانهه نه ڏگهو تي پير ناروا ڏانهن نه ڪجي دل ناروا ڏانهه نه ميل ڪري - ٻيو خاص درجو اهو آهي ته بلا تي خوش ٿئي ۽ فضول ڪان بس ڪري - جيئن اک فضول نه ڏسي ۽ ڪن فضول نه ٻڌي ۽ نڪ فضول نه سنگهي ۽ زبان فضول نه ڳالهائي ۽ هٿ فضول ڏانهه ڏگهو نه ٿئي - ۽ پير فضول ڏانهه نه ڪڄن ۽ دل فضول ڏانهه نه ميل ڪري - ٽيون اخص درجو اهو آهي ته بلا تي نه ڏکي نه خوش ٿئي جيئن جو

محويت جي مستي کان بلا جي خبر ئي نہ پوي ۽ غير کان بس ڪري - جيئن جو اک غير نہ ڏسي ۽ ڪن غير نہ ٻڌي ۽ نڪ غير نہ سنگهي ۽ زبان غير نہ ڳالهائي ۽ هٿ غير ڏانهن نہ ڊگهو ٿئي ۽ پير غير ڏانهن نہ ڪڇن ۽ دل وحدت جي بحر ۾ محو ۽ مستغرق رهي والله يختص من يشآء -

طالب مولىٰ جو تان جو ڪنڊو ۽ منڊو - گنگو ۽ ٻوڙو نہ ٿو ٿئي تہ پنهنجي مطلوب سان ملي نہ ٿو سگهي - جيڪڏهن ڪوئي شخص ٻي ڪنهن کي عذاب ۽ ايذاءُ ٿو رسائي ۽ اهو صبر ٿو ڪري تہ اهو ڪيو وري انهي جي جند کي پيش ٿو اچي - پاڻ پيغمبر صلي الله عليہ وسلم فرمايو آهي مَن حفَرَ بيرًا لِلأ خيه فَيَد خلهُ فيُہ - صبر جو هٿيار ترار کان بہ تکو ۽ وڍيندڙ زور آهي - جيئن روايت آهي تہ هڪڙي ڏينهن هڪڙي اصحآب اچي پيغمبر صلي الله عليہ وسلم کي عرض ڪيو جو يا رسول الله اڄ مان هڪڙو عجب راز ڏٺو آهي پر تنهنجي خبر ڪا نہ پيم پاڻ فرمايائون تہ خبر ڏي - اصحآب چيو جو مان اڄ صحرا ۾ سير ڪندو پئي ويس تہ اتي بہ شخص ڏٺم - جو هڪڙو چپ ڪري ويٺو هو ۽ ٻي انهي کي گندو پئي ڳالهايو - تان جو بدرد ڳالهائي ڳالهائي آخر انهي تي هٿيار ڪٽي حملو ڪياءِ - تڏهن هڪڙو تجلو ٿيو ڏسان تہ بلي! اهو بد ڳالهائيندڙ شخص بہ اڌ ٿي پيو آهي - پاڻ فرمايائون تہ اها صبر جي ترار هئي جو هٿي انهي کي وڍي وڌائين - هي هي ۽ هاءِ هاءِ - جيڪو هن جهان ۾ سختي ۽ سچائي فقر ۽ فاقئي ۾ صبر ڪري مولا جي ذڪر فڪر سان مشغول ٿو رهي تہ اهو حق تعالىٰ جي نزديڪ سڀ کان اعلىٰ شان ۽ بلند مقام آهي - جيڪڏهن هن جهان جا اهي امير ۽ اغنيآءِ دولت مند ۽ بادشاه انهي سختي ۽ سچائي - فاقئي ۽ فقيري حال کان معلوم هجن ها تہ هرگز پنهنجو ملڪ ۽ مال - دولت ۽ خزانو سڀ ڇڏي ڇڙو زهد ۽ ذڪر - فاقئي ۽ فقيري کي اختيار ڪرن ها - روايت آهي تہ قيامت جي ڏينهن پاڻ پروردگار سڀ کان اول اهو آواز ڪندو تہ اي اولاد آدم جي سڀ ڪن ڏيئي خيال سان ٻڌو - تڏهن هر ڪو حيران ۽ پريشان

تي ويندو جو الاني ڇا حڪم آهي. پوءِ پاڻ فرمائيندا ته اي بني آدم مان اوهان مان هڪڙو قانون رکيو هو جو جيڪو اوهان ۾ نيڪي ۽ پرهيز عبادت ۽ ذڪر فڪر سڀ کان وڌيڪ زور ڪندو ته اهو سڀ کان وڌيڪ زور ۽ اعليٰ شان آهي. اوهان اتي منهنجي انهي قانون کي ڇڏي پنهنجو اهو قانون رکيو جو جيڪو حسب ۽ نسب مال ۽ خزاني ۾ سڀ کان وڌيڪ زور آهي ته اهو سڀ کان وڌيڪ زور ۽ اعلاشان آهي. مان احڪم الحاڪمين عادل آهيان. جيئن اوهان اتي منهنجي انهي قانون کي ڇڏي پنهنجو قانون رکيو. هاڻي مان ٻه اوهان جو اهو قانون ڇڏي پنهنجو ساڳي قانون رکندس. پوءِ انهي عدالت گاهه ۾ ڪيئي مخدوم ڦري خادم ٿيندا ۽ ڪيئي خادم مخدوم. ڪيئي غالب مغلوب ٿيندا ۽ ڪيئي مغلوب غالب. ڪيئي غني محتاج ٿيندا ۽ ڪيئي محتاج غني. ڪيئي بادشاهه گداگر ٿيندا ۽ ڪيئي گداگر بادشاهه. آخر انهي ڏينهن هڪڙي شخص کي ڪنهن وڏي عزت ۽ اڪرام سان آڻي حشر گاهه ۾ حاضر ڪندا. جيئن منهن انهي جو چوڏهين جي چنڊ وانگي روشن ۽ هڪڙي جماعت ملائڪن جي پوئتون ۽ هڪڙو عاصو عجيب هٿ ۾. تڏهن تمامي عالم حشر گاهه جو انهي کي ڏسي حيران ٿي ويندا. نيٺ پڇا ڪندا جو اهو ڪير آهي. ۽ ڪهڙو عمل ڪمايائين. ملائڪ چوندا ته هي اهو شخص آهي جو انهي جهان ۾ نڪو ملڪ ۽ مال هيس نه تن جي طلب ۽ طمع. رات ڏينهن ڇڙو ذڪر و فڪر ۽ مولا جي محبت ۾ محو ۽ مشغول رهندو هو. جڏهن بکيو ٿيندو هو ته لٺ هٿ ۾ ڪري وڃي ٻه ٽي گهر پني پيٽ جو گذارو ڪري وري اچي مولا جي محبت ۽ يادگيري ۾ ويهي رهندو هو. پوءِ تمامي دنيا دار ۽ دولتمند. امير ۽ اغنيا. هزار هزار افسوس ۽ ارمان ڪندا جو اسان ٻه اتي ايئن هجون ها ته اڄ ڏينهن هن حساب ۽ عذاب کان آزاد ٿي اهڙي درجي ۾ داخل ٿيون ها. پر انهي وقت جو ارمان ۽ پشيماني ڪجهه ٻه فائدو نه ڪندو. مگر جنهن کي مالڪ هدايت ڪري ته وقت پشيماني ۽ عبادت جو هيءُ آهي. هي هي ۽ هاءِ هاءِ. فقير جي هڪ رات جي فاقي جو صبر دنيا دار جي

لڪ روپين جي خيرات کان زياده زور آهي - جيئن بيت:

ازبزرگان شنيدام بسيار،
صبر درويش به ڪه بذل غني.

صبر جهڙي بهادري ۽ قنايت جهڙي توانگري ساري جهان ۾ ٻي ڪنهن شئي ڪي ڪانهي - تڏهن شيخ سعدي عليه الرحمت ٿو فرمائي بيت:

اي قناعت توانگرم گردان،
ڪه ورائے تو هيچ نعمت نيست.

قناعت آهي نيت ۽ بيفضولي - جنهن فضولي جو پيشو ڪيو ته سو وجي سرف ۾ داخل ٿيو - سرف آهي بدخرچي انهي ڪان پاڻ پروردگار منع فرمائي آهي - قوله تعاليٰ ڪُلُواوَشرَ بُوا وَ لاَ سُرِفُوا - پر جيئن سرف ۾ خير ڪونهي تيئن خير ۾ سرف - تڏهن بندي کي بايد آهي ته سرف ۽ بخل کي ڇڏي سخا ۽ صبر ۾ ثابت قدم رهي - والله يَختص مَن يشآء - الله بس باقي هوس - جاتي ڪوئي ڪس آهي ته هڪ حرفئي بس آهي.

باب چهارم

فصل ٻيون

در بيان شڪر

بيان فضيلت شڪر

شڪر هڪڙو الهي نعمت جو خزانو آهي مگر اهو خزانو سواء ڪن خاصن جي اڻن هر ڪنهن کي ملي نه ٿو سگهي جيئن قوله تعاليٰ قَلِيلاً مِن عِبَادِيَ الشَكُورُ. يعني ٿورا آهن ڏاڍهي بندن منهنجي شڪر ڪَندڙ. شُڪر جي معنيٰ آهي ثنا ۽ ٿورو. جيئن جو جيڪا نعمت مولا ڏيئي ته بندو دل ۾ خوش ٿي انهي جي ثنا ڪري ۽ ٿورو مڃي. پر انهي واسطي خوش نه ٿئي جو اها شئي مان کي گهرج ۾ هئي ته ملي ۽ نه انهي واسطي خوش ٿئي جو انهي شئي کي خرچي سگيو رهندس. مگر محض انهي واسطي خوش ٿئي جو مالڪ پنهنجي مهر سان مان کي ياد ڪيو آهي ۽ اڳتي بہ پنهنجي قرب ۽ نزديڪي سان شل ياد ڪندم. الغرض شڪر در حقيقت خوش دلي ۽ مولا جي يادگيري آهي. جيئن بيت. شڪر چيست خوشدل شدن ازخدا. دمي هم زيادش نگشن جدا. ۽ ڪفر در حقيقت بيشڪرن ۽ وسارو آهي. تڏهن پاڻ پروردگار پنهنجي ذڪر ۽ شڪر جو ڳڻامر فرمائي بندي کي ڪفر کان روڪيو آهي قوله تعاليٰ فَذكُرُونِي اَذكُركُم وَشكُرُولي وَلاَتكفرُونِ. مطلب ته بندي کي هر وقت ۽ هر حال ۾ خدا تعاليٰ کان خوش دل ٿيڻ ۽ انهي جي يادگيري ڪرڻ واجب آهي بلڪ عين فرض. مگر شڪر جا ٽي درجا آهن هڪ عام ٻيو خاص ٽيون اخص.

بيان درجات شڪر

شڪر جو اول عام درجو اهو آهي ته بندو مولا جي بندگي جو ڪم سڀ خوش دلي سان بجا ڪري. جيئن نماز ۽ روزو. حج ۽

زکوات وغيره ۽ بد ڪمن ڪان پرهيز ڪري - جيئن ڪوڙ ۽ چوري - فحش ۽ زنا - ڪوٽ ۽ ريا وغيره ۽ تمامي خلق جو خالق ۽ رازق يقين سان محض مولا کي ڄاڻي ۽ جيڪا نعمت مالڪ ڏيئي ته دل ۾ خوش ٿي مولا جي صفت ۽ ثنا ڪري ۽ انهي کي محض مولا کان ڄاڻي - سندس ٿورو ۽ احسان مڃي بلڪ انهي شئي کان به ڪجهه شڪر ادائي ڪري - جيئن عشر ۽ زکوات - صدقو ۽ خيرات وغيره - ۾ جنهن هٿ کان شئي ملي ته انهي جي به شڪر ادائي لازم آهي - ٻيو ته اهي عضوا ۽ حواس به سڀ نعمتون آهن تن جي شڪر ادائي به واجب آهي - جيئن اک نيڪ ڏسي ۽ ڪن نيڪ ٻڌي - ۽ نڪ نيڪ سنگهي - زبان نيڪ ڳالهائي ۽ هٿ نيڪ ڏانهه ڊگهو ٿئي ۽ پير نيڪ ڏانهه ڪڃي ۽ دل نيڪ ڏانهه ميل ڪري - ٻيو خاص درجو اهو اهي ته هميشان مولا جي محبت ۽ يادگيري ۾ محو ۽ مشغول رهي - جيئن جو دم اندر اچي به مولا جي نانءُ سان ۽ ٻاهر نڪري ته به انهي جي اسم سان جو انهي هر هڪ دم ۾ ٻه نعمتون آهن. پوءِ هر هڪ نعمت تي شڪر واجب آهي - ٻيو ته هر وقت ۽ هر حال ۾ خدا تعاليٰ کان خوشنود رهي ۽ هر شئي کي انهي کان هست ۽ موجود ڄاڻي ۽ جيڪا نعمت مالڪ ڏي ته دل ۾ خوش ٿي انهي کي محض موليٰ جي مهرباني سمجهي - بلڪ انهي شئي کان به گهڻو موٽي موليٰ جي نانءُ تي ڏيئي ڇڏي ۽ ٿورو پاڻ کان جهلي ۽ اهي عضوا ۽ حواس به گهڻو مالڪ جي راه ۾ خرچ ڪري ڇڏي ۽ ٿورو پنهنجي ڪم ۾ لائي ۽ دل هميشان مولا جي محبت ۽ ذڪر فڪر ۾ محو ۽ مشغول رهي - ٽيون اخص درجو اهو اهي ته رات ڏينهن مولا جي محبت ۽ وحدت جي بحر ۾ محو ٿي مستغرق رهي ۽ سواءِ حق تعاليٰ جي ٻي ڪا شئي هست ۽ موجود نه ڄاڻي ۽ جيڪا نعمت مالڪ ڏيئي ته اها سڀ موٽي مولا جي ناءَ تي خرچ ڪري ڇڏي ۽ پنهنجي لاءِ محض مولا کي ڪافي ڄاڻي ۽ ايهي عضوا ۽ حواس به سڀ خاص خدا تعاليٰ جي راه ۾ خرچ ڪري ڇڏي بلڪ دل ۽ روح سر ۽ ساه مولا جي واٽ ۾ فدا ڪري ڇڏي - جيئن قوله تعاليٰ وَأَقرَضَ اللهَ قَرضًا حَسَنًا - انهي قرض

حسنا کان مراد خاص سر ۽ ساه آهي - ڇو جو سر ۽ ساه جهڙي چڱي چيز انسان لاء ٻي کا شئي کانهي - مگر سر ۽ ساه جي ڏيڻ کان غرض آهي سڀ نفسي عيش ۽ عشرت - خورش ۽ فرحت - خوشي ۽ خواهشن جو ڇڏڻ - مطلب ته سواء حق تعالیٰ جي ٻيون اميدون ۽ مرادان - خوشيون ۽ خواهشان سڀ ڇڏي رات ڏينهن ڇڙو ذکر فکر ۽ مولا جي محبت ۾ محو ۽ مستغرق رهي - يهدالله لنوره من يشآء - خدا تعاليٰ جي شکر ادائي کما حقه کو به کري نه ٿو سگهي - جيئن بيت :

ازد ست زبان کہ برآيد،

کز عهده شکرش بدر آيد.

مگر بندي کي ايترو بايد ۽ واجب آهي جو جيڪا نعمت مالک ڏيئي ته انهي ۾ گنهگار ۽ ڏوه دار نه ٿئي - اهي عضوا ۽ حواس در حقيقت پاڻ پروردگار انسان کي انهي واسطي ڏنا آهن جو انهن سان محض مالک لاء نيکي شکار کري - پر مولا کي بندي جي نيکي ۽ عبادت جي ته کائي پرواه کانهي - بلک جيکو به عمل کري ٿو ته سو سڀ پاڻ کان ٿو کر - مگر انهي ۾ هکڙو راز ۽ آزمائش آهي. مثال ته جيئن کوئي بادشاه پنهنجي کنهن ٻانهي کي بندوق بازگير ڏيئي جو انهي سان وجي ماکان شکار کري آڻ - پوء اهو ٻانهو وجي جيکو به شکار کري ته سو سڀ پنهنجي پيٽ گوائي ڇڏي - نيٺ کن ڏينهن کان اهو بادشاه ڄاڻدو ته انهي بندي بيوقوف ۽ بي فرمان مان کي اصل وساري ڇڏيو آهي.تڏهن تنهن کي ناراز ۽ غضبناک ٿي پنهنجي درگاه کان به تڙائي ڇڏيندس پوء جيکڏهن اهو بادشاه ٻي هکڙي ٻانهي کي ساڳي طور بندوق بازگير ڏيئي پوء اهو وجي جيکو به شکار کري ته انهي مان کجھ پاڻ کائي ڇڏي ۽ کجھ نئين بادشاه کي به ڏيئي ته انهي کان جي بادشاه رنج ۽ ناراض نه ٿيندو ته به تنهن کي دل سان دوست نه رکندو - جي اهو بادشاه ساڳي نئين هکڙي ٻانهي کي بندوق بازگير ڏيئي جو وجي مان کان شکار کري آڻ پوء اهو وجي جيکو به شکار کري ته سو سڀ آڻي بادشاه کي ڏيئي -

انهي بادشاه کي تہ بندي جي شڪار جي ضرورت ڪانهي تڏهن اهو شڪار تہ سارو ئي انهي کي موٽائي ڏيندو ۔ پر اجا پاڻ ڪان بہ هزارين امداد ۽ الطاف ڪري ڇڏيندس ۽ دل ۾ بہ انهي کي سڀ ڪان دوست رکندو ۔ بلڪ بندگي جي بند ڪان بہ آزاد ڪري پنهنجو هميشگي جي قرب ۽ ديدار ۾ مسرور ۽ معمور رکندس، والله يختص من يشآء ۔ جيڪڏهن ڪوئي بندو پنهنجي اولاد ۽ مال يا نيڪ چالي ۽ نيڪ حال کي ڏسي ۔ مولا جي درگاه ۾ شڪر ٿو ڪري ۔ يا ڀي ڪنهن شئي جي اچڻ ۽ ملڻ ۾ مالڪ ڪان خوش ٿي شڪر گذارو ٿو ٿئي تہ پاڻ پروردگار بہ انهي ڪان خوش ۽ راضي ٿو رهي مگر جيڪا شئي جو رباني راه ۾ رنڊو وجهي تہ انهي جي اچ ۾ اندوه ۽ وڃڻ ۾ شڪر ڪرڻ ٿو جڳائي ۔ چو تہ انهي جو وڃڻ محض نعمت آهي ۔ بندي کي شڪر ٽن قسمن جو ڪپي ۔ هڪ علمي ٻيو حالي ۽ ٽيون عملي ۔ چو جو علم ڪان حال پيدا ٿو ٿئي ۽ حال ڪان عمل ۔ شڪر علمي آهي هر شئي کي محض مولا جي طرفون هست ۽ موجود ڄاڻڻ ۔ شڪر حالي آهي هر وقت ۽ هر حال ۾ حق تعالیٰ ڪان خوش ٿيڻ ۽ انهي کي ياد ڪرڻ ۔ جيڪڏهن ڪوئي بندو ڪنهن سختي ۽ سيعائي يا بلا ۽ بيماري ۾ خدا تعالیٰ ڪان خوش حال ٿي نہ ٿو سگهي تہ پاڻ ڪان ڀي ڪنهن سخت رنجور کي ياد ڪري تہ انشاء الله تعالیٰ پاڻهين خوش حال ٿي سگهندو ۔ شڪر عملي آهي طاعت ۽ عبادت ۔ خيرات ۽ سخاوت ۔ مطلب تہ جيڪو بہ جهان ۾ نيڪ ڪم آهي تہ سو سڀ شڪر عملي ۾ داخل آهي ۔ جنهن بندي شڪر جو پيشو ڪيو تہ سو وڃي مدامي نعمت ۽ فرحت ۾ پيو ۔ جڏهن ڪوئي بندو ماني يا ڀي ڪا شئي کائي پوء مولا ڪان خوش ٿي ۔ الحمدالله ٿو چوي تہ انهي درجي ۾ وڃي داخل ٿو ٿئي جو ڪوئي بندو بلا ۽ مصيبت ۾ صبر ٿو ڪري تہ اهو وڃي پيغمبر ايوب عليه السلام جي درجي ۾ داخل ٿو ٿئي ۔ جيڪڏهن ڪوئي بندو پنهنجي مال ۽ نعمت مون ڪجهہ خيرات ۽ شڪر ادائي ٿو ڪري تہ انهي جو مال هن جهان ۾ بہ چندان وڌيڪ ۽ زياده ٿو ٿئي ۔ آخرت جا درجا تہ اجا اڳتي

ٿيا ۽ جيڪو پنهنجي مال ۽ نعمت ۾ بخل ۽ بيشڪري ٿو ته انهي جو مالي اتي ئي بي برڪت ۽ نقصان ٿي ٿو وڃي. آخرت جا عذاب ته اڃا اڳتي رهيا. تڏهن بندي کي بايد آهي ته بخل ۽ بي شڪري جو پيشو ڇڏي هميشان سخا ۽ شڪر ادائي جي شغل ۾ شاغل ۽ راغب رهي مطلب ته هن جهان ۾ سياڻا ۽ صاحب عقل جا ماڻهو اهي آهن جو هر رنگ ۽ شئي ۾ خاص خدا تعالىٰ کي ٿا ڄاڻن. هر وقت ۽ هر حال ۾ بيٺل ويٺل ستل پکو مولا کي ياد ٿا ڪن. جيئن قوله تعالىٰ اِنَّ فِي خَلْقِ السَّمٰوات وَالأرضِ وَختلاف الّيلِ وَالنّهَارِ لايَاتِ الأولِي الاَلْبَابِ الَّذِينَ يَذْكُرُونَ اللّٰهَ قِيَامًا وَّقُعُوْدً اوعَلىٰ جُنُوبِهِم. روايت آهي ته هڪڙي ڏينهن عطا نالي اصحاب رضي الله عنه وڃي بي بي عائشه صديقه رضي الله تعالىٰ عنها کي عرض ڪيو جو اي بيبي صاحبه مهرباني ڪري اڄ مان کي پيغمبر صلي الله عليه وسلم جي حديثن کان ڪا عجيب حديث ٻڌايو. بي بي صاحبه چيس ته اها ڪهڙي حديث آهي جو عجيب نه هوند. نيٺ پاڻ فرمايائون جو هڪڙي رات سندم نوبت جي پيغمبر صلي الله عيله وسلم اچي منهنجي گهر آرام ڪيو. جڏهن مان سان مليو لڳو ته پاڻ فرمايائون ته جي مرضي سان موڪل ڏينده ته مان اتي عبادت ڪندس. مان چيو ته منهنجي ڪهڙي مرضي آهي جيڪا اوهان جي رضا. تڏهن پاڻ اٿي ڪجهه طهارت ڪري عبادت ۾ بيهي رهيا. تان جو ساري رات روئيندي عبادت ۾ لنگهايائون. آخر صبح کي مان وڃي عرض ڪيو جو يا رسول الله اوهان کي گناهن کان ته مالڪ پاڪ ڪيو آهي. اڄ ايترو ڇو ٿا روئو. پاڻ فرمايائون ته اها آيت نازل ٿي آهي جو أولے الاَلْبَابِ الَّذِينَ يَذْكُرُونَ اللّٰهَ قِيَامًا وَّ قُعُوْدً اوعَلىٰ جُنُوبِهِم. تڏهن ٿو روئان جو متان مان جملي شاڪرن کان ٿي نه سگهان مگر اهو روئڻ سندن محض شڪر جو هيو. نه خوف جو جيئن نقل آهي ته هڪڙي ڏينهن هڪڙو ولي الله سير سان گهمندو وڃي هڪڙي پاهڻ کان پاڻي گهڻو وهندڙ ڏٺائين آخر انهين کان پڇاءِ جو ايترو ڇو ٿو روئين پاهڻ چيو ته مالڪ فرمايو اهي وَقُودُهَا النَّاس وَالْحِجَارت. يعني باه ٻارٽي

دوزخ جي ماٺهون ۽ پاڻ آهن. مان تڏهن ٿو روئان جو مٿان مان به دوزخ ۾ وجي سڙي پوان. پوءِ انهي فقير دعا گهري سان قبول پئي ۽ معافي مليس. وري ڪن ڏينهن ڪان بعد اهو ساڳي فقير گهمندو وجي اتهون لنگهيو. ڏٺاءِ ته ساڳي انهي پاڻ ڪان پاڻي جاري آهي. تنهن ڪان پڇيائين جو هاڻي ڇو ٿو روئين. پاڻ چيو ته اڳي خوف ڪان پئي رنم. هاڻي شڪر ڪان ٿو روئان. هي هي ۽ هاءِ هاءِ. الله بس باقي هوس جاتي ڪوئي ڪس آهي ته هڪ حرفئي بس آهي.

فصل ٽيون

دربيان رضا

بيان فضيلت رضا

قادر جي قضا هڪڙو اعلاشان ۽ سڀ کان بلند مڪان آهي پوءِ جنهن کي پاڻ پروردگار پنهنجي رضا مندي ۽ خورسندي لاءِ گهري ته انهي کي پنهنجي قضا تي خوشنود ۽ راضي تو ڪري. تڏهن پيغمبر صلي الله عليہ وسلم فرمايو. اَلرِّضَا بِالقَضَا بَابُ اللهِ العَظِيم. تقدير ڪي تدبير ڪانهي ۽ قضا جي تير کي ڪوٽ قضا آهي حُڪمَ الٰهي جيڪو ازل جي ڏينهن ارادي ۾ گذريو. پوءِ سو سڀ لوح محفوظ تي لکجي ويو اهو لکيو موٽي هر گز نہ ڦرندو. جيئن حديث شريف: جَفَّ القَلَم وَمَاهُوَ كَائِنٌ. پوءِ جيڪو انهي قضا تي راضي نہ رهندو تہ هيڏانهن بہ ويندو ۽ هوڏانهن بہ. يعني اهو ڪم بہ ضرور ائين ٿيندو جيئن ارادي ۾ گذريو ۽ مولا جي پاسي کان بہ مفت رنجي پوندو. تڏهن بندي کي قضاتي رضا ڏيڻ ضروري آهي بلڪ جيڪو قضا تي رضا نہ ڏيندو تہ ڪفر ۾ داخل ٿي ويندو. جيئن حديث قدسي: مَن لَم يَرضَا عَلِيٌ قَضَائِي فَيَطلُب رَبًا مَاسَوَائِي. فَيُخرِج مِن تَحتِ السَمَائِي. سوال تہ ڪفر بہ قضا آهي ۽ ڪفر تي رضا ڏيڻ بہ ڪفر آهي. جيئن حديث شريف : اَلرِّضَا بِالكُفرِ كُفرٌ. ۽ قضا تي رضا نہ ڏيڻ بہ موجب مٿين حديث جي ڪفر آهي پوءِ ڪئن ڪجي. جواب تہ قضا جي طرفون ڪفر تي رضا ڏجي ۽ نہ طرفون برخلافي دين ۽ ڪفر جي. جيئن مثنوي مولوي جلال الدين رومي عليہ رحمت.

راضيم از ڪفر زان روڪہ قضا است،
نہ ازان رُوڪہ نذاع ڪفر ما است.

جيڪڏهن ڪوئي بندو خيال ڪري ٿو تہ بدي بہ قضا آهي تڏهن

انهي تي بہ رضا ڏجي تہ انهي جو اهو خيال محض خطا ۽ زيان آهي ڇو تہ خير ۽ شر توڙي جو ٻئي قضا آهن تہ بہ بدي ۾ مولا جي مرضي ناهي بلڪ نهي آهي جيڪڏهن ڪوئي شخص ٻي ڪنهن جي بدي ۾ فقط راضي ٿو رهي - توڙي هزار ڪوهہ پري هجي تہ بہ انهي جي گناہ ۾ شريڪ ٿي پوي - جيڪڏهن ڪوئي اهو خيال ٿو ڪري تہ جڏهن گناہ ۾ مولىٰ جي مرضي بہ ناهي پوءِ پيدا ڇاڪان ڪياءِ تہ اهو اجا خدا تعالىٰ جي راز ۽ حڪمت کان محض بي خبر ۽ نادان آهي - مطلب تہ بندي کي ڇڙو مولا جي رضا تي راضي رهڻ ٿو کپي - نہ انهي جي ڪمن ۾ وهم ۽ وسواسن کي واٽ ڏيڻ - مگر رضا جا ٽي درجہ آهن. هڪ عام ٻيو خاص ٽيون اخص -

بيان درجات رضا

رضا جو اول عام درجو اهو آهي تہ جيڪو بہ بندي کي سوز ۽ سختي يا هرج ۽ نقصان پهچي تہ انهي ۾ مولا کان ناراض ۽ ارهو نہ رهي - بلڪ انهي ۾ اجا انهي جو فائدو آهي - ٻيو تہ جيڪا بہ مالڪ جي جوڙ آهي ڇا جماد ۽ نبات - ڇا انسان ۽ حيوان تہ انهي سڀن کان ڪنهن هڪڙي کي بہ قضا جي طرفون بد نہ ڄاڻي - جيڪڏهن ساري مخلوقات کان ڪنهن هڪڙي کي ڇوي جو انهي کي ڇو مالڪ پيدا ڪيو آهي تہ بہ ڪفر ۾ داخل ٿي ويندو - ڇو تہ سواءِ راز ۽ حڪمت جي ڪا شئي موجود ڪانهي - مگر جيڪڏهن ڪوئي عشق جي تاب يا آخرہ جي خوف کان ڇوي جو مان کي مالڪ پيدا نہ ڪري ها تہ ايئن چوڻ روا آهي جو پاڻ پيغمبر صلي الله عليہ وسلم بہ فرمايو تہ يا رب محمد لَمْ يَخلُو مُحمَدُ - بعضے يارن ۽ اصحابن بہ فرمايو آهي جو اسان ڪوئي پکي يا ٻيو ڪوئي حيوان هجون ها تہ آخرت جي حساب ۽ عذاب کان ڇٽي پئون ها - هي هي ۽ هاءِ هاءِ - ٻيو خاص درجو اهو آهي تہ جيڪا بہ بلا ۽ آفت يا تڪليف ۽ تهمت نازل ٿئي - تہ انهي ۾ خدا تعالىٰ کان خوش ۽ راضي ٿئي ۽ هر شئي کي راز ۽ حڪمت کان پريل

جاڻي ۽ پنهنجي مرضي ڇڏي رب تعاليٰ جي رضا تي ثابت قدم رهي - تيون اخص درجو اهو آهي تہ جيڪو بہ درد ۽ غم يا نقص ۽ الم رسي تہ سڀيون محويت رضا ۽ محبت مولا جي انهي جي خبر ئي ڪا نہ پوي ـ بيو تہ سواءِ رضا حق تعاليٰ جي ٻي ڪا بہ پنهنجي مرضي ۽ مراد خوشي ۽ خواهش ڪا نہ هجي . رات ڏينهن مولا جي رضا ۽ وحدت جي بحر ۾ محو ۽مستغرق رهي - پر ايها پوئين رضا تڏهن وڃي راست ٿي بيهي - جڏهن ڪوئي موتوقبل جي مام ۾ داخل ٿي سارو ئي وحدت جي بحر ۾ غرق ٿي ٿو وڃي - پوءِ انهي کان گرمي ۽ سردي - گلاءِ صفت ـ دوست ۽ دشمن - ڏک ۽ سک - نقص ۽ نفعو سڀ يڪسان آهي - جيئن انس اصحابي رضي الله تعاليٰ عنہ ٿو فرمائي تہ مان ويهہ سال پيغمبر صلي الله عليہ وسلم جي خدمت ۾ رهيس - پوءِ جيڪو بہ ڪم مان کان وڌ گهٽ ٿي ٿيو تہ پاڻ ڪڏهن بہ مان کي نہ چيائون جو هي ڪم تو ڇو وڌ ڪيو يا گهٽ - يعني جيڪو ڪم انهي کان بيش ڪم پئي ٿيو تہ پاڻ انهي ۾ محض مولا جي مرضي ٿي ڄاڻائون - تڏهن پاڻ فقط رب جي رضا تي راضي پئي رهيا - جيئن نقل آهي تہ هڪڙي ڏينهن حضرت غوث الاعظم رحمت الله عليہ پاڻ محفل گاهہ ۾ ويٺا هئا تہ هڪڙي شخص اچي عرض ڪيو جو ڏٺي اسان هزار روپيا اوهان لاءِ خيرات ٿي آندا سي سڀ اڌ واٽ تي اسان کان درياهہ ۾ گم ٿي ويا - پاڻ فرمايائون الحمدالله - اڃا جهٽ نہ لنگهي تہ ٻي هڪڙي شخص اچي عرض ڪيو جو قبلا اسان هزار روپيا اوهان لاءِ خيرات آندا آهن تہ بہ پاڻ فرمايائون تہ الحمدالله - تڏهن هڪڙي شخص اهل مجلس کان عرض ڪيو جو قبلا هو ويا بہ شڪر گذار ٿيو ۽ هي آيا بہ الحمد پڙهيوَ اهو سبب ڇا - پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن اهي ويا بہ مالڪ جي مرضي سان ۽ جي هي آيا تب مالڪ جي مرضي سان - اسان فقط مولا جي رضا تي شڪر گذار ٿيا آهيون نہ پنهنجي اچڻ وڃڻ ۾ - هي هي ۽ هاءِ هاءِ - جيڪو بہ پنهنجي نفسي خوشي ۽ خواهش - مراد ۽ مرضي کي ڇڏي محض مولا جي رضا تي ٿو هلي تہ انهي کي پاڻ پروردگار پنهنجي

قرب ۽ نزديڪي لاءِ ٿو سڏي جيئن قوله تعاليٰ يَا أَيَّتُهَا النَفسُ المُطمَئنَتُ اَرجِعِي اِلَيٰ رَبِکَ رَاضِيَتً مَرضِيَه ـ مطلب ته جيڪو به مولاجي رضا تي خوشي ۽ رضي آهي ته پاڻ مالڪ انهي ڪان خوش ۽ راضي آهي ـ مگر جيڪو پاڻ انهي ڪان رنج ۽ ناراض ٿو رهي ته اهو به انهي ڪان رنج ۽ ناراض ٿو رهي جيئن روايت آهي ته هڪڙي فقير حضرت موسيٰ عليہ السلام کي عرض ڪيو جو جڏهن ڪوهِ طور تي وڃي ته مولىٰ کا پڇا ڪر جو مان ڪان خوش ۽ راضي آهي يا نه ـ جڏهن حضرت موسيٰ ڪوهِ طور تي ويو ته ڪجهه قيل قال ڪان پوءِ انهي فقير جو عرض پيش ڪياءِ ـ تڏهن پاڻ مالڪ فرمايو جو انهي فقير کي وڃي چئو جي تون مان ڪان خوش ۽ راضي آهين ته مان به توڪان خوش ۽ راضي آهيان ۽ جي تون مان ڪان رنج آهين مان به توڪان رنج ۽ ناراض آهيان ـ تڏهن بندي کي بايد آهي ته هر وقت ۽ هر حال ۾ مولا ڪان خوش ۽ راضي رهي ـ جي خوش ۽ راضي نه رهندو ته رهندو وبال ۾ پنهجي ويندو ـ پيو انهي ۾ حاصل ۽ وصال ڪجهه به ٿيڻو ناهي ڇو ته جيڪو به تقدير ۾ لکجي ويو سو ڪڏهن تبديل نه ٿيندو ـ جيئن روايت اهي ته هڪڙو پيغمبر عليہ السلام سخت سجو ۽ بيمار ٿيو ـ سو هميشان پنهنجي خلاصي لاءِ دعا گهرندو هو ـ تان جو انهي حال ۾ ويهه سال گذري ويس ـ آخر هڪري سخت سوال ۽ مناجات ڪياءِ ـ تڏهن پاڻ پروردگار وحي جبرائيل سان فرمايس جو اي پيغمبر عليہ اسلام تقدير ۾ تنهنجو نصيب ايئن لکجي ويو ـ هاڻي تنهنجي مرضي آهي ته مان پنهنجي رضا ڇڏي لوح محفوظ جو لکيو سڀ ڦيرايان ته مرجان تنهنجي مرضي پوري ٿئي ـ خبردار جي اڳتي ايئن عرض ڪيئي ته پيغمبرن جي سلکي ڪان ئي ٻاهر سٽيو ويندين ـ جڏهن پيغمبرن کي ڇڙو ايتري ڪان ايڏو عتاب ٿيو ـ ته پوءِ پيو ڪير آهي جو تقدير جي ڪمن کي تبديل ڪري سگهندو ـ اگر ڇه اوليائن کي الهي سگهه آهي ته به محبوب جي مرضي ڪان ٻاهر نڪري نه سگهندا ـ مگر معذور کي پنهنجي ڪنهن گذاري يا بيماري لاءِ ڍڪ دوڙ ۽ دوادارون ڪرڻ روا آهي ـ پر جاتي وبا جو مرض پوي ته اتهون

پڇڻ روا نہ آهي ـ الغرض جيڪو بہ موليٰ جي مرضي کي ڇڏي پنهنجي رضا تي هلي تہ پنهي پاسن کان رنڊجي ٿو پوي ـ تڏهن مولا جي طالب کي لازم آهي تہ پنهنجي مراد ۽ مرضي سڀ ڇڏي رات ڏينهن محض مالڪ جي رضا ۽ ذڪر فڪر ۾ محو ۽ مستغرق رهي ـ والله يختص من يشآء ـ الله بس باقي هوس ـ جاتي ڪوئي ڪس آهي هڪ تہ حرفئي بس آهي.

فصل چوٿون

دربيان محبت

بيان فضيلت محبت

محبت هڪڙو اسرار الـهي ۽ وصف ذاتي آهي ـ جڏهن خود خدا تعاليٰ ڪنهن بندي کي خاص پنهنجي دوستي ۽ وصال لاءِ ٿو گهري تہ انهي جي دل ۾ پنهنجو عشق ۽ محبت داخل ٿو ڪري ـ پوءِ جيڪو بہ حق تعاليٰ کي دوست ۽ پيارو ٿو رکي تہ پاڻ مولا بہ انهي کي دوست ۽ پيارو ٿو رکي جيئن قوله تعاليٰ يُحِبهُم وَ يُحِبُونَه ـ مطلب تہ مسلماني جو منڍ ۽ انسانيت جو اصول محض مولا جي محبت ۽ توحيد آهي ـ پوءِ جنهن جي دل ۾ مولا جي محبت ۽ دوستي نہ آهي تہ انهي جي مسلماني مشڪل ۽ انساني محال آهي ـ ڇو جو سواءِ بيخ جي ڪوئي وڻ قائم ٿي نہ ٿو سگهي ـ تڏهن هر انسان کي مولا جي محبت جو نهال پنهنجي دل ۾ ويهارڻ ضروري آهي بلڪ هن دفتر ۾ جيڪو بہ بيان ٿيو آهي سو سڀ محض مولا جي محبت جي پيدا ڪرڻ لاءِ ٿيو آهي. محبت جا ٽي درجا آهن، هڪ عام ٻيو خاص ٽيون اخص ـ

بيان درجات محبت

محبت جو اول عام درجو اهو آهي تہ بندو حق تعاليٰ جي امر ۽ نهي جو ڪم سڀ بجا ڪري - امر جو ڪم جيئن نماز ۽ روزو - حج ۽ زڪوات وغيره ۽ نهي جو ڪم جيئن شرڪ ۽ رياء - ڪفر ۽ نفاق - فحش ۽ زنا - ڪوڙ ۽ ريا وغيره - جيڪڏهن امر جو ڪوئي ڪم پورو ٿي نہ سگهي يا نهي جي ڪا خطا پوي تہ دل ۾ پشيمان ٿي انهي تقصير جي معافي گهري - ڇو تہ اهو نتيجو اصل دوستي جو آهي جو جيڪو شخص ڪنهن کي دوست رکندو تہ انهي جو امر ۽ نهي بہ ضرور بجاء ڪندو. جيڪڏهن انهي جي امر ۽ نهي ۾ ڪوئي ڪم پورو ٿي نہ سگهندو تہ ضرور وڃي انهي ڪان عذر تقصير جو گهرندو - جي ايئن نہ ڪندو تہ دوستي هلي نہ سگهندي - پيو تہ حق تعاليٰ کي دل ۾ سڀ ڪان وڏيڪ زور رکي پر ايئن هر ڪو ٿو چئو مولا مان کي سڀ ڪان وڏيڪ زور دوست آهي مگر انهي جي آزمائش ڪرڻ پاڻ ڪان بايد آهي - جيئن جو بہ ڪم هڪ وقت درپيش اچن - هڪ ديني ٻيو دُنيوي - پوءِ جي ديني ڪم اڳي ڪياءِ تہ ڄاڻ جو مولا وڏيڪ زور دوست آهي ۽ جي دنيوي ڪم اڳي ڪياءِ تہ دنيا - جيئن نقل اهي تہ هڪڙي شخص کي پاڻي جو وارو بہ آيو ۽ اُٺ بہ گم ٿيس ۽ جمعي جي نماز جو وقت بہ آيس آخر اهي دنيائي ٻئي ڪم ڇڏي اول وڃي جماعت سان نماز پڙهياءِ - جڏهن موٽي گهر آيو ڏسي تہ اُٺ پاڻهين گهر ۾ بيٺو آهي - گهر واري ڪان پڇياءِ جو اُٺ ڪنهن آندو - زال چيس تہ مان گهر ۾ ويٺي هيس اوچتي ڏسان تہ اُٺ پڇندو ٿو اچي - پوءِ اٿي ٻاهر نهاريم تہ هڪڙو ناهر اُٺ کي لوڏي آڻي گهر پڄاءِ موٽيو ٿو وڃي - تنهن ڪان پوءِ وڃي پوک کي ڏٺاءِ تہ اها بہ پاڻهين پاڻي سان ڀريل هئي - تڏهن تہ ويچارو پنهنجي دل ۾ ڏاڍو خوش ٿي وري گهر اچي مولا جي درگاه ۾ شڪر گذار ٿي ويٺو - مطلب تہ جيڪو بہ دنيائي ڏنڌا ڇڏي مولا ڏانهہ منهن ڪندو تہ انهي جو ڪم سڀ پاڻهين مالڪ پورو ڪندو - پيو تہ هي دنيا مثل پاڇاءِ جي آهي پوءِ جيڪو تنهن جي پوٺتون پوندو بہ پهچي نہ سگهندس ۽ جيڪو

پنيءِ ڏيندس تہ پاڻهين انهي جي پوئتون پجندي ايندي ـ والله يختص من يشآء ـ هيو خاص درجو اينئن آهي تہ دنيائي ڏنڌا سڀ ڇڏي کنهن کنڊ ۾ ويهي رات ڏينهن ڇڙو مولاجي محبت ۽ ذکر فکر ۾ محو ۽ مشغول رهي ۽ دل ۾ سواءِ مولا جي ٻي کنهن بہ شئي کي دوست نہ رکي ـ ڇا مال ۽ ملڪ ـ ڇا خويش ۽ قريب مگر شيخي حقيقت ۾ غير نہ آئي رب تعاليٰ ۽ رسول جي دوستي کي هڪ ڄاڻي ـ جيئن آيت شريف ـ فَاَوحيٰ اِلَيٰ عَبدِهٖ مَااَوحيٰ ۽ حديث شريف مَن رَاٰنِي فَقَد رَءَ اللهُ تَعَاليٰ ـ بلک مولا جي طرفون ساري مخلوقات کي دوست رکڻ مناسب آهي ـ ڇو جو تمامي عالم انهي جي ذات جو ظهورو آهي جيئن قوله تعاليٰ اَللهُ نُورُالسَّمٰوات وَالاَرضِ ـ ۽ حديث شريف کُلُّ شَئي مِنَ النُّورِي وَاَنَا مِنَ النُّورِاللهِ ـ يهدالله لنوره من يشآء ـ ٽيون اخص درجو اينئن آهي تہ پنهي جهانن جون اميدون ۽ مرادان سڀ ڇڏي پنهنجي هوند ۽ هستي کي وڃائي ـ هميشان حق تعاليٰ جي محبت ۽ وحدت جي بحر ۾ محو ۽ مستغرق رهي ـ سواءِ مولا جي ٻي کا شئي نہ ڏسي نہ ٻڌي نہ گهري نہ ڄاڻي ـ مگر انهي ميدان ۾ وڃي کي رند تا رسن نہ هر کوئي ـ جيئن حديث شريف طَالِبَ دُنيَا کُثِيرَاً ـ وَطَالِبَ العُقبيٰ قَلِيلُ ـ وَ طَالِبُ المَوليٰ اَقَلُ والله يختص من يشآء ـ عشق جي پڪائي جو اول نتيجو اهو اهي تہ عاشق کي پنهنجي هوند ۽ هستي ننگ ۽ ناموس جي خبر کان نہ پوي ـ جيئن بيت:

عشق تا خام است عاشق بستہءِ ناموس ننگ،
پخت مغزان جنون راکي حا زنجير پا است.

ٻيو تہ موت منو لڳي ـ عاشق کي تان جو موت منو تو لڳي تہ ڄاڻ جو اڃا اوري ۽ ڪچو اهي نہ پهتل ۽ پڪو ـ ڇو تہ دوست کي دوست ڏانهہ وڃڻ کيئن منو لڳندو ـ روايت آهي تہ هڪڙو طالب مولا جو پيغمبر صلي الله عليہ وسلم وٽ ويو ـ آخر پاڻ انهي کان پڇيائون جو موت کي کيئن ٿو ڄاڻي ـ انهي ڪجهہ نہ ڪچو ڏنهن پاڻ فرمايائون تہ جي پهتل هجين ها تہ موت کي منو ڄاڻي ها ـ اڃا وڃي محنت

رياضت ۾ شاغل رهه - هي هي ۽ هاءِ هاءِ - محبت جي پڪائي جو آخر نتيجو اهو آهي ته جيڪڏهن محبوب جي وقت ڪو عضوو وڍيو وڃي ته ۾ خبر ڪانه پوي - جيئن مصر جي زالن يوسف عليه السلام جي ڏٺي پنهنجا هٿ وڍيا ته خبر ئي ڪا نه پين - جڏهن من جيت ۽ مدهوي پيدا ٿئي ٿي پوءِ جيڪڏهن حقيقي حسن جي ڏٺي اهڙو حال حاصل ٿئي ته انهي ۾ ڪهڙو عجب - والله يختص من يشآء - بندي کي مولا جو عشق وڃي تڏهن ٿو لڳي جڏهن پنهنجي نفسي خواهشن کي ٿو ڇڏي نفسي خواهشان تڏهن ٿيون ڇڏجن جڏهن ڏک بک سان ذڪر فڪر ۾ ٿو پوي جڏهن سر ۽ ساه جو سانگو ٿو ڇڏي - پوءِ جنهن پنهنجو سر ۽ ساه رباني راه ۾ ڏنو ته ڄاڻ جو اهو وڃي پنهنجي محبوب سان پنو - مطلب ته محبت جي ميدان ۾ تان جو ڪوئي سر ۽ ساه خرچ نه ڪندو ته مولىٰ سان ملي ڪين سگهندو - جيئن قوله تعالىٰ لَنۡ تَنَالُوا الۡبِرَّ حَتّٰى تُنۡفِقُوۡا مِمَّا تُحِبُّوۡنَ - ۽ مثنوي:

مشتري يۡ من خدا هست مرا - ميڪشد با لا کہ الله شترا،

خون بهار من جمال ذوالجلال - خون بهايۡ خود خورم ڪسب حلال.

الله بس باقي هوس - جاڻي ڪوئي ڪس آهي ته هڪ حرفئي بس نه ته گل به خار ۽ خس آهي -

اقوال متفرقه

عاشقن جي نزديڪ سواءِ سڪ ۽ سوز فڪر ۽ خيال جي ٻڙو ذڪر ڪرڻ محض غفلت ۽ بيڪاري آهي - نه عبادت آهي نه بندگي - جيئن بيت:

بر زبان تسبيح دردل گاءِ خر،

اين چنين تسبيح ڪي دارد اثر.

جيڪڏهن ڪوئي بندو ٻڙي ماڻهن جي منوتي ۽ ظهوري لاءِ زهد ۽ عبادت ٿو ڪري ته ڄاڻ جو اهو اجا مولا کي رنج ۽ ناراض ٿو ڪري نه خوش ۽ راضي - جيئن نقل آهي ته هڪڙو بزرگ شخص ڪنهن امير جو همسايو هو تقدير اهو امير هڪڙي پيري سخت بيمار ٿي پيو تڏهن

ٻيا ماڻهو ب انهي جي ڇڻ جي لاءِ ڀني ويا ۽ انهي ٻوڙي ب وڃي ڇيس جو مير صاحب جوڙ آهين؟ ت انهي چيو جو مران ٿو - ٻوڙي چيو الحمدالله پوءِ ڇيائينس ت ڪجهه ڪاڏو اٿي امير چيو ت زهر ڪاڏو اٿم ٻوڙي چيو نوش جان - پوءِ ڇجاءِ جو ڪجهه گهر ۾ گهميون آهين؟ امير چيو ت ملڪ الموت گهر ۾ گهميو آهي - ٻوڙي چيو "پير مبارڪ" آخر ٻوڙو وري گهر ۾ وڃي خوش ٿي ويهي رهيو - جو مان هاڻي امير صاحب کي ڏاڍو خوش ڪري پرچائي آيس - پر حالانڪ اڃا انهي کي رهندو رنج ڪري ۽ رسائي آيو - هي هي ۽ هاءِ هاءِ - جيڪڏهن ڪوئي ڇڙو مولا جي ديدار لاءِ زهد ۽ ذڪر فڪر ٿو ڪري ت اهو ب اڃا طالب ديدار جو آهي ن عاشق يار جو - بلڪ عاشق صادق اهو آهي جو سواءِ پنهنجي مطلب جي مولا کي ياد ڪري - جيئن نقل آهي ت سلفن کان هڪڙو فقير هيو آخر انهي وقت جي پيغمبر کي خدا تعاليٰ فرمايو ت وڃي انهي فقير کي چئو جو اجايو زهد ۽ عبادت ٿو ڪرين تنهنجي ڪا شئي قبول ناهي - ڇو جو تقدير ۾ تنهنجي جاءِ دوزخ ۾ ٻڌجي وئي - پوءِ انهي پيغمبر وڃي فقير کي اهو پيغام پهچايو - جڏهن فقير اهو حال ٻڌو ت دل ۾ ڏاڍو خوش ٿي گل وانگي ڪليو - تڏهن اهو پيغمبر عبرت ۾ اچي انهي کان ڇجاءِ جو اي فقير جڏهن پاڻ پروردگار توکي ايئن فرمايو تون اڃا ب خوش ٿو ٿئين - اهو سبب ڇا آهي؟ فقير چيو ت اي پيغمبر مان پنهنجي دل ۾ ايئن سمجهندو هئس جو مان کي خدا تعاليٰ جي ساري خدائي ۾ جاءِ ڪا ن هوندي - بهشت ب انهي جو آهي ۽ دوزخ ب انهي جو هي ت پنهنجو وڏو فضل ۽ ڪرم ڪيائون جو پاڻ مان کي ياد ڪري پنهنجي خدائي جي ڪنهن ڪنڊ ۾ جاءِ ڏنائون اڃا ب مان خوش ن ٿيان؟ تڏهن اهو پيغمبر حيرت ۾ حيران ٿي ويو - آخر آواز آيس ت اي پيغمبر عاشق مولا جا اهي آهن - جو سواءِ پنهنجي مطلب جي مالڪ کي ياد ٿا ڪن - مولا جا عاشق اهڙا ب ٿيا آهن جو توڙي سو بار لن ترائي ٻي ٻڌائون ت هڪ قدم ب پوئتي ن هٽيا - بلڪ انهي کان ب اڃا اڳتي قدم وڌيڪ زور ڀني وڌائون - هي هي ۽ هاءِ هاءِ - عاشق ڪامل

اهو آهي جو سختي ۾ يار کي نہ وساري - جيئن بيت:

حديثے عشق زان بطال منيوش،
کہ در سختي کند يار فراموش.

فقير عارف اهو آهي جو جيڪا بلا ۽ آفت نازل ٿئي تہ انهي کان ڀڄي نہ ڀڄي - جي ڊنو ۽ ڀڳو تہ اجا عامي آهي نہ عارف - جيئن بيت:

اگرز کوہ فرو غلطد آسيا سنگي،
نہ عارف است کہ از راهہ سنگ برخيزد.

مگر هاسڪار بلا جي وات ۾ هٿ وجهڻ نا مناسب آهي - پر عام جنهن کان ٿو ڀڄي خاص تنهن کي ٿو سڏي - جيڪڏهن ڪوئي ڪنهن کي قحط ۽ مرض يا ڪنهن ٻي بلا جي اچڻ ۾ غمگين ۽ ناراض ٿو ٿئي تہ انهي جي اجا ايمان ۾ شڪ آهي - فقير مڪمل اهو آهي جنهن جي دل حيات آهي ۽ نفس موئل - پوءِ جيڪڏهن انهي کي ويس ۽ خرقو - بڻي ۽ لنگر ناهي تہ ڇو جو نہ هجي - جيئن بيت:

درويش نيک سيرت فرخنده روہ را،
نان رباط و لقمۂ دريوزہ گو مباش.

فقير تارڪ اهو آهي جو ڪجھہ نہ هجيس تہ بہ ڪنهن کان ڪجھہ نہ گهري - بيت:

گرمهي خواهي تو ديدار الاهہ،
هيچ گہ از هيچ کس چيزي مخواہ.

فقير حڪيم اهو آهي جو سواءِ حڪمت جي ڪوئي ڪم نہ ڪري - چا قولي چا فعلي - جيئن ابيات:

سخت آنگہ کند حکيم آغاز،
ياسر انگشت سوئر لقمۂ دراز،
کہ زنا گفتش خلل زايد،
يا زنا خور نش بجان آيد.

فقير صوفي سو آهي جو بشر صفت کان صفا هجي - تصوف

آهي دل مولا سان گڏ ڪرڻ ۽ وجود ويران - پر وجود جو ويران ڪرڻ سواءِ درد ۽ غم جي - رنج ۽ محنت جي محال آهي بلڪ آدم زادي کي هن جهان ۾ پروردگار محض درد ۽ غم لاءِ پيدا ڪيو آهي - پوءِ جنهن کي مولا جو درد ۽ غم نه آهي ته اهو چڙو جانور ۽ حيوان آهي نه آدمي نه انسان - جيئن بيت:

درين دنيا کسے بيغم نه باشد،
اگر باشد بني آدم نه باشد.

جيڪو ماڻهو جو ماري آهي - سو فقير جو سڄڻ - سور ۽ سختي جهڙي چڱي چيز ۾ مدد گار فقير لاءِ ساري جهان ۾ بي ڪا شئي ڪانهي. نقل آهي ته هڪڙي فقير جڏهن الهي بارگاه ۾ وقت لڌو ته عرض ڪياءِ جو اي پروردگار تنهنجي انهي خلاف چالي جو سبب ڇا جو هر ڪو پنهنجي دوست کي پالي ۽ دشمن کي ٿو ماري ۽ تون پنهنجي دشمن کي پالين ۽ دوست کي ٿو مارين - پاڻ فرمايائون ته اي فقير ادب نگاه رک مان جڏهن ڪنهن بندي کي ٿو ماريان ته انهي جو خون بها خود پاڻ ٿو ٿيان - پاڻ پروردگار حديث قدسي ۾ فرمايو آهي ته جڏهن مان ڪنهن کي دوست ٿو وٺان ته اول انهي کي ڏکن ۽ بکن سان ٿو ڳاريان - جڏهن ڳري ٿو ته انهي کي پنهنجي سوز ۽ فراق ۾ ٿو ماريان - جڏهن مري ٿو ته پوءِ انهي جو خون بها مان پاڻ ٿو ٿيان. هي هي ۽ هاءِ هاءِ - سواءِ درد ۽ غم - عشق ۽ محبت مولا جي بي سڀ حيواني ۽ مماتي آهي نه انساني نه حياتي - بلڪ جنهن جي دل مولا جي عشق سان جيئري ٿي ته اهو هميشان حيات ۽ باقي آهي - جيئن قوله تعاليٰ ۽ حديث قدسے اِنَ اَولِيَآءِ اللهُ لَايَمُوتُونَ بَل يَنتَقِلُونَ مِنَ الدَارِي اِلَي الدَارِ - ۽ بيت:

هر گز نميرد انگر دلش زنده شد بعشق،
ثبت است برجريده عالم دوام ما.

عشق ۽ دوستي محض مولا جي يادگيري آهي - پوءِ جنهن کي يادگيري آهي نه ڄاڻ جو انهي کي مولیٰ جو عشق بہ آهي ۽ دوستي بہ -

نہ تہ نہ ۔ جيئن روايت آهي تہ پاڻ پروردگار موسے کي فرمايو تہ موسىٰ حق تعاليٰ عرض ڪيو جو اي خدا تعاليٰ تنهنجا دوست ۽ دشمن مان ڪيئن سڃاڻان ۔ پاڻ فرمايائون تہ ذاڪر منهنجا دوست آهن ۽ غافل دشمن ۔ ۽ نبينا پيغمبر صلي الله عليہ وسلم فرمايو آهي تہ جيڪو صبح صادق کان وٺي سج اڀرندي تاءِ ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي مولا جي ذڪر فڪر سان مشغول رهندو تہ جيڪي بہ جهان ۾ چڱا ڪم آهن تہ انهي سيين کان اهو چڱو ڏاڍو ۽ بهتر آهي ۔ والله يختص من يشآء ۔ جيئن مولا جي دوستي ذڪر ۽ يادگيري ۾ آهي تيئن انهي جو پسڻ ۽ ملڻ بي اميدي ۽ بي چارگي ۾ ۔ جيئن روايت آهي تہ حضرت يعقوب عليہ السلام جڏهن وڃي حضرت يوسف عليہ السلام سان مليو تہ بي بي زليخان جي دل ۾ اچي خيال پيو جو يعقوب عليہ السلام نيڪ ۽ پيغمبر هيو ۽ عشق انهي جو حقيقي مان ضعيف زال ۽ بدهيم ۽ عشق منهنجو مجازي ۔ تڏهن اهو وڃي پنهنجي معشوق سان مليو ۽ مان محروم رهيس ۔ اڄتي بہ مان کي ملڻ جي اميد ڪانهي ڇو جو يوسف عليہ السلام پيغمبر ۽ بادشاہ آهي ۔ مان ڪراڙي ۽ ڪرجهي ۔ انڌي ۽ ضعيف ۔ هاڻي اهو مان ڏانهہ ڪيئن نهاريندو ۔ هي هي منهنجو ملڻ هاڻي اصل رهيو ۔ آخر جڏهن پاڻ کي دل م ايئن گندي ۽ مندي لا اميد ۽ لاچار ڏٺاءِ تڏهن پروردگار جي غفاري جو درياهہ موج ۾ آيو ۔ پاڻ وحي جبرائيل کي فرمايائون تہ جلد وڃي حضرت يوسف عليہ السلام کي چئو جو سگهو وڃي پنهنجي انهي لا اميد ۽ لاچار عاشق جو حال لهہ ۽ انهي جو چارو ۽ علاج ڪر ۔ پوءِ جبرائيل عليہ السلام جهٽ ۾ اچي انهي کي پيغام پهچايو ۔ تڏهن يوسف عليہ السلام بروقت وڃي بي بي زليخان جي سڀ مراد ۽ مطلب پورو ڪيو ۔ مطلب تہ مولا جو طالب ۽ جڏهن ايئن پاڻ کي اصل لا اميد ۽ لاچار ۔ نيست ۽ نابود تہ ڏسي تڏهن وڃي پنهنجي مراد ۽ مطلب کي تہ پهچي ۔ يهدالله لنوره من يشآء ۔ فقير لاءِ بي ڪنهن تي تڪليف ۽ حڪم جي بونہ بہ روا نہ آهي ۔ جيئن روايت آهي تہ هڪڙي ڏينهن پيغمبر صلي الله عليہ وسلم پنهنجن

يارن ۽ اصحابن سان ٻاهر پنڌ ويا تہ اوچتي لُڪڙ هٽ مبارڪ مان ڪري پين - پوءِ پاڻ وهٽ ڪان لهي پنهنجو لڪڙ کيائون - تڏهن يارن ۽ اصحابن عرض ڪيو تہ اي سرور ڪائنات اسان کي امر ڇو نہ فرمايو - پاڻ فرمايائون جو هڪ تہ اوهان کي تڪليف ٿئي ها - ٻيو تہ حڪم ڪيان ها - اهي ٻئي ڪم مان کي ناپسند نظر آيا - تڏهن اوهان کي نہ چيم - هي هي ۽ هاءِ هاءِ.

بيان رحم ۽ خيرخواهي

جيڪڏهن رحم ۽ ترس ڪنهن کان وڌيڪ نہ پهچي تہ پنهنجي ٻارن جيترو تہ هر ڪنهن تي بايد ۽ لازم آهي تہ اتي مولا کي بہ انهي تي رحم ڪين ايندو - جنهن تي مولا کي اتي رحم نہ آيو - جنهن کي هتي رحم ۽ ترس ٻي ڪنهن تي نہ آيو تہ انهي جو ڇٽڻ محال آهي - ڇو تہ خدا تعاليٰ جي عدالت گاهہ ۾ سواءِ فضل ۽ ڪرم انهي جي - ڇڙو پنهنجي عمل جي مدار تي ڪو بہ ڇٽي نہ ٿو سگهي - بلڪ اتي رحم ۽ احسان بہ هر ڪنهن تي پنهنجي رحم ۽ ترس جي مدار تي ٿيندو - جيئن بيت:

چو فردا کہ اعمال نيکان نهند،
منازل بمقدار احسان دهند.

نقل آهي تہ هڪڙي فقير کي ان جا داڻا ڪاٿئون خيرات مليا - اهي ٻڌڪري پنهنجي گهر کڻي آيو - جڏهن ٻڌ کوليائين تہ انَ ۾ هڪڙي ڪيولي نظر آيس - ساڳئي وڃي جا ٿئون آن کيو هواءِ اتي نيئن ڇڏيائين - ڇو جو متان ويچاري پنهنجي سنگت کان ڌار ٿي ماندي ۽ ارهي رهي - فقير کي سڀ سهدار تي بہ اهڙو رحم ۽ ترس ٿو ڪپي - والله يختص من يشاء - نيڪ نيتي ۽ خير خواهي بہ جيڪڏهن ڪنهن کان وڌيڪ نہ پهچي تہ پاڻ جيترو تہ سڀ ڪنهن سزا وار سان لائق ۽ لازم آهي - جيڪڏهن ٻنهين جهانن جي بادشاهي ڪنهن گداگر کي ڏين تہ فقير پنهنجي دل ۾ چوي جو اجا ٻيو بہ ڪجهہ هجي ها تہ انهي مسڪين کي ملي ها هي هي ۽ هاءِ هاءِ - ٻين جي عيبن کان

چشم پوشي تي ڪپي ۽ پنهنجن ۾ نهارڻ ـ فقير توڙي ٻي ڪنهن کي ڪنهن بد ڪم ۾ تو ڏسي تہ بہ پنهنجي ۾ پنجي تو وجي ـ جو متان انهي جي اها پوئين بدي آهي ۽ منهنجي پوئين نيڪي ـ طالب جيئن گناه ڪان ٿو ڊجي عارف تيئن ڪفر ڪان ڇو جو اها خبر نہ ڪنهن کي ناهي جو تقدير ۾ الائي ڇا گذريو تہ مرڻ جي وقت شل ڪافر نہ ٿي مران ـ ماڻهون جي دل ۾ مڙني چار سڏ ٿا ٿين ـ هڪ نفساني ـ ٻيو شيطاني ـ ٽيون ملڪاني ۽ چوٿون رحماني ـ نفساني سڏ آهي جيئن عيش عشرت ـ خوشي ۽ لذت ـ صحت ۽ فرحت ـ زيب ۽ زينت نام ۽ عزت وغيره ازين قسم ـ شيطاني سڏ آهي جيئن مڪر ۽ حيلو ـ فريب ۽ فتنو ـ فخر ۽ ڪينو وغيره ازين قسم ـ ملڪاني سڏ آهي ـ جيئن ذڪر ۽ فڪر ـ زهد ۽ تقوا ـ طاعت ۽ عبادت وغيره ازين قسم ـ رحماني سڏ آهي جيئن شوق ۽ ذوق ـ سوز ۽ فراق ـ حب ۽ اشتياق وغيره ازين قسم ـ فقير کي انهي سين سڏن جو سڃاڻڻ ضروري آهي ڇو جو نفساني ۽ شيطاني سڏ کي ڇڏڻ تو کپي ۽ رحماني کي وٺڻ ـ يهدالله لنوره من يشآء ـ هن جهان ۾ سواء ٽولي انبيائن ۽ اوليائن جي ٻي سڀ ناداني ۽ حيواني آهي نہ سياڻپ ۽ انساني ـ بلڪ انبيائن ۽ اوليائن جي ڪم کي پنهنجي قياس تي وٺڻ يا تن جي ڪنهن خصلت کي خراب سمجهڻ ـ خاص خطا ۽ زيان آهي ـ ڇو جو بعضے ڪم عامن لاء نيڪ آهن ۽ خاص لاء بدء بعض ڪم خاص لا نيڪ آهن ۽ عامن لاء بہ تڏهن عام کي خاص تي خطا وٺڻ محض خطا آهي جيئن مثنوي رومي عليہ الرحمت:

ڪار پاڪان راقياس از خود مگير ـ گرچہ باشد در نوشتن شير شير،
اين نباشدو دبود اي مرغ خاڪ ـ بحر قلزم را زمرداري چہ باڪ،
ڪو بدل گشت وبدل شرڪار او ـ لطف گشتو نور شد مرنار او،
او اگر زهري خورد شهدي شود ـ تو اگر شهدي خوري زهري بود،
درحق او مدح و درحق تو ذم ـ در حق او شهد و درحق تو سم،
در حق او نيڪ در حق تو بد ـ در حق او خوب در حق تو رد،
هانُ هان ترڪ حسد ڪن با مهان ـ ورنہ و ابليسے شور اندر جهان،

صبر کن تا باز گرد دہر تو سر - ورنہ چون موسےٰ شوي دور ازخضر،
هیچ قومي راخدا ویران نکرد - تا دل مرد خدا ماند بدرد.

مولا جي طالب کي ايڏو خوف مست شينهن ۽ نرازدهان کان بہ نٿو ٿيڻ جيڏو خوف خويشن ۽ دنيائي دوستن کان - ڇو جو اهي بلائون ڇڙو جسم کي جدا ٿيون کن ساہ کون ۽ ايهي قريب مولا کي ڏار تا کن ارواح کون - جيئن مثنوي مولوي عليہ رحمت:

کم بترس از شيرو ازدرهائہ - زاشنايان و زخويشان کن حذر.

جيڪڏهن ڪوئي دانشمند انهي قول کي خلاف ذَالقُربيٰ جي ٿو سمجهي تہ اهو اجا فَلاَ تُطعمُهَا ۽ وَتَبَتَّل اِليہ تَبتيلاً - جي راز کان محض بي خبر آهي - الغرض جيئن فقير کي خويش ۽ قريب کان خوف ۽ پنو تو جڳائي تيئن ڪاوڙ ۽ حرام کان پرهيز ۽ دوري لازم آهي - ڇو جو ڪاوڙ جي هڪ ذري جي وقت بہ اکيون حق بين بند ٿيون ٿين ۽ حرام جي هڪ لقمي جي کاڌي بہ چاليهن ڏينهن تاءِ قلب ڪارو ٿو رهي - ڪوڙ ۽ گلا چوري ۽ بدڪاري کان بہ بدتر آهن تڏهن پاڻ پروردگار ڪوڙن تي لعنت فرمائي آهي ۽ گلا کي گوشت موئل ياءِ ماڻهو جو قوله تعالیٰ لَعنَتَ اللہ عَلَيالكَاذِبِينَ - وَلاَ يَغتَبُ بَعضُكم بَعضَا اَيُحِب اَحدُكُم اَن يَا کُلُ لَحمَ اَخيہ مَيتَاً - چغلي ۽ فتني انگيزي جهڙو بدڪم ساري جهان ۾ ٻيو ڪوئي ڪونهي - فريب ۽دغا بازي اجا انهي کان بہ ابتر آهي - وياج ۽ رشوت کان بوءِ کفر جي ٿي اچي - حسد ۽ فخر کان بوءِ شيطان جي - ظلم ۽ نفاق هڪڙو الٰهي قهر ۽ غضب آهي پوءِ جنهن بندي تي پاڻ پروردگار قهر ۽ غضب ٿو اچي تہ انهي کان اهو پيشو ٿو ڪرائي - مرائي کان مشرک بہ چڱو آهي ڇو جو شرک ڪندڙ کافر ٿو ٿئي ۽ ريا ڪندڙ انهي کان بہ ابتر - جيئن حديث شريف: اَلريَا اَشَدُ مِن الکُفرِ - بخيل ۽ شوم کان پاڻ مالک بہ بيزار آهي - جيئن روايت آهي تہ هڪڙي ڏينهن پيغمبر صلي الله عليہ وسلم ڪعبي شريف ۾ تشريف فرما ٿيو تہ اتي هڪڙو شخص ڏاڍي دانهہ ۽ زاري ۾ ڏناءِ - پاڻ فرمايائون تہ اي شخص ڇو اهڙيون داهنا ۽ زاريون ٿو ڪرين - انهي ڇيو تہ منهنجو گناه

وڏو آهي تڏهن زاديون ٿو ڪيان. پاڻ فرمايائون ته زمين کان به وڏو آهي انهي چيو ته وڏو. پان فرمايائون ته آسمان کان به وڏو آهي. انهي چيو ته مولا جي غفاري جو درياه وڏو آهي. پاڻ فرمايائون ته ڪهڙو گناه اٿي. انهي چيو ته جڏهن ڪوئي سوالي يا مهمان منهنجي گهر ڏانهه ٿو اچي ته منهنجي دل ۾ جر ۽ باهه ٿي لڳي. تڏهن پاڻ فرمايائون جو پڇي مان ڪان پاسي ٿي ته تنهنجون چٺگان مان تي نه پون هي هي ۽ هاء هاء. فقير تي جيڪو به ڏک ۽ بک يا بلا ۽ آفت نازل ٿئي ته انهي ڪي محض مولا ڏانهه ڄاڻي. جيڪڏهن ٻي ڪنهن پاسي کان ڄاڻاء ته محبت جي ميدان کان ٺي ٻاهر ستيو ويندو. جيئن نقل آهي ته هڪڙو شخص وجي ڪنهن بادشاه جو نوڪر بيٺو. آخر ڪن ڏينهن کان بعد ڪنهن ڏوهه جي سببون پاڻ بادشاه انهي جي تنخا گهٽ ڪرائي ڇڏي. تڏهن انهي سپاهي دل ۾ خيال ڪيو ته پين سپاهن. دشمني ڪري منهنجي تنخا گهٽ ڪرائي آهي. نيٺ جمعدار کان بددل ٿي وجي انهي ڪي چياء ته منهنجي تنخا چو گهٽ ڪرايئي. انهي چيو ته تنهنجي تنخا نائب گهٽ ڪرائي آهي پوء نائب کان بد دل ٿي وجي انهي ڪي چيائين ته منهنجي تنخا چو گهٽ ڪرائي انهي چيو ته تنهنجي تنخا وزير گهٽ ڪرائي آهي تڏهن وزير کان بد دل ٿي انهي ڪي چيائين ته منهنجي تنخا چو گهٽ ڪرائي وزير چيس ته تنهنجي تنخا پاڻ بادشاه گهٽ ڪرائي آهي. آخر لاچار ٿي وجي بادشاه ڪي عرض ڪياء جو اي ڏٽي منهنجي تنخا چو گهٽ ڪرايئي. بادشاه چيس ته تنهنجي هٿون فلاڻو ڏوهه پيو تڏهن تنهنجي تنخا گهٽ ڪرايم پو ته ڏاڍو پشيمان ٿي وري بادشاه ڪي عرض ڪياء جو اي ڏٽي منهنجو ڏوهه معافي ٿئي. تڏهن بادشاه چيس اي بي خبر ۽ نادان جيڪڏهن اڳي اچي مان کان معافي گهرين ها ته ايهو ڏوهه ته معاف ڪيانء ها پر اجا ٻي ڪنهن وڏي درجي ۾ داخل ڪري ڇڏيانء ها. هاڻي ساري اهل ڪار جي دشمني واري ڏوهن جا بار سر تي چڙهيني تنهن ڪري هاڻي معافي ٿي نه سگهندء. بلڪ تون لائق بارگاه جي به ناهين منهنجي سپاه کان ٺي نڪري ٻاهر ٿي. مطلب ته اهي درد

۽ غم ـ رنج ۽ الم محض انسان جي ڏوھ ۽ گناھن جي سببون نازل ٿين ٿا ـ تڏھن بندي کي باید آھي تہ جيڪا بہ بلا ۽ آفت يا رنج ۽ مصيبت نازل ٿئي تہ انھي ۾ خاص پاڻ کي ڏوھدار ۽ سزا وار سمجھي ـ جيئن ھڪڙي فقير جو قصو آھي تہ جڏھن ڪا بلا ۽ آفت يا قحط ۽ مصيبت نازل ٿيندي ھئي تہ پاڻ اصل حيران ۽ پريشان ٿي ويندو ھو ـ چو جو متان اھا بلا ۽ مصيبت منھنجي ڏوھ ۽ گناھن جي سببون نازل ٿي آھي ـ پيو ھڪڙو فقير ھر صبح کي اٿي اول آئيني ۾ پنھنجو منھن ڏسندو ھو جو متان ڪنھن ڏوھ ۽ گناہ سببون ڪارو ٿيو نہ ھجي.

بيان خوف ۽ رجا

بندي کي خوف خدا تعاليٰ جو ايترو باید آھي جو جيڪڏھن سچو فرمان ٿئي تہ تمامي مخلوقات کان ھڪڙو شخص ورتو ويندو تہ اينئن دل ۾ ڄاڻي جو اھو مان ھوندس ـ ۽ اميد ايتري لازم آھي جو جيڪڏھن امر اچي تہ ساري مخلوقات کان ھڪڙو شخص چٽي ويندو تہ بہ دل ۾ اينئن ڄاڻي جو اھو مان ھوندم ـ پر اھا اميد محض مولا جي مھر ۽ رحمت مون ٿي ڄڃائي ـ جيئن قوله تعاليٰ لَاتَقنَطُومِن رَّحمَتِ اللهِ ـ ۽ جيڪا اميد ھستي ۽ حجت جي آھي تہ اھا محض خطاً ۽ حرامَ آھي ـ جنھن پنھنجي حُجَ ۽ ھستي جي اميد ۽ آسرو ڪيو تہ اھو صفا خالي ۽ محروم ٿي ويو ـ جيئن روايت آھي تہ جڏھن پروردگار آدم عليہ السلام جو وجود جي موجود ڪرڻ جو خيال ڪيو تہ عرش ڄاتو جو مان سڀ ڪان معظم ۽ مڪرم آھيان اھو ضرور مان ڪون ٺھندو ۽ آسمانن ڄاتو تہ اسان وڏا آھيون سو اسان ڪان ٺھندو ۽ جبلن ڄاتو تہ اسان وڏا اھيون اسان ڪان ٺھندو ـ ۽ زمين ويچاري ڄاتو تہ مان سڀ ڪان ھيٺ ۽ ھيٺي آھيان مان ڪان اصل نہ ٺھندو ـ تڏھن پاڻ پروردگار ملائڪن کي فرمايو تہ وڃي زمين ڪان مٺ مٽيءَ جي ڪٽي آڻيو ـ ہو تہ جڏھن سليمان عليہ السلام تي منڊي لٿي تہ آڪوني ڄاتو جو مان سڀ ڪان سبز ۽ ٿلھو آھيان اھا مان ۾ پوندي ـ ۽ ٻن سين آگرين خيال ڪيو تہ اسان وڏيون آھيون اسان ۾ پوندي ـ ۽ چيچ ويچاري نا اميد رھي جو

مان سڀ کان سنهي ۽ ننڍي آهيان مان ۾ اصل نہ پوندي ۔ تڏهن مولیٰ ڏانهن امر صادر ٿيو تہ اها منڍي ڇيچ ۾ وجهہ ۔ عجب اسرار الٰهي جو جيڪي حجتي ۽ باامید شيون هيون تہ اهي وڃي مراد ۽ مطلب کي پهتيون تڏهن بندي کي بايد آهي تہ پاڻ کي هميشہ سڀ کان هيٺ ۽ هيٺو ۔ گندو ۽ گنهگار ڄاڻي ۔ نقل آهي تہ هڪڙي ڏينهن بايزيد بوستامي رحمت الله عليہ پنهنجي اهل مجلس کان پڇو جو جيڪڏهن ڪوئي پڙهو ڏيني تہ ساري مخلوقات کان ڪير گندو آهي ۔ تڏهن ڪنهن بہ ڪين ڪچو ۔ پاڻ فرمايائون جو مان چوندس تہ مان سڀ کان گندو آهيان ۔ هي هي ۽ هاء هاء ۔ جڏهن ڪوئي پاڻ کي اصل بيقدر ۽ بيقيمت تہ ڄاڻي تڏهن وڃي مولا وٽ ڪجهہ قدر تہ لهي ۔ نقل آهي تہ هڪڙو شخص ڪنهن جهنگ ۾ گهمندو ويو تہ ڪتي جو آواز ڪنين پيس ۔ اوڏانهہ نهارياء تہ هڪڙو جهوپڙو نظر آيس ۔ آخر وڃي انهي جي اندر نهاريائين تہ ڇڙو هڪڙو فقير ويٺو هو ۔ اتي جهٽ تاء بهي ساڳي پوئتي موٽيو ۔ تڏهن انهي فقير چيس تہ ڪُتي جو آواز ٻڌ ايئن انهي چيو تہ هائو ۔ فقير چيو تہ اهو آواز مان ڪيو آهي جو فقيرن کان ٻڌم تہ تان جو ڪوئي پاڻ کي اصل بيقدر نہ ڄاڻدو تہ مولا وٽ ڪجهہ قدر لهي نہ سگهندو ۔ پوء ڏٺم تہ ڪتي جهڙو بيقدر ٻيو ڪو سهدار ڪونهي تڏهن ڪتي وانگي اهي ڪوڪان پئي ڪيم ۔ هي هي ۽ هاء هاء ۔ جيڪڏهن ڪوئي پنهنجي اندر ۾ فڪر سان نهاري تہ اهو وجود ڇڙو ڊوندي آهي سو بہ گند ۽ بدبوء کان ڀريل ۔ جي مرڻ کان بعد ڪوئي ميت ڇڙا چار پهر پاهر پوي تہ پرسان بہ ڪونہ لگهندس ۔ جي لاچار ڪوئي قريب پورڻ لاء ويندس تہ بہ نڪ تي ڪپڙو رکي پوء نيئي پوريندس ۔ پوء اهڙي ڪني شئي تي ناز ۽ وڏائي ڪرڻ محض بندي جي بيعقلي ۽ ناداني آهي نہ عقل ۽ دانائي ۔ نقل آهي تہ هڪڙي ڏينهن ابوالحسن خرقاني عليہ رحمت پاڻ پنهنجي فقيرن جي ٽولي سان دعوت جي لاء ڪنهن شهر ۾ پئي ويا تہ اوچتي پاء خاني جي پرسان گذريين ۔ تڏهن سڀ فقير نڪ تي ڪپڙو ڏئي لنگهڻ لڳا ۔ پاڻ اهو بزرگ اتي بيهي رهيو ۔ پوء انهي فقيرن عرض

ڪيو تہ قبلا اني بدبوء آهي - چو ٿا بيهو - پاڻ فرمايائون تہ انهي گند
اسان سان ڳالهايو آهي - فقيرن چيو تہ ڇا چياء - پاڻ فرمايائون تہ چياء
جو ڪلهہ اسان عجيب ميوا ۽ لذيذ طعام هو سي - ڇڙا رات جا چار
پهر اوهان جي پيٽ ۾ پيا سي تہ اينئن گند ۽بدبونہ ٿي ويا سي - اڄا
اوهان اسان ڪان نڪ ٿا جهليو - تڏهن سڀ فقير دل ۾ ڏاڍو پشيمان ۽
عبرت پذير ٿي روانا ٿيا هي هي ۽ هاء هاء -

بيان خدمت

فقير جي سرموڙي آهي خدمت ۽ جهڪاني نوڙت ۽ فنائي - پوء
جنهن خدمت ۾ تواضع ڪيو تہ ڄاڻ جو او مقبول ۽ مخدوم ٿيو ۽
جنهن پاڻ کي ڏٺو تہ اهو معزول ۽ محروم رهيو جيئن بيت:

هر ڪہ خدمت ڪرد او مخدوم شد
هر ڪہ خود را ديد او محروم شد.

روايت آهي تہ يوسف عليہ اسلام جي وقت ۾ هڪري ڀيري ڏاڍو
قحط سالي ۽ ڏڪر پيو - پاڻ پروردگار وحي جبرائيل سان فرمايس جو
پنهنجي ملڪ جي سڀن ماڻهن کي سڏائي ماني ڏي - پوء يوسف عليہ
السلام پنهنجي ولايت جا سڀ ماڻهو سڏائي - ماني ڏيڻ شروع ڪني -
تڏهن جبرائيل عيلہ السلام چيس جو مالڪ ٿو فرمائي تہ جيسيتائين
تنهنجي ملڪ جا سڀ ماڻهو نہ اچن تہ اڳي ڪنهن کي بہ ماني نہ ڏي -
يوسف عليہ اسلام چيو جو سڀ ماڻهو آيا آهن - جبرائيل چيو تہ
زليخان اڃا نہ آئي آهي - يوسف عليہ اسلام دل ۾ خيال ڪيو تہ ڪوئي
ماڻهو سندس سڏائڻ لاء روانو ڪيان - تڏهن مولئٰ ڪان ڪتاب آيس تہ
مان جو رب العالمين ۽ احڪم الحاڪمين آهيان تہ پاڻ تمامي مخلوقات
کي صبح شام سڏائي هميشان پنهنجي قندوري تي ماني ٿو ڏيان تہ مان
کي ڪنهن ڪان بہ عار نہ ٿو اچي ۽ توکي ڇڙو زليخان تاء وڃڻ ۾ ميار
ٿي ٿئي - تڏهن پاڻ يوسف عليہ السلام انهي جي سڏائڻ لاء روانو ٿي
ويو - جڏهن اهڙن مردن تي ڇڙو ايتري ڪان بہ ايڏو عتاب نازل ٿيو پوء
ٻيو ڪير آهي جو ڪنهن جي خدمت ۽ نوڙت ڪان آر ۽ وڏائي ڪري

سگهندو ـ هي هي ۽ هاء هاء ـ مولا جي طالب لاءِ تنهائي ۽ ڇپي جهڙي چڱي چيز ٻي ڪاشني ڪانهي ـ جيئن حديث شريف ـ اَلْعَافِيَتُ عَشرَت اَجزاء تِسعَتَ مِنهَا فِي السُّڪُوتِ وَ وَاحدتُ مِن هافِي الوَحدَتِ ـ نقل آهي ته هڪڙو فقير هميشه هيڪلو جهنگ ۾ مولا جي ذڪر فڪر سان مشغول رهندو هو ـ هڪڙي ڏينهن ٽي چار ماڻهون شهر جا گڏ ٿي انهي جي زيارت لاءِ ويا ـ آخر وڃي انهيءَ جي پرسان ويهي رهيا تان جو چار پهر گذري ويا ته تن سان ڪجهه به نه ڳالهايائين ـ نيٺ انهن عرض ڪيو جو فقير صاحب اسان تنهنجي زيارت لاءِ آيا آهيون مهرباني ڪري ڪجهه اسان کي نصيحت فرمايو تڏهن پاڻ فرمايائون ته فلاڻي بزرگ کان وڃي هدايت پڇو مان ڪي ڳالهائڻ جي واندڪانهي ـ پيو هڪڙو فقير مڙني چوندو هو ته منهنجو دوست اهو آهي جو جڏهن مان بيمارٿيان ته منهنجي پڇڻ لاءِ نه اچي ۽ منهنجي پرسان لنگهي ته مان کي سلام نه ڏيئي ـ والله يختص من يشآء ـ

مولا جي طالب کي پهرين شروعات ۾ شهرت ۽ ظهوري کان پاسي ٿيڻ ضروري آهي ـ ڇو جو متان ڪنهن نفسياتي عيش ۽ عشرت ۾ پنجي رباني راهه کان رنڌجي پوي ـ هڪڙا طالب مولا جي اهڙا به ٿيا آهن جو جاتي مشهوري ۽ ظهورو ٿيندو هيو ته اتهون ڇڏي وڃي ٻي ڪنهن ناشناس جاءِ تي ويهي مولا جي ذڪر فڪر ۾ مشغول رهندا هوا ـ پيو ته جيڪڏهن ڪنهن رهڻ جي جاءِ سان دل بستگي ٿيندي هيس ته انهي جاءِ کي ڇڏي وڃي ٻي ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي مولا جي محبت ۽ ذڪر فڪر ۾ عمر گذاريندا هوا ـ روايت آهي ته عيسيٰ عليه السلام کي هن جهان ۾ رهڻ جي جاءِ اصل ڪانه هئي تڏهن ڪوني چوندو هين جو اوهان ڪان ڪا جاءِ جوڙايون ته به پاڻ نه مڃيندا هوا ـ نيٺ هڪڙي ڏينهن ڪن معتقد ماڻهن سخت ڪري وٺي ـ جو رخصت ڏيو ته اوهان لاءِ ڪا جاءِ جوڙايون ـ تڏهن لاچار جاتي ڇل جي جاءِ هئي پاڻ فرمايائون ته اتي وڃي جاءِ جوڙايو ـ پوءِ انهن عرض ڪيو جو اي ڏاڻي اتي ته هر سال درياهه ڇل تو ڪري ـ جي اتي جاءِ جوڙائيندا سي ته اسان جو پورهئو

برباد ۽ زيان ٿي ويندو - پاڻ فرمايائون ته هي جهان سارو ڇل جي جاءِ آهي - پوءِ جيڪو ٻه ٽنهن ۾ جاءِ جوڙائندو ته انهي جو پورهيو سارو برباد زيان آهي - هي هي ۽ هاءِ هاءِ.

بيان مذمت بد دعا

فقيرن کي سڀ سور ۽ سختي - تهمت ۽ تڪليف ۾ - صبر ۽ سهنداري بايد ۽ لازم آهي - نه ٻي ڪنهن کان ڀائڻ ۽ نه ٻي ڪنهن تي رنج رهڻ - تان جو ڪوئي ٻي ڪنهن تي رنج ۽ ناراض ٿو رهي ته ڄاڻ جو اهو اڃا اوري ۽ٿورو پاڻي آهي نه ڀهتل ۽ بحر محيط - جيئن بيت:

دريا فراوان نشور تيره بسنگ،

عارف ڪه برنجد تنگ آب است هنوز.

فقير لاءِ ۽ پٽ پاراتو ايئن آهي جيئن حاڪم لاءِ ظلم ۽ زور - روايت آهي ته طوفان کان بعد نوح عليه السلام ڪجهه مٽيءَ جاٿان ٺاهي ڀچائڻ لاءِ ننين آويءَ ۾ وڌا - آخر پچڻ کان پوءِ ڪولي ڏٺاءِ ته سي سڀ ٿان ڀڳا پيا آهن - پوءِ پاڻ ڏاڍا غمگين ۽ مونجها ٿيا - تڏهن پاڻ پروردگار جبرائيل عليه السلام سان فرمايس ته اي نوح عليه السلام تنهنجا ڇڙا ٻي ساها نڪر جا ٿان ڀڳا ته تون تن کان ڪيترو غمناڪ ۽ موجهو ٿيو آهين - منهنجا ڪيترا سهدار يعني انسان ۽ حيوان جهٽ ۾ زيان ٿي ويا ته مان انهن کان مونجهو ۽ غمناڪ نه ٿيس - جڏهن نوح عليه السلام ايهو عتاب ٻڌو ته ڏاڍو پيشمان ۽ پريشان ٿي ويو - تان جو ڪيترن ڏينهن کان بعد عرض مقبول ٿي معافي مليس - جڏهن پيغمبرن تي ڇڙي ڪافرن ۽ حيوانن لاءِ ايڏو عتاب ٿيو - پوءِ ٻيو ڪير آهي جو بددعا ڪرڻ ۾ مالڪ انهي کان ناراض ارهو نه رهندو - ٻيو ته جڏهن طوفان بس ٿيو ته شيطان اچي نوح عليه اسلام کي عرض ڪيو جو اڄ جيڪا ٻه ڳالهه مان کان پڇندين ته ڏسيندو سانءِ - پاڻ فرمايائون ته مان کان ڪهڙو ڏوهه پيو جو تون مان تي راضي ۽ خوش ٿيو آهين. شيطان چيو ته تو کان ڏوهه ڪو نه ٿيو آهي - مگر اهي انسان جو طوفان ۾ ٻڏي موئا آهن - جيڪڏهن جيڻرا هجن ها ته انهن جي اولاد کان ڪيئي انبياءَ

۽ اوليآء هجن ها ـ ڪيني عابد ۽ زاهد ڪيني عالم ۽ فاضل هجن ها. ڪيني واصل ۽ ڪامل ـ هاڻي تون مهرباني ڪري هڪ جهت ۾ سڀ منهنجي سنگت ڪري ڏنا آهن ـ تڏهن پاڻ ڏاڍي غم ۽ اندوه ۾ پئجي ويا ـ آخر شيطان کان پڇائون جو مسلمان ماڻهو ڪهڙي فعلن جي سببون دوزخ ۾ ٿا وڃن؟ شيطان چيو ته گهڻو ڪري چئن فعلن جي سبب کان هڪ بُخل، ٻيو حرص، ٽيون حسد ۽ چوٿون تڪبر ـ ڇو جو بخل هڪڙو اوصاف دوزخي آهي ـ تڏهن پنهنجي قائلن کي ٻه ڇڪي اوڏاهين ٿو نئين ۽ حرص جڏهن آدم عليہ السلام کيو توڙي جو پيغمبر هيو ته به بهشت کان ٽڙجي ويو ـ باقي حسد ۽ تڪبر مان عزازيل کيو ته منهنجا هي حال ٿيا ـ تڏهن آدم زادي کي انهي سڀن فعلن کان پرهيز ۽ دوري بايدء ضروري آهي ـ جاتي فخر ۽ حسد ٻيو ته اتي فقيري ۽ مسلماني جو ذرو به نه رهيو ـ مگر بندي کي ڪنهن سان دشمني يا دوستي ڪرڻ خاص خداتعالىٰ جي طرفون بايد ۽ لازم آهي جيئن قوله تعالىٰ اَلْحُبُّ لله ـ روايت آهي ته حضرت علي ڪرم الله وجهہ هڪڙي ڪافر کي ڪُهَڻَ لاءِ مڙئي پئي ڳوليندو هو ۽ اهو ڪافر به حضرت جن کي ـ نيٺ هڪڙي ڏينهن ڪنهن ميدان ۾ اچي هڪ ٻئي سان مليا ـ جڏهن ٻئي پاڻ ۾ مقابل ٿيا ته حضرت جن وٺي انهي کي دسيو ۽ خنجر ڪڍي ڪهڻ لاءِ ڪنڌ تي رکيائينس ـ ته انهي ڪافر حضرت جن جي منهن مبارڪ ڏانهن ٿُڪ هنئين ـ تڏهن پاڻ انهي کي ڇڏي ڏنائون ـ پوءِ اهو ڪافر حيرت ۽ عبرت ۾ اچي ويو ۽ حضرت جن کان پڇاءِ جو اهو سبب ڇا ـ پاڻ فرمايائون ته اڳي مان توکي خاص طرفون دشمني خدا تعالىٰ جي ماريندو هم ـ جڏهن ٿُڪ هنيئي ته ڪجهہ منهنجي دشمني به شريڪ ٿي آهي تڏهن توکي ڇڏي ڏنم ـ جڏهن اهو حال ٻڌاءِ ته پاڻ توبه تائب ٿي مسلمان ٿيو ـ يهدالله لنوره من يشآءِ ـ هدايت به پاڻ ٿو ڪري ته گمراه به پاڻ ـ ٻيو ته انهيءَ ميدان ۾ آهي ٻي ڪو نه. جيئن قوله تعالىٰ مَن يَهدِي اللهُ فَلاَمُضِلَ لَہ وَمَن يُضلِلهُ فَلاَهَادِيَ لَہ ـ فقير کي جيئن لذيذ ۽ شبهناڪ شئي کان دوري بايد آهي تيئن وهم ۽ وسواسي خطري کان

پرهيز لازم ـ جيئن نقل آهي ته هڪڙي ڏينهن خواجا بايذيد بوستامي رحمت الله عليه سير لاءِ جهنگ ۾ گهمندو ويو ته اتي ڪجهه گاه ڏٺاءِ. دل ۾ خيال پيس ته هن جهان جون غيره شيون سڀ شبهناڪ آهن ـ جيڪر چڙو انهي گاه تي نفس جو گذارو ڪجي ته چگو آهي. تڏهن الاهي بارگاه ڏانهه عتاب آيس ته اهي بايذيد شايد ڪي تو انهي منزل تاءِ چڙو انهي گاه جي خورش سان آيو آهين ـ پوءِ پاڻ دل ۾ ڏاڍو پشيمان ٿي پيهر اهڙي خيال ۽ خطري ڪي دل ۾ واٽ نه ڏنائون ـ هي هي ۽ هاءِ هاءِ ـ فقيري نه پرواز ۽ پڙهڻ ۾ آهي ـ نه سير ۽ ترڻ ۾ ـ جيڪڏهن فقيري انهي ڪمن ۾ هجي ها ته سڀ سياح ۽ ملا مڪ ۽ مڇر ـ ڪکر ۽ پن به اوليا هجن ها ـ ڇو جو ايترو ڪم ته اهي به ڪري ٿا سگهن مگر فقيري آهي فقط مرڻ ـ پر انهي مرڻ ڪان مراد آهي سڀ نفسي اميد ۽ مراد ـ عيش ۽ عشرت ـ خوشي ۽ خواهشن جو ڇڏڻ ـ جو سواءِ ڇڏڻ انهن جي توڙي ڪوئي پاڻ ڪي ماري وجهي ـ توري ڪوئي پاڻ ڪي خصي ڪري ڇڏي ـ يا پنهنجي آلت وڍي ڦٽي ڪري ته به فقير ٿي نه سگهندو ـ ڇو ته فقيري آهي مولا جي محبت ۽ وصال ۽ وصال جي قيمت آهي نفسي خواهش ۽ لذت پوءِ جنهن وٽ جو ايها قيمت نه هوندي ته اهو وصال جو وکر ڪٿين وهائي سگهندو ـ پاڻ پيغمبر صلي الله عليه وسلم فرمايو آهي ـ حديث: لَيسَ مِنَّا مَن خَصىٰ أولاَ خصىٰ اِنَ الخصآء أُمتِي الصِيَامِ ـ اِنَ سِيَاحَتَ أُمَتِي اجَهَادُ فِي سَبِيلِ اَللهِ ۽ مثنوي مولوي رومي عَليہ الرحمت:

هان مکن خودراخصي رهبا مشو،
زانکہ شهوت هست عيفَت راگرو.

مطلب ته فقيري آهي نفس جي مرڻ سان پوءِ جنهن جو نفس مئو ته فقير آهي نه ته نه ـ طالب جي مرڻ جي نشاني آهي ذڪر ۾ ڳوڙائي آهي ته ڇاڻ جو اجا نفس انهي جي حيات آهي ـ نفس جي مرڻ جي نشاني آهي ذڪر ۾ لذت ـ جيئن جو مون مٿون تي رکي ته دل ۾ ڇوي جو قيامت تاءِ مٿو موٽي مٿي نه ڪٿا ـ پيو ته سواءِ مولا جي ٻي ڪا نه

اميد ۽ خواهش نہ رهي - والله يختص من يشآء.

بيان اثر صحبت

طالب کي جيئن نفسي اميد ۽ خواهشن کان دوري ٿي جڳائي تيئن غير ۽ نا جنس جي صحبت کان پرهيز لازم - جيئن بيت:

نخست موعظۀ پير مي فروش اين است،
کہ از صحبت نا جنس احتراض کيند.

رباني راه ۾ جهڙي خرابي جو غير وغيره ۽ ناجنس جي صحبت ٿي ڪري تہ اهڙي خرابي ۽ تباهي بہ چيتا ناهر ۽ڪرن جي ڏڻ سان بہ ڪري نہ ٿا سگهن - انهي صحبت جو اهڙو تہ قوي اثر آهي جو نيڪ بہ بد جي صحبت ۾ بد ٿي ٿو وڃي ۽ بد بہ نيڪ جي صحبت ۾ نيڪ ٿو ٿئي - جيئن رباعي

گرفت مردم شد بسرنوح بابدان بہ نشت،
خانداني نبوتش گم شد،
سگ اصحاب ڪهن روزي چندپي نيڪان.

دانا ماڻهو اهو آهي جو دانش مند جي نصيحت دل جي ڪنن سان ٻڌي - اگر چہ فعل انهي جا قولن تي پورا نہ آهن جيئن رباعي -

پند عالم بگوش جان بشنو،
ورنماند بگفتنش کردار،
مرد بايد کہ گيرو اندرگوشور،
نبشت است پند برديوار.

يهدالله لنوره من يشآء.

فقيري هڪڙو علم لدني ۽ فيض وهبي آهي - مگر سواء ذڪر ۽ فڪر - رنج ۽ محنت جي ايئن ڪنهن کي بہ ملي نہ ٿي سگهي جيئن مثنوي:

ابر باران تنبارد بوستان گل کي کند،
رنج ۽ محنت تانہ بيند مرد کامل کي شود.

جيڪر مولا سان نہ مليو تہ اهو سبب آهي جو رنج ۽ محنت جو

بار نہ چکياءِ. جنهن رنج ۽ محنت جو بار نہ چکيو تہ اهو سبب آهي جو ڪنهن سونهين ڪان رستو نہ پڇياءِ. جنهن رستو نہ پڇيو تہ اهو سبب آهي جو ڪنهن سونهين جو صحبت ۾ نہ ويو. تڏهن بندي کي سونهين جي صحبت ضروري آهي. سونهنو آهي اولياءِ الله. بلڪ طالبن جي خواهش ۽ خطرن جي وڃائڻ لاءِ اوليائن جا قول ايئن آهن جيئن فصلات لاءِ صائقيہ. يعني ڳڙو ۽ مڪڙ وغيره جو جهت ۾ هئي تنهن کي تباه ڪري تا ڇڏن. تڏهن مولانا ورمي ٿو فرمائي مثنوي :

يک زمان صحبت با اوليا،

بهتر از صد سال بودن اتقا.

وه وا اوليا جي صحبت ۽ عجب اسم ذات جي برڪت پاڻ حق تعاليٰ ٿو فرمائي. وَتَبَارَکَ اسمِ رَبِکَ ذُوالجَلاَلَ وَالاکرَامُ. بلڪ اوليا بہ انهي اسم ذات جي طاقت ۽ برڪت سان وجي اهو حال حاصل تا ڪن. مگر سواءِ ارشاد مرشد جي اهو حال پرائڻ محال ۽ وصال مشڪل آهي. ڇو جو اها امانت معراج جي رات پاڻ پروردگار پيغمبر صلي الله عليہ وسلم کي دست بدستي عطا فرمائي آهي. تڏهن حق تعاليٰ ٿو فرمائي: اِنَ الذين يُبَايُعونَکَ اَنمَا يُبَايِعُونَ الله. يَدُ اللهَ فَوقَ ايدِهم. يعني تحقيق اهي جو بعيت ڪندا آهن توسان. سواءِ انهي جي ناهين جو بعيت ڪندا آهن. خدا تعاليٰ سان. هٿ خدا تعاليٰ جو آهي مٿون هٿ انهن جي. پوءِ پيغمبر صلي الله عليہ وسلم چئن يارن ۽ ڪن اصحابن کي بہ دست بدستي اها امانت امداد ڪئي آهي. جيئن روايت آهي تہ هڪڙي ڏينهن حضرت علي ڪرم الله وجه ڪنهن خلاصي وقت ۾ پيغمبر کي عرض ڪيو جو اي سرور ڪائنات جيڪو رستو مولا ڏانهن سڀ کان سولو ۽ سڌو آهي تہ اهو مهرباني ڪري مان کي ڏيکاريو. پاڻ فرمايائون تہ اهو ذڪر آهي يعني لاالہ الاالله ۽ اسم ذات حضرت جن چيو جو اهو ذڪر تہ هر ڪو ٿو ڪري. پاڻ فرمايائون جو بس ڪر تہ قيامت قائم نہ ٿئي جو اهو ذڪر سواءِ ارشاد مرشد جي ائين ٿي نہ سگهندو تڏهن حضرت جن عرض ڪيو جو مان تي بہ ارشاد جي عنايت

ڻئي ـ پوءِ پاڻ فرمايائون تہ اوهان چپ ڪري دل جي ڪن سان ٻڌو ـ پاڻ ئي پيرا ظاهر زبان سان اهو ذڪر فرمايائون ـ موٽي حضرت جن کي فرمايائون تہ توهان بہ ٽي پيرا اينءَ ظاهر زبان چئو پوءِ حضرت جن بہ ٽي پيرا اونئين چيو ـ پوءِ انهي هڪ حرف جي تڪرار جي ٿنهن کي هميشگي جو حڪم ڏيئي ڇڏيائون ـ اهو گوهر ارشاد جو انهين ترتيب سان پاڻ انهين تي فرمايائون ۽ انهي پنهنجي فرزندن ۽ مريدن تي بہ انهي دستور سان ڪرم ڪيو آهي ـ اَلْحَمْدُلِلّٰه وَالْمِنَه وَكَمَالَ كَرَمِه ـ جو اهو فيض حقيقي ـ پاڻ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان قيامت تائين اهڙي طرح ئي دست بدستي روان ۽ جاري ڪري ڇڏيائون ـ جيڪڏهن هن جهان جي اميرن ۽ بادشاهن کي انهي فقيري جي خبر هجي ها تہ هرگز پنهنجو ملڪ ۽ مال ـ اميري ۽ بادشاهي کي ترڪ ڏيئي ذڪر فڪر ۽ فقيري اختيار ڪرن ها ـ روايت آهي تہ موسيٰ عليہ السلام هميشہ حق تعاليٰ کي انهي فقيري لاءِ عرض ڪندو هو ـ آخر هڪڙي ڀيري تمام گهڻو عرض ڪياءِ تڏهن پاڻ پروردگار فرمايس تہ اي موسيٰ اهو فقيري حال ختم المرسلين کي ملندو ـ پوءِ اهو پنهنجي امت ۾ مختيار آهي ـ جنهن کي بہ ڏيئي انهي کان اڳي ٻي ڪنهن کي بہ ملڻو ناهي ـ تڏهن موسيٰ عليہ السلام عرض ڪيو جو اي پروردگار مان کي انهي پيغمبر جي امت مون ڪيو تہ انهي فقيري حال کان بهره وند ٿيان ـ پاڻ مالڪ فرمايو تہ توکي تقدير ۾ اها پيغمبري ملي آهي هاڻي ٻي ڳالهہ ڪا نہ ٿيندي ـ هي هي ۽ هاءِ هاءِ ـ جيڪڏهن ڪوئي بندو خيال ئو ڪري تہ هن آخر زماني ۾ اولياءِ الله قيامت تاءِ قائم رهندا ـ جيئن روايت آهي تہ جڏهن پيغمبر صلي الله عليہ واله وسلم جي وصال جو وقت ٿيو تہ زمين دانهہ ڪئي جو اي پروردگار نبي آخر زمان ۽ ختم المرسلين اهو هيو ـ سو بہ اڄ منهنجي پٺي کان تشريف فرما ٿي ٿو وڃي ـ انهي کان بعد پيو ڪو بہ پيغمبر پيدا ٿيڻو ناهي پوءِ مان سواءِ انبيائن جي ائين ولهي ۽ ويران ٿي ويندس ـ تڏهن پاڻ خدا تعاليٰ پيغمبر صلي الله عليہ وسلم کي جبرائيل سان فرمايو جو زمين کي چئو تہ تون مونجهي ۽ ماندي نہ ٿي ـ

جيڪڏهن انبياءَ، تنهنجي پنيءَ ڪان برخاست ٿي ويا تہ انهن جي بجاءِ - چار هزار اولياءَ، قيامت تاءِ قائم رهندا جي هڪڙو انهن ڪان وڃندو تہ ٻيو انهيءَ جي جاءِ تي پيدا ٿيندو پوءِ تون انهن جي برڪت ۽ وسيلي سان هميشان آباد ۽ وسم رهندينءَ - مطلب تہ هن جهان جي بيهڪ ۽ رونق انبيائن ڪان بعد اوليائن جي برڪت سان آهي ۽ اوليائن جو حال حاصل اسم ذات جي عظمت ڪان - تڏهن چائجي ٿو تہ هن جهان ۾ مال ۽ مڏي دولت ۽ خزانو ڇڙو نالو ۽ ذڪر حق تعالىٰ جو آهي - پوءِ جنهن وٽ ذڪر ۽ نانءُ مولا جو ناهي تہ انهي وٽ ڪا شئي ڪانهين - ڇو جو هن جهان جي هر شئي فاني ۽ فناپزير نيست ۽ ناچيز آهي مگر ذڪر ۽ اسم الاهي جو اهو هميشہ باقي ۽ بقادار - بندي سان يار ۽ مددگار آهي - انهي اسم ذات جو ايڏو تہ درجو آهي جو ٻي سڀ نيڪ ڪم ڪان خيرات ۽ سخا وڌيڪ زور آهي - جيڪڏهن ڪرئي شخص ڪنهن گداگر کي ڇڙو ماني جو ٽڪر خيرات ٿو ڏيئي تہ اهو ٽڪر ستر ملائڪ جي هٿ ڪان لنگهي انهي سائل کي ٿو ملي - پوءِ تان جو اهو شخص حيات آهي تہ اهي سڀ ملائڪ انهي لاءِ دعا پئي گهرندا - اگر اهي درياهہ ۽ نهريون سڀ کير ٧ ماکي ٿيڻ ۽ اهي جبل ۽ واري سڀ کنڊ ۽ مصري ۽ اهي جهنگل ۽ ٻيلا سڀ باغ ۽ بوستان - سي سڀ ڪنهن شخص کي ملکيت ملن - پوءِ اهو شخص انهن سڀني کي محض اللهِ خيرات ڪري مسڪينن ۽ محتاجن کي ڏيئي ۽ ٻيو

ڪوئي شخص چڙو هڪ پيرو مولا جي دوستي سان دل ۾ اسم ذات چوي ته انهن سڀني کان انهي هڪ اسم ذات جو درجو وڏيڪ زور آهي. پيو ته جيڪڏهن ڪنهن بندي جي دل ۾ اسم ذات جاري ٿئي. جيئن جو انهي جي دل تحرڪ ڪري پاڻهين اسم ذات پني چوي ته پوءِ توڙي اهي درياه سڀ مس ٿين وڻ سڀ قلم ٿين. جن ملائڪ انسان ۽ حيوان سڀ قيامت تاءِ لکن ته به انهي جي درجي کي لکي ڪين سگهندا يهدالله لنوره من يشآء. مطلب ته هن جهان ۾ سياڻو ۽ سياڳو ماڻهو اهو آهي جو سواءِ حق تعالىٰ جي پيون اميدون ۽ مرادان. خوشيون ۽ خواهشان. سڀ ڇڏي ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي رات ڏينهن مولا جي محبت ۽ ذڪر فڪر ۾ محو ۽ مشغول رهي. والله يختص مَن يشآء.

بيان نقط عجيب ۽ رقيق لطيف

نڪتو عجيب اهو آهي ته ولا جي طالب کان جيڪو زهد ۽ ذڪر يا غيره ڪا نيڪي حاصل ٿئي ته انهي کي محض مولا جي مهرباني ۽ ٿورو ڄاڻي. ڇو جو جيڪڏهن پاڻ پروردگار اها سگهه نه ڏيئي ها بندي بي زور کان ڪاڏنهه ڪجهه نڪي حاصل ٿي سگهي ها. جيئن قوله تعالىٰ: بَلِ اللهُ يَمُنُّ عَلَيكُمْ اَن هَدىٰ کُمْ الايمَانِ ان کُنتُمْ صٰدقِين. پيو ته متان ڪنهن وقت پنهنجي ڪمائي ڏانهه پاڻون نهاري ته پورهيوئي سارو برباد ۽ رانگان زيان ٿي نه وڃي. جيئن ابيات.

ڪارتخمي ڪـه وقت ڪاريدن. سربسر رفت برفراد غبن،
ليڪه ڪاربدن است باعث تو. سازڪاري زڪارساز بنجو،
گر شود خشڪ و خس ڪه ميداني. گر برد صاعقہ بطغياني،
تاڪه ڪارڪني بنجر پندار. ڪه زخود بيني است غيرت يار،
چون عزازيل ديد ڪرده خود رفت اسفلي بياس ابد.

تڏهن بندي کي بايد آهي ته پاڻ کي اصل ڪا شئي نه ڄاڻي ۽ پنهنجو ڪيو حساب ۾ نه آڻي. هر وقت ۽ هر حال ۾ خاص خداتعالىٰ جي محبت ۽ ذڪر فڪر ۾ محو ۽ مستغرق رهي.

تهديد ۽ تميز انانئي - حق ۽ باطل

زنهار زنهار متان ڪوئي ڇڙو نفس ۽ شيطان جي دلبي تي پاڻ کي خود الله سمجهي رباني راه کان نه رد ٿي پوي - جي حقيقي حال پرائڻ ايئن آسان هجي ها ته هر ڪوئي اناالحق چئي اوليا ٿئي ها - مگر انهي انا جو سمجهڻ سخت مشڪل ۽ گهڻو محال آهي - تڏهن مولا جي طالب کي انهي باب ۾ نظر باريڪ ٿي جڳائي - جو انا ٻه قسم آهي - هڪڙو نفساني ۽ ٻيو حقاني - نفساني انا ماڻهون کي نئين تحت ثرا ۽ سجين ۾ داخل ٿو ڪري ۽ حقاني انا عرش عظيم ۽ اعلىٰ عليين تي - مثال ته فرعون ۽ خواجه منصور عليه الرحمت ٻئي هڪ جنس ۽ هڪ آدم عليه السلام جي اولاد هيا ۽ قول ۾ ٻنهين جو هڪ جهڙو هيو - پوءِ آخر ڪار فرعون ڪاٽي ويو ۽ خواجه منصور ڪاٽي - مطلب ته جيڪو پنهنجي نفس جي هن هستي سان پاڻ کي ڏسي انا الهُ ٿو چوي ته اهو محض مردود ۽ ظالم آهي - جيئن قوله تعالىٰ وَمَن يَقُل اَنَا اِلـهُ مِن دُونه فَذَلكَ نَجزِيه جَهنَمُ كَذَالِکَ نَجزِالظَّالمِينَ - جيڪڏهن ڪوئي پنهنجي نفس جي هن دون هستي کي وڃائي ۽ پاڻ کي نفي ڪري محض مولا کي اثبات ڄاڻي دل ۾ اناالحق ٿو چوي ته اهو عين مقبول ۽ عارف آهي جيئن قوله تعالىٰ وَمَن يَكفُر بِالطَّاغوُوتِ وَيُومِن باالله فَقَد ستَمسَکَ بِالعُرُوتَ الُوتقىٰ - پاڻ پيغمبر صلي الله عليه وآله وسلم - فرمايو بلڪ پاڻ پروردگار مومنن کي انهي توحيدي حال جو امر ٿو فرمائي - قوله تعالىٰ يَاَيُهَاالَذنَ آ منُو بِالله ۽ فَعَلم انهُ لاَاَلـهَ الاَالله - مگر ايهو حال پرائڻ سواءِ زهد ۽ ذڪر فڪر جي ايئن محال آهي - جڏهن ڪوئي بندو رباني راهه ۾ ڏک بک ۽ ذڪر فڪر سان پاڻ اصل نيست ۽ نفي ٿي ٿو وڃي - تڏهن پاڻ مولا جيئن جن ماڻهون جي وات کان ٿو ڳالهائي اتي ايئن اثبات ٿي اناالحق ٿو چوي - جڏهن جن کي ايتري سگهه ٿي سگهي ٿي پوءِ خدا تعالىٰ جو خالق المخلوقات ۽ قادر ذوالجلال آهي جي اهو ڪنهن ماڻهون جي وات کان ڳالهائي ته انهي ۾ ڪهڙو عجب - جيئن مثنوي مولانا رومي عليه الرحمت -

چون پري غالب شود بر آدمي - گم شود از مرد وصف مرد مي،

هر چہ گويد آن پري گفتہ بود ۔ زين سري ني زان سري گفتہ بود،

چون پري لا اين دم وقانون بود ۔ كرد گاري آن پري خود چون بود.

جيئن عام كي الله سڏائڻ كفر آهي تيئن خاص كي غير پائڻ شرڪ ۔ قوله تعاليٰ ولَاتَكُونَنَّ مِنَ الْمُشرِكِينَ ۔ فقير كي توحيدي علم جو ڄاڻ ضروري ٿو کپي ۔ مگر تنهن جي بقوا نا منظور آهي ۔ جيئن دنيا ني خزاني كي ڍڪڻ ٿو ڄڳائي تيئن الاهي راز كي ڇپائڻ لازم ۔ جيكڏهن زرو ظاهر ٿيو تہ مفت زبان ٿي ويندو ۔ جيئن مثنوي :

هر زمان خوش هر اسان باش تو،

همچو گنجش خفيہ كن ني فاش تو.

مثنوي:

ترس ترسان رو درا خانہ وليٰ،

تانيايد از وليٰ جاگہ بـــليٰ.

هي هي ۽ هاء هاء ۔ ناز ۽ بار سارو دوستي ۽ ڄاڻ تي آهي ۔ جاتي دوستي ۽ ڄاڻ ناهي تہ اتي نہ ناز آهي نہ بار ۔ عام توڙي كو بد كم ٿو كري تہ بہ بعضے بخشي ٿو وڃي ۽ خاص توڙي فقط دل ۾ كو بد خيال ٿو كري تہ بعضے ونجي ٿو وڃي ۔ مالک پنهنجي مهر سان وڏين كي شل وڏ نہ وجهي ۔ جيكڏهن كوئي بندو محض پنهنجي مشهوري ۽ دنيائي خيال زهد ۽ ذكر فكر ٿو كري ۔ يا واعظ ۽ نصيحت يا كلام ناهڻ ٿو كري ۔ يا كتاب تصنيف ۽ ترقيم ۔ تہ اهو اجا خدا تعاليٰ جي قرب ۽ وصال كان محجوب ۽ محروم ٿو ٿئي ۽ نہ مقبول ۽ مكرون ۔ قادر پنهنجي كرم سان شل هر مسلمان جي نيت صاف ۽ عمل بيريا كري ۔ يهدالله لنوره مَن يشآء ۔ الله بس باقي هوس جاتي كوئي كس آهي تہ هک حرفئي بس آهي نہ تہ گل بہ خار ۽ خس آهي ۔

دعانامہ

بيت:

در زماني كاين شغل شو قم نمود ۔ سزده صد پنجاه وشش هجريش بود،

بود غرضـــي در نصيحت مف امر ـ در حوالت حـــــق نمـوده رفته امر.

جيڪو مشتاق ۽ مهجور طالب مولا جو سڪ ۽ سچائي سان هن درد نامي جي ترتيب تي پنڌ ڪندو تہ انشاء الله لڪن جي لانگهن ڪان آساني سان لنگهي جلد وڃي پنهنجي محبوب سان ملندو ـ مالڪ پنهنجي مهر سان هر صحبت پزير ۽ انس گير کي هدايت نصيب حال ڪري ـ ساڻ حرمنت نن ۽ صاد جي ـ آمين برحمک يا ارم الراحمين

بيت:

هران کاين درد نامر رابخواند ـ دعاء خير برمصنف رساند.

خاتمر ڪتاب

اَلحَمُدلله رَب العَالمِينَ جو هي ڪتاب مستطاب سِرالعشق از طبع تفڪر حقانيَ فقيَر فيضَ محمد بلوچستاني مطبع تيَ منجهہ مجلس مشتاقن جي جلوه نما ۽ رونق افزائيو ـ تمت تاريخ تصنيف ڪتاب ۴ ماه محرالمحرام ۱۳۵۶هہ مورخہ تحرير ۳ ماه ربيع آخر ۱۳۶۰.

شڪر نامر ـ فقير محمد محرم خادم درگاهہ فيضپور شريف

حمد ۽ شڪر گذار فقير محمد محرم از ڪمترين فرزندان فقيران جناب فيضماب مصنف ڪتاب عاڪف نشين باب الله المجيد ـ وعزلت گزين توحيد و تجريد ـ محبوب العاشقين و برهان العارفين مولان هادي صاحب رهنمائي راه حقاني فقير ميان فيض محمد بلوچستاني صوفي القادري اِدَامَ الله فيوضاتهم ـ بعد از حمد ۽ نعت جي شڪر ۽ ثناحق تعاليٰ جي هزار بار ـ فضل ۽ ڪرم پروردگار جو بيشمار ـ جو هي ڪتاب مستطاب نادرالنقات و حل المشڪلات طريق تصوف مسمے سر العشق جناب حضرت مولانا فقير صاحب ممدوح از مڪا شفات حال حقيقي و تفڪرات خيال توحيدي بذيور طبع سينگاري محض لِله اسان فقيرن ۽

مريدن بلڪ عام خاص تي هدايت لاءِ عطا فرمايو آهي ـ جيئن بارش باران رحمت الاهي بي خلاف هر جاءِ تي هڪ جهڙو ٿو وسي تيئن تن صاحبن جو هي فيض عموم قيامت تاءِ هر جاءِ تي يڪسان روان ۽ جاري آهي ـ مگر صفازمين ۾ گلذاري ۽ گل تا چمن ـ ڪلر ۽ واري ۾ ڇڙا ڪک ۽ ڪنڊا ـ جيئن بيت باران ڪہ در لطافت طبيعش خلاف نيست
درباغ لالہ رويد درشوره بوم خس ـ

هي درد نامون ڇڙو سرسري گفتگو ۽ زباني قيل قال ناهي ـ بلڪ محض توحيد ۽ حقيقي حال آهي ۽ هر هڪ حره سندس وحدت جي بحر جو در ۽ گوهر آهي نہ هن ڪثرت جي شوره زار جو ڪک ۽ ڪنڊو ـ مگر ٻارن جي دست رس ڪان سندس هر هڪ حرف جو وڻ بلند ۽ ميوو معنيٰ جو پري آهي هن ڪمترين ۽ ڪمزور فقير ڪي ڪهڙي طاقت جو سندس حقيقي حال جو شرح ۽ بيان ڪري سگهندو يا صفت ۽ ثنا ـ مگر اشاري لاءِ ايترو آهي تہ هر هڪ حرف سندس ڪُرڙو آهي غفلت ڀڃيندڙ غافلن لاءِ ـ ۽ هر هڪ نقطو ترار آهي خودي وڍيندڙ خود پرستن لاءِ ۽ هر هڪ جزو ڪشتي آهي بحر ڪثرت لنگهائيندڙ مولا جي طالبن لاءِ ۽ هر هڪ سٽ منزل آهي سلوڪ جي منزلن ڪان سالڪن لاءِ ۽ هر هڪ صفحو ڏاڪڻ آهي لاهوتي ڏاڪڻ ڪان مشتاقن لاءِ هر هڪ ورق وسيلو آهي انهي وصال جو عاشقن لاءِ ـ جيڪڏهن ڪوئي مشتاق ناسوتي دل جي خيال ۽ سچائي سان تنهن ڪي پڙهندو يا ٻڌندو تہ انشاءِ الله تعاليٰ وڃي ملڪوت ۾ داخل ٿيندو ـ جي ملڪوتي ٻڌندو تہ وڃي جبروت ۾ داخل ٿيندو ـ جي جبرو تي ٻڌندو تہ وڃي لاهوت ۾ داخل ٿيندو جيڪڏهن ڪوئي علم اليقين ٻڌندو تہ وڃي عين اليقين ٿيندو ـ جي عين اليقين ٻڌندو تہ وڃي حق اليقين ٿيندو ـ اهڙي طرح تي هي دفتر درد انگيز سارو ني وحدت ۽ وهبي فيض جو درياه آهي ـ بلڪ هن ڪتاب سرالعشق ڪان سواءِ ٻيا بہ جناب فيضماب مولانا مرشد صاحب جي تصنيف جا گهڻا ڪتاب آهن ـ جيئن رسال فيض عشق سنڌي ڪلامن جو ـ ۽ حالنامہ سنڌي ـ سنڌن مرشد صاحب جو ۽ ديوان فيض پارسي

غزلن جو ۽ عين العشق پارسي نظم جو ۽ فيض حق پارسي نثر جو ۽ گلشن اشعار بلوچي شعرن جو وغيره دقيقات بہ انهن سڀن ڪتابن ۾ اهڙا عجيب ۽ لطيف لدني علم جا آهن جو اتي عقل عقيلن جو حيران ۽ فهم فهيمن جو پريشان آهي - بلڪ سڀني قول ۽ فعل سندن در مڪنون ۽ نور علیٰ نور آن - فقط يهدالله لنوره مَن يشآء - تمت بالخير.

بيان مختصر سوانح عمري مولانا مرشد صاحب مهروح ازتصنيف احمد فقير سگ دروازه فيض پور شريف

تاريخ ولادت جناب فيضماب مصنف ڪتاب مولانا مرشد صاحب مهروح سنہ ١٣٠١ تيرنهن سو هڪ ۾ تولد ٿيا ـ مسڪن مڪان اجدادي ۽ جانداد اصلي سنڌن خصوصن شهر گا جانَ ۽ ملڪ بلوچستان ـ پاڻ قوميت جا ٻروچ لاشاري ـ امير گهرام جي اولاد مان ـ الغرض ولادت کان بعد ١٣ تيرنهن سالن جي عمر ۾ پڙهڻ شروع ڪيائون ـ پر اصل کان بہ فقيري جو شوق ذوق هوندو هونِ مگر بعضے پڙهڻ ۽ شڪار ۽ زماني جي ڪمن ۾ ۽ بعضے عبادت ۽ ذڪر فڪر ـ خدائي خيال ۾ جيئن پاڻ ڪتاب عين العشق ۾ فرمايائون ـ ابيات ـ

چوسن سيزدهم در نهايت رسيد ـ بجلوه گر روحم آمد پديد،
ازان برترين منزلي بي نشــان ـ در آمد درين خانۂ خاڪدان،
چو در سيز دهم سال عمرم رسيد ـ بخاطر نسيمي مُبَرّا وزيد،
ڪہ ناگه دلم زين دنيا دور خورد بره ـ خواندن علم پادر فشرد،
وليڪن نہ هر دم دران حال بود ـ نہ هر وقت در بند اموال بود،
گهے درشغل و شوق خواندن بدم ـ گهے در امورات دنيا زدم،
گهے صيد گر سوئي بيشہ شدم ـ گهي سج دردست آلوده غم.

آخر ٢١ سالن جي عمر شريف ۾ پارسي علم سڪندر تاء پڙهيائون ـ تنهن ڪان پوء فقير صرف ۽ حديث شريف ڪان بہ ڪجهہ معلوم ٿيا ـ تڏهن تقديراً جنهن مولوي صاحب وٽ پڙهندا هئا سو فوت ٿي ويو ـ پوء موٽي اچي پنهنجي اصلي جاء ۾ گوشو ڪري ويٺا ـ جيئن جو نہ ڪاٿڻ نہ ڳالهائڻ ـ نہ سمهڻ نہ گهمڻ ڇڙو مولئِ جي ذڪر فڪر ۾

چند روز مشغول رهيا ـ آخر جڏهن سڪ ۽ سوز اچي زور پرين تڏهن هڪڙي غيبي اشاري سان بعيت ٿيڻ لاءِ تيار ٿيا ـ جيئن پاڻ فرمايائون ابيات:

سرا سيمہ اندر فکر مستغرق ـ زده شعلہ نار سر تا بفرق،
درين حال ده روز ماندم صيام ـ همہ شب بتسبيح و وردو قيام،
شبے باغم و درد هم دم بدم ـ دران کوه اندوه مُد غم بدم،
دلم بود فارغ ز خواب و غنود ـ ولي بي هُشي غلبہ آ ورده بود،
دران ورطہ محو بودم مزيد ـ کہ ناگہ ندائر خاطر رسيد،
همي گفت اي خفتہ قم قم ز خواب ـ اليہ الوسيله روان سو شتاب.

تڏهن پنهنجا خويش ۽ قريب ـ جاءِ ۽ جائدات سڀ ڇڏي مرشد ونڻ لاءِ روانا ٿيا ـ آخر وڃي حضرت فتح پور شريف ۾ جناب سلطان العارفين محبوب العاشقين سراج الاولياء والأصفيَا سَيدُ السَادات پير روشن ضمير ميان رکيل شاه فقير صوفي القادري فتح پوري رحمت الله عليہ کان وقت صبح ڏينهن خميس جي تاريخ ٣ ماه ربيع الثاني سنہ ١٣٢٢ تيرنهن سو ٻاويھ ۾ بعيت ٿي جام وحدت جو پيتائون ـ جيئن سندن ابيات

بهنگام مستي ووقت صبوح ـ بمن دل شده داد جامے چو روح،
چہ گويم زجامي کہ جامي بداد ـ چہ گويم زنا مے کہ ناهي بداد.

الغرض: بعيت ٿيڻ کان بعد ڇہ ٦ سال کامل ڇڙو محنت شاقہ ۽ رنج فاقہ سان تنها ڪڏهن بر ۽ قبرستان ڪڏهن ڪوئي ۽ بوهري ۾ مولا جي محبت ۽ ذکر فکر سندن پي گذاريائون.

جيئن پاڻ فرمايائون ـ ابيات:

زانس انيسان دلم دور گشت ـ بدرد وغم واه مسرور گشت،
گے در گورستان نشستم بغم ـ گهے سوئم بيشہ شدم باالم،
نوردن نہ خفتن نہ آرام جان ـ همي رفت در شورو آه و فغان،

دربن حال شش سال ماندم بري ـ کہ باکس نہ کردم فراهم گري،

تنهن کان پوءِ سندم مرشد صاحب ـ پاڻ گهرائي خلعت خلافت جي ڏيني ۽ امر ارشاد جو فرمائي پنهنجي درگاه تي مقرر ڪيائون ـ تڏهن هڪڙي جاءِ بہ جوڙا ئي سندن خلاصي رهڻ لاءِ ڏنائون ـ ـ جنهن جو نالو مشهور لوڙهو آهي ـ پوءِ پاڻ اتي فقط موليٰ جي محبت ۾ محو ۽ مشغول پئي رهيا آهن ـ آخر پير مغان جي امر ۽ اشاري سان شادي بہ ڪيائون ۽ اتهون بہ فرزند ٽين جيڻ وڏي صاحبزادي جو نالو محمد محرم ۽ ننڍي صاحبزادي جو نالو محمد يوسف ـ نيٺ لوڙهي ۾ جڏهن خلق جي انبوهي ۽ آمد رفت جن غلبي زور پريو ـ تڏهن پنهنجي هاويلي ۾ ڪوٽ جي اندر هڪڙي خلاصي جاءِ جوڙائي تنهنجي چو طرفان پت ڪيرائي اتي ڇڙو پاڻ خلاصا ۽ تنها ـ رات ڏينهن موليٰ جي محبت ۽ مشاهدي ۾ محو ۽ مستغرق رهيا آهن ـ مگر جهت صبح ۽ جهت سانجهي ڪي ٻاهر لوڙهي شريف ۾ وجي محض لله خلق جي فرياد رسي ۽ فيض رساني ڪندا آيا ـ پيو تہ جهت عشاءَ ڪي پنهنجي رهبر جي محفل سماع گاه ۾ بہ هميشان ويندا رهيا آهن ـ آخر قضا الٰهي تاريخ ٧ ماه ربيع الثاني ١٣٥٩ھ رات خميس جي سندن مرشد صاحب جناب سلطان العارفين محبوب العاشقين سياده پناه پير صاحب فقير ميان رڪيل شاه ﷫ صوفي القادري هن جهان فاني ڪان رحلت پذير ٿي منجهہ سراءِ باقي جي واصل ٿيا ـ انالله وَانَا اليه رَاجعُونَ ـ تنهن ڪان پوءِ بہ ٢ بہ سال ڪامل مولانا موصوفَ پَنهنجي مَرشَد صَاحب جي درگاه تي رهيا آهن ـ آخر سبب قيد پاڻي ۽ اشاري غيبي جي تاريخ ١٣ ربيع الآخر ١٣٦١ ھ ۾ فتح پور شريف ڪان هجرت ڪيائون ـ جيڻ پاڻ فرمايائون ابيات زبان سنڌي ـ

آبي يارايون فرمايا ڪر ڏک فاقعي ڇوڙ علاقي،
سمجهہ ثبوت صحي وتبتل سٽ سب جهاڪي ڇوڙ علاقي،

توشا شوق توکل والا چاچڙهہ ڏاکي چوڙ علاقي،
فيضل فهم فنائي دا سڪ ٻنين ڪون ٻہ سڪلا ڪے ڇوڙ علاقي،

تڏهن ڇڙو شوق ۽ توڪل جو توشو ڪٽي اتهون روانا ٿي سنڌ ۾ اچي موضع سير واهہ ڳڙهي خيرو جمالي ڪان ٿي ڪوهہ اولهہ تي جهنگ ۾ ڪوٽ ڪيائي اتي سڪونت پذير ٿي وينا ۔ ۽ ڪوٽ جي ٻاهران ٻہ گهڻا مسافر خانہ ۽ محنتي فقيرن جي خلاصگي لاءِ لوڙهي جي جاءِ بنا ڪرايائون ۽ درگاه شريف جو نانءُ فيض پور شريف رکيائون ۽ ڪوٽ جي اندر ٻہ وچون پٽ ڪيائي هڪڙي پاڱي ۾ پنهنجي عيال ۽ فرزندن جي جاءِ ۽ لنگر خانون ڪرايائون ۽ ٻي پاڱي ۾ خاص پاڻ ڪان خلاصي جاءِ بناءِ ڪرائي انهي ۾ ساڳي طرح ڇڙا پاڻ تنها رات ڏينهن موليٰ جي محبت ۽ مشاهدي ۾ محو ۽ مستغرق رهندا آيا ۔ مگر جهڙ صبح ۽ جهڙ سانجهي ڪي ٻاهر نڪري محض لله خلق جي فرياد رسي ۽ فيض رساني ٻہ ڪندا آيا ۽ جهڙ عشاءَ ڪي ٻاهر نڪري سماع ٻہ ٻڌندا رهندا آيا ۔ ٻيو تہ ڪنهن لاچار سائل سان ٻہ تشريف فرما ٿيندا رهيا ۽ ڪڏهن ڪڏهن دعوت ٻہ قبول فرمائيندا رهيا ۽ مرشد صاحب جي ميڙي تي ٻہ سال تي هميشان ويندا رهيا ۽ خوراڪ سندن ما حضر سو ٻہ اٺن پهرن ۾ هڪ وقت ڇڙو صبح صبح ڪي ۔ ٻيو تہ جيڪي وصف آن جناب جا آهن جيئن جزب ۽ خرق عادت ۔ ڪشف ۽ ڪرامت ۔ حلم ۽ مروت ۔ رحم ۽ شفقت ۔ تواضع ۽ راضت وغيره ۔ جيڪڏهن انهن سين اوصافن ڪان مان ڇڙو هڪڙي وصف جو بيان ڪيان تہ ٻيا ڪي ئي دفتر درج ٿي پون ۽ عمر ساري خرچ ٿي وجي تہ ٻہ انهي هڪڙي وصف جو بيان پورو ٿي نہ سنگهندو ۔ تڏهن تن جي بيان ڪان در گذر اختيار ٿيو ۽ ڪلام جو خاتمون ڪلمي سان منظور ٿيو ۔

لااله الا الله محمد الرسول الله صلي الله عليہ وسلم.

تاريخ ٥ جمادي الثاني سنہ ١٣٦٤ هہ بقلم درويش فقير جمالي سگ دروازه

فيض پور شريف.

فهرست تولد گاه فرزندان جناب مرشد ناقدوت التاركين برهان العارفين مولانا عاكف نشين باب الله ـ هادي صاحب فقير فيض محمد ساه ولي الله

صوفي القادري موصوف آدام الله فيو ضا تهم،

تاريخ تولد فقير محمد محرم غره ماه محرم ١٣٣٧هـ ،

ابليت ز تاريخ تولد گاه محرم ـ منور گشت غره ماه محرم،

بس سيزده صدوي ود گرهفت ـ نويد مقدمش اندر جهان رفت،

بر نامش محمد محرم آمد ـ دري معنيٰ بصورت ان ريم آمد،

تولد گاه محمد يوسف انور ـ نگر بيست و نهم ذوالحج اكبر،

بس سيزده صدو چهل ود گر چار،

گل مسعود بشگفتہ بگلزار،

تمت ـ باالخير.

شاعر جي پنهنجي ڪتابن جي
فهرست

ديوان فيض	غزليات	فارسي
عين العشق	منظوم ڪلام	فارسي
فيض الحق	نثر	فارسي
گلشن اشعار	شعرن جو مجموعو	بلوچي
فيض العشق	ڪلام (ڏوهيڙا)	سنڌي
سرالعشق	نثر	سنڌي

رابطي لاءِ پتو:
درگاه صوفي فيضل فقير سائين
تعلقو اوستو محمد ضلعو جعفرآباد (بلوچستان)
فون: ڪوڊ 0740 ـ 612767